# سنڌي هنر شاعري

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لوڪ ادب سلسلي جو چوڏهون ڪتاب

# سنڌي هنر شاعري

مرتب
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

١٤١٢هه/١٩٩١ع
سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
پاڪستان

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

چاپو پهريون　　　　سال ١٩٩١ع　　　　تعداد ٢٠٠٠

قيمت: ڏيڍ سو روپيا
[Price: Rs. 150.00]

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.

ٽپال جي ائڊريس
جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ محمد بچل پنهور "محبوب سروري" شايع ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻولي جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن؛ مثلاً مداحون، مولود، ڏيهه اکريون، قافيون وغيره. مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ٻهراڙي ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ لوڪ ادب جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ ڪٺو ڪيل 'لوڪ ادب' بعينه فوڪ لور (Flok lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي شهري زندگيءَ اڃان ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي جو اها خواص جي زندگي يا تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگي جو مرڪزي دائرو اڃان تائين ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد ڪٺو نه ٿي سگهيو آهي، ڇاڪاڻ جو ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو سربستو ڪٺو ڪرڻ ڄڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي، مڙني موتين ماڻڪن ميڙڻ برابر ٿيندو جيڪو ناممڪن آهي: البت جو ڪجهه ڪٺو ٿي سگهيو آهي، سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئنده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

ڏينهن تي سگهڙن جي رهائش، ڪاڏي پيتي ۽ راهه خرچ جو بار پاڻ تي هموار ڪيائون.

(الف) اهي جيڪي ڳذاري ويا:

- مرحوم محمد اسماعيل خان نون، جو ان وقت ڊپوٽي ڪمشنر جي عهدي تي فائز هو.
- مرحوم مير شاهنواز خان جمالي، محراب پور جمالي، تعلقو اوستو محمد، بلوچستان.
- مرحوم درمحمد اڏو، محمدپور اڏو، تعلقو ڳڙهي خيرو، ضلعو جيڪب آباد.
- مرحوم پير آچن شاهه، ڇتّر، بلوچستان.
- مرحوم مير شهداد خان ٽالپور، جو ان وقت ڊپوٽي ڪليڪٽر هو.
- مرحوم قادر بخش لاڙڪ، جو ان وقت ڊپوٽي ڪليڪٽر هو.
- مرحوم مير محمد خان مير آچن، اوطاق تعلقو سامارو.
- مرحوم حسن علي خان پتافي، ڳوٺ گلو پتافي، تعلقو مير پور ماٿيلو.
- مرحوم جيوڻ خان پتافي، ڳوٺ پنهنجو، تعلقو ميرپور ماٿيلو.
- مرحوم پير مبارڪ شاهه، لڳ محمد آباد، تعلقو صادق آباد.
- مرحوم نواب حاجي محمد علي خان لغاري، تاجپور.
- مرحوم عبدالله خان کپري، لڳ ڪنري تعلقو سامارو.
- مرحوم وڏيرو علي مراد هڱرو، لڳ شهر ٽنڊو آدم، لس ٻيلو.
- مرحوم حاجي ڪرمي پووو ڪرمتي، لڳ داڀيجي، تعلقو ڪراچي.
- مرحوم رئيس جيئند و خان کوسو، تعلقو ننگر پارڪر.

ڪيو. انهن مان گهڻا هن وقت تائين ڏٺيءَ کي پيارا ٿي چڪا آهن پر سنڌن نالا لوڪ ادب جي جدا جدا ڪتابن ۾ شامل روايتن هيٺ آندا ويا آهن ته جيئن سنڌن مدد جو حق ادا ٿي سگهي. لوڪ ادب رٿا تي هلندڙ ڪم جي پهرئين دور ۾ سگهڙ پيرڙو فقير ڪنڀار ۽ ٻئين دور ۾ سگهڙ عبدالرحمان مهيسر راقم سان سڀني ڪچهرين ۾ گڏ ساٿي ٿي رهيا.

لوڪ ادب جي مواد کي صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۽ ڪيترائي ساٿي پانهن ٻيلي ٿيا. انهن مان شيخ محمد اسماعيل، ممتاز مرزا، مراد علي بلوچ، شهباز علي، محمد يوسف شيخ، استاد محمد ٻچل، محمد طالب لوهار، حبيب الله آخوند سانوٽي، عبدالرحمان ميمڻ ۽ ولي محمد طاهرزادو قابل ذڪر آهن. بورڊ جي پريس ۾ لوڪ ادب جي ڪتابن جي ڇپائي هلندي ميان الله بچائي يوسف زئي خاطرخواه نگراني ڪئي.

هن ڪتاب جي مواد کي هدايتن موجب اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۽ پروفن پڙهڻ ۾ شيخ محمد اسماعيل مدد ڪئي، سنڌي ادبي بورڊ جي مئنيجر ڪتاب جي ڇپائي جي نگراني ڪئي. ڪتاب جي رٿا ۽ آخري سٽاءَ توڙي ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده راقم خود ذميوار آهي.

حيدرآباد سنڌ
٢٣ - رمضان ١٤١١ھ
٩ - اپريل ١٩٩١ع

خادم العلم
نبي بخش

# عنوانن جي فهرست

## ڀاڱو پهريون (١ـ١٩٠)

### هنر منظوم لفظي تجنيسي: ساڳين لفظن ۾ سمايل تجنيس وارا هنر


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | محبت ۽ مجاز | ٣ |
| باب ٻيو: | سر سسئي | ١١ |
| باب ٽيون: | سر مارئي | ٢٨ |
| باب چوٿون: | سر سهڻي | ١٣٦ |
| باب پنجون: | سر ليلان | ١٦٣ |
| باب ڇهون: | سر مومل راڻو | ١٦٦ |
| باب ستون: | سر نوري ڄام تماچي | ١٧٢ |
| باب اٺون: | سر سورٺ | ١٧٥ |
| باب نائون: | سر رامڪلي | ١٧٩ |
| باب ڏهون: | سر ڪارايل | ١٨١ |
| باب يارهون: | سر هير رانجهو | ١٨٢ |
| باب ٻارهون: | نبين جا قصا | ١٨٣ |


## ڀاڱو ٻيو (١٩١ـ٢٠٨)

### هنر منظوم لفظي تجنيسي: جدا جدا لفظن ۾ سمايل تجنيس وارا هنر


| | | |
|---|---|---|
| (الف) | سادي بيان وارا هنر | ١٩٣ |
| (ب) | تجنيسي صنعت ۽ نزاڪت وارا منظوم معياري هنر | ١٩٧ |


## ڀاڱو ٽيون (٢٠٩ـ٣٢٢)

### هنر منظوم جنسي تجنيسي: جنس ـ وار لفظن ۾ سمايل تجنيس وارا هنر


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | پکين، مڇين، جيتن ۽ جانورن جي جنس ـ پکي | ٢١١ |
| باب ٻيو: | ڏسيون، مندون، تارا، نکٽ ۽ ٿاٽا | ٢٣٦ |
| باب ٽيون: | هر ڦار، ٿار ۽ هرلو ۽ پوکي راهي جي جنس | ٢٣٢ |
| باب چوٿون: | اناج، ٻڪر ۽ گل ڦل | ٢٥٣ |

باب پنجون: اوزار، ڪلون، هٿيار پنوهار وغيره ٢٦٨
باب ڇهون: مرض ۽ پسارڪا وکر ٢٧٢
باب ستون: واه ڍورا، ماڳ مڪان، ڳوٺ شهر ٢٧٨
باب اٺون: عام ماڻهن (مردن زالن) فقيرن، ذاتين ۽ ڏنـڏن وارن جا نالا ٢٩٨

## ڀاڱو چوٿون (٣٢٣_٣٥٨)

هنر دراوا: لفظي تجنيسي

ظاهر ۾ هڪڙو مضمون پرمعنيٰ ۾ ٻيو موضوع ڏيکاريندڙ تجنيسي هنر

(الف) ظاهر ۾ هڪڙو سر پر معنيٰ ۾ ٻيو موضوع ٣٢٦
(ب) ست - سرا دراوا: ظاهر ۾ هڪ ڪان وڌيڪ سُر پر معنيٰ ۾ هڪ موضوع ٣٤٨

## ڀاڱو پنجون (٣٥٩_٣١٢)

چيروان هنر: نثر جي سٽاء وارين ٽُڪن يا جملن وارا تجنيسي هنر

باب پهريون: موضوع وار چيروان هنر ٣٦١
باب ٻيو: دراوا چير وان هنر ٣٠٥

## ضميما (٣١٣_٣٧٢)

ضميمو - ١ ٣١٣
ضميمو - ٢ ٣٥٥

●

آمُ بِلالسان ماتمنّياo فَلِلّه الآخرة والاولي

## مقدمو

'هنر' سنڌ جي سگهڙن جي ڪچهري جو هڪ خاص موضوع رهيو آهي جنهن ۾ 'صَنْعَت تَجنِيس' جي ڪاريگري کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. فن جي لحاظ سان 'سنڌي ۾ هنر جي شاعري'، جنهن کي اڳتي اسين 'سنڌي هنر شاعري' چونداسون، سا بنيادي طور تي 'تجنيس جي شاعري' آهي.

### علم بديع ۾ صنعت تجنيس

عربي ۽ فارسي نظم ۽ نثر ۾ "تجنيس" هڪ خاص صَنْعَت آهي جنهن جو شمار 'عِلْمِ بَدِيْع' ۾ ٿئي ٿو. فني نزاڪت جي لحاظ سان "تجنيس" جون ڪيئي سڃاڻون ۽ صورتون آهن جن کي سڃاڻپ لاءِ جدا جدا نالا ڏنا ويا آهن. البت 'علم بديع' جي عالمن مان ڪن ڪنهن صورت يا سڃاڻ کي ڪو هڪ نالو ڏنو ته ٻين وري ان کي ٻئي نالي سان سڏيو.

'علم بديع' مطابق تجنيس جا مکيہ قسم ٻہ آهن: هڪ 'تجنيس تام' يعني 'پوري تجنيس' ۽ ٻي 'تجنيس ناقص' يعني 'اڻپوري تجنيس'. 'تجنيس ناقص' جون ڪيتريون ئي جدا صورتون آهن جهڙوڪ تجنيس زايد، تجنيس مُرَڪّب، تجنيس مُڪَرَّر، تجنيس مُزْدَوَج، تجنيس مَقطوف، تجنيس خط وغيره. انهن مان ڪن کي 'تجنيس ناقص' جي جدا جدا صورتن بدران تجنيس جون مستقل صورتون ڪري پڻ ڄاڻايو ويو آهي.

● جناس ترڪيب. جيڪڏهن تجنيس وارن ٻن لفظن مان هڪ 'مرڪب' ۽ ٻيو 'مفرد' آهي ته ان کي 'جناس ترڪيب' چئبو. مشهور مثال شاه عبداللطيف رحه جي 'سر سهڻي' جي بيت جي هيٺين سٽ آهي:

ساهڙ چڙي نه ساهه جي ساهڙ ساهڙ ريءَ

پهريون ۽ ٻيو لفظ 'ساهڙ' مرڪب (= سا + هڙ) آهي يعني 'اها + هڙ'، ۽ ٽيون لفظ 'ساهڙ' (مرد جو نالو) مفرد آهي.

● تَجنيس مفروق. جيڪڏهن ٻئي لفظ لکڻ ۾ يڪسان ناهن ته پوءِ ان کي 'تجنيس مفروق' چئبو جيئن ته 'ماتام' ۽ 'مان طعام' [ص ٢٠٤]

● تجنيس مُحَرّف. جيڪڏهن ٻئي لفظ پنهنجي اکري سٽاءَ يا زير زبر پيش جي لحاظ سان مختلف هجن ته ان کي 'تجنيس مُحرّف' چئبو، جيئن ته 'هَڪڙو' ۽ 'شڪڙو' [ص ٢٠٠]

● تجنيس مُماثِل. جيڪڏهن ٻئي لفظ ساڳي نوعيت جا هجن، مثلاً ٻئي اسم هجن يا ٻئي فعل هجن ته ان کي 'تجنيس مُماثِل' چئبو، جيئن ته 'ٻِڙِّي' (= سِڙهي) ۽ 'ٻِڙِي' (= اجرڪ) [ص ١٦]

● تجنيس مُستَوفِي. جيڪڏهن ٻئي لفظ جدا نوعيت جا هجن، يعني هڪ لفظ 'اسم' ۽ ٻيو 'فعل' هجي ته ان کي 'تجنيس مُستَوفِي' چئبو، جيئن ته 'سالائي' (= سالا ئي) ۽ 'سالائي' (= سا لائي) [ص ١٢٣]

## سنڌي ادب ۾ صنعت تجنيس جي روايت

تاريخي لحاظ سان صنعت تجنيس جا مثال ڪن سنڌي بيتن يا قولن ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي ملن ٿا. شاه عبداللطيف (وفات ١١٦٥ ھ) جي رسالي ۾ سر سهڻي جي بيت جي مٿي ڏنل سٽ ان سلسلي ۾ مشهور آهي يعني ته:

'ساهڙ ڇڙي نہ ساه جي، ساهڙ ساهڙ ري'

'سر ڪاموڏ' جي هيٺين بيت ۾ پڻ 'صنعت تجنيس' سهڻي ءَ سڌاء سان سمايل آهي:

تـڙ تماچي چام جو، تماچي تـڙ راء
تماچي جـي تڪـيءِ، تون تماچي ڳاء
تـہ تون تماچاء، تماچاء تـڙ لهين.*

---

* مختلف رسالن ۾ آخري سـٽ جي پڙهين اڏ جـون مختلف پڙهڻيون هن طرح ڏلل آهن:

ط ن ث۔ انت = تماچي تون لهين

ص = تماچي تـي لهين

ش اپ مص اد ڪ = تماچي تـڙ لهين

ب پل ٿ = تماچي تڻان لهين

ج ڪـ = تہ تون تماچياء، تماچياء تڻان لهين

ھا آخري پڙهڻي جيڪا جمعي فقير ۽ اسماعيل فقير ڪٽي جي اڪابل رسالن ۾ ڏنل آهي سا معنيٰ واري آهي. جيتوڻيڪ وڌيڪ سهڻي معنيٰ تڏهن ڏيندي جڏهن 'تڻان' بدران 'تڙ' پڙهبو جيئن مٿي آهي.

هن بيت جي پهرين سٽ ۾ چام تماچي جو نالو آندل آهي، ۽ ٻي سٽ ۾ پهرياڻين چام تماچي ۽ ٻوءِ تماچي نالي مڱڻي جو جنهن کي تاڪيد ڪيل آهي ته: اي تماچي مڱڻا تون تماچي جي آڏو ويهي ڳاءِ. آخري سٽ ۾ کيس نصيحت ته تون طمع کي ڇڏ (تماچاءِ=طمعا چاءِ) ته چام تماچي کان (تماچاءِ=تماچيان) انعام ۾ تڙ حاصل ڪرين.

مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارو (وفات ١١٧٤هه) پنهنجي جماعت ۾ ڪٽي ترسيل هو جو انتي ڪنهن ڏوهيڙو ڏنو ته:

”پنهنجي پرين تي چڱو چٽوسو“

’چڱو چٽوسو‘ معنيٰ سهڻو ڇپريل ريٽو، ۽ انهيءَ لحاظ سان مطلب ٿيو ته:

پنهنجي پرينءَ کي سهڻو ڇپريل ريٽو (سونهي)

پر جيئن ته مخدوم صاحب عشق محمدي ۾ مخمور هو، سو ٻڌي چيائين ته:

پنهنجي پرينءَ تي ’ڪلمو‘ چڱو چٽو سو

لفظ جي ڦير ۽ تجنيس جو اهو هڪ آڳاٽو مثال آهي. حقيقت ۾ شاه عبداللطيف جي همعصر اديب ۽ سالڪ جلال ڪٽي جيڪو ان دور ۾ سگهڙن جو سرواڻ ۽ سرتاج سگهڙ هو ۽ پڻ سگهڙپائي جي فن جو باني مباني هو تنهن سنڌي ۾ هنر شاعري، سينگار شاعري ۽ ذهنسامي جي شاعري کي اوج تي پهچايو ۽ پڻ ابترو ته عام فهم ڪري ڇڏيو جو ان وقت کان وٺي هن وقت تائين

سسئي سَرتِي جن سين، تنهي پنڌ پچاءِ
موسل رَتِي مينڌري لَٿيءِ لٿي لَڏاٽاءِ
مارئي ملير لاءِ، پر پر پاڪاراءِ
آرنگهين آداساءِ، آڏرسَ آڏامن ڪاپڙي.

● سگهڙ ميهر جي هيٺين بيت ۾ مارئيءَ جي نالن وارا لفظ آندل آهن. پر جئن ته اهي ذو-معنيٰ ناهن انهيءَ ڪري هيءُ بيت 'هنر' جو نه چئبو (۱).

آت وٽ اباڻن، هٿين سين ۾ سڪيلڏي
سڏ نه لڌيس سُورَ جي پاجهئون پاباڻن
وري هن وطن تي نيي نه ناناڻن
مارئيءَ جي ميهر چوي ڪئي ماڙ نه ماماڻن
ڏسو ڏاڏاڻن، جو پچيس نه پرڏيهه ۾.

ميهر جي هن بيت جي پيٽ ۾ 'مارئيءَ جي جنس' ۾ ڪنهن پئي سگهڙ جو چيل هيٺيون بيت 'هنر لفظي جنسي' آهي ڇاڪاڻ جو ان ۾ آندل 'مامن' وارن اڪثر لفظن مان ٻه معنائون نڪرن ٿيون:

مامن ماريس سومرا، مامن مامن ساڻ
مامن سنديون ڳالهڙيون مامن ڪندي ساڻ
مامن ملن مانَ، ڪريان مامن سنديون ڳالهڙيون.

[مامن=تنهنجن آچن اشارن. مامن مامن ساڻ=تون مامين نه مان من ساڻ، منهنجي من ساڻ]

---

(۱) خوشيرام فقير 'سودائي' جي ۱۸۸۰ع ۾ هٿ لکيل بياض تان ڪنيل (ن - ب)

## غزل، قافي ۽ هنر ڏيڻ جدا صنفون

ڪن شاعرن ۽ سگهڙن 'هنر شاعري' کان متاثر ٿي، شاعري جي ڪن ٻين صنفن ۾ 'صنعت تجنيس' سان ذو-معني لفظ آندا آهن. مثلاً شمس الدين بلبل هيٺئين غزل ۾ 'هنر شاعري' واري هنرمندي سان سڪن جا نالا آندا:

تون رک هميشه روپيو ان رمز راز ۾
آڌي آئي تون سڙ پيو ان سوز ساز ۾

١. ڪنهن دام ۾ دنيا جي ٿئي پائلي نه بند
قاسن پياني مگس انهيءَ شهد آز ۾

٢. آني تي ماکيان ٿي ويهي گنج تي بخيل
هلندي ٽڪي جي نور چا پرواز باز ۾

٣. سک تون سدائين عادت عجز و فروتني
پرچي ٿو پئسو نئڙت زاري نياز ۾

٤. ڪج تون نه ڪو فڪر ڪسيرو قليل جو
پرواه بيش ڪم نه نشيب و فراز ۾

٥. پائي نه خبر 'بلبل' قسمت جي قيد کان
وجهندي ڪا آٺي دامن دور و دراز ۾

[روپيو = رو+پيو= منهن ۽ رخ پيو رکي، اهو روپ يا شڪل. آڌي = اڌ رات ١. پائلي = پاءِ(= پير) + ولي= ولي الله جو پير. پياني = پيا+ني ٢. آني = بيضي. ماکيان = مادي ڪڪڙ. ٽڪي جي نور = آهستي هلڻ ٣. پئسو = پئي+سو ٤. ڪسيرو = ذري جيترو، ذرو ٥. پائي = لڌي، ميلي]

اهڙيءَ طرح موجوده دور جي سگهڙ شاعر عثمان ڪٽيءَ (۱) پنهنجي هيٺين قافيي ۾ 'جنس مڇي' مان مڇين جا نالا استعمال ڪيا:

ٿلهه. ڏاڍو ڀلي سان اٿم پيار اديون
مهٽي ڏاهي هجي، توڙي سينگار اديون

۱. ٻوڻڪي سون سمجهيو صاف ڇٽو
ڏاڍو ڦنڊڻيءَ ۾ سون فرق ڏٺو
ڳنڍري ڳنڍڻ توکي لڳو آهہ سٽو
ڪيم ڪڳي ڪي ڪيڪار اديون

۲. ڏوءِ ڪڻون شل دور رهان
هر هر سٽي مون سور سهان
ڏاڍي ڪيڪَ ڪڇڙ ڪورُ ڪهان
هجان ٽولي دَرڙي دار اديون

۳. مَڪَ من ۾ مچ مچايو آ
ڏاڍو ڏنيري ڏيل ڏکايو آ
ويتر ٿيلي ٿر ٿر لايو آ
ڪيم وڏ واتي واهار اديون

۴. ڪٽي خوشيءَ مان ٻول پڙهيو
سيني سَمَڪ سندو خومار چڙهيو
ماهي ماهي مون تہ جيءَ سان جڙيو
حوت حوت پڪاريان هر وار اديون

(۱) سگهڙ عثمان پٽ مودو ڪٽي ويٺل جهان پور تعلقو گهوٽڪي وڏي سمجهہ ۽ ذهن وارو سگهڙ، راڳ ۽ تار جو واقف، قافين جو شاعر. هيءُ قافي سندس زباني ڪچهري آباوڙو ۾ ۱۹-ڊسمبر ۱۹۶۶ع تي قلمبند ڪئي وئي. ان وقت سندس عمر سٺ سال کن هئي.

٥. ”عثمان“ هلو هڙ چڏ ڪوچ ڪڍر
گياني گيان ڳانڪٽ رک خاص خبر
رک موري موراڪي مهر نظر
وٺي شاڪر جو تہ شڪار اديون

مٿين غزل توڙي مٿين قافيي ۾ جيتوڻيڪ ’صنعت تجنيس‘ وارا ذو-معني لفظ هنرمنديءَ سان ڪم آندل آهن، پر سگهڙ ڪچهريءَ ۾ انهن جنسن کي ’هنر‘ طور پيش نہ ڪندا ۽ نڪي هنر ڪري ڳڻيندا. اهو انهيءَ ڪري جو روايتي طور ’هنر جا بيت‘ ۽ ’چيروان هنر‘ ئي ’هنر شاعري‘ جي دائري ۾ داخل آهن. انهيءَ ڪري مڃيل ڳالهہ اها ئي آهي تہ قافي قافي آهي، غزل غزل آهي، ۽ هنر هنر.

## سگهڙن جي هنر شاعري تي دسترس

’صنعت تجنيس‘ جي سٽاء واري ’هنر شاعري‘ جيتوڻيڪ وڏي ذهني آزمائش واري ۽ مشڪل هئي پر سنڌ جي سگهڙن، باوجود انهن مان گهڻن اڻ-پڙهيل هجڻ جي، هن صنف تي پوري دسترس حاصل ڪئي. هن ڪتاب جي هر باب ۾ ’هنر‘ جي بيتن جا نت نوان انداز نظر ايندا. هيٺ هنر شاعري جا ڪي ٿيا وڏيڪ اهڙا مثال ڏجن ٿا جيڪي زبان جي سولائي ۽ سلاست جا انوکا مثال آهن ۽ جن مان تصديق ٿئي ٿي تہ سگهڙن جي سياڻپ سان ’هنر شاعري‘ جا بيت زبان زد عام ٿي ويا.

● ڪنهن محبتيءَ کي سڄڻ جا سلام مليا تہ چيائين

سٽي سلامن، تـي سرهائي سـاه کـي
سورن سلامن، ڪڍيا لاءِ قريب جي

پيءَ سٽ ۾ 'سلامن' معني 'سلا مَن ۾' (محبت جا سـلا اندر ۾).

● پهاڪو مشهور هو ته "سا مر او بي آن، جنهن کي ناهي قدر ڪپاه جو". غالباً انهيءَ پهاڪي واري قافيي کان متاثر ٿي سگهڙ حفيظ تيوٽي هيٺيون هنر جوڙيو (١):

١. سس سهٽيءَ سان ڪيو دلي تي دائن (= داءَ ني)
منڊ تنهن ميهر لاءِ ڪامڻ منجهه ڪائن (= منجهه ڪئن)
سهٽيءَ جو سير ۾ لـڏو ساهڙ سمائن (= سماءِ نه)

٢. ليلان پنهنجي لاڏ سان جهليو ٿاهر جو ٿائن (= ٿانءَ نه)
ڪچيءَ ڪُنرو سان ڪيو ڏاهپ جو ڏائن (= ڏانءَ نه)
ولهي ور وڃـائيـو ڪسائي ڪائڻن (ڪان آن=آن ڪان)

٣. مارئي ماڙيءَ ۾ ڇيو عمر کي آئن (=آءَ نه)
رنجائي جي رنج جو رکيو نه ريائن (= رياءَ ان)
پرور پَنَ رهائيو هي پـلائي پائڻن (= پاءَ نه)

٤. مومل مڪر تي ڪيا ڪيڏن ڪهڪائن (ڪهڪائن سان)
رائي جي رنج جو آهي گهوريءَ کي گهائن (= گهاءَ نه)
مونيس ڪين ميندرو، ريجهي سو رائن (= راءَ نه)

---

(١) سگهڙن وٽ هن هنر جي گهڻين سٽن جون جدا جدا پڙهڻيون آهن. ڪن جي خيال ۾ هيءَ قافي آهي جنهن جو ٿلهه آهي
"سرتيون سٽ لـه سنهران، آءُ ڪيئن ڪتيان آن".

سنہ ۱۹۴۶ع ۾ آئي اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا هليو ويس ۽ خط ڪتابت جو سلسلو جاري رهيو. صاحب موصوف مون ڏي ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ جي ائڊريس تي خط لکيو(۱) ان خط ۾ هيٺيان ٻہ طبعزاد هنر لکيائون جيڪي 'شهرن جي نالن جي جنس' جن ۾ شهرن جا نالا 'صنعت تجنيس' جي سهٽي مثال سان پوتل آهن (معنيٰ لاءِ ڏسو صفحا ۲۸۰—۲۸۱):

( ۱ )

مٺياري مَ منهنجا پرين، آراضي ٿي تون اچ
ڏيپلو پريت جو تہ سکر ٿيان سچ
محبت ديري مچ، ٻار يو منهنجي مَن ۾.

( ۲ )

ڪيڏي چنڊ قلب مان دليل جو ديرو
سڪرنڊ ويندي ساهہ ۾ مـن ٿيندو ميرو
دلي دوڙ دوڙاءِ ڪا ساجهر سويرو
ڪر پلن وٽ پيرو، تہ وسينءَ ڪي ويجهو ٿئين.

## هنر شاعريءَ جا قسم

'سنڌي هنر شاعري' بابت دستياب ٿيل مواد تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ان ۾ هيٺين پنجن قسمن جا هنر شامل آهن جن مان پهريان چار قسم 'منظوم' ۽ پنجون قسم 'بياني' آهي:

۱. هنر منظوم لفظي تجنيسي (ساڳين لفظن وارا)
۲. هنر منظوم لفظي تجنيسي (مختلف لفظن وارا)

---

(۱) هي خط مخدوم صاحب ۲۶-جولاءِ سنہ ۱۹۴۸ع ۾ لکيو جيڪو مون کي يوالائيٽيڊ نيشن ۾ مليو (جتي آئي ان وقت تربيت وٺي رهيو هوس).

۳. هنر منظوم جنسي تجنيسي
۴. هنر منظوم دراوا لفظي تجنيسي
۵. چيروان هنر

انهن پنجن قسمن جي هنرن کي هن ڪتاب جي پنجن ڀاڱن ۾ ورهائي رکيو ويو آهي، ۽ هر ڀاڱي هيٺ شامل هنر جي بيتن کي تفصيل سان سمجهايو ويو آهي. هيٺ مختصر طور هر قسم جي وضاحت ڪجي ٿي.

● هنر منظوم لفظي تجنيسي. اهي ساڳين لفظن ۾ سمايل تجنيس وارا هنر جا بيت آهن جن کي ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي ۾ رکيو ويو آهي. هنرمند سگهڙن هنر جي هر بيت جي سٽ ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ساڳئي لفظ کي ورجايو آهي، پر هر سٽ ۾ ورجايل لفظ يا لفظن جي معنيٰ ساڳي نه بلڪ ٻي سمايل آهي. موضوع جي لحاظ سان هي هنر مشهور عشقيه قصن جي ڪردارن تي ٻڌل آهن.

● هنر منظوم لفظي تجنيسي. اهي جدا جدا لفظن ۾ سمايل تجنيس وارا هنر آهن جن کي ٻئي ڀاڱي ۾ رکيو ويو آهي. معنيٰ جي لحاظ کان اهي هنر ٻن قسمن جا آهن:

(الف) سادي بيان وارا هنر، جن ۾ بيت جي مضمون سان ٺهڪندڙ تجنيس ناقص وارن لفظن کي بندش ۾ آندو ويو آهي.

( ب ) وڌيڪ شاعرانه صنعت وارا منظوم هنر، جن ۾ تجنيس ناقص (هار، آهار) ۽ تجنيس تام (آجام) جي معنيٰ وارا الفاظ آندل آهن. مثلاً

تجنيس ناقص. هار ڏني آهار، جو چاه چنيسر منهنجو
تجنيس تام. آجام ڪيون آجام ڪرين، اي چام ڪهڙا آجام ميان

لفظن کي پڄي جيري ٻيءَ معنيٰ وارا لفظ ڪڍيا ويندا آهن. هيءَ ساديءَ سمآء وارا هنر آهن جن ۾ ڪجهہ سگهڙپائي تہ آهي پر شاعري بالڪل ڪانهي.

هن ڪتاب ۾ مٿين ٽنهي قسمن ۽ نوعن جا اهڙا 'هنر' جيڪي ادب ۽ سگهڙپائي جي لحاظ سان معياري معلوم ٿيا تن کي شامل ڪيو ويو آهي. بنا نالي هنرن کان سواءِ هڪ وڏو تعداد اهڙن هنرن جو آهي جن ۾ ڪم از ڪم اٺاسي (٨٨) شاعرن ۽ سگهڙن جا نالا آيل آهن. انهن مان جلال ڪٽي، ڪبير شاهہ، سانجهي ڏکڻ، چاڪر خان رستماڻي، صدرالدين چارڻ، نم مگنهار، شيخ سائينداد، دوس محمد، حسين ديدڙ ۽ حمل خان لغاري پنهنجي پنهنجي دور جا وڏا شاعر ۽ سگهڙ هئا جن جا چيل هنر معياري آهن. 'هنر شاعري' جيتري قدر سنڌ ۾ سگهڙپائي جي فن ۽ نزاڪت تي شاهد آهي اوتري قدر اها سنڌي ٻوليءَ جي لغت جي وسعت جي ساک پري ٿي.

**ن - ب**

# پاڳو پهريون

## هنر منظوم لفظي تجنيسي:

## ساڳين لفظن ۾ سمايل ’تجنيس‘ وارا هنر

## هنر منظوم لفظي تجنيسي

هن ڀاڱي ۾ شامل هنر جا بيت هڪ يا وڌيڪ ساڳين لفظن جي تڪرار تي ٻڌل آهن: يعني ته هر بيت جي هر سٽ ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ساڳين لفظن کي ورجايو ويو آهي، پر هر سٽ ۾ انهن لفظن جي معنيٰ ساڳي نه پر ٻي بيهندي.

هن ڀاڱي ۾ شامل هنر وارن بيتن کي مضمون جي لحاظ سان مختلف موضوعن ۾ ورهايو ويو آهي، ۽ هر موضوع هيٺ پهريائين بيت اهي ڏنا ويا آهن جن جي شاعرن جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن ۽ ان بعد اهي بيت جن جي شاعرن جا نالا معلوم نه آهن.

# باب پهريون: محبت ۽ مجاز

[١]

ڪانگل! چشچ قريب ڪي، حال وجي هيڪر
منهنجو تنهن محبوب سان، حال وجي هيڪر
تہ ڪانگ اڏائي ڪيترا، هيٺا ٿيا هيڪر
پاڻهين پير پري ڪري، جي حال پڇو هيڪر
تان "حمل" چئي هيڪر، منهنجو ماڻهن منجهہ مٿي ٿئي.
(حمل خان لغاري)

[١. هيڪر = هڪ ڀيرو
٢. هيڪر = هيءُ + ڪرِ = هيءُ حال بيان ڪر
٣. هيڪر = هي + ڪرَ = هي ڪلها
٤. هيڪر = هڪ وار
٥. هيڪر = هيءُ + ڪرُ = هيءُ ڳالهہ، هيءُ ڪنڌ]

١. اي ڪانگا! پرينءَ کي هڪ ڀيرو (منهنجو هيءُ هيٺو حال) وڃي بيان ڪر
٢. ان محبوب کي منهنجو هيءُ احوال وڃي ٻڌاءِ
٣. تہ (تنهنجي اچڻ لاءِ) ڪانگ اڏائيندي اڏائيندي منهنجا هي ڪلها ساڻا ٿي پيا آهن
٤. هاڻي جي پاڻهين پاڻ پير پري اچي منهنجو حال پڇو
٥. تہ حمل چئي تہ هوند ماڻهن ۾ منهنجو ڳاٽ اوچو ٿئي.

[١] "ڪليات حمل" ڇاپو پهريون ١٩٥٧ع، ص ١٦٩
حمل خان لغاري، مشهور شاعر، ٢-صفر ١٢٩١هہ/١٨٧٨ع ۾ وفات ڪيائين.

[۲]

دلبر اوهان جي درد جون دانهون هيڪاريون
سڙي سوز فراق ۾ هينيون هيڪاريون
جلي جوشن ۾ ٿيون ٻڪيون هيڪاريون
سڄڻ هيڪاريون، تنهنجون ”شاه محمد“ نه سهي.

(شاه محمد ديدڙ)

[۱. هيڪاريون=هيڪانديون، گهڻيون
۲. هيڪاريون=اڃا ۾ وڌيڪ هيڪاري
۳. هيڪاريون=هي+ڪاريون، سڙي ڪاريون ٿيل
۴. هيڪاريون=هي+ڪاريون=اهي ڪم]

۱. اي دلبر، تنهنجي سڪ ۽ وڇوڙي ۾ ڏاڍيون دانهون ڪيون اٿم
۲. تنهنجي وڇوڙي ۾ هينيون (دل) هيڪاري سڙي ويو آهي
۳. تنهنجي فراق جي باه ۾ منهنجون ٻڪيون به سڙي ڪاريون ٿي ويون آهن
۴. سڄڻ! تنهنجون اهي ڏاڍايون (هاڻي) ”شاه محمد“ سهي نٿو سگهي.

[۲] ڪتاب ”ڪليات شاه محمد ديدڙ“، ۱۹۷۷ع، ص ۱۷۷.
شاه محمد ديدڙ، مشهور شاعر، ۱۳۰۹ھ/۱۸۹۲ع ۾ وفات ڪيائين.

[٣]

عشق سندي درياء جو لانگهو لنگهه نصير
هل هينئين سين هوت ڏي، سيڪ جو پيچ نصير
ڇڳنهي سير سڄڻ جي، تنهن جي ڇڳنهي نصير
اهـا نـام نصير، اڳـيـان عـاشـقـن جـي.
(نصير)

[ ١. نصير=نه+سيو=وچ سير مان نه. لانگهو=گهيڙ
٢. نصير=نه+سيرُ=سَتُ سيرُ نه پيچ، ادب جي حد نه پيچ
٣. نصير=نه+سيرَ=رت وهائيندڙ چيرُ، گهاءُ نه ڇڳني
٤. نصير=شاعر نصير]

١. عشق جي درياء ۾ ڪو نئڊو لنگهه لانگهو ڪونهي، پر تکي سير آهي، ان مان نه لنگهه
٢. محبوب ڏي هينئين ساڻ هل، ۽ سيڪَ جو سَتُ ۽ عشق جو ادب نه ڇڏ
٣. سڄڻ کي سيڪَ وارو گهاءُ ڇڳني وڃي ته وڃي، پر توکي پيل سيڪَ جي سير پل تازي رهي (۽ ان مان رت پيو وهي)
٤. نصير تو ڇئي ته: عاشقن جي آڏو (اهڙي ريت رسم) نام ناموس واري آهي.

---

[٣] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل
نصير نالي شاعر بابت احوال معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

[۴]

ڪانگل! تـون قـريـب ڪـــي، خبر ڏج ڪري
تـوکـان سـواءِ سـُـپـريـن عـمـر سـپ ڪري
محبت موڪان ڏيج تـون، ڪري ڪوڙ ڪري
ڪـونـي جـان ڪري، سـا پاڻهي ٿيندءِ پـڌري.
(لعلڻ خان لغاري)

[۱. ڪري=پوري پڪي
۲. ڪري=خراب ٿي
۳. ڪري=ڪري آن جي، وڏو ڏيگ
۴. ڪري=سچي]

۱. اي ڪانگل! پرين ڪي وچي پوري پڪي ڳالهه ٻڌاءِ
۲. تہ اي سڄڻ! توکان سواءِ منهنجي سڄي عمر اجائي وئي
۳. مونکي، پنهنجي محبت جي گهٽائي سان نوازج
۴. پوءِ سچ ۽ ڪوڙ جي ڳالهه پاڻهي کلي پوندي.

---

[۴] لعلڻ خان لغاري جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.
لعلڻ خان لغاري وڏو سگهڙ شاعر هو. سنہ ۱۹۷۰ع بعد گذاريائين.

[ ٥ ]

ڪيانتا خبر ڏيج تون، جانب ڪـي جوڙي
ڪجان عرض عجيب ڪـي، هٿ ٻئي جوڙي
جيءَ ۾ جايون جانب ڪـي، جام ڏيان جوڙي
واحد وقت وصال جو، جلدي شل جوڙي
تہ جاءِ وڃو جوڙي، لحظي ۾ "لعل" چئي.

(لعل خان لغاري)

[ ١. جوڙي=سموري، سربستي
٢. جوڙي=ٻڌي، آزيءَ سان
٣. جوڙي=ٺاهي
٤. جوڙي=بنائي، آڻي
٥. جوڙي=آباد ڪري، قتل ڪري ٺاهي ]

١. ڪيانتا! تون منهنجي جانب ڪي وڃي سموري خبر ڏي
٢. ۽ ٻئي هٿ ٻڌي عجيب ڪي عرض ڪجانءِ
٣. تہ (جي تون اچين تہ) توڪي جيءَ ۾ جايون ڏيان
٤. شال ڏڻي تعالیٰ وصال جو وقت جلدي آڻي
٥. لعل شاعر چوي ٿو تہ: سون وٽ اچي منهنجو من قرار ڪري وڃو.

---

[ ٥ ] لعل خان لغاري جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٦]

ساجن سـواءِ سـپـريـن، گـهاريـان ڪين گهڙي
دردن مـاري دل ڪي، گـهـورن منجهه گهڙي
سـورن جـا سمونڊ ٿـيـا، نـاهـي گهوٽ گهڙي
گهوريان تنهن گهڙي، لاهي سانـگو ساهه جـو.

(لعلڻ خان لغاري)

[ ١. گهڙي=ڪـِن پلڪ، ساعت
٢. گهڙي=وڏي ٽـُڪـِي
٣. گهڙي=دلـِي
٤. گهڙي=مهل، ساعت]

١. سڄڻ ڪان سواءِ آءٌ گهڙي به نه ٿي گهاري سگهان
٢. دردن جـي ماريـل دل ڪي سندس گهـُورـُن هٿي وڏي چڙهيو آهي
٣. اي گهوٽ پرين! (فراق ۾ مون وٽ) سورن جا سمنڊ آهن، دلـِي پاڻي جيتري ٿوري مقدار ۾ ناهن
٤. آءٌ پنهنجي ساهه جو سانـگو لاهي (پنهنجي جان) اُن مهل تان گهوريان (جنهن وقت محب مون وٽ اچي).

---

[٦] لعلڻ خان لغاري جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٧]

اڄ ٻہ انھيءَ پار ڏي، ڪونجون ٽيون **ڪرڪن**
قابل تـو قريب ري، ھـت نـہ ڪي **ڪرڪن**
پـوءِ سـانَ اچي **ڪرڪن**، ھتي منھنجا سپرين.

[١. ڪرڪن = ڪوڪون ڪن، ڪرڪي واري ٻولي ڪن
٢. ڪرڪن = ڪھل ڪن، ھمدردي ڪن
٣. ڪرڪن = ڪـَرَ + ڪن = خبر لھن]

١. اڄ ٻہ سڄڻ جـي طـرف ڏانھن ڪونجن جـي ٻولي پٺي ٻڌ جي
٢. اي قابل (طبيب) تـوکان سواءِ ھـِت ڪي ٻـہ سـون تي ڪھل يا ھمدردي ڪين ٿا ڪن
٣. شال منھنجا پرين اچي منھنجي سار لھن!

---

[٧] ھيءُ ھنر شايد چيل فقير بچل مانوٽي جو، سندس ٻياض تان مرحوم محمد صالح ڀٽي (ھالا پراڻا) جي ڪتبخاني ۾ تاريخ ١١- سپٽمبر ١٩٦٦ع تي قلمبند ڪيو.

[٨]

دل ۾ دلبر يار جا، دونهان دود دکن
ماريو "مصرائي" چوي، دل کي آھ دکن
دلبر ريءَ دکن، پانيان ستو ستو سال ٿو.
(احمد خان مصرائي)*

[١. دُکن = ڏکڻ ۾ ٻرن
٢. دکن = ڏکن، سورن
٣. دکن = دو + کن = ٻه گهڙيون]

١. منهنجي دل ۾ دوست جي جدائي جا دونهان پيا دکن
٢. دردن منهنجي دل کي ڳاري ڇڏيو آهي
٣. پنهنجي پرينءَ کان ٻه گهڙيون پري ٻه صدين جي برابر ٿو ڀانيان.

---

[٨] خود شاعر کان مليو.

* احمد خان آصف، وينل تعلقو ڪڪڙ، ١٩٢٢ع ۾ ڄائو.

## باب پهريون: سر سسئي

[٩]

واري ور وروڙ تون، گهوري ٿي گهوري
پنهونءَ ڪارڻ پيرن پر، مرين تان گهوري
دنيا ساري دوست ري، گهٽي سان گهوري
گهر چڏي گهوري، هلڻ ٿي هوشيار ٿي.
(شاه شريف)*

[١. گهوري = ڳولائو. واري ور = ور وجهي، گهرا ڏئي.
وروڙ = وراڙون ڏي، ڳول
٢. گهوري = صدقو ٿي
٣. گهوري = قربان ٿي، اجائي ٿي
٤. گهوري = چاهيندڙ]

١. (اي سسئي!) تون ڳولائو ٿي وري پنهنجي ور کي ولوڙ ڏي
٢. جي پنهونءَ کي ڳوليندي پير پر تون مٿين تہ صدقو ٿيين
٣. دوست کان سواءِ دنيا پر دولت گهٽي تہ بہ ڪهڙي ڪم جي (ان تان قربان ٿي تہ ڀلي)
٤. اي (پنهل کي) چاهيندڙ (سسئي! پنهل پٺيان) هاڻ لاءِ همت ٻڌ.

---

[٩] "شاه شريف ياڏائي جو رسالو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٧٢ع

* شاه شريف عرف قنبر علي شاه ياڏائي، مشهور شاعر، ١٢٦٤هه/١٨٤٧ع پر وفات ڪيائين.

[١٠]

واري ور وروڙ تون، وارُو تي **واري**
وسائج وندر جي، وارن ۾ **واري**
مر تہ پويئي منهن ۾، وانن جي **واري**
هاڻي تون **واري**، هلڻ تي هوشيار ٿي.
(شاه شريف)

[ ١. واري=وري، ور ڏيئي، گهمرا ڏيئي. وارو تي واري=ور وجهي اکتي وجي وري پوئتي موٽي ور ڏي
٢. واري=ريت
٣. واري=مٽي، خاڪ
٤. واري=پڪي پختي ارادي سان ]

١. پنهونءَ کي وري وري گهمرا ڏيئي ڪول، (اهڙي طرح جو) ور وجهي اڳتي وڃي وري پوئتي موٽي ور ڏي
٢. ان پنڌ ۾ هلندي وندر جي واري وارن ۾ وجهج (فرياد ڪج)
٣. پل تہ تنهنجي منهن ۾ انهن وانن جي دز پوي (جن تان پنهون ويو آهي)
٤. هاڻي پڪي پختي ارادي سان پنڌ پوڻ لاءِ تيار ٿي.

---

[١٠] "شاه شريف ڀاڏائي جو رسالو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ١٩٧٢ ع

[۱۱]

**مٿين مُنڌ محبت جا، مٿي درس دڪان**
**ڪاهيندي ويئي ڪيچ ڏي، مٿي درس دڪان**
**سِڪَ جا ”صدرالدين“ چئي، مٿي درس دڪان**
**مٿي درس دڪان، جا درس گڏي هئي دوستَ کي.**
(صدرالدين)*

[ ۱. دڪان= دُڪا نه، تولا نه (پر مٿين). مٿي = مٿي تي، سِر تي. درس = صحيح، برابر، يقيني
۲. دُڪان= ٿاٿا، اهڃاڻ (ڪيچ جا)
۳. دُڪان=دو + ڪانَ = ٻه تِير
۴. دُڪان=دوڪا + نه = ڏکَ نه ]

۱. سسئي کي (پنهون جي) محبت جا دُڪا نه هئا، پر مٿس محبت جا مڻ هئا
۲. سا ٿاڻن اهڃاڻن جي وسيلي ڪيچ ڏانهن ڪاهيندي وئي
۳. صدرالدين ٿو چئي: ته سسئيءَ کي (پنهل جي) سِڪ محبت جا ٻه ڪان جيءَ ۾ لڳل هئا
۴. ان تي ڪي ڏکَ ناهن جيڪا پنهنجي دوست (پنهون) وٽ پهتي.

---

[۱۱] تعلقي خيرپور مان عبدالرزاق ميمڻ کان مليو.
* غالباً صدرالدين چارڻ هو، جيڪو وڏو شاعر ۽ سگهڙ هو.

[١٢]

پڇندي وڃي پڻر ڪان سسئي درست دڪان
آيس مڻ مٿي تي سي تان درست دڪان
ٻانهڻ ڪي ٻروچ جا لڳا درست دڪان
آيس درست دڪان، لڪن ۾ ”لعلڻ“ چئي.
(لعلڻ خان لغاري)*

[١. درست دُڪان = پورا ماڳ پتا
٢. درست دڪان = دُڪا ماسا نه
٣. دُڪان = دو (ٻه) + ڪانَ
٤. دڪان = دوڪا + نه]

١. سسئي پڻرن ڪان پنهل جو ڏس پڇندي ويئي
٢. سسئي ڪي مٿي تي سورن جا مڻ اچي پيا، دُکن جي جاءِ نه هئي
٣. سسئيءَ کي پنهل جي پريت جي ٻنهي نيڻن جا ٻه ڪانَ لڳل هئا
٤. لعلڻ ٿو چئي ته: سسئي جي سيڪ سچي هئي تنهنڪري ڪيس لڪن ۾ دوڪا نه آيا (سڌي وات پئي ويئي).

---

[١٢] خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيو ويو.
* لعلڻ خان لغاري وڏو سگهڙ شاعر هو. سنه ١٩٧٠ع بعد گذاريائين.

[١٣]

هلي ٻام ٻيلور ڏي، متند ڪانئي ماني
چئي سنگ نه ڪيم ساڻو ڙين سان، ٽئڙم ڪچي ماني
وڙيندس وَرَ لاءِ وَرِ وجهي ماني
ٻي تان هلندي ڪانڪا، ڪوه ڪنديس ماني
اڌ پو "اوڍاڻو" چوي، محب گڏيس ماني
جت گڏيس جاني، ٿي ٻهرينوند ٻيلور ۾.
(اوڍاڻو)*

[١. ماني=مانُ (آءٌ واري هستي) + ني (تاڪيد جو لفظ)
٢. مانِي=مانُ (آءٌ) + نِي
٣. مانِي=ٽِڪي
٤. ماني=ماءُ + ني
٥. ماني = مانائتو، مان وارو
٦. جانِي= جاءِ + آنِي]

١. سڀئي 'آءٌ' واري هستي (ڪانئي، سانڙي) ڇڏي ٻيلور جبل ڏانهن رواني ٿي
٢. چئي: سيت سڳينڊڙن (جتن ڏيرن) کي پنهنجو نه ڪيم، انهي ڳالهه ۾ ڪچي ٿيس
٣. هاڻي آءٌ وَرَ ۾ ماني وجهي، پنهنجي پنهون کي ڳولڻ وينديس
٤. ٻي ڪابه مون سان ڪانه هلي سگهندي، آءٌ ويچاري ماءُ کي ڇا ڪنديس
٥. شاعر اوڍاڻو ٿو چوي ته: اڌ واٽ ۾ ئي محب (پنهون) اچي مليس
٦. پيارو پنهون ان جاءِ تي مليس، جو هوءَ جبل ۾ به پاڪ واري ٿي

[١٣] هن هنر جون به روايتون تعلقي ٿل مان محمد يعقوب پرڙي ۽ تعلقي هالا مان پيڙي فقير ڪنڀار کان ڊاڪٽر صاحب قلمبند ڪيون.
* اوڍاڻو مکهڙ شاعر غالباً آتر طرف جو ويٺل هو.

[١٤]

هوت ڪڏي ويا هنجهہ مان، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ويو جڏت جبل ۾، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
تڙي تڪو توڏن کي، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ليڙا لڪ لنگهي ويا، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ڏونگر ڏورڻ آئيو، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
رڙندي وئي روهن ۾، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
هيءَ آريءَ ڄام آچايل، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ورنديس ور ويجهڙو، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ٿي مهٽي هاب ملڪن ۾، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
سڙي وئي سورن ۾، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
بکهڙ، رڃ بيزار ٿيا، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ميرُن ماهہ نہ ڪاڏو، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
گر گڏينديس گودڙيو، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ڏکيءَ کان ڏونگر ڏکن، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ڇوري ڇپر ڇاليو، ڪئي ڏيرن ڏنگائي
ڪئي ڏيرن ڏنگائي، پوءِ چري ٿي چاچڙ چئي.
*(چاچڙ)

[١. ڪئي ڏيرن ڏنگائي=پنهون جي ڀائرن ڏاڍائي ڪئي
٢. ڏيرن=ڏيئي+رن (مسئي کي رناپو). ڏنگائي=ڏي (ڏانهن)+ کهائيي=ڦٽي
٣. ڏيرن=ڀائرن. ڏنگائي=ور وڪڙ واري ڏنگي وات

[١٤] تعلقي ميرواهہ مان غلام نبي کان مليو
* شاعر چاچڙ بابت احوال معلوم ناهي.

٤. ڏيرڻ=ڏير (اوير)+ڻ . ڏنگائي=ڏ َنگائِي، ڏنگ تي هچڻ ۾
٥. ڏيرڻ=ڏير + ڻ . ڏنگائي=حرڪت، ٻچڙائي
٦. ڏنگائي=لچائي، دغا
٧. ڏيرڻ=ڏئي+رَڻ (مسئي). ڏنگائي=ڏوکهائي (=آج)
٨. ڏيرڻ=پنهون جي ڀائرن . ڏنگائي=بيوفائي، جدائي
٩. ڏنگائي=ڏِنگ، ٽيڙُ+آئي (= ماڻهو، آيل)
١٠. ڏِنگائي=وڪڙ، ڦيرو (نيت ۾)
١١. ڏيرڻ=ڏرَڻ (جبلن جي)، چڙهڻ . ڏنگائي=ڏيکائي، پوائتي صورت
١٢. ڏنگائي=ڏکهه (پاڪڙي جون ڪائيون)
١٣. ڏنگائي=ڏوکاهي، ڏک، تڪليف
١٤. ڏِنگائي=ڏ َنگائي=ڦٽائي، زخمي ڪئي
١٥. ڏِنگائي=ڏ َڪائي
١٦. ڏيرڻ=ڏي+رَڻ (مسئي). ڏنگائي=ڏ َنگِي، عذاب ڏنا ]

١. پنهون جي ڀائرن ڏاڍائي ڪئي جو منهنجي هنجهه مان پنهون زوري کڻي ويا
٢. مرتيون! مون کي رناپو ڏيئي جت جبل ڏانهن هليا ويا
٣. ڏير آئڻ کي ٽڪو هڪلي وڃي ور وڪڙ واري واٽ ۾ پيا
٤. آئن دير ئي ڪانه ڪئي ۽ وڃي جبل جي ڏنگ کي رسيا
٥. ڏيرن جو ڏوهه ڪونهي، پر منهنجي قسمت ۾ ائين لکيل هو
٦. جتن دغا ڪئي، تڏهن سسئي جبلن ۾ روئندي رڙندي ويئي
٧. پنهون جا ڀائر سسئي کي آج بک ڏئي ويا
٨. جتن برابر بيوفائي ڪئي، پر آءٌ پنهنجي ور ڏانهن پٺي هلنديس

٩. اِي ماڻهو، آءٌ مهٽي هاب ٽيس پر اِنَ ۾ ڏيرن جي ڏنگائي نه هئي

١٠. سسئي سورن ۾ اِنهي ڪري سڙي جو ڏيرن جي نيت ۾ ڦير هو

١١. جبل جي چرڻ وارا جانور به سسئي جي آهه زاري ٻڌي هٽي ويا

١٢. ڏيرن، سسئي کي اهڙو ڏک ڏنو جنهن جي آهن دانهن ڪان ميرن به ڪيس نه ڪاڏو

١٣. جتن جي اِنهي ڏاڍائي جي باوجود ڌڻي ڪيس پنهون سان ملائيندو

١٤. اِهي جبل جن سسئيءَ کي ڦٽي ڇڏيو اِهي به سندس ڏک ڪان ڏکڻ لڳا

١٥. سسئي جبل جها ڳيو جو ڏيرن ڏاڍ ڪري ڪيس ڏڪائي ڇڏيو هو

١٦. جڏهن سسئي کي پنهون جي پائرن ڏک رسايو، تڏهن ٿي چري ٿي پنهون ڀڻيان جبل جها ڳيائين.

[١٥]

جيڏيون! مون سان جوڙي، ڪئي جاڙ جتن
آري وٺي ويا اوچتو، ڪيو نه قياس جتن
ووڙي لهنديس ور ڪي، ڪري جام جتن
"طالب" چاڪ جتن، سلڻ سان ئي ميڻبا.
(محمد علي "طالب" لغاري)*

[ ١. جتن=ڏيرن
٢. جتن=جو+تن
٣. جتن=حيلا
٤. جتن=جهي تن (۾)، جيڪي جان ۾ ]

١. جيڏيون! مون سان ڏيرن ڏاهي جوڙي ڏاڍي جٺ ڪئي
٢. پنهون کي اوچتو وٺي ويا، مون تي تن قياس ڪونه ڪيو
٣. آءٌ وڏا حيلا ۽ جتن ڪري پنهنجي ور (پنهون) کي
ڳولي لهنديس
٤. طالب ٿو چوي ته: جيڪي تن ۾ ڦٽ هئا سي پنهون جي
سلڻ سان ميڙجي ويندا.

---

[١٥] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

* محمد علي "طالب" لغاري، ويٺل ڳوٺ حاجي خان لغاري تعلقو جو هي.

[١٦]

ڪلهي ڦانم ڪنجرو، امڙ نہ اڳڙي
ڪَهي ڪيچين سامهون امڙ نہ اڳڙي
امڙ نہ اڳڙي، هيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾ .

[ ١. امڙ=اي امان. نہ اڳڙي=اڳڙي(ڪپڙي جي ٽڪري)ناهيجو سبان
٢. نہ اڳڙي=ٻيڪا مون ڪان اڳي ڙي
٣. نہ اڳڙي=هن ڪان اڳي (ڏهاڳڻ) نہ هيس ]

١. ڪلهي وٽان ڪنجرو ڦاٽي ويو اٿم، پر اي امان! اڳڙي (ڪپڙي جي ٽڪري) ناهي جو سبان

٢. اي امڙ! مون ڪان اڳ ٻي ڪا ڪيچين ڏانهن (انهن جي پٺيان) ڪانہ هلي آهي

٣. اي امڙ! هن ڪان اڳ تہ آءُ ڏيهہ ۾ ڏهاڳڻ ڪانہ هيس (پر پنهون جي وڃڻ ڪان پوءِ ڏهاڳڻ ٿي آهيان)

---

[١٦] ڪراچي مان صالح محمد سمي ڪان مليو.

[١٧]

سسئيءَ سورُ پنهلَ جو اندر آهيڙي
سا رڙندي ويئي روهن اندر آهيڙي
ٻُجائي پنُورَ پنهل جي اندر آهيڙي
چئي اندر آهيڙي، خانن خان پروچ سان.

[ ١. آهيڙي=آهي+ڙي=اڙي مون کي آهي
٢. آهيڙي=شڪارڻ، ڪمذات (ڪولي، پانهي)
٣. اندر=اندر ۾. آهيڙي=(آهي=آسري) ڙي
٤. اندر=دل. آهيڙي=آ+هيئين+ڙي=آهي هيئن ۾ ڙياديون!]

١. اڙي (سرتيون)! سسئيءَ کي پنهل جي وڇوڙي جو سور اندر ۾ آهي

٢. تڏهن اها ڪمذات (پانهي، پنهل لاءِ) جبلن اندر روئندي رڙندي وئي

٣. پنهل جي اوسيڙي ۾ ڳٽي ڪيس سندس هينئين ۾ ساري پورو ڪري ڇڏيو آهي

٤. تہ بہ چئي پئي تہ: منهنجو هنيون (جيءُ، ساهه) خانن جي خان پروچ سان آهي.

[١٧] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو

[۱۸]

سنبهي آئي سودي لاءِ، ترتئون سا تاڙي
چڙهي سنهن متهتي جي، ترتئون سا تاڙي
آڏي ڏيئي آئي ويا، ترتئون سا تاڙي
گهوڙن چڏي گهر ۾، ترتئون سا تاڙي
ڪاهي ٿي ڪيچ ڏي، ترتئون سا تاڙي
ترتئون سا تاڙي، ڪيچين وڌي ڪاف ۾.

[۱. سا تاڙي=سا+تان+ڙي=اها (سسئي) تان ڙي
۲. تاڙي=جانچي، معلوم ڪري
۳. تاڙي=تاڙ ڪري (چورن واري تيت ڪري)
۴. تاڙي=تاڙي ڏيئي بند ڪري
۵. سا تاڙي=ست آئي، همت ڪري
۶. تاڙي=تاٺي، چڪي آئي]

۱. سسئي، سا تان سيگهه مان سنهري سودي سلف لاءِ (قافلي ۾) آئي
۲. جيتي (پنهونءَ جي پلاوٽي) متهتي (واٽيي) ڪيس يڪدم جانچي ورتو (ته اها پنهون جي لائق آهي)
۳. (جت) اڌ رات جو آئيا، تاڙ ڪيائون (ته سسئي برابر ننڊ ۾ آهي)
۴. پوءِ ڏيرن ڪيس گهر ۾ ئي، (در کي) تاڙي ڏيئي بند ڪري چڏيو
۵. (پوءِ سسئي) ست آئي همت ڪري ڪيچ ڏي ڪاهي هلي
۶. ڪيچين، ويچاري سسئي کي (پرٺي ڪان پوءِ) يڪدم تاٺي جبلن جي ڪشالي ۾ آٽي وڌو.

---

[۱۸] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٩]

پيـنـر مـون پانئيو، ايندم جت آڏو
ڏنم پاند پنهون کي، ايندم جت آڏو
لـکيا مـون لـوڏ مـان ايندم جت آڏو
ايندم جت آڏو، ڇا پانيڻ لکيي پروچ سان.

[١. ايندم جت آڏو=پنهون آڏيو ۽ اجهو ٿيندم
٢. ايندم جت آڏو=پنهون آڳهه ٿيندم
٣. ايندم جت آڏو=جت پنهون جا پاٿر منهنجي خلاف ٿيندا
٤. ايندم جت آڏو=پنهون (وات تي) اوڏو ۽ ويجهو ٿيندم]

١. پينر! مون پانيو تہ پنهون آڏ ۽ آجهو ٿيندم
٢. پنهون سان پلئہ پاتم (انهيءَ لاءِ تہ) آڳهہ ٿيندم
٣. پنهون جي پاڏرن جتن کي مون (منڊن روش مان) سهي
کيو تہ اهي منهنجي خلاف ٿيندا
٤. پنهون (وات تي ئي) اچي اوڏو ۽ ويجهو ٿيندم، جو ماڻس
(پنڌ ۾) پچڻ جو وس نہ اٿم.

---

[١٩] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

[٢٠]

ڏکيءَ کي ڏاڍ ڪري، ڏکايو ڏيرن
ڏنءِ اگڻ مٿي اوپرا، تہ چونڪي ڏيرن
تنھنجا تہ ڏيرن، جي هاجي ۾ هٿي ويا.

[ ١. ڏيرن=پنھون جي ڀائرن
٢. ڏيرن=ڏي+رن=اي مسٽي تون چونڪي ڏي
٣. ڏيرن=ڏير+نہ=ڏير نہ آهن (جيڪي توکي هاجي ۾ هٿي ويا آهن)]

١. ڏيرن ڏاڍ ڪري مسٽيءَ کي ڏاڍو ڏکوئيو
٢. اي مسٽي! پنھنجي اگڻ ۾ ڏاريا (ڏير) ڏٺا هيئي تہ (رات جو) چؤنڪي ڏين ها
٣. اهي ڏير تنھنجا (سڄڻ) نہ آهن، جيڪي توکي هاجي ۾ هٿي ويا آهن.

---

[٢٠] تعلقي جيڪب آباد مان خاوند بخش ساقي کان مليو.

[٢١]

ادیون! مون اڻ چاڻ سان، ڪيو ڏاڍ وڏو وڏيرن
ڏوہڻ سان ڏاڙو ڪيو، ڏيرن وڏيرن
سمجھايو نہ انھن ڪي، وڏن وڏيرن
هاڏي وڏيرن، آهيان آري ڄام ري.

[١. وڏيرن=وڏن (پنھون جي) پائرن
٢. وڏيرن=وڏن ماٽھن
٣. وڏيرن=ڏيرن>ڏيرا (ذات جا)
٤. وڏيرن=وڏي+رن]

١. اديون! مون اڻ چاڻ سان ڏيرن وڏو ڏاڍ ڪيو
٢. وڏن ماٽھن (پنھون جي پائرن) ڏوہڻ سان ظلم ڪيو
٣. انھن ڪي ڪن وڏن چڱن ماٽھن بہ نہ سمجھايو (تہ پنھنجي لڄ نہ ڇڏيو)
٤. هاڻي آءٌ آري ڄام ڪان سواءِ (چڻ تہ) رن زال آهيان.

---

[٢١] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان "آصف" ڪان مليو.

[٢٢]

اج ٿـا منهنجي حال تـي ڪيلن سـي **ڪـٺـي**
ڏيـرن وڏيـرن ڪـي لـڳيـس آءُ **ڪـٺـي**
هٿيم سوپ **ڪـٺـي،** پر ڏيرن ڏهاڳڻ ڪيو.

[ ١. ڪٺي=ذات جا
٢. ڪٺي=ڪوڙي ڪٺي، اڻ وڻندڙ
٣. ڪٺي=جيتي، فتح ڪئي]

**مسئي ٿي چئي تہ:**

١. پنهون جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي حال تي سي ڪٺي پيا ڪلن
٢. ڏيـر مـون کي چـڏي انهيءَ ڪري ويـا جـو آءُ کين (ڪوڙي لـڳيس ٿي) نہ وڻيس
٣. مون تہ پنهون کي پنهنجو ڪري سوپ ڪٺي هئي پر ڏير مون کي ڏهاڳڻ ڪري وياه

[٢٢] تعلقي پني عاقل مان محمد عالم عباسي کان مليو .

[٢٣]

جت نہ ڏٺم ڄڻوءِ ۾، جان مون اک پڻي
رهنديس ڪين پنيور ۾، پنهل ري پڻي
ووڙنديس وندر ۾، ٻڌي سير پڻي
اديون آءٌ پڻي، قسمت جي ڪيئن ڏاهيان.

[١. ٻتي=ڪولي
٢. ٻتي=اصل نہ، ڪڏهن نہ، هرگز نہ
٣. ٻتي=ڪپڙي جي پٽي (عورت جيڪا همت جي پٽي ٻڌي)
٤. ٻتي=ڦرهي، لوح قلم واري پٽي.]

مسئي ٿي چوي تہ:

١. جت نہ ڏٺم جوءِ ۾، جڏهن مون نند مان اک کولي
٢. آءٌ پنيور ۾ پنهل کان سواءِ هرگز ڪين رهنديس
٣. سير ڪي همت جي پٽي ٻڌي آءٌ وندر ۾ (پنهنجي ور جي) ڳولا ڪنديس
٤. اديون! آءٌ ازل واري لکيل ڦرهي جو انگ ڪيئن ڏاهيان (يعني ڏاهي نٿي سگهان).

[٢٣] ٻني عاقل مان محمد عالم عباسي کان مليو.

# باب ٽيون: سر سارنگ

[۲۴]

جام ڀريو جل جا ڏئين، ميان وجهو مصري
سي تان صاحب سورا! من ڀانئي مصري
آئي ايندا آکري، من مارونڙا مصري
مارونڙن مصري، کڏهن ڪاڏي ڪينڪي.

[ ۱. مصري=مصري
۲. مصري=تلوار
۳. مارونڙا+مصري=مارونڙا م+سري (منهنجا مارونڙا اورتي وڏي)
۴. مصري=ڪنبد مٺائي ]

۱. اي عمر! تون جيڪي مصري پيل شربت جا گلاس ڀري ٿو ڏئين
۲. سي منهنجي جيءَ کي تلوار وانگر اندر وڍي ٿا وجهن
۳. شال منهنجا مارو آئي واري هنڌ تان رڙهي منهنجي سار لهڻ اچن
۴. اي عمر! جيڪا تون انهن کي مٺائي کارائڻ ٿو گهرين، سا آنهن ڪڏهن به نه کاڌي آهي.

---

[۲۴] مرزا گل حسن احسن ڪربلائي جي قلمي بياض تان تاريخ ۵-فيبروري ۱۹۵۳ع تي نقل ڪيل.
جلال ڪنڌي ڏانهن منسوب هنر. امڪان آهي ته جلال جو هجي. (جلال ڪنڌي، مشهور شاعر، وفات اندازا ۱۱۵۰-۱۱۶۰ھ/۱۷۳۷-۱۷۴۶ع).

[٢٥]

آطلش ڪؤن پيي آجري، قابل ڙي ڪنهني
مليئي ڪانه مــلــيــر ۾، قابل ڙي ڪنهني
قابل ڙي ڪنهني، انهي جاءِ "جلال" چئي.
(جلال)

[ ١. ڪنهني=پراڻي (لوئي). اطلش=اطلس=پٽ جو وڳو
٢. ڪنهني=ڪو+ني=ڪو همت پريو ڪونه منهن ڏيئي
٣. ڪنهني=ڪنهنئي ها]

١. عمر! منهنجي پراڻي لوئي، تنهنجي اطلش کان به آجري آهي
٢. ملير ۾ ڪو همت وارو ڪونه منهن مقابل ڏيئي جو توکي جهلي پري ڪري ها
٣. عمر! جي مارو توکي پچن ها ته انهي جاءِ تي ڪنهي ڇڏينئي ها.

---

[٢٥] راوي محمد يعقوب ابڙي (ويتل ريتي) جي زباني، ڪڇهري ڏهرڪي ۾، ١٠-جولاءِ ١٩٦١ع تي قلمبند ڪيل.

[٢٦]

سنڌڪي ڪاڻي ڪرڙ جي، عمر ماڻ **ڪڙي**
تنهنجي ۽ منهنجي، عمر ماڻ **ڪڙي**
عمر ماڻ **ڪڙي**، پوئي ڪوٺن ۾، ڪبير شاه چوي.
(ڪبير شاه)

[١. عمر=عمر بادشاه. ماڻ ڪڙي=ما=ماڻ، مون+ تڪ+ڙي
٢. ماڻ=ماڻ+ڪڙي=هڪڙي
٣. ماڻ=شال+ڪڙي=قيد بند جي ڪڙي]

١. عمر! مون کي نڪ ۾ ڪرڙ جي ڪاڻي جي پوپ پيل
آهي. آءٌ ٿاريلي آهيان ۽ اتي مڱيل آهيان

٢. عمر! تنهنجي ۽ منهنجي ماءُ ساڳي هڪڙي آهي (يعني
ڀاءُ ڀيڻ آهيون)

٣. عمر! جيئن آءٌ توٽ قيد ۾ آهيان، تيئن شل تنهنجي ٻه
ڪا سومري ڪوٺن ۾ قيد ٿئي!

---

[٢٦] راوي محمد يعقوب پرڙو، ويٺل ميرپور پرڙو، تعلقي ٺل جي
زباني ١٠-جنوري ١٩٥٩ع تي قلمبند ڪيل.
سيد ڪبير شاه، مشهور شاعر، ١٨ صدي جي آخر ڌاري وفات ڪيائين.

[٢٧]

عمر اصل آجڙي، سورن ساماٽي
ڏنونرا ڪينديس ڏيھ ۾، سورن ساماٽي
تڏي ھير ترجي، سورن ساماٽي
سڙھو تيل سينڌ ۾، سورن ساماٽي
سورن ساماٽي، امڙ ننڍڙي آنڙ چئي.
(آنڙ)

---

[٢٧] تعلقي لاڙڪاڻي مسان غلام نبي ڪان مليو. سھڻو ھنر آھي، پر فقط متن رکيو ويو آھي. سچي معنيٰ صاف سمجھ نٿي پيھي.
آنڙ، آتر طرف جو وينل، ڪبير شاھ ۽ صابر موچي جي دور جو آڳاٽو شاعر ھو.

[٢٨]

عمر اباڻي پار ڏي ٿيون وير وسون
جهانگيڙن جون جهنگ ۾ ٿيون وير وسون
پيڪا پهنور پاڻ ۾ وري وير وسون
وڃي ڪين وسون، هن هنڌن منجهہ "حمل" چئي.
(حمل خان لغاري)

[ ١. وسون = وسڪارا، برساتون
٢. وسون = ويهڪون، آباديون
٣. وسون = گڏ گذاريون، هڪبئي سان ملون
٤. وسون = وسئون = پنهنجي وس پڄندي، پنهنجي ارادي سان ۽
رضا سان. هن هنڌن = هنن جاين، ڪوٽن]

١. عمر! وري اباڻي ملڪ ملير ۾ مينهن وٺا آهن
٢. جهانگيڙن وري پوکون ۽ آباديون ڪيون آهن
٣. شال منهنجا مائٽ ۽ سمورا پنهوار وري هڪبئي سان ملي گڏ گذارين
٤. عمر! آءٌ هن هنڌ (ڪوٽ ۾) وسئون (پنهنجي مرضي سان) ڪين وڃي آهيان.

---

[٢٨] "ڪليات حمل" ڇاپو پهريون، ١٩٥٧ع، ص ١٤٨

[٢٩]

ڪوهـَر ڪيلڻون ڪـاڻـڙ ڏي، آهي خان ڪمن
ڪڏهن ويـڻـا ڪينڪي، آهي خان ڪمن
"حمل" چئي هيـن هيروان، آهي خان ڪمن
آهي خان ڪمن، جي سـرنـديءَ نرن سومرا.
(حمل خان لغاري)

[ ١. ڪٽن = ڪونين
٢. ڪٽن = ڪٽن تي
٣. ڪٽن = (ڪٽو جو جمع) تاٿيل گيهه جي ڦيٿ، وسنان، ڪٽو.
هيروان = هيراڪ
٤. ڪٽن = ڪَٽين، سوپ ڪن]

١. عمر! آهي (مارو) ڪائڙ ۾ ڪوهين جون قطارون ڪونين تا
٢. سي ڪڏهن به ڪَٽڻن ۽ پلنگن تي ڪين ويٺا
٣. اي عمر! آهي ناٿيل گيهه جي ڪمن ڪائڻ جا هيراڪ آهن
٤. اي سومرا! اهي مرد ڏينهن ۽ دنيا ۾ سوپارا ٿيندا جيڪي
سَرنديءَ نري وڃن.

---

[٢٩] "ڪليات حمل" ڇاپو پيو، ١٩٥٧ع، ص ١٤٩

[٣٠]

سمَّرها تيل نہ سکيا مارو مير مکڻ
تن جا هٿ "حمل" چئي، هليا مير مکڻ
سام تنهنجي سومرا اِهي مير مکڻ
مارو مير مکڻ، ڪائي شال خطا جو.
(حمل خان لغاري)

[١. مکڻ=ملڻ، هٿن پيرن کي (تيل) هڻڻ
٢. مکڻ=ولوڙيل ڏڌ مان نڪتل مکڻ
٣. مکڻ=مَ (=نہ)+ڪڻ=ڪٽي نہ وڃ
٤. مکڻ=م (=نہ)+ڪَڻُ (مشهور زهريلو نانگ). مارو=مارينڊڙ]

١. اي امير سومرا، منهنجا مارو سرها تيل مکڻ نہ سکيا آهن
٢. پر انهن جا هٿ ولوڙيل مکڻ مان پريل آهن
٣. اي سومر! تو (مون) سام تي جيڪي پناهہ جا هٿ رکيا آهن، آهي نہ ڪڻ
٤. اي عمر! توکي شل خطا (گناهہ) جو مارينڊڙ نانگ نہ ڪائي

[٣٠] "ڪليات حمل" ڇاپو پهريون، ١٩٥٧ع، ص ١٤٩

[٣١]

سڪان ساريان سومرا، ڏهاڙيون ڏورا
آءٌ مَ اجــڙوال ڪــي، ڏهاڙيون ڏورا
ڦرن ٿا ڦرن لئي منهنجا ڏهاڙيون ڏورا
جني ڏٺ ڦٽسيي ڏورا، سي هيڪر ميل "حمل" چئي.
(حمل خان لغاري)

[ ١. ڏورا=ڏوران، پري ڪان. ڏهاڙيون=ڏهاڙي، روزانو
٢. ڏورا=ٻٽ ۽ سون جا ٽڪا، ٻٽ جا وڳا. اجڙوال=ٻڪرار
٣. ڏورا=ڏونرا پانهن جا. ڦرَن ٿا=ٿورڙو ڦڙڪن ٿا
٤. ڏورا=ڏونرا ڪرڙ جا، ڏيلها. ٻٽسي=ڪرڙن جي ]

١. عمر سومرا، هيت پري ڪان ويٺي مارن کي سنڀاريان ساريان
٢. تون مون ٻڪرار کي سونا ڏاڳا ۽ ٻٽ جا وڳا نہ آڇ
٣ منهنجون پانهون ڦرن کي ڪٽڻ لاءِ ڏاڍو سڪن ٿيون
٤. جن جو ڪاج ٻٽسي ۽ ڏونرا آهي، انهن سان هڪ ڀيرو ملاءِ.

---

[٣١] "ڪليات حمل" ڇاپو پهريون، ١٩٥٧ع، ص ١٤٩

[٣٢]

عمر اباڻي پـار ڏي لا ڪـَـب رَتيون لويـُون
سـُتي ويئي سـاريـان لا ڪيـون سـي لوئـُون
پيـَن پـيـارن پـاڻ ۾ لـوڻ لسـي لويـُون
لـَـجَ انهيءَ لويـُون، هاڻي هـِت حمل چئي.

(حمل خان لغاري)

[ ١. لويون (واحد لوئـِي)=آنَّ مان ٺهيل اوڇڻ، شالـون
٢. لويون (واحد لوء=جـُوء)=جـُويـُون، وسيون، ڳوٺ
٣. لويـُون=(مصدر. لوئڻ) لوئي، ملائي
٤. لويون=لوساٽيون، ساڙيون، مرم ۾ ماريون]

١. عمر! منهنجي مارن وٽ لا ڪـب ۾ رڱيل ڳاڙهيون لويون آهن
٢. سـُتي به انهن لا ڪيئين جـُوين (ڳوٺن) کي ساريان پئي
٣. آتي مارو لـُوڻ ۽ لسي ملائي پاڻ پين ۽ پيارين به
٤. (آهي منهنجي لاءِ چيا چوندا) انهي مرم منهنجو اندر ڳاري چڏيو آهي.

---

[٣٢] "ڪليات حمل" چاپو پهريون ١٩٥٧ع، ص ١٥٠

[٣٣]

جهوپا جهانگيڙن جا ميان سي ميڪن
ڏوم ئي "ڏڪاڻ" چئي ميان سي ميڪن
ميان سي سيڪن، ٻـڪر ٻاٻاڻن جـا.
(ڏڪاڻ)*

[ ١. ميڪن = ۾ + اڪن
٢. ميڪن = ميءَ (= مهاڻا) + ڪن. ڏوم = لورا لنگها
٣. ميڪن = پيڪن، پيڪون ڪن]

١. اي عمر! جهانگين (وٺ محل نه آهن، پر آهي) اڪن مان جهوپڙا ٺاهين

٢. جيئن تون چاهين ٿو (ته آءٌ مڱيل وري پيو ور ڪريان) تئين لورا لنگها مهاڻا ڪن (مارو نه ڪن)

٣. اي ميان عمر! ملير ۾ ٻاٻاڻن جا ٻڪر پيا پيڪن (موڪل ڏي ته آهي وڃي چاريان).

---

[٣٣] زباني مگهڙ صابر شر، وٽل ٻيرو ٿو، تعلقو اباوڙو.

* غالباً شاعر مانجهي ڏڪاڻ، وٽل ڳوٺ حاصل خان لغاري، لڳ تصبو، تعلقو جوهي. ٿوڪن سال اڳ ٿي گذريو.

[٣٤]

عمر ابائي پار ڏي سوين سونهريون
ٻڌن باباڻا ڪينڪي اهي صاحب سونهريون
مر چوڙن ماڻن سومريون اهي صاحب سونهريون
سي صاحب سونهريون، سنپاهين سلطان ڏي.

[ ١. سونهريون=سي نهريون (وڏن گول سگن واريون) ڳايون
٢. سونهريون=سون ورنيون پٽ جون سالون
٣. سونهريون=سونَ سان هريون پريون پوشاڪون
٤. سونهريون=تراريون ]

١. عمر! منهنجي ملڪ ۾ سوين سهڻن ۽ نهرن گول سگن واريون ڳايون (ڳئون) آهن (جيڪي تووٽ ناهن)

٢. منهنجي مارن وٽ سونن ڏورن واريون پٽ جون سالون ڪينهن جيڪي اوڍين

٣. پلي تہ تنهنجون سومريون اهي سونَ سارڪيون پوشاڪون پهرين

٤. اي عمر سومرا (وڏن پيو مال متاع ڪينهي باقي) تراريون جام اٿن، جيڪي حاڪمائي هلان جي مقابلي ۾ ڪم اچن.

---

[٣٤] خوشيرام فقير "سودائي" جي ١٨٨٠ع ۾ لکيل بياض تان ورتل. شاعر جو نالو معلوم ناهي.

[۳٦]

هوءَ جا لوئهي لوئي ۾، سا ڪيئن توسان لوئي سومرا
هڪ رب نه. لوئهي توسان، آهيان لوڪ سڄي لوئي
ڪيت متنجي لوئي، سا ڏڪهي شال ڏڪي وڃان.

[ ١. لوئهي= اٿو لوئهي. لوئي ۾=لوءِ ئي ۾، پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾. توسان لوئي=هت توسان ويهي مانيون تيار ڪري
٢. لوئهي= گلارو ڪري. لوڪ سڄي لوئي آهيان= تون ڪئي آئين جنهن ڪري سڄي جڳ مون کي گلارو ڪيو آهي
٣. لوئي=پاڻ جي. ڏڪهي=ويڙهي. ڏڪي=ڏڪيءَ، صبح سوير]

مارئي ٿي چوي ته:

١. اي عمر سومرا! (مارئي) جيڪا پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ويهي اٿو ڳوهي، سا توسان ڪيئن ويهي ماني (پوڙ ۾ گڏ ي) کائي

٢. آءٌ شال رب وٽ گلاري نه ٿيان، باقي تو مون کي پاڻ وٽ قيد ۾ رکي سڄي جڳ ۾ گلارو ڪيو آهي

٣. هاڻي جيڪا لوئي مون کي ڪيت موڪلي آهي، شال آءٌ ڏڪي، پرهه جو سوير و پنهنجي ملڪ موٽي وڃان.

---

[٣٦] خوشيرام فقير "سودائي" جي ١٨٨٠ع ۾ لکيل بياض تان ورتل. اصل متن صحيح لکيل نه هو، تصحيح ڪئي وئي آهي.
شاعر جو نالو معلوم ناهي.

[٣٧]

چيلا چوڙيئون پنهنجا ٿي چاري چؤپهري
ٿاني نين مٿي ڪري، سا چاري چؤپهري
رؤنشي رون راند جي، چاري چؤپهري
هؤء جا چاري چؤپهري، سا ڪيئن ڪرين قيد تون.

[٣٧] خوشيرام فقير "سودائي" جي ١٨٨٠ع ۾ لکيل بياض تان ورتل، جتي غالباً صحيح طور لکيل ناهي؛ جنهن ڪري هن بيت جي معنيٰ مبهم آهي. انهي ڪري في الحال متن کي رکيو ويو آهي.
شاعر جو نالو معلوم ناهي.

[۳۸]

سويون چاڙهي ماڪ جان، سو ٻـَن ساڳي زي
ڪـهـڙ چـونـدي ڪيت سان، سو ٻـَن ساڳي زي
سو ٻـَن ساڳي زي، شل تنهن ريڊر جو رهجي اچي.

[۳۸] خوشيرام فقير "سودائي" جي ۱۸۸۰ع ۾ لکيل بياض تان ورتل. معنيٰ ٻوري واضح ناهي، ٻر سنڌو هنر آهي، جنهن کري في الحال متن کي ئي رکيو ويو آهي.

[٣٩]

نت گهٽ پاڻين، ميان سومرا، ناهي ريت نڪن
پاڻين تڏهن به پئي مري، پر ناهي ريت نڪن
جهوني جهالر تاهنجي سا ڪيئن پايان نڪن
تنهنجي ڻي طوقن، پوءِ هٿ ڪيئن لايان هيج سين.

---

[٣٩] خوشيرام فقير "سودائي" جي ١٨٨٠ع ۾ لکيل بياض تان ورتل. متن جئن آهي تئن رکيو ويو آهي؛ معنيٰ ايتري سهڻي صاف نٿي بيهي. شاعر جو نالو معلوم ناهي.

[٤٠]

عمر اباڻي ٻار ڏي، راجا ريٽا ڪن
ڏسا ڀرن ديس ۾، راجا ريٽا ڪن
ويهن واريءَ ڳاڏئون، راجا ريٽا ڪن
راجا ريٽا ڪن، خوش وسن "خاوند ڏنو" چئي.
(خاوند ڏنو)

[ ١. راجا = عمر بادشاه. ريٽا = ڳاڙها (ڪپڙا)
٢. ريٽا ڪن = ري (= سواءِ) + ٽاڪن = ٽوپن، ٻخين، يعني اڻ سبيل.
ڏسا = پٽ جا سالور، دشالا
٣. ريٽا ڪن = ري (= سواءِ). ري ٽاڪن = ٽارن ۾ ڊنگهرن کان سواءِ
٤. ريٽا ڪن = ري (= سواءِ) + ٽاڪن = ٽڪن، ناڻي، ملڪيت ]

١. اي عمر راجا، منهنجي ملڪ ۾ (مارو) ڳاڙها ڪپڙا ٿا اوڍين
٢. اهي دشالا پهرين ته به اڻ سبيل (يعني ٻنان ٽانڪن، جيئن اهي وري ڪم اچن)
٣. اهي واريءَ ۾ ٻنان لوڙهن ٽاڪن جي ٻي ڪٽڪي ويهن ٿا
٤. اي عمر راجا، اهي مال ملڪيت کان سواءِ به پنهنجي ملڪ ۾ خوش آهن

---

[٤٠] راوي جوڻ ولد خير محمد ٻرڙو، ڪڇهري ميهور ٻرڙو، ٢٤- جنوري ١٩٥٩ع. ٻيون روايتون ڪجهه ڦير گهير سان ٻين سگهڙن کان مليون. خوشيرام جي قلمي بياض ۾ پڻ ٿوري ڦير گهير سان لکيل. شاعر خاوند ڏني بابت احوال معلوم ناهي.

[۴۱]

عمر! مارونڙن جو پڌ تصو هي ڪُل
اباڻا، عبدالرحمان چئي، اڏن ڪکن ڪُل
قبر مٿان ڪُل، مان مران، مارو پڙهن.
(عبدالرحمان چانڊيو)

[ ۱. ڪُل = سڀ
۲. ڪُل = گهر
۳. ڪُل = ''قُل'' ]

۱. اي عمر! مارن جو هي قصو سمورو پڌ
۲. منهنجا اباڻا هميشه ڪکن جا گهر اڏين
۳. جڏهن مان مران ته منهنجي قبر تي مارو من ''قُل'' اچي پڙهن!

[۴۱] تعلقي واره سان غلام رسول جتوئي کان مليو.
فقير عبدالرحمان چانڊيو، تعلقي قنبر ۾ نواب غيبي خان جي جاگير ۾ رهندڙ هو ۽ شاعر شاهه محمد ڏيڏڙ جو همعصر ۽ صحبتي هو.

[٤٢]

مـارن مـال ڏنـم ننڍ ۾، اوڪا اوڳارن
ميارون، محمد چـئـي، عجيب اوڳارن
مـون ڪـي مـحـلاتن ۾ اچـي اوڳارن
اي ميان اوڳارن! ڪيئن بنڌ ي تو بند ۾.
(محمد)

[ ١. اوڳارن=اوڳارڻ
٢. اوڳارن=او (= آهي) + ڳارين
٣. اوڳارن=او+ ڳار+ ن
٤. اوڳارن=اوڪا (عمر) + رن (مارئي) ]

١. رات خواب ۾ مارن جا مال ڏنم جن ڏؤ ۾ اوڳاربو پئي
٢. شاعر "محمد" ٿو چوي ته (مارئي کي) مارن جون ميارون
ٿيون ڳارين
٣. اي ميان سومرا! مون کي محلن ۾ بند ڪري نه ڳار
٤. اي اوڪا (عمر)! تو ڪيئن رن (زال) اچي بند ۾ بنديائي
ڪئي آهي.

---

[٤٢] تعلقي جيڪب آباد مان خاوند بخش "ساقي" کان مليو.
سگهڙمحمد، اوڻهين صدي عيسوي جي آخر ۾ اتر سنڌ جو مشهور سگهڙ
شاعر هو.

[٤٣]

سي ڪيئن سڪ سمهن، جي ڪونن ۾ ڪڙيون
هٿئين پيرين پيڙيون، قهري قيد ڪڙيون
ميڙيون تنهنجون من کي لڳن ڪُل ڪڙيون
مون وانگر مارن ريءَ، ڪٿي ڪونه ڪڙيون
اَڄ مَ عمر سومرا، پاڻيان ڪڙيون ٿي ڪڙيون
سَنهَن ۾، "محمد" چوي، وٽهن ڪرڙن جون ڪڙيون
جي ڪونن ۾ ڪڙيون، تن کي موڪل ڏي ميان سومرا.

(محمد)

[ ١. ڪڙيون=زنجيرن ۾ ٻڌيون
٢. ڪڙيون=لوهي پيڙيون
٣. ڪڙيون=ڪوڙيون، ڪاريون
٤. ڪڙيون=ڪڙلايون، رڙيون
٥. ڪڙيون=ڪنگڻ،چوڙيون. ڪڙيون=هٿڪڙيون ۽ پيرڪڙيون
٦. ڪڙيون=ڀِتيون
٧. ڪڙيون=ڪڙهيون]

١. سي ڪيئن سک مان سمهن، جي ڪونن ۾ قيد ٿيون
٢. هٿن پيرن ۾ قهري قيد جون زنجيرون پيل آهن
٣. تنهنجون مٺيون (خوراڪون ۽ ڳالهيون) مونکي زهر ٿي ٿيون لڳن
٤. مون وانگر مارن کان جدا ٿي ڪي پيون ڪٿي به ڪين ٻڌيون
٥. مونکي اهي ڳهه ۽ ڪنگڻ نه آهن، اهي آهن پيرن ۽ هٿن جون پيڙيون ٿي پانيان
٦. منهنجا مارو مَنهَن ۾ ڪرڙن جون ڀتيون وجهندا آهن
٧. اي عمر! جيڪي ڪونن ۾ ڪڙهن ۽ لڇن پيون، تن کي تون مونٽي وڃڻ جي موڪل ڏي.

[٤٣] تعلقي جيڪب آباد مان خاوندبخش "ساقي" کان مليو.

[۴۴]

پٽسيي ڪارڻ قسوت جي اڄن پنھوار پٽيون
ورڙا ڏين ويڙ ۾ جيئن ڪوڻين ڪام پٽيون
سڪ نہ سٿيون سيج تي وٺيون جن پٽيون
رات "نصيرا" روج ڪان منھنجون اکيون ڪين پٽيون
اهي پنھوار پٽيون، پڏندم قسمت فراق جا.
(شاه نصير)

[ ۱. پٽيون=پٽي اڇن، چني اڇن
۲. پٽيون=چٽ ۾ ڪامن مٿان رکڻ لاء چيريل سڌيون ڪاٺيون
۳. پٽيون=زمين جون سڌيون سطحون
۴. پٽيون=ڪٽليون
۵. پٽيون=ڪپڙي جون ليڙون ڦٽن تي ٻڌندا]

۱. اي عمر! منھنجا مارو ڪاج لاءِ پسي پٽيو اڇن
۲. جيئن هتي ڪوڻن ۾ ڪامن تي پٽيون رکجن ٿيون، تيئن اسان جي جھوپڻ ۾ آڏا ڦڏا ورڙا (ڪاٺيون) ڪم اڇن
۳. جيڪي زمين تي ٿي سمھڻ جون هيراڪ آهن، تن ڪي سيجن تي آرام ڪونہ ٿو اچي
۴. (مارن ڪي ساري) رات روئڻ ڪان منھنجون اکيون ڪليون ٿي نٿي
۵. هاڻي منھنجي اندر جي ڦٽن تي پنھوار اچي پٽيون ٻڌندا.

---

[۴۴] هي هنر غلام رسول گوپانگ جي زباني ڪڇهري ڳوٺ سرائي امام بخش گوپانگ ۾ ۷ جولاء ۱۹٦۸ع تي قلمبند ڪيو ويو. هي روايت لاڙڪاڻي سان ماستر غلام قادر ڪان ملي.
غالباً شاه نصيرالدين نوشهري وارو، مشهور شاعر، ۱۳۱۸ھ/۱۹۰۰ع ۾ وفات ڪيائين.

[٣٥]

**پـٺـي رُڻسان ڇهڻنديان محبت مارن سان**
**ٻوليان ٻڏَـڌيـان ڇهنڊيان محبت مارن سان**
**محبت مارن سان، ٻين سان ڪين" ٻڍو" چوي.**
(ٻڍو)

[ ١. ٻٺي رُڻان > ٻپير ُڻان(= ٻير ُون). ڇهنڊيان = چولڊيان. محبت = قرب، محبت
٢. ٻوليان ٻڌ يان = ٻولڻين ٻڌي آهيان. ڇهنڊ يان = چونڊي + يان = چوندي آهيان. محبت = مان + ۾ + ته.
٣. محبت = ماهه + ٻـُت ]

١. ٻيرون چونڊيان منهنجي محبت مارونڙن سان
٢. چوندي آهيان ته ٻولڻين ٻڌي آهيان، مان ۾ ته مارونڙن سان
٣. ٻڍو ڏو مارئي جي زباني چوي ته: منهنجو ماهه ٻڌُت مارونڙن سان آهي، ٻين سان ناهي.

---

[٣٥] لاڙڪاڻي مان عبدالڪريم منديلي ڪان مليو.
غالباً ٻڍو بالادي (؟)، ضلعي خيرپور ۾ ڳوٺ 'جلالاڻين' جو ويٺل، سگهڙ شاعر، سنه ١٩٠٠ع ڌاري نوي پنجاهوي ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين.

[٤٧]

ڪٿي آئين ڪوهه تان، ڪري ڪامل ڪارائي
وٽ نہ ويڙهيچن جي، ڪامل ڪارائي
هميشه نہ تنهنجي هوندي، ڪامل ڪارائي
ڪندئي ڪـوڏن واريون ڪامل ڪارائي
ڪامل ڪارائي، ڏسان پنهنجي ڏيهہ جي.

(چاڪر خان رستماڻي)

[ ١. ڪارائي=ڪار+مُنهائي (خواري، بدنامي)
٢. ڪارائي=پانهن
٣. ڪارائي=ڪا+رائي (راءِ يا حاڪم واري حڪومت)
٤. ڪارائي=ڪارا ڪپڙا
٥. ڪارائي=ڪا+رائيي(=ميٺي، ريتي)]

١. اي سومرا! تون (پاڻ ڪي ۽ مونکي) خواريءَ جي ڪارنهن لاءِ ڪوهہ تان ڪٿي آئين

٢. تون ويڙهيچن جي پانهن (مارئي) ڪي پاڻ وٽ نہ جهل

٣. هميشه (ڪارن وارن واري) جواني تو وٽ نہ هوندي

٤. هڪ ڏينهن تون بہ فوت ٿيندين، پوءِ تنهنجون راڻيون سوڳ ڏيون ڏک ۾ ڪارا ڪپڙا ڪنديون

٥. اي ڪامل انصاف وارا بادشاه! شال اهو ڏينهن ٿئي جو تون مونکي مان ڏيئي اماڻين ۽ اباڻي ڏيهہ جي واري اکيين ڏسان.

---

[٤٧] ڪراچي مان صالح محمد سمي ڪان ۽ سال (تعلقو ڪوٽڙي) مان فقير محمد هاشم مڱڻهار ڪان مليو. ٻيون روايتون ميان علي بخش خان لوهر ڪڇهري ڳوٺ محمد پور ضلعو جيڪب آباد، تاريخ ٢٥ - ڊسمبر ١٩٥٩ع؛ محمد يعقوب پرڙو، ڪڇهري ڳوٺ محمد پور، ٢٣ - مئي ١٩٥٩ع ۽ طالب، ڪڇهري جوهي، ٢ - جولاءِ ١٩٥٤ع جي زباني قلمبند ڪيل.

[۴۸]

وڏا ميهن ملير تي، جيڪس جو وارين
ڪوه ڪندو ٘ن مِيان سومرا، جيڪس جو وارين
توکي پهه پڪو ڏنو، جيڪس جو وارين
جيڪس جو وارين، "چاڪر" ڪؤنر ڪڪوريا.
(چاڪر خان رستمائي)

[ ۱. جو وارين = جهُارين، مينهن جا چوها
۲. جو وارين = جُوء (ملير) + وارين
۳. جو وارين = انهيءَ جُوءِ ۾ تر جي چغلن (پڪو ڏس ڏنو)
۴. جو وارين = تر جي وارين پٽن ۾. ڪؤنر ڪڪوريا = گلقُل ٿيا]

۱. اي عمر! ملير جي جوءِ ۾ مينهن چوها ڏيئي وڏو آهي
۲. تون انهي جُوءِ وارين (مارووٽڙين) کي چا ڪندين (جو تو وٽ وڏ گهراٽيون سومريون ويٺيون آهن)
۳. توکي انهيءَ تر جي چغلن (منهنجي ڪٽڻ جو) پڪو ڏس ڏنو
۴. هن وقت جهُارين سنگ جهليا هوندا (تنهنڪري موڪل ڏي ته موٽي وڃان).

---

[۴۸]مرحوم ماستر سومر خان جي ڪافين واري بياض، ۱۹۲۸ع تان ورتل ۽ پيون روايتون لاڙڪاڻي سان الهداد چغتائي کان ۽ خدا بخش چانديي کان ڪڇهري ڳوٺ لڏاڻ تعلقي جوهي ۾ مليون.

[٤٩]

ويهي ڪيئن وساريان، ميان ماڪوڙي
سڙي سنگهارن سور ۾، ميان ماڪوڙي
ڪاهي پوَنئي ڪوٽ ۾، ميان ماڪوڙي
ميان ماڪوڙي، ”چاڪر“ چوي ڇڏ ڪٿي.
(چاڪر خان رستماڻي)

[ ١. ماڪوڙي=مان+ڪُوڙي
٢. ماڪوڙي=مان+ڪوڙي (دل، سينو)
٣. ماڪوڙي=ماڪوڙي بيماري، ماڪوڙن يا مڪوڙن جهڙي ڏاري فوج
٤. ماڪوڙي=مان+ڪوڙهي (عيبدار، بي حال) ]

١. جيڪڏهن ڪُوڙي هجان ته ڪر سرنگهه هٿي هلي وڃان
٢. مارن جي آڪير ۾ منهنجي دل تي سڙي
٣. اي عمر! شال تنهنجي ڪوٽ ۾ ڪا فوج ڪاهي پوي!
٤. اي عمر! آءٌ بي حال عيبدار آهيان، مونکي ڪٿي ڇڏ ۽ آزاد ڪر.

---

[٤٩] راوي طالب ماستر وينل ڳوٺ حاجي خان لغاري ڪان ڪچهري جوهي، ۾ تاريخ ٢-جولاء ١٩٥٤ع تي قلمبند ڪيل. ٻيون روايتون: جيڪب آباد مان خاوندبخش ساقي ۽ لاڙڪاڻي مان الهداد چغتائي ڪان مليون.

[٥٠]

رام جهپن ڪينڪي ڪُلئي ري ڪڪڙن
ڪاج ڪائن ڪينڪي ڪُلئي ري ڪڪڙن
مارو ملڪ مليِر جا ڪُلئي ري ڪڪڙن
جهوڪون جهانگيڙن جون ڪُلئي ري ڪڪڙن
ڪُلئي ري ڪڪڙن، ميٺا آهن، موهن چوي.
(موهن)

[ ١. ڪُڪڙن=ڪڪڙن جي ٻانگن وقت، اسر مهل. ڪُلئي=سڀ.
ري=سواءِ
٢. ڪڪڙن=ڪوڪڙن، سڪل ٻيرُن
٣. ڪڪڙن=ڪُ=خراب+ڪُوڙن=بهتانن، الزامن
۴. ڪڪڙن=ڪوڪن ڪڙن، ڪنڊن ڪان سواءِ
٥. ڪڪڙن=ڪَڪَ (جوئر جو هڪ قسم)+ڪانن، اني جا
گاه ڪَڪَ ناهن ته به مٺا آهن]

مارئي ٿي چوي ته:

١. مليِر ۾ اسر مهل (ڪڪڙن جي ٻانگن وقت) ڏٺي ڪي ياد
ڪن ٿا

٢. آهي (غربت جي ڪري) ڪوڪڙ (سڪل ٻيرون) ڪان سواءِ
ٻيو ڪاج ڪين ڪائين

٣. مليِر جا مارُوئڙا، ڪوڙن بهتانن مان نڪي چاڙن نڪي
انهن تي الزام هڻ

۴. جهانگيڙن جون جملي جهوڪون ۽ جهوپا، تن ڪي ڪڙا
ڪنڊا ٿين ئي ڪين

٥. ڪَڪَ جوئر جو ڪانو مٺو ٿو ٿئي، پر مارن وٽ بنان
ڪَڪَ جي به ڪانو مٺو ٿئي

---

[٥٠] راوي سگهڙ علي شير جاگيراڻي مرحوم.
موهن فقير جيڪو طالب هو شاهه نصير جو ١٣٢٣هه/١٩٠٥ع ۾ گذاري ويو.

[۵۱]

مـارڙيـن مـيـر عـمـر، وڏا مارن منهڙا
چـوڏـا ڪـيـن چـيـٺـيـا هـا مارن منهڙا
پـڏا پـالـپـٽـي ۽ ڪي مارن منهڙا
چـوڙيـنـديس چـيـلـن ڪي، مارن منهڙا
سـاريـن، سـڏ ڪـن سـومـرا، مارن منهڙا
ڪـيـٺـي ڪـانـگ آڏايـان، مارن منهڙا
پـڙڪـن مـٿـي پـولـي ڪا، مارن منهڙا
مارن منهڙا، سـڪي ويـا سائينداد چـٿـي.
(سائينداد)

[۱. منهڙا=لانڍيون، چنّا، منهن
۲. منهڙا=م + تنهڙا
۳. منهڙا=ميڻيا (وارن جا)
۴. منهڙا=مَنَ + هڙ (سڀ)
۵. منهڙا=من + هيڏڙا
۶. منهڙا=من + هيڙها
۷. منهڙا=نوريٽڙا
۸. منهڙا=منهڙا]

۱. اي عمر! آءٌ مارن جا چنّا ۽ لانڍيون مارڙين کان وڌ پانيان ٿي
۲. مارن اڇا منهنجا چوڏا (وار) ٻه ڪين ويڙهيا هئا (جو تون
مون کي ڪٽي آيو هئين)

---

[۵۱] تعلقي ميرو خان مان غلام نبي کان مليو.
غالباً شيخ سائينداد، لس ٻيلي جو مشهور شاعر، ۱۹۱۰ع ڌاري
وفات ڪيائين.

٣. مارن ننڍي هوندي منهنجا مينڍيا ٻڌا هئا (آهي اڃا ٻڌل اٿم)

٤. موني وڃي مارن جا سڀ چيلڙا مِن آءٌ چوڙي چاريان

٥. مارو ۽ انهن جا جهوپڙا ٻه منهنجي ڏک ۾ سڏڪن ۾ مارين پيا

٦. آءٌ مارن جي اچڻ جي اميد ۾ انهن جي مَنهن ڏانهن ڪانگ پٺي اڏاريان

٧. منهنجي مارن جي مَنهن ۾ نور ريٽڙن جون ٻوليون پيون ٻڌجن

٨. منهنجي وڇوڙي ۾ مارن جا مُنهن ٻه سڪي ويا آهن،

[٥٢]

تنهنجي کهنبن کي ميان سومرا، آءٌ ڀي ڏيان کهنبا
کهنبا اڇن ڪينڪي، اڇان منجين تو کهنبا
”چنيسر“ چئي کهنبا، مارو ڪن نه ملير ۾.
(چنيسر)

[ ١. کهنبا = ڳاڙها ڪپڙا. کهنبا = کوهه + ٻاهه.
٢. کهنبا = ڪنهن + پاءُ (= ريت). کهنبا = خوشخبري ڳٽي، سرخرو
٣. کهنبا = ڪنب وارا ڏوتل، اڇا اجرا ڪپڙا ]

١. اي عمر سومرا! آءٌ تنهنجن ڳاڙهن وڳن کي کوهه ۾ وجهان ۽ ٻاهه ڏيئي ساڙيان

٢. تون پنهنجا پاٽر (مارن ڏانهن ميڙ ڪري) اڇا ٻه پيو موڪلين پر اهي ڪنهن به ريت نٿا اڇن

٣. چنيسر ٿو چئي ته: اي عمر! ملير ۾ منهنجا غريب مارو ڏوٻيءَ جا ڌوتل ڪپڙا ڪين پهرين.

---

[٥٢] زباني سگهڙ، مير محمد لغاري، مرحوم، وينل ڳوٺ واهي پانڌي، ڪڇهري جو هي ٢٦ - جنوري ١٩٥٦ع ۾ قلمبند ڪيل.
شاعر چنيسر بابت احوال معلوم ناهي.

[٥٣]

عمر! منهنجي ملڪ تي، نانا نَڪ راهُو
عمر! اسان جي ملڪ تي، نانا نَڪ راهُو
جيڪي تو وٽ نانا نَڪ راهُو، سي هت ڪائين ڪين، ڪٿي چوي.
(ڪٿي)

[ ١. نانا= نه نه. نَڪ راهُو= نُڦرا (گهوڙا)+ هو
٢. نانا= نه نه. نَڪ راهُو= ڪُرا (گهيٽا)+ هو
٣. نانا= نانَ. نڪ راهُو= نوڪر+ هو]

١. عمر! منهنجي ملڪ ۾ آهي نُڦرا (گهوڙا) نه آهن
٢. ۽ نڪي اسان وٽ آهي ڪُرا (گهيٽا) ٿين
٣. "ڪٿي" چوي ٿو ته جيڪي تو وٽ نانَ نوڪر ٿا ڪائين
آهي منهنجا مارو ڪين واپرائين.

---

[٥٣] راوي لڇمڻ پنيرو، ويٺل ڪُنبڌاهو، تعلقو روهڙي،
شاعر بابت احوال معلوم ناهي.

[٥٤]

سِيـِـرن تــي ميان سومرا، عمر! سي نهر يون
ڏهر يون آچ مَ ڏ ڪيءَ کي، عمر! سي نهر يون
وَرُ واري وَرُ ڪــري، عمر! سي نهر يون
وسي مينهن پـســائـيـون، عمر! سي نهر يون
ڏيـن ڀـوش پـٽــن ڪــي، عمر! سي نهر يون
ڏســان ملڪ ملير جـون، عمر! سي نهر يون
ٻـَـريـون ٻڪريون ٻر تي، عمر! سي نهر يون
ڪٽنديس مان، "ڪٽي" چئي، عمر! سي نهر يون
عمر! سي نهر يون، ڪنڍيون ڪر ڪوڏن ۾.
(ڪٽي)

[ ١. نـَهـِريون = نہ + هـِريـُون
٢. لِـهريـُون = ڏهريون، پريل (ضد. ٻوريون)
٣. نـَهـُريون = نـَوليون = جن کي لج ليهہ نہ هجي
٤. نهريون = نهرن سگن واريون (ڍگيون)
٥. نهريون = نـَهرُون، مينهن جون موڪون
٦. نهريون = نہ + رَيـُون' (رَءَ لٽ واريون هوائون)
٧. نهريون = نہ + هـُريون (= سـُجهيون)
٨. نهريون = نہ + هـَڙيون، ڀـَريون
٩. سي نهريون = سون + جون + هڙون ]

---

[٥٤] تعلقي ميروخان مان غلام نبي کان مليو.
شاعر "ڪٽي" باٻت احوال معلوم ناهي.

١. اي سومرا! اسين سيرن تي نه هيريون آهيون
٢. عمر! مون ڏکيءَ کي نهريون ڌهريون نه آڇ (لالچ نه ڏي)
٣. عمر! آهي هلڪڙيون (نوليون) ڇٻيون جي هڪڙو ور ڇڏي
پيو ور ڪن
٤. عمر! مينهن ۾ اسان جون نهريون ڏکيون پُسي پيون آهن
٥. عمر! مينهن جي پاڻي نهرن وانگر وهي سڄي پٽ کي
ساوڪ جو پوش ڍڪائي ڇڏيو آهي
٦. عمر! مينهن کان پوءِ ملير ۾ لٽ ۽ مٽيءَ وارو واءُ ڪونه لڳي
٧. عمر! انهن مينهن ۽ موڪن ۾ مون کي پٽن تي چرندڙ
ٻڪريون به دل تي نه هُريون
٨. "ڪٽي" ٿو چوي ته: اي عمر! آءٌ تنهنجون آڇيل سون
جون هڙون ڪانه ڪٽنديس
٩. اهي سون جون هڙون تنهنجي ڪوٽ ۾ سومريون ڪنديون.

[٥٥]

اي حاڪم هندورن جا، عمر! اوپاريون
مون نه وڻن ماڙيون، عمر! اوپاريون
ڪکين ڪونه لکين، عمر! اوپاريون
وسن مينهن وڏاندرا، عمر! اوپاريون
گلزاريون گاهن جون، عمر! اوپاريون
مارو وجهن مال کي، عمر! اوپاريون
سانگين ڪنيون ساڳ جون، عمر! اوپاريون
کائيندي س "ڪٽي" چئي، عمر! اوپاريون
عمر! اوپاريون، لهواريون لڙهنديون ويون.
(ڪٽي)

[١. اوپاريون= او+ پاٺر+ آيون(=آئين)
٢. اوپاريون=آپيون (مٿي)
٣. اوپاريون=او=انهي+پاريون=پار جون
٤. اوپاريون=اوپر ڪان
٥. اوپاريون=آيڙيون
٦. اوپاريون=او+ پريون (گاهه جون)
٧. اوپاريون=اوپاريون، ٿهڪايون
٨. اوپاريون= اويڙ واريون (واليون)، ڌٽ
٩. اوپاريون=مٿانهيون]

١. اي حاڪم عمر! اسين پاڻ ۾ پاڻ پيڻ آهيون
٢. تنهنجون اهي اوچيون ماڙيون مون کي مور نٿيون وڻن

[٥٥] تعلقي ميرو خان مان غلام نبي کان مليو.

٣. ملير پار ڏي جيڪي پنهنجن پکن ۾ رهن ٿيون انهن کي ڏک بک ۾ ڪو ڪونه ٿو لڳي

٤. عمر! ملير تي اوپر ڪان آيل مينهن جام پيا وسن

٥. جنهنڪري گاهن جون گلزاريون آيريون آهن

٦. مارو مال جي آڌو (گاهن جون) پريون ٿا وجهن

٧. سانگين ساڳ جون ڪنيون اوپاريون آهن

٨. آءٌ آهيان اوپرو وچي (ملير ۾) ڪائيندس

٩. عمر! اڄ جيڪي اوپاريون (طاقتور) آهن، سي سڀائي لهواريون لڙهنديون وينديون.

[٥٦]

عمر آندئي اوچتو، **اي صاحب سونا چاندي**
لچارو ٿئين لوڪ ۾، **اي صاحب سونا چاندي**
پيڙا پانهيون پاريان، **اي صاحب سونا چاندي**
سيباڻا جن ساهه ڪي، **اي صاحب سونا چاندي**
اي **صاحب سونا چاندي**، ڪنديس ڪين، قادن چئي.
(قادن)

[ ١. صاحب=سان+حُب. سونا چاندي=سا+نچ+آندي
٢. صاحب=حاڪم. سونا چاندي=سون چاندي
٣. سونا چاندي=سون چاندي جا ڳهه
٤. سونا چاندي=سو+اها+نچندي
٥. سونا چاندي=سُوءَ+نه+چوندي ]

١. اي عمر! مون کي او چتو ڪٺي آئين پر آءٌ پنهنجن مارن ڏانهن وڏيءَ حُب مان جيءُ نيچ ايندس
٢. جنهن شيءِ (مارئي) کي ملهائتو سمجهي خوار ٿئين، آءٌ اهو سون چاندي نه آهيان
٣. تنهنجا سون ۽ چانديءَ جا ڳهه (پيڙا ۽ پانهيون) آءٌ ٻاري ساڙي ڇڏيندس (پر پائيندس ڪانه)
٤. اهي ڳهه ڳٺا جنهن کي وڻندا سا ئي اهي پائي نچندي (خوش ٿيندي)
٥. اي حاڪم سومرا! آءٌ (مائٽن کان جدائي جي) سوءَ ۾ آهيان، سو تنهنجا ڳهه ڪڏهن ڪين پائيندس.

---

[٥٦] لاڙڪاڻي مان غلام نبي کان مليو
شاعر قادن بابت احوال معلوم ناهي.

[٥٧]

سدا سنگهارن سومرا، پٽن پهرائي
ليڙون ڪتيڙون ڪپڙا، پٽن پهرائي
وسن بادل بودلا، پٽن پهرائي
ساوڙيون ساوڻ جون، پٽن پهرائي
چيڙن برڙا چيلڙا، پٽن پهرائي
سوني سوٽ سنگت ۾، پٽن پهرائي
جيڏيون جوء واريون، پٽن پهرائي
ڪٿا ڪير خوشيءَ سان، پٽن پهرائي
ڏونرا ڪائين ڏهاڙي، پٽن پهرائي
پٽن پهرائي، ڪوڪن ۾ قادن چئي.

( قادن )

[ ١. پٽن = پٽ (ميدان) + ن . پهرائي = مال سان گڏ موڪلي
٢. پٽن = پٽ (ريشم) + ن . پهرائي = اوڍائي
٣. پٽن = ميدانن . پهرائي = ڍڪائي
٤. پٽن = ميدانن . پهرائي = اوڍائي، ڍڪائي (ساوڪ)
٥. پٽن + ميدانن . پهرائي = ڪاهي وئي (مال)
٦. پٽن = پٽ (= هرگز) + ن . پهرائي = پهه (= ارادو) + رائي = رايو
٧. پٽن = پٽ (= زمين) + پهر = ماڻهو + آئي
٨. پٽن = پٽن + پهرائي
٩. پٽن = پٽ (بد دعا) + ن . پهرائي = پرائي
١٠. پٽن = پوٽن، ميدانن + پهرائي = چارڻ لاءِ ڪاهي وئي ]

---

[٥٧] لاڙڪاڻي مان غلام نبي کان مليو

١. عمر سومرا! سنگهارن (سون کي) ڪڍهن به مال سان گڏ
پٽن ۾ نه ڀهرايو
٢. ليڙون ڪپڙا (چاه مان) پاتم، پر پٽ ريشم جو ڪڏهن
به خيال نه ٿيو
٣. ڪڪرن وسي ميدانن کي سائو ويس ڏ ڪائي چڏيو
٤. سانوڻ مينهن جون ساوڪون به پٽن کي سائو ويس
ڀهرايو چڏين
٥. مارو، برڙا چيلڙا ڀهرايو پٽن تي چارين ٿا
٦. مارئيءَ کي جهلي (بند ۾ وجهي) پيت نه پراءِ
٧. ملير واربن جيڏين جي پٿر (عمرڪوٽ ۾) آئي آهي
٨. کير ۽ ڏڌ خوشيءَ مان مال ڀهرايو پيون کائين
٩. جنهن جو روزانو قوت ڏؤنرا آهي (تنهن کي) بند ۾ وجهي
پيت نه پراءِ
١٠. قادن چوي ٿو ته: مارئي کي موڪل ڏي ته وڃي پوئن
(ميدانن) ۾ مال ڀهرائي.

[٥٨]

بخشني ڪين "بلال" چئي، عمر ڪا واهي
مارڻ ٿا سون اچن، عمر ڪا واهي
ڪيئن وهن هن ڪوٽ ۾، عمر ڪا واهي
عمر ڪا واهي، ناهي ملڪ مليــر ۾.
(بلال)

[١. ڪا واهي=ڪا+واهي=ڪَسي
٢. ڪا واهي=ڪاوا=شيشا+هي
٣. ڪا واهي=ڪا+واهي=چوڪيدار
٤. ڪا واهي=ڪُ=خراب+واهي=واهه، وسيلو=بي واهي، نڌڻڪي]

١. اي عمر! تو مارن کي ڪو ڪڙيو جاگير ڪري ڏنو هو ڇا (جو ان جي عيوض مون کي ڪٺي آيو آهين)
٢. عمر! تنهنجي محل جا هي رنگين شيشا مون کي مارين ٿا
٣. عمر! آءٌ ڪا تنهنجي ڪوٽ جي واهيائي ٿي ڪانه وهنديس
٤. عمر! ملڪ مليرم ڪابه (عورت) نڌڻڪي ناهي.

---

[٥٨] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.
شاعر بلال بابت احوال معلوم ناهي.

[٥٩]

کـٽـي آئـيـن کوهہ تـان، عمر سي دڙا
ڪڍهن ڏنـاسـون ڪينڪي، عمر سي دڙا
هـٽـي وٺين "هـاشـم" چئي، عمر سي دڙا
گـڏ جـنـئـي هـا گس تـي، عمر سي دڙا
مـارن جـا مـلـيـر ۾، عمر سي دڙا
عمر سي دڙا، آهـن مـارن جـا ماڳن تي.
(هاشم)

[ ١. دڙا=آدڙا (=پاءُ)
٢. دڙا=قيد+اهڙا
٣. دڙا=ڌاڙا
٤. دڙا=ڌُڙا، ڌُر وارا، ڌُران
٥. دڙا=د ڙا (=پنون)
٦. دڙا=دوهڙا ]

١. عمر! آدو تي (مون کي) کوهہ تان کٽي آئين
٢. اسان (مارن) ڪڏهن اهڙا قيد بند نہ ڏٺا هئا
٣. شاعر هاشم ٿو چئي: عمر! ڌاڙو هڻي (مارئي کي) کٽي وٺين
٤. بچي وٺين جو توکي مارو گس ۾ نہ گڏيا
٥. نہ تہ توکي ملير جون پنون ڏيکاري ڇڏين ها
٦. عمر! هاڻي مارو تنهنجي ڏاڍ جا ڏوهيڙا وينا ڏين.

---

[٥٩] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.
شاعر هاشم جو احوال معلوم ناهي

[٦٠]

**ماڙي** تي **ماڙي** ڏٺائين، تڏهن **ماڙي** ساري مارئي
تہ ماڙي **ہ**، ملوڪ چئي، اتي هئي **ماڙي**
ٿيندي مولا جي **ماڙي**، تہ ماڙ گهمندي مارئي.
(ملوڪ)

[ ١. ماڙي=مٿين جاء. ماڙي = ڪکرن جا هڪيئي مٿان تهہ.
ماڙي=مائڙي
٢. ماڙي=مٿين جاء. ماڙي=آماڙي
٣. ماڙي=ماڙ (=مدد). ماڙ=ماروئڙن جو ملڪ ]

١. ماڙيءَ تي چڙهي مارئي جڏهن ڪکر ڏٺا تڏهن ڪيس ماڻهو جي سار ٿي
٢. تڏهن آها ماڙي (مارئي ڪي) زهر ٿي آئي
٣. پوءِ جي مولا جي مدد ٿيندي تہ مارئي پنهنجي ملڪ وچي گهمندي ڦرندي.

---

[٦٠] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.
شاعر ملوڪ جو احوال معلوم ناهي.

[٦١]

عمر! ابائي پار ڏي، ويڙهين ۾ ويڙهيون
ٺاهين وڏي ٺاهه مان، ويڙهين ۾ ويڙهيون
مارو تن ڏکن ٿا، ويڙهين ۾ ويڙهيون
سدا هوندن ساڻ تن، ويڙهين ۾ ويڙهيون
پوءِ ويڙهين ۾ ويڙهيون، مارو ڪن نه ڪنهن سان.

(شير محمد لغاري)

[ ١. ويڙهين=ويڙهن، جهڳن وارن جو ٻن. ويڙهيون=چارن جا جهڳڙا
٢. ويڙهيون=سٽ جون ڏيرهون
٣. ويڙهيون=لپيٽيون، اوڏيون
٤. ويڙهيون=پاڙا
٥. ويڙهيون=لڙايون، جنگيون ]

١. اي عمر! اسان جي ملڪ ۾ چارن جون ويڙهيون آهن (جن ۾ پيرون ٿين)
٢. مارو ڏاڍي خيال سان ڏاس ۽ سٽ جون ڏيريون ٺاهين ٿا (ڪتا ۽ لويون ٺاهڻ لاءِ)
٣. مارو پنهنجي ٻٽ تي اهي لويون ۽ ڪتا اوڍين ٿا
٤. مارن جا اهي ٺاڪ ۽ قبيلا شل سلامت هجن
٥. اي عمر! منهنجا مارو پاڻ ۾ (يا ٻئي سان) ڪڏهن به لڙائي جهڳڙو ڪين ڪن.

---

[٦١] تعلقي شهدادپور مان لعلڻ خان لغاري ڪان مليو.
شير محمد لغاري، وينل ڳوٺ غلام شاه لغاري تعلقو سڪرنڊ، سگهڙ شاعر، سنه ١٩٤٥ع ۾ وفات ڪيائين.

[٦٢]

لاهيان ڪين لڳن تان، عمر! تا لوئي
لا ڪيئي تنهن لوڪ ۾، عمر! جا لوئي
ڪڏهن ڪندي يس ڪينڪي عمر! سا لوئي
عمر! تا لوئي، مون نه ڏٺو، مري چوي.
(جاڙو خان مري)

[ ١. لوئي = ڪشتي
٢. لوئي (مصدر. لوئڻ) = گلا ڪرڻ
٣. سا لوئي = سالورو، ريشمي پانڊئو
٤. تا لوئي = تالو (= ڪلف) + ئي ]

١. عمر! آءٌ (اباڻي) لوئي لڳن تان نه لاهيندي يس
٢. ملير جهڙي لاڪيئي ملڪ ۾ آءٌ ئي گلاري ٿي آهيان
٣. عمر! تنهنجي آڇيل شال (سالورو) آءٌ نه پائيندي يس
٤. "مري" چوي ٿو ته: عمر! مون اڃا ڪڏهن تالو ڏٺو ئي ڪونه هو (جو ملير ۾ ڪونه ٿئي).

---

[٦٢] سڱهڙ جاڙي خان مرحوم جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.
جاڙو خان مري، ويٺل ڳوٺ جام لندو مري، ضلعو سانگهڙ، لاڙ جي سگهڙن ۾ وڏو سڃاڻ سگهڙ، سنه ١٩٧٠ع ڌاري ٨٥ ورهين جي وڏي عمر ۾ گذاريائين.

[٦٣]

کٽي اڇن ڪوهه تان، **عمر! اهي چوڻرن**
ڪيو ڪاٺين ۾ اڇن، **عمر! اهي چوڻرن**
”مري“ چوي ملير ۾، **عمر! اهي چوڻرن**
**عمر! اهي چوڻرن**، سو وڻو ويڙهيچن کي.
(جاڙو خان مري)

[ ١. چؤنرن=چورن
٢. چؤنرن=چؤنڙرا (پوڪ)
٣. چؤرن=ڪکاون گهرن
٤. چؤنرن=چوَن+رَنَ ]

١. عمر! جيڪي ڪوه تان (زوري) ڪٽي اڇن ٿا، اهي چور آهن
٢. عمر! (مارو) ڪاٺين ۾ چؤنرا چونڊيو ڪنيو پيا اڇن
٣. شاعر ”مري“ ٿو چوي ته اهي ملير ۾ چؤنرن ۾ رهندا آهن
٤. عمر! (مونکي) اوهين رنَ چئو ٿا، پر اهو اسان ويڙهيچن لاءِ وڻاءِ آهي (چاڪاڻ ته منهنجو ڪانڌ ملير ۾ جيئرو ويٺو آهي).

---

[٦٣] سگهڙ جاڙي خان مرحوم جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٦٤]

ڪڏهن ڏئم ڪانم ڪا، عمر! جا ماڙي
ويڙهيچن وَلهار ۾، عمر! سا ماڙي
ڪڏهن ڪنديس ڪينڪي، عمر! جا ماڙي
آهي ملڪ مليرَ ۾، عمر! جا ماڙي
عمر! اي ماڙي، جاچي ڏنئي، جاڙو چوي.
(جاڙو خان مري)

[١. جا ماڙي=جا+ماڙي
٢. سا ماڙي=ساماڻي
٣. جا ماڙي=جاما (پوشاڪون)+ڙي
٤. جا ماڙي=جا+ماءُ+ڙي
٥. اي ماڙي=آماڙي]

١. اي عمر! مون اڳ ڪڏهن به ڪا ماڙي ڪانه ڏٺي هئي
٢. عمر! آءٌ ويڙهيچن ۾ ساماڻي آهيان
٣. آءٌ ڪڏهن تنهنجون پوشاڪون ڪين ڪنديس
٤. منهنجي ماءُ، ملڪ ملير ۾ (منهنجي موٽي اچڻ جي انتظار ۾) آهي
٥. عمر! تو مونکي مارن کان جدائي جي آماڙي ڏيئي ڇڏي آهي.

---

[٦٤] سگهڙ جاڙي خان مرحوم جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٦٥]

مارو درد فراق ۾، عمر اوسارن
آئي آڌي رات جو، عمر اوسارن
تون ڏو چوين سومرا، عمر اوسارن
عمر اوسارن، سونهن وڃايم، سهايو چئي •
(سهايو)

[ ١. اوسارن=اوسارا ڏين، پار ڪين
٢. اوسارن=آهي+سارين
٣. اوسارن=او+سار+نہ=آهي ياد نہ ڪر
٤. اوسارن = آئون+سارن ]

١. عمر! مارو منهنجي جدائيءَ جي جهوري ۾ اوسارين پيا
٢. آهي آڌي رات جو آئي (مونکي) سارين ٿا
٣. عمر سومرا! تون ڏو چوين ته آءٌ اهڙن سارن کي نہ ساريان
٤. عمر! اندر جي انهن سارن منهنجي سونهن وڃائي ڇڏي آهي •

---

[٦٥] تعلقي جيڪب آباد مان خاوند بخش ساقي کان مليو.
سهايو (ڪاهوڙو) موچي، ويٺل ميرپور پرڙو، تعلقو ٺل، وڏو سگهڙ هو.
سؤ کن ورهين جي عمر ۾ ١٩٥٦ع ۾ وفات ڪيائين.

[٦٦]

سورن ساڙي سومرا، عمر سا ميري
پَٽ نه پايان سومرا، عمر سا ميري
سير آباڻي سومرا، ڪر نه عمر سا ميري
ڪانهه ڏسان ني ڪوٽ ۾، عمر سا ميري
مارو سا ميري، لاهيندا لڱن تان.
(لعل خان لغاري)

[ ١. سا ميري = سونهن + ميري
٢. سا ميري = سا + ميري (لوئي)
٣. سا ميري = سا + ميري (پَٽ ِ)
٤. سا ميري = سا + مهيرُ (جهڙ) + جي
٥. سا ميري = سُوءِ + ميري (لوئي) ]

١. اي عمر سومرا! مارن جي جدائي جي سورن منهنجي سونهن ختم ڪري ڇڏي آهي
٢. تنهنجي پَٽ حي وڳن ڪي پنهنجي ميري لوئي جي مٽ نٿي پائيان
٣. اي عمر! منهنجي سَٽ سيل ڪي نيڪو نه لاءِ
٤. جيڪو جهڙ ملير ۾ ٿئي ٿو، ان جهڙو هيت عمرڪوٽ ۾ ڪونه ٿي ڏسان
٥. منهنجا مارو منهنجي لڱن تان اها سُوءِ واري لوئي اچي لاهيندا.

---

[٦٦] لعل خان لغاري جي پنهنجي زباني تلمبند ڪيل.

[٦٧]

ٻـري ڪر پنهوار ڪاڻ، عمر! سي لاڪيون
تڙيون جـي تقدير جون، عمر! سي لاڪيون
لاهيون اچـن لـوءِ مان، عمر! سي لاڪيون
وڃن ٿـيـون وڻڪار ۾، عمر! سي لاڪيون
ٻـاپـاڻـا ٻـڌن ٿـا، عمر! سي لاڪيون
”لعلڻ“ سي لاڪيون، وٺن ويڙهڇن ڪي.
(لعلڻ خان لغاري)

[ ١. سي لاڪيون=سيلهه (=پالا)+اڪيون
٢. سي لاڪيون=سي لِڪيون
٣. سي لاڪيون=سي لاڪ واربون (ماڪيون)
٤. سي لاڪيون=سي لاهي ڪاٺون
٥. سي لاڪيون=سي لاڪيون (لاڪ رتل ڳانيون)
٦. سي لاڪيون=آهي لِڪون (=ٺِڪون) ]

١. اي عمر! اهي پالن جهڙيون سيلهه اکيون پنهوار کي نه ڏيکار
٢. عمر! جن کي تقدير ۾ ئي رولڙو لکيل آهي
٣. اهي لوءِ مان لاڪ جي مانارن واريون ماکيون لاهيو اچن
٤. جيڪي وڻڪار ۾ ويهي ماکي لاهي ڪاٺين ٿا
٥. عمر! مارو پنهنجي مال کي ڳچيءَ ۾ لاڪ سان رڱيل ڳانيون ٻڌن ٿا
٦. عمر! منهنجا مسڪين مارو سون ٻدران لاڪ جون ڪوڙيون لِڪون (ٺِڪون) ڪنن ۾ پائيندا آهن.

---

[٦٧] لعلڻ خان لغاري جي پنهنجي زباني تلمبند ڪيل.

[٦٨]

مارن جون ملير ۾، عمر! سيما ڪن
ڏوڪ ڏٿي ڏي ڏر ڪيا، عمر! سيما ڪن
پکا پنهوارن جا، عمر! سيما ڪن
مٿي وس والهار جي، عمر! سيما ڪن
ريجهُون ڪن ٿا ريت تي، عمر! سيما ڪن
عمر! سيما ڪن، لائق نه ٿئي ”لعلڻ“ چئي.
(لعلڻ خان لغاري)

[۱. سيما ڪن=سي (آهي) + مان (=مون، منهنجي) + ڪَنَ (ڪَنَ تي پير)
۲. سيما ڪَن=سي+ماڳن
۳. سيما ڪن=سيمن، ڏيهن، سڄو ڪن
۴. سيما ڪن=سيمَ (=جُوءِ، ڀَني)+ڪن
۵. سيما ڪن=سي+مان (=مُون)+ڪَنِ (ڪَن تي پون)
۶. سيما ڪن=سي (آهي)+ مان (مون)+ڪَنُ=ڳن (وٽ)]

۱. عمر! ماروئڙن (منهنجي جدائي ۾) ڏيکي آهون دانهون ڪيون سي منهنجي ڪن تي پيون آهن
۲. عمر! آنهن ماڳن (ملير جي پٽن) تي ڏوڪ ڏٿي ڏر جهليا آهن
۳. عمر! غريب مارن جا پکا ميهن ۾ ٿمي پيا آهن
۴. عمر! ميهن وڏو تہ ولهارن ۾ منهنجي مارن ڀڳيون ڪيون آهن
۵. عمر! آهي ماروئڙا واريءَ تي ويهي جيڪا ڀچار ڪن ٿا سا منهنجي ڪن تي پوي ٿي
۶. عمر! مون کي مارن کان جدا ڪرڻ توکي لائق نه هو، پر آهي چڻ مون وٽ ئي آهن.

---

[٦٨] لعلڻ خان لغاري جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٦٩]

وِهن ويڙهيچا وَس تي، بانڪا مٿي بند
ونڊن ۾ ورچن پاڻ ۾، بانڪا مٿي بند
آڻيو وڄهن آجڙي، بانڪا مٿي بند
پنهنجا ڏين پاڻ ۾، بانڪا مٿي بند
ڪنن جي ڪن ٿا ڪانڪا، بانڪا مٿي بند
بانڪا مٿي بند، وٺي ڪا نه وجود ڪي.
(لعلڻ خان لغاري)

[١. بانڪا=سورهيه عمر. بند=مٽيءَ جو وڏو پنو
٢. بانڪا=مارو. بند=سنڌ (جسم جو)
٣. بانڪا=جهانگي. بند=ڪَانن جو ڳڏو
٤. بانڪا=پنهوار. بند=سگ بند
٥. بانڪا=اشراف مارو. بند=قيد
٦. بانڪا=عمر. بند=چُپ، ماٺ ڪر]

١. اي عمر! منهنجا مارو برسات جي مُند ۾ مٿاهين پَٽ تي وهندا آهن
٢. آهي پيار ۽ قرب ۾ گوشت جا بند به ورهايو ڪٽن
٣. اهي مالوند گاه جا ڳڏا آڻيو مال جي اڳيان وجهن
٤. پنهوار سگ بند به پاڻ ۾ ٺي ڪن ۽ ٻئي ڪي ڪونه ڏين
٥. اهي اشراف پرايون ڳالهون پاڻ وٽ بند ڪين ڪن
٦. اي عمر! پنهنجي زبان بند رک جو مونکي ڪابه ڳالهه ڪانه تي وٺي.

[٦٩] لعلڻ خان لغاري جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٧٠]

وڻن ڪيس وجود کي، عمر مٺايون
ڪم نه ايندئي ڪڏهين عمر مٺايون
ڇلهون ڇوڙن وچ ۾، عدر مٺايون
ڪائيندا ڪاهڙ ۾، عمر مٺايون
ڪڏهن ڪندِيس ڪانڌا عمر مٺايون
عمر مٺايون، سختي ويلي سومرا.
(لعل خان لغاري)

[١. مِٺايون=مِٺا ڪاڏا، مِٺائي
٢. مٺايون=مٺايون، لڳايون
٣. مٺايون=مون+ٺاهيون
٤. مٺايون=موٺ+آهيون
٥. مٺايون=مانُ+ٺاهه
٦. مٺايون=ماٺ+آهيون]

١. اي عمر! منهنجي وجود کي تنهنجون مٺايون ٺٺيون وڻن
٢. توکي اهي مٺايون ڪڏهن به ڪم نه ايند يون
٣. مون پنهنجن هٿن سان ڇوڙن ۾ ڇلهيون ٺاهيون
٤. اسين مارو ماڻهو ڪاهڙ ۾ موٺ (ڏٽ) کائيندا آهيون
٥. عمر! آءٌ توسان ڪڏهن ٺاهه نه ڪنديس (راضي نه ٿينديس)
٦. مصيبت جي وقت ۾ ماٺ (صبر) ڪرڻ اسان جي عادت آهي.

---

[٧٠] لعل خان لغاري جي ٻهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[۷۱]

آءِ نہ آجڙوال کي، عمر! سي وڻڙا
ڏسيو ڏوٿياڻي کي، ڪائين چو وڻڙا
هٿئين هوند هيئين ۾، عمر! سي وڻڙا
منهنجي ملڪ ملير تي، عمر! سي وڻڙ
وندڻ ورچن پاڻ ۾، عمر! سي وڻڙا
عمر! سي وڻڙا، ڏسان ملڪ ملير جا۔
(لعل خان لغاري)

[ ۱. وڻڙا=وڻا (سونا)
۲. وڻڙا=وٽِ پيچ
۳. وڻڙا=وٽ (لوهہ جا تورا)
۴. وڻڙا=سٽ جا وڻيل ڌاڳا
۵. وڻڙا=واڻا، يا ڳا
۶ واڻڙا=واڻون، ڪس]

۱۔ اي عمر! مون مسڪين کي اهي (سونا) ڏانو نہ آءِ
۲۔ مون ڏوٿياڻي کي ڏسي تون وٽ چو ڏو ڪائين
۳۔ (جي منهنجي وس ۾ هجي تہ) هوند تنهنجي هٿئين ۾ لوهہ
جا وٽ هڻان
۴۔ ملير ۾ ايريڳن جي بدران ڪنن ۾ سٽ جا وڻڙا پائين۔
۵۔ اهي پاڻ ۾ (جيڪي ڪجهہ پلئہ پوين ٿـو) ياڳا ڪريو
ونڊيو ورچيو ڪڍين ٿا
۶۔ اي عمر! شل آءٌ، پنهنجي ملڪ ملير جون واڻون وڃي ڏسان!

---

[۷۱] لعل خان لغاري جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل۔

[٤٢]

منهنجي مـلـڪ ملير تـي، عمر! سي چلڙا
وٽن ڪـيـن وجـود ڪي، عمر! سي چلڙا
ڪـٿـا پـانـيـان خومچا، عمر! سي چلڙا
ڏيـنـدا آهـن ڏيـهـه ۾، عمر! سي چلڙا
مانگهه نـه وٺـي مـن ڪي، عمر سي چلڙا
بـيـوس آهـيـان بـنـد ۾، عمر! سي چلڙا
عمر! سي چلڙا، وڃي ڏيـان وطـن تي.
(لعل خان لغاري)

[ ١. چلڙا = چيلڙا
٢. چلڙا = چلا، منديون
٣. چلڙا = چاڙا، مٺي وارا
٤. چلڙا = اڇا ليڙا (= اڳڙيون)
٥. چلڙا = ڇهه لڙها ( هار)
٦. چلڙا = ڇا لڙان (= وڙهان)
٧. چلڙا = چالڙا (ٽپ) ]

١. عمر! منهنجي ملڪ ملير ۾ ٻڪريون ۽ چيلڙا آهن
٢. عمر! تنهنجا چلڙا ۽ منديون مون ڪي نٿا وڻن (جو پايان)
٣. عمر! تنهنجا ڪڙا ۽ طعام مٺي (بيماري) وارا لڳن ٿا
٤. عمر! اسين ملير ۾ ٻڪريءَ جي ٿڻن ڪي اڳڙين جا اڇا ليڙا ڏيندا آهيون
٥. عمر! مون ڪي نڪا تنهنجي مانگهه وٺي ته نڪي ڇهه سٽرا هار
٦. عمر! بند ۾ بيوس آهيان، تو سان ڇا وڙهان
٧. عمر! (موڪل ڏي ته) وطن ۾ موٽي وڃي چال ٽپنگ ڏيان.

---

[٤٢] لعل خان لغاري جي منهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٤٣]

عمر اسان جي ڏيهہ ۾ پٽ هون پهرن پٽ
لاکيون لويون اوڍن آن جون مور نہ پهريون پٽ
ايرا سيرا سانگي متر اپٽون ڪٽي نہ پٽ
عمر منهنجو ياد ڻ ٿئين، پوتيون ڪٽي پٽ
پونو جو پيائي جو سو پاڙون ڪٽي پٽ
عمر سارو پٽ، ڏينديءَ کيرون لڪ ''لوهار'' چئي.
(محمد طالب لوهار)

[ ١. پٽ=سير، جٿو.
٢. پٽ=آن"، ريشم
٣. پٽ=ڪستو، پيالو
٤. پٽ=کول، کولي ڏس
٥. پٽ=ڪڍ، آکيڙ
٦. پٽ=ملڪ، راڄ ]

مارئي چوي ٿي تہ:
١. اي عمر! اسان جي ملڪ ۾ (پيو مال ملڪيت ڪونهي رکو)
ريون ٻڪريون آهن جيڪي ميدانن ۾ پيون چرن
٢. اسين (غريب ماڻهو، سو) پٽ ريشم جا وڳا ڪين پايون
٣. ڏکيا بکيا آهيون تہ بہ ڪيستا ڪٽي ڪين ٿا پئون
٤. عمر! پڙهيلن کان پڇي پڪ ڪر تہ تون منهنجو ياد ٿئين
٥. هاڻي (چڱي ڳالهہ اٿين آهي تہ تنهنجي اندر ۾ جيڪو)
بد نيتي وارو خيال آهي سو پنهنجي اندر سان بنهہ ڪڍي ڇڏ
٦. (۽ مون کي مارن ڏي موٽاءِ) تہ سڄو راڄ ۽ سموري ملڪ
جا ماڻهو تنهنجي ناموس ڪندا.

---

[٤٣] محمد طالب لوهار جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.
محمد طالب لوهار، ويٺل ٽنڊو ہا گو، شاعر ۽ سکر. سنہ ١٩١٢ع ۾ ڄائو.

[٤٧]

سيڻ سڄاڻن سون تي، اِيءَ نه پنهوارن پَرَ
ماڙين منجهه، منجهي هيون، ڪنهن ڪان پچان پَرَ
پيرون چونڊيم پاند ۾، ساڻ پنهوارن پَرَ
اڏامي اوڏهين وڃان، پر جي هُونم پَرَ
پيٽون ڪڏهن زالون ٿيون، عمر ادا ان پَرَ
پنهنجو ٿيندو پَرَ، ”لوهار“ چئي ڪنهن لهه سان.
(محمد طالب لوهار)

[ ١. پَرَ = ريت، رسم
٢. پر = مگر
٣. پر = گذريل سال
٤. پَرَ = پکَ، کنڀ
٥. پر = طرح، طور
٦. پر = غير، ڌاريون ]

١. سون تي سيڻ سڄاڻ، لوڀ لالچ تي اخلاق سڄاڻ، پنهوارن ۾ اها ريت ڪانهي
٢. (اسين جهوين ۾ وهڻ وارا) منهنجو هينئون ماڙين ۾ منجهي پيو آهي، هاڻي (موٽي وڃڻ لاءِ) ڪنهن کان پڇان
٣. پر سال ته پنهوارن سان گڏجي پيرون چونڊيم (هينئر هت قيد ۾ آهيان)
٤. مون کي پَرَ هجن ته پکيءَ وانگر اڏامي اوڏانهن هلي وڃان
٥. ادا عمر! انهي طرح زوري ڪڏهن پيٽون به زالون ٿيون آهن!
٦. برابر، پرايو به پنهنجو ٿيندو آهي پر ڪنهن ريت نيت سان.

---

[٤٧] محمد طالب لوهار جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[٧٥]

ڀاڻي پنهوارين سان پريم ڀرئين ڀُور
ڪٿي آئين ڪوه تان ڪهڙو ڀيئي ڀُور
جسو جنجيرن ۾ پنهوارين سان ڀُور
مونهان ڀوءِ مليرَ ۾ ڪيو نه پنهوارين ڀُور
پکن ڪي پيوند ڪريو پنهور ڏين ڀُور
ڀُينئي پنهواريون شل ٿيئي در ڀُور
ڀُونئي ڇڏڻ جو ڀُور، ته وڃان لوءِ "لوهار" چئي.

(محمد طالب لوهار)

[ ١. ڀُور=واري، گهري
٢. ڀور=خيال، ارادو
٣. ڀُور=وڪڙ، وراڪو
٤. ڀُور=ڏڦ، رَجُ
٥. ڀُور=ڏنگهرن جو دور، تار لوڙهو
٦. درَ ڀُور ٿيڻ=ڪٽنب قبيلو ناس ٿيڻ، وَسنُ اجڙڻ
٧. ڀُور=ڀتڻ، خيال ]

مارئي ٿي چئي ته:

١. ساهڙين سان گڏ (گهڙا ڪٿي اسر ويل) اجان ڀرئين واري ۾ پاڻي ڀريم
٢. (ته اي عمر!) ڪهڙو خيال آيئي جو ڪوه تان مون ڪي ڪٿي آئين
٣. منهنجو جسم ته برابر زنجيرن ۾ ٻڌل آهي، پر ساه جي ڪنڊي مارن سان اٿم

---

[٧٥] محمد طالب لوهار جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

٤. منهنجي (عمرڪوٽ ۾ ڪڄي اچڻ کان پوءِ) ساروڻڙن
رڄ ٿي نہ طعام کاڌو نہ خوشي ڪئي
٥. (عمر جي ڏپ کان) ڏنگهرن جا پور ڪٽي ٻُرهان تار
لوڙها ڪري ڇڏيا اٿن
٦. (اي عمر!) توکي پنهواريون ٻِيڻين ٿيون تہ شل اَجڙي وڃين
٧. هاڻي (من توکي ڪو قياس پوي) جو مون کي آزاد ڪرين
تہ وطن موٽي وڃان.

[٧٦]

سردارن جي سومرا، هيءَ مارئي مور نه مٽ
عمر ادا اخلاق کي موهه تي مور نه مٽ
اسين مارو ڏڻ ڌارو، راڄا مور نه مٽ
جهنگي جهڻ کي سومرا پريون مانئيون مٽ
مارن ڪئي مٽنهن مٽ، لاشڪ شت "لوهار" چئي.
(محمد طالب لوهار)

[ ١. مٽ=برابر، لائق
٢. مٽ=مٽاءِ، بدلاءِ
٣. مٽ=جوڙجيس
٤. مٽ=وڏو ماڻورو
٥. مٽنهن مٽ=مٽنهن مٽائڻ، وساري ڇڏڻ ]

١. اي عمر! مارئي ويچاري جهانگياڻي، سا سردارن ۽ حاڪمن جي لائق نه آهي
٢. ادا عمر! مٺن لڇڻن کي لوپ تي نه مٽاءِ (جو بدنامي حاصل ٿيندي)
٣. اسين مارو ماڻهو ڏڻ ڌاريون، سي هرگز حاڪمن جو جوڙجيس ناهيون
٤. (اسان وٽ ست رڇيون نه ناهن) پر ڏڌ لسي جا مٽ پري ڇڏيندا آهيون
٥. شايد مارو مون کي وساري مٽنهن موڙي ويٺا آهن (جو ڪا سار نه لڌي اٿن).

---

[٧٦] محمد طالب لوهار جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

[۷۷]

عمر! اسان جي ديس تي آهي آڪائي آن
ونديس ويڙهيچن ڏي، آهيان آڪائي آن
ڏسان آڪائي آن، وڃي ملڪ ملير ۾.
(خاقل برڙو)

[١. آڪائي ان=آڪن جي آن
٢. آڪائي ان=آکهه ني انهن جي
٣. آڪائي ان=آءٌ ڪائي آن]

١. عمر! اسان جي ملڪ ۾ آڪن ۾ ڪپهه (ٽيڻ جي منڊ) ٽي آهي
٢. آءٌ پنهنجن ويڙهيچن ڏي موٽي ونديس جو آکهه ني انهن جي آهيان
٣. ٿل! پنهنجي ملڪ ملير ۾ موٽي وڃي (رڍن جي) آن" ڏسان.

---

[۷۷] خاقل برڙي جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل. ڪڇهري بيرون، اوطاق مير شاهنواز خان شهلياڻي (۲۷-ڊسمبر ۱۹٦۹ع)
سکهڙ خاقل برڙو، ڳوٺ ميرپور برڙي تعلقي ٺٽل جو ويٺل آهي.

[٧٨]

زوري ڪٽي ضعيف کي، ڪرهي تي ڪامڻ
لڳي ”لغاري“ چئي، اندر ۾ ڪامڻ
پڇي وڃن ها پنڌ ۾، هجي ها ڪامڻ
”محمد علي“ مارن کي، عيب آهي ڪامڻ
هئي ڪوٽ ۾ ڪامڻ، نہ تہ عمر! اچان ها ڪينڪي.

(محمد علي ’طالب‘ لغاري)

[ ١. ڪامڻ=عورت مارڻي)
٢. ڪامڻ=ڪامڻ، مڙڻ
٣. ڪامڻ=ڪا+مڻ=مٿيا
٤. ڪامڻ=وڪامڻ
٥. ڪامڻ=هيلو، قسمت]

١. اي عمر! تون هڪ نبل عورت کي زوري اٺ تي ڪٽي آئين
٢. آءٌ (انهيءَ جهوري ۾) اندرئي اندر ۾ پئي ڪامان
٣. منهنجن مارن ۾ ڪا پهچ هجي ها تہ توکي پنڌ ۾ اچي رسن ها
٤. اسان مارن ۾ (لالچ تي) وڪامڻ عيب آهي
٥. اي عمر! اهو ڪو قسمت جو لکيو هو نہ، تہ آءٌ تنهنجي ڪوٽ ۾ ڪيئن اچان ها!

---

[٧٨] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.
محمد علي لغاري، ڳوٺ حاجي خان لغاري تعلقي جوهي جو ويٺل.

[٩٧]

آچ مَ اجـڙوال ڪي، صاحب! سؤ ٽڪن
وٺن ڪين وجـود ڪي، صاحب! سؤ ٽڪن
آئــڙا ميهن ملير تي، صاحب! سؤ ٽڪن
منهنجن مـاروئـڙن جا، صاحب! سؤ ٽڪن
جهـوپا جهانگيئڙن جا، صاحب! سؤ ٽڪن
پهرايو وڃـن پٽن تي، صاحب! سؤ ٽڪن
آئين ويـل اجهور جي، صاحب! سؤ ٽڪن
جبي جبي ٻولي وات ۾، صاحب! سؤ ٽڪن
جتي ڪئي زي سومرا، صاحب! سؤ ٽڪن
ويس اسان جا ويڙهيچا، صاحب! سؤ ٽڪن
صاحب! سؤ ٽڪن، ڪيئن محلين رهي ماچي جئي.
(طالب ماڇي)

[ ١. سؤ ٽڪن = سؤ ٽڪا، ناڻو
٢. سؤ ٽڪن = سنهت + ڪن، هارسينگار ڪن، سات سوڻ ڪن
٣. سؤ ٽڪن = سو + ٽهڪن (= خوش ٿين)
٤. سؤ ٽڪن = سو + ٽيڪُن، جهلون ڏين
٥. سؤ ٽڪن = آس + ٽِڪن (سوراخن سبب آس جا ٽِڪا)
٦. سؤ ٽڪن = سؤ ٽَڪنُ (مهينهَن)
٧. سؤ ٽڪن = ساٽو ڪن
٨. سؤ ٽڪن = سؤٽ ڪن
٩. سؤ ٽڪن = سي ٽـڪن
١٠. سؤ ٽڪن = سؤ ٽُڪن (= چٽين)
١١. سؤ ٽڪن = سؤ + ٽُڪن (= زخمن) ]

---

[٩٧] لاڙڪاڻي مان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کان مليو.
مگهڙ طالب ولد غلام محمد ماڇي، ڳوٺ ميان وريل فقير شيني تعلقي لاڙڪاڻي جو ويٺل آهي.

١. اي صاحب! هن اجڙوال ڪي ناڻو نه آڇ
٢. اي صاحب! (بند ۾) هار سينگار ۽ ساٽ سوڻ منهنجي وجود ڪي نٿا وڻن
٣. اي صاحب! ملير تي مينهن وٺا آهن جنهنڪري مارو خوشي ۾ پهڪن پيا
٤. اي صاحب! جهانگيئڙن جا مٿن نيڪن تي پيئا آهن
٥. اي صاحب! جهانگيئڙن جي جهوپن ۾ آس جا سوين نڪا آهن (سوراخن جي ڪري)
٦. اي صاحب! هو مينهون ۽ مال پهرايو پٽن ذي وڃن ٿا
٧. اي صاحب! آهي آجهور ويل موڻي اچي ڏارن مان مال لاءِ ساڻو ڪن ٿا
٨. اي صاحب! آتي اسان جي موٽن جي وات ۾ رکو "جيي جيي" جي پولي آهي
٩. هو جتي ڪٿي نيڪن ٿا، يعني ڪين جهل پل ۽ خوف خطرو ڪونهي
١٠. اي صاحب! اسان جي وبڙهيچن جي لباس ۾ سوين چتيون آهن
١١. اي صاحب! جنهن جي (جسم تي) سوين زخم هجن سا ڪيئن محلاتن ۾ رهي!

[٨٠]

عمر لڄايان ڪينڪي، مارن جي پٽڪن
مارو ملڪ ملير ۾، ڪڏهن نه پٽڪن
ٻري ٻچڙي ڳالهه، ڪي مارو ٿا پٽڪن
مايون ملڪ ملير جون، توکي ٿيون پٽڪن
ظالم ظلم ڪيو آئـي، ڏج سندن پٽڪن
مارو ٿا پٽڪن، مون لئي ملڪ ملير ۾.
(احمد خان آصف)

[ ١. پٽڪن = پڳڙن (واحد. پٽڪو)
٢. پٽڪن = پٽ (ريشم) ڪن
٣. پٽڪن = پَٽ (ميدان) ڪن
٤. پٽڪن = پِٽ ڪن
٥. پٽڪن = پيٽڪن (واحد. پيٽڪو) = پاراتن، ڏاجَ عائن
٦. پٽڪن = پِٽ ڪن]

١. اي عمر! آءٌ پنهنجن مارن جي پٽڪن کي ڪين لڄائيندس
٢. اسان جي ملڪ ملير ۾ مارو ڪڏهن به پٽ ريشم ڪين اوڍين
٣. ٻري ٻچڙي ڳالهه کان اسان جا مارو ميدانين پاسو ڪن ٿا
٤. ملڪ ملير جون مايون توکي پنهنجو پِٽ ٿيون سمجهن
٥. پر تو ظلم ڪيو آهي، تنهنڪري انهن جي پاراتن کان ڏج
٦. مارو مون لئي ملير ۾ پِٽ (ماتام) پيا ڪن.

---

[٨٠] خود شاعر احمد خان آصف کان مليو.
احمد خان مصرائي، موجوده دور جو شاعر، سنه ١٩٢٢ع ۾ ڄائو.

[٨١]

ٻَڪن جا هيراڪ هو، هيرڪ ڪين وڻن
مارو "مصراڻي" چوي، ويڙها جام وڻن
تَڪين تورن اوت تي، ڏارن ڪين وڻن
آهن جام وڻن، ڪڻا لويون کهنيون.
(احمد خان مصراڻي)

[١. وَڻن=وڻا (ڻانو)
٢. وڻن=وڻين، ڪتين
٣. وَڻن=وٽ، تورا
٤. وڻن=انهن وٽ]

١. (سنهنجا مائٽ) ٻَڪن ۾ پين جو هو وَڻن جا هيراڪ نہ آهن
٢. مارو (ڏاس جا) ويڙها جام وڻين ٿا
٣. هو اوت تي تڪ تور ڪن ۽ وٽ ڪين ڏارين
٤. انهن وٽ ڪڻا ۽ کهنيون لويون تمام گهڻيون آهن.

---

[٨١] خود شاعر احمد خان آصف کان مليو.

[۸۲]

سارو ملڪ ملير ۾، مور نه ڪن ساريون
چونديون ڏٿ چولين ۾، سهيليون ساريون
سهيليون ساريون، ٿي مران مصرائي چئي.
(احمد خان مصرائي)

[۱. ساريون=ٻوڪ (چانورن جي)
۲. ساريون=سپ
۳. ساريون=ساريو، ياد ڪريو]

۱. سارو ملير ۾ ڪڏهن به سارين جي ٻوڪ ڪانه ڪن
۲. (منهنجون) سموريون سرتيون گڏجي جهولين ۾ ڏٿ
پيون چونڊين
۳. آءِ سهيليون ساريو آءُ هت (تنهنجي بند ۾) پئي مران.

[۸۲] خود شاعر احمد خان آصف ڪان مليو.

[٨٣]

عمر! ماروئڙن لاءِ، ڪيان ٿي اوسر
اَنڱا مينهن ملير تي، ساوا ٿيا اوسر
عمر! مان اوسر، سليان سهيلين سان.
(احمد خان مصراڻي)

[١. اوسر=اوسارا، پار
٢. اوسر=آو (=آهي)+سَر=گاهه جو هڪ قسم
٣. اوسر=اهي سُورَ]

مارئي چئي ٿي:
١. اي عمر! آءٌ ماروئڙن لاءِ پار ڪيئي روئان پئي
٢. ملير تي مينهن وٺا آهن جو سَرَ به ساوا ٿي ويا آهن
٣. عمر! (شال موٽي وڃي) پنهنجا سور (قيد بند جا) سرتين کي
ٻڌايان!

---

[٨٣] خود شاعر احمد خان آصف ڪان مليو.

[٨٤]

ٻچڙيون لڳن ڀيراوڙا! تنهنجون هي ماڙيون
دُکاءِ ڪيم دل تي، عمر! هي ماڙيون
ڪر تون قياس مون سڀئي عمر هي ماڙيون
پوءِ "اڪبر" هي ماڙيون، هونديءِ حياتي نانءَ.
(علي اڪبر)

[١. ماڙيون=محلاتون
٢. ماڙيون=آماڙيون
٣. ماڙيون (ماڙ= ميهر)=ٻاجهون
٤. ماڙيون=محلاتون]

١. اي ٻاءِ! تنهنجون هي ماڙيون مونکي آزار تي ٿيون لڳن
٢. اي عمر! منهنجي دل تي (ويچ ڏئي) آماڙيون نه دُکاءِ
٣. مون تي اهي ٻاجهون ڪري موڪل ڏي (ته وڃي مارو ڏسان)
٤. ته پوءِ تنهنجا اهي محلات ۽ ماڙيون سڄي ڄمار قائم هوندا.

---

[٨٤] خود شاعر علي اڪبر لغاري (ڳوٺ جعفرخان لغاري)کان مليو.

[٨٥]

وڏيا ويڙهيچن، مارن مَنهڙا
آئي پاس اڏيا آهن مارن مَنهڙا
مارن مَنهڙا، ڏاريا سي ڏندن سان.

[۱. مَنهڙا=وارن جي ڪُنڊڻ جو هڪ نمونو، مينڍا
۲. مَنهڙا=ننڍا مَنهڙن، ننڍا ڇنا، ننڍا ڀڪڙا
۳. مَنهڙا=نُنهڙا، ننهن]

مارئي ٿي چوي ته:

۱. اڄ منهنجي مارو ڙڙي سرتين وار ويڙهي مينڍيا ڏاهيا آهن
۲. برسات وٺي آهي، مارن آتي پنهنجا ڀڪڙا اڏيا آهن
۳. هو منهنجي جدائيءَ جي ڏک ۾ پنهنجا نُنهن ڏندن سان
پيا چِڪِن.

---

[٨٥] "سير ڪوهستان"، ڇاپو ٻهريون، ۱۹۴۲ع، ص ٩٦.

[٨٦]

مارن پاس ملير ۾، ميان مان مڪڙي
دل منهنجي سومرا، ميان مان مڪڙي
هڙي پيئي هينئين ۾، ميان مان مڪڙي
آهي ملڪ ملير ۾، ميان مان مڪڙي
ميان ڪا مڪڙي، ڏسندين ملڪ ملير ۾.

[ ١. مان مڪڙي=مُ(=نه)+ڪڙي=ڪاري، اڻ وڻندڙ
٢. مان مڪڙي=مامَ+ڪَڙي=مارن جي مام (يادگيري) قابو ڪئي
٣. مڪڙي=جنڊ جي مٿين اڏڙ ۾ پيل ڪاٺي جنهن تي جنڊ ڦري
٤. مٽڪڙي=مَٽڪَ (ڪپڙ جا پيرون)+ڙي
٥. مڪڙي=مُ+ڪَڙي=پيرن جو ڳهه ]

١. اي ميان عمر! مان پنهنجن مارن کي ڪڙي ناهيان (جو وساري ڇڏين)
٢. اي ميان عمر! منهنجي دل مارن جي مام هڏي قابو ڪئي آهي
٣. ميان عمر! منهنجي دل ۾ اچا تائين مارو ئڙن جي جنڊن جو آواز هڙي پيو
٤. اي ميان عمر! هن وقت ملير ۾ پيرن جي مَٽڪَ هوندي
٥. اي ميان! (مارو اهڙا غريب آهن جو) ڪين پيرن ۾ ڪا ڪڙي (ڳهه) به ڪانه ڏسندين.

[٨٦] اوڪ ادب جو جائزو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ١٩٨٦ع، ص ٨١.

[٨٧]

آچ مَ آجڙوال ڪي، عمر! سا ڳاڙهي
آهي ملڪ مليرَ ۾، عمر! سا ڳاڙهي
عمر! سا ڳاڙهي، ڪائي هوند خوش ٿيان.

[١. ڳاڙهي=ڳاڙهي ماڙي. اجڙوال=ٻنهوار، ٻڪريون چاريندڙ
٢. ڳاڙهي=ڳاڙهي ڳئون، يا ڳاڙهي لاڪ رتي لوئي
٣. ڳاڙهي=ڳاڙهي ڀُسي]

١. اي عمر! مون ٻڪرار ڪي ڳاڙهي ماڙي (محلات) جي آچ ڪري نه هرڪاءِ
٢. اسين انهن ڀڻن ۾ رهون جتي ڳاڙهيون ڳويون آهن، يا ڳاڙهيون لاڪ رتيون لويون آهن
٣. اي ميان عمر! آءٌ سا ٿر جي ڳاڙهي ڀُسي ڪائي هوند سَرَهي ٿيان!

---

[٨٧] لاڙڪاڻي مان ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ڪان مليو.

[٨٨]

عمر ابائي پار ڏي، بانڪا آتي بند
ڪپي ڪوري ڪونہ ڪو، بانڪا آتي بند
آٿيون اوڏين ڪي وجهن، بانڪا آتي بند
بانڪا ٽوڙڻ بند، مرڪ نہ ماروئڙن جو.

[ ١. بانڪا=سورهيہ . آتي=اُن هنڌ. بند= واريءَ يا مٽيءَ جا وڏا ڀتا، پٽون
٢. بانڪا=پهلوان (پهنوار). بند=سنڌ (جسم جو)
٣. بانڪا=سگهارا (سنگهار، مارو). بند=سڪل ڪاٺ جو گڏو
٤. بانڪا=ارڏا، زوراور. بند=ريت رسم جي پابندي، (نڪاح جو) بندڻ ]

١. اي سورهيہ عمر! منهنجي ابائي ملڪ ۾ رکو واريءَ جون پٽون آهن
٢. آتي پنهوارن مان ڪو ڪنهن کي وڍي يا قتل ڪونہ ٿو ڪري
٣. آتي سگهارا مارو گاه جون ڀريون ڪٽي اچي ڀڪرين (آٿڻ) کي ٿا وجهن
٤. اي ارڏا عمر! آتي جي ريت رسم موجب نڪاح وارو بندڻ ٽوڙڻ ماروئڙن جو شيوو ناهي

---

[٨٨] سگهڙ جوان پٽ خير محمد برڙي جي زباني، ڪڇري ميرپور برڙو تعلقو ٿل، تاريخ ٢٤-جنوري ١٩٥٩ع؛ ۽ ساڳئي هنڌ ٢٣-مئي ١٩٥٩ع تي ڪڇري ۾ فقير محمد سامت جي زباني قلمبند ڪيل.

[٨٩]

وڄهہ نہ ويڙهيڇن ڏانهن، راجا راوَ رتيُون
آڄ نہ اجڙوال ڪسي، تون راجا راوَ رتيُون
ڪڏهن ڪندي ڪينڪي، اهي راجا راوَ رتيُون
هين راجا راوَ رتيون، پر ويڙهي ويڙهيڇن جي.

[١. رتيون=ريتيون
٢. رتيون=سونَ جون رتيون
٣. رتيون=ريتيون، ڳاڙهيون (پوشاڪون)
٤. رتيون=راڻتيون (طنبو)]

١ راجا! ويڙهيڇن ۾ خراب ريتيون نہ وجهہ
٢. ٻڪرار ڪي تون سونَ-مينَ نہ آڄ
٣. نڪي تنهنجون ڳاڙهيون پوشاڪون ڏِ ڪيندي
٤. هتي تنهنجا بادشاهي طنبو طولان آهن، پر هوءَ پنهنجي ويڙهيڇن جي ويڙهي ڪي وڌيڪ ٿي سمجهي.

---

[٨٩] سگهڙ فقير محمد سامت جي زباني، ڪڇهري ڳوٺ محمد پور، ٢٣-مئي ١٩٥٩ع.

[٩٠]

اونـــا ڏـي آوَڙن، ميان مان ڪيتل جا
پَٽ پهرينديس ڪينڪي ميان مان ڪيتل جا
ميان مان ڪيتل جا، مـاڻهـو ڏيندم مهڻا.

[ ١. آونا ڏي=آن جا ڏي. مان ڪيتل جا=مونکي ڪيت جا
٢. مان ڪيتل جا=مان ڪي+ڌ+لجا
٣. مان ڪيتل جا=مان ڪي+تل (=ترَ)+جا]

١. اي ميان عمر! مون ڪي ڌم ڪيت جا ڏنل آن جا ڪپڙا
وڻن ڏنا
٢. اي ميان عمر! پَٽ پهري آءُ پاڻ ڪي ڪين لجائيند يس
٣. اي ميان عمر! مون ڪي تر جا (ملير جا) ماڻهو مهڻا ڏيندا.

---

[٩٠] سگهڙ فقير محمد سامت جي زباني، ڪڇهري ڳوٺ محمد پور،
تاريخ ٢٣-مئي ١٩٥٩ع.

[٩١]

کري سنگ سومرا، جي توسان وير وهاڻ
تہ سارن کي ملير ۾ ڏيان هوند وير وهاڻ
سارن جو ملير ۾ آهي وڻ وڻ هيٺ وهاڻ
ساڙيءَ تنهنجي سومرا کڏهن کين وهاڻ
پوءِ مارن ساڻ وهاڻ، منهنجو کڏهن ڏينديءَ کونکو.

[ ١. وير=اي وير، اي ٻانکا ٻادشاه. وهاڻ=شادي، پرڻو
٢. وهاڻ=وِهہ (=زهر)+آن=آءٌ
٣. وهاڻ=ويهڪ، ٿاڪ
٤. وهاڻ=ويهاڻ، ويهي رهڻ
٥. وهاڻ=پرڻو. مارن ساڻ=سختين سان ]

١. اي سومرا ٻادشاه! جي توسان سگ کري شادي کريان
٢. تہ اي وير! ملير ۾ سارن لاءِ (انهي سگ سبٻان) آءٌ هوند زهر وانگر کڙي ٿي پوان
٣. منهنجي سارن جي ملير ۾ وڻ وڻ هيٺ ويهڪ آهي
٤. آءٌ تنهنجي ماڙيءَ ۾ کڏهن کانہ وهنديس
٥. سختي ۽ زور سان منهنجو توسان پرڻو کڏهن کين ٿيندو.

---

[٩١] ڊاڪٽر ٻلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل. ٻيون اٽپوريون روايتون محمد يعقوب ٻرڙي (ٿل) ۽ غلام رسول جتوئي (واره) کان مليون.

## [٩٢]

نپني ھٿيس سارن ۾، عمر ٻي سيرَن
تو جھلي آ جھلَ ۾، عمر ٻي سيرَن
ٻه وَر، وَني ھيڪڙي، عمر ٻي سيرَن
عمر ٻي سيرَن، رت روئي ٿي مارئي.

[ ١. ٻي سيرَن=سيرن حلون (مٺين طعامن) کان سواءِ، يعني ڏٿ تي
٢. ٻي سيرن=ٻي سِرن، نڌڻڪن، لاوارثن
٣. ٻي سيرن=سيل ست کان سواءِ، يعني غير اشرافن
٤. ٻي سيرن=ٻي سيرن يعني تور ماپ کان سواءِ، بيحساب ]

١. عمر! آءٌ مارن ۾ سيرا حلوا کائي نه نپني ھيس، پر ڏٿ تي پلي ھيس
٢. تو مون کي نڌڻڪي يا لاوارث سمجھي جھلي آڻي بند ۾ وڌو آھي
٣. ھڪڙي وَني کي ٻه مڙس آھي ڏيندا جن کي سيل ست جو ڀرم نه ھوندو
٤. عمر! ھت (بند ۾ مارن کي ساري) مارئي بيحساب روئي ٿي.

---

[٩٢] سگھڙ محمد يعقوب ٻرڙي، تعلقي ٺل جي زباني قلمبند ڪيل.

[٩٣]

لاٽيون اچن لوءِ ڏي، عمر اي ڏورا
تنهنجا وٽن ڪينڪي عمر اي ڏورا
مرڪ نہ ماروئڙن جو عمر اي ڏورا
پوءِ عمر اي ڏورا، وٽن نہ ويڙهيچن ڪي.

[١. ڏورا=ڪرڙ جا ڏيلها، ڏونرا
٢. ڏورا=ڏوريا (ڏورئي جا ڪپڙا ۽ وڳا)
٣. ڏورا=پانهن ۾ پائڻ جو ڳهه
٤. ڏورا=ڏ ُون=نہ+روا=جائز]

١. عمرا اهي (ماروئڙيون) پنهنجين واڍن ڏي (پنهنجي گهرن ڏي) ڏونرا پٽيو اچن
٢. تنهنجا ڏورئي جا آچا ڪپڙا ۽ وڳا مون کي ڪين ٿا وڻن
٣. پانهن ۾ سونا ڳهه پائڻ ماروئڙين جو مرڪ ناهي
٤. اي عمرا پہ ور (مڙس) ڪرڻ جي ريت ويڙهيچن وٽ روا (جائز) نہ آهي.

---

[٩٣] محمد يعقوب پرڙي (تعلقو ٿل) جي زباني قلمبند ڪيل.

[۹۴]

ڪَنَ ڪَڪَهي ڪِرڙو ڪُنِّي، عمر ٻڪر ٻُوئَن
پيهر نه پاس پتار جي، عمر ٻڪر ٻُوئَن
آئي مهل اڄهور تي، عمر ٻڪر ٻُوئَن
ترَّ ٻيهڪي، چرن چٽ تي، عمر ٻڪر ٻُوئَن
ٻڪر ٿي ٻُوئَن، جي ڪلڙي ڪوءِ ڪٽي ويا.

[ ۱. ڪَڪَهي= پوري (آپون). ٻُوئن= آنٽ. ڪرڙو= گاهه.
۲. پيرنه = پيرن= پيراڪن. پتار= پتل (گاهه). ٻُوئن= ٻهن (ويهن)
۳. ٻُوئن= ٻيڪن (دانهون ڪن)
۴. ٻيهڪي، = ٻيڪڙي يا ڏلهي. ٻوئن= ٻوهن (گاهه)]

۱. اي عمر بادشاه! منهنجا مارو، ڪڪوريل (ٻچن وارو، پوري رنگ جو) ڪرڙو گاه ڪُٽي آن جو آپون ان ڪائن

۲. عمر! ٻڪر ٻوهن گاهن ۾ پيا پيرا ڪن ۽ پتل (گاه) پيا کائن

۳. عمر! ٻڪر ٻيڪون ڪن ته انهن کي (مارو) اڄهور مهل ورايو آئين

۴. ترَّ ٻيڪڙي يعني کوهه ڍڪي يا ڏلهي، نئين قتل گاهه جي چٽ ٻڪرين کي ٿا چارين. يعني ٻئي ڪنهن ترَّ يا جوءِ ۾ وڃي چٽ چارين.

۵. جڏهن جُوءِ مان گاهه ختم ٿيو ۽ ٻڪرن ٻيڪڻ شروع ڪيو ته پوءِ پنهنوار ڪليون ڪٽي آها جُوءِ ڇڏي ويا.

---

[۹۴] خدا بخش ملاح، تعلقو گُڙهي ياسين جي زباني قلمبند ڪيل.

[٩٥]

عمر اسان جي ڏيهہ ڏي، برين سي بادل
تنهنجا ميان سومرا، برين سي بادل
برين سي بادل، موڪل ڏي ملير وڃان.

[١. ٻَرِ ين = ٻَرسن. سي = آهي. ٻادل = ڪڪر
٢. برين = بر ۾، سيج ۾. سي ٻا > ٻا سي = ٻاسي + دَلَ = لشڪر
٣. ٻَرين > پيري = موٽي، ڦيري سي = سان. ٻادل = ٻہ + دل > عدل (= انصاف)]

١. عمر! اسان جي ملڪ تي ڪڪر پيا وسن (مينهن وسي ٿو)
٢. سومرا (عمر)! شل تنهنجا لشڪر بر پاسي هجن (جو مارن ڪان پري هجن ۽ انهن لاءِ اهڪ نہ ڪن)
٣. انصاف ڪري مون کي موڪل ڏي تہ ملير ڏانهن موٽي وڃان.

---

[٩٥] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.
سکهڙ صابر شر، تعلقو ڏهرڪي جي زباني قلمبند ڪيل.

[٩٦]

ڏينهن تتي جو ڏُڌ ڪسي، ڪن ريٽين ريت پسي
جهول جهليون پيا جهنگ ۾، ڪن پر پنهوار پسي
ويڙهيچاڻي واهڻين، پيا پٽڪين پل پسي
پنهنجي پاند پسي، جيڪر جيڏين سان ڪيان.

[ ١. ريٽين=ريڙن، اگڙين. پسي (ڏڌ ڪي پسي ڪرڻ)=مانيءَ ڪي پاڻيءَ جي ٿانءَ ۾ رکي مٿي پسائي يا ريڙون (اگڙيون) پسائي ماني تي ڏيڻ
٢. پسي=ڪرڙ جي
٣. پٽڪين=آئن تي. پسي=پڙجي
٤. پسي=ڪرڙ جي]

١. عمر! پنهواريون ڏينهن تتي جو ڏڌ جي مانيءَ کي مٿي ملائي ريڙون هڻن ٿيون تہ جيئن ڏڌ ٿڌو رهي
٢. پنهوار جهوليون جهليو ڪاج لاءِ جهنگ مان پسي پيا چونڊين
٣. ويڙهيچن جي ويڙهہ ۾ مينهن پيا، آئن جا پلاڻ پسي پيا
٤. شال آءٌ بہ پنهنجي جيڏين سان وڃي پنهنجي پاند ۾ پسي چونڊيان.

---

[٩٦] سکھڙ صابر شر، تعلقو ڏهرڪي جي زباني قلمبند ڪيل.

[٩٧]

کـڙي هـيـس کوهہ تي، عمر ٻپپهري
وَنـا مينهن مـلـيـر تي، عمر ٻپپهري
آجـڙ چـاريـن آجـڙي، عمر ٻپپهري
اتي عمر ٻپپهري، هت پهري پهر نہ سومراء

[ ١. ٻپهري = ٻن پهرن جو
٢. ٻپهري = ٻيپ گاهہ ٿيا
٣. ٻپهري = سر ٻپهرن جو، تتي ڏينهن جو
٤. ٻپهري = ٻي سپ ٻپهر پهري ]

١. عمر! ٻن پهرن مهل کوهہ تي ٻيڙي هيس جو تو کنيو هو
٢. ملير تي مينهن وٺا آهن، جن تي ٻيپ گاهہ جام ٿيو آهي
٣. آتي ٻڪرار تتي ڏينهن منجهند جو بہ ٻڪريون چارين ٿا
٤. هتّ ملير ۾ ڏوٽين جي سپ پهر پهري، هـت ڪوٽ ۾ ڪابہ ڪانہ ٻاهر وڃي (جو اندر قابو آهي).

[٩٧] سکهڙ صابر شر، تعلقو ڏهرڪي جي زباني قلمبند ڪيل.

[٩٨]

خوش وسين تو سومرا! اباڻا اولاڪن
ويس چا چاڻان سومرا! اباڻا اولاڪن
ڪپڙين ڪارين جا، اباڻا اولاڪن
ڪڍهن سنيران ڪينڪي، اباڻا اولاڪن
آهي اباڻا اولاڪن، شل غمخواري ڪوندر ۾.

[ ١. اولاڪن=اولاڪن ۾، ڏکن ۾، انتظار ۾

٢. اولاڪن=آو + (لاڪُون=ڪوڏون) + لاڪُن يعني ڪوڏن ۾ آهن

٣. اولاڪن=اولا (=آڏون، ڇپر، ڍڪ)+ڪن

٤. اولاڪن=آولا (=خراب ڏکيا)+ڪن

٥. اولاڪن=آو+الله ڪن (الله الله)+ڪن ]

١. عمر سومرا! تون (هيتي) خوشين ۾ رهين ٿو پر هتّ اباڻا ڏکن ڏاکڙن ۾ پيا گذارين

٢. تنهنجي (پٽن ۽ ريشم) مان آءٌ ڇا ڄاڻان، اسان وٽ هتّ ماڻهو ڪوڏون تا اوڍين

٣. هتّ اباڻا ڪارين ڪپڙين جون آڏون ۽ ڇپر تا ڪن

٤. آءٌ اهو ڪڏهن به، ڪين سنيران تہ ڪو منهنجن ماڻهن خراب (ڪم) ڪيو هجي

٥. آهي اباڻا الله (ڪري) شل ڏکن ۾ غمخواري ڪن.

---

[٩٨] تعلقي جيڪب آباد مان خاوندبخش "ساقي" ڪان مليو.

[٩٩]

پنّن پاسي بـونـد وٺي، وهسن ويچارا
گلزار ڪيا گاهن سين، واحـد ويچارا
سالن ويچارا، پرور ڪٽي پيدا ڪيا.

[ ١. ويچارا=بيوس، غريب
٢. ويچارا=آهي+چارا (گس)=رستا
٣. ويچارا>وي+چارا (گاهه) ]

١. پنّن تي بوند وٺي آهي تنهنڪري غريب مارو ڏاڍا خوش ٿيا آهن
٢. وسڪاري جي ڪري وِي ۽ چارا (پيچرا) به گاهن سان ساوا ٿي ويا آهن
٣. اتي مال لاءِ وي ۽ چارا مولا ڪٽي پيدا ڪيا آهن.

---

[٩٩] تعلقي جيڪب آباد مان خاوند بخش ساقي ڪان مليو.

[١٠٠]

ڪين ڏسو ٿيون ڏاهيون! اوچڻ **آلوڙي**
ساريان ٿي سانگين ۾، آ منهن **آلوڙي**
سونڪي **آلوڙي**، انهن سڪين سانگين جي.

[ ١. آلوڙي=آلو (پيئل، پُسيل)+ڙي
٢. آلوڙي=تازي وياڻل، کير واري (ٻڪري يا ڳئون)
٣. آلوڙي=آ=آهي+لوڙي، لوڙ (ڇڪ، ڪهرج، سڪ) ]

مارئي پنهنجي سرتين کي ٿي چوي ته:

١. ڏاهيون! اوهين ڏسو ڪين ٿيون ته مون روئي روئي پنهنجو اوچڻ آلو ڪري ڇڏيو آهي

٢. (هن وقت) جڏهن مال وياڻ جي منڊ آهي تڏهن پنهنجن سانگين کي ساريان پئي

٣. (هن وقت) مون کي پنهنجن سڪين ويڙهيچن جي اندر ۾ لوري لڳل آهي.

---

[١٠٠] تعلقي جيڪب آباد مان خاوندبخش ساقي کان مليو.

[١٠١]

جيڪس ياد پيام، مونکي ٿي **هڏڪي**
تنهنجي جور جفا کان هينئون وڃي **هڏڪي**
تو جا **هڏڪي**، سا پڇند ۽ پيرائتو پر ڀئون.

[١. هِڏِڪي = هِڏڪي، وڏٿي، سارَ
٢. هڏڪي = هو + ڏڪي (= ڪنبي)
٣. هڏڪي = هوڏ + ڪي]

١. اڄ مون کي هِڏڪي ٿي آهي، شايد مارن ساريو اٿم
٢. اي عمر! تنهنجو ڏاڍ ڏمر ڏسي منهنجو هينيون ڏڪيو وڃي
٣. تو جا مونکي مڃائڻ واري هوڏ ڪئي آهي تنهن بابت توکان آخرت ۾ پڇا ٿيندي.

---

[١٠١] تعلقي جيڪب آباد مان خاوندبخش 'ساقي' کان مليو.

[۱۰۲]

عمر! اباڻي پار ڏي، ٿي پڪا جام پٽسيون
ٽڏيون ٿانون تي ڌرين، پنهواريون ته پٽسيون
پنبڻيون ٿم پٽسيون، جو مونکي ماتم ماڙيچن جو.

[۱. پٽسيون = پٽسي (ڪرڙ جي)
۲. پسيون = آلو ڪپڙو (جو ڪير ۽ ڏڌ جي مٿان رکجي)
۳. پٽسيون = آليون]

۱. عمر! اباڻي پار ڏي پڪا ۽ پٽسيون جام ٿيا آهن
۲. پنهواريون ماڻين جي مٿان ٽڏيون پٽسيون (اگهڙيون) رکن ٿيون
۳. پر منهنجون اکيون آليون آهن جو مونکي ماروئڙن (جي وڇوڙي) جو غم آهي.

[۱۰۲] تعلقي واره مان غلام رسول جتوئي کان مليو.

[۱۰۳]

مارو ملڪ ملير ۾، ناهن پيانا
ڪنيو ويئا آهن گهرن ۾، اهي ئي پيانا
اهي ئي پيانا، وندينديس ويڙهيچن ۾ ۔

[ ۱. پيانا = پيا + نه
۲. پيانا = ڍنگهرن ڪٽڻ لاءِ ٻه ٽانگيون ڪاٺيون
۳. پيانا > ييانا = ييان، ڳالهيون ]

۱. ملير ۾ رڳو مارو ماڻهو آهن، اتي پيا ڪي (امير) ماڻهو ناهن
۲. انهن وٽ گهرن ۾ ٻيو ته ڪو (هٿيار) ڪونهي، باقي ڍنگهرن ڪٽڻ لاءِ پيانا رکيو ويئا آهن
۳. عمر! تنهنجون ڳالهيون آءٌ وڃي ويڙهيچن سان ڪنديس.

---

[۱۰۳] تعلقي واره مان غلام رسول جتوئي کان مليو.

[١٠٤]

وٽن کين وجود کي، عمر سي پنگهڙا
ڪڍهن ڪانئيندیس ڪينکي، عمر سي پنگهڙا
عمر سي پنگهڙا، شل وڃي ڏسان ويڙهه ۾.

[١. پنگهڙا=پوکڙا، پوک چرچا، خوشطبعي
٢. پنگهڙا=پوکهڙا، پنگهل طعام
٣. پنگهڙا=آپ (=آسمان)+گهڙا]

١. عمر! تون جيکي پوک چرچا ٿو کرين، سي مون کي نٿا وڻن
٢. آءٌ ڪڍهن به تنهنجا پنگهل طعام نه کائيندیس
٣. عمر! شل ملير ۾ موٽي وڃي ميهن ۽ گهڙا ڏسان.

---

[١٠٤] تعلقي واره مان غلام رسول جتوئي کان ۽ مٽياري (تعلقي هالا) مان قاضي نور محمد کان مليو.

[١٠٥]

وڻن ڪين وجود کي، عمر سي ڪُرڙا
ڪڏهن ڏٺا هُم ڪينڪي، عمر سي ڪُرڙا
عمر سي ڪُرڙا، شل وڃي ڏسان ويڙهه ۾.

[١. ڪُرڙا=مڇي جا ڏنيرا (اسين ڏٺ ڳائون)
٢. ڪُرڙا=ڪَرڙا (سخت قيد)، ڪَڙا، زنجير
٣. ڪُرڙا=ڪُرا، ٻڪرڙا، ڇيلا]

١. اي عمر! مون کي تنهنجا اهي ڏنيرا نٿا وڻن جو اسين ڏٺ ڳائڻ آهيون
٢. مون ڪڏهن به اهي ڪڙا ۽ زنجير نه ڏٺا هئا
٣. عمر! شل، پنهنجي ڏيهه موٽي وڃي ٻڪر ۽ ڇيلا ڏسان.

---

[١٠٥] تعلقي واره مان غلام رسول جتوئي کان مليو.

[١٠٦]

آئيا مينهن ملير ڏي، بـسـتـي پيٽَن وٽ
پريا تـلاءَ ترائيون، جن جي وٽي هلون وٽ
تين چمڪارا وج جا، جيئن ڏِٺي بتيءَ وٽ
جيئن رسو نو ڙي وٽ، تئن منهنجو من مارن سان.

[ ١. وَٽ=طرف، پاسي
٢. وَٽُ=پر، ڪنارو
٣. وَٽِ=ڏيي يا بتيءَ ۾ ڪپهه جي پرندڙ فتيل
٤. وَٽُ=وڪڙ]

١. ملير تي مينهن وٺا آهن ۽ پٽن جي پاسي وسنديون ٿيون آهن
٢. اسين انهن پريل تلائن ۽ تراين جي پر ڏيئي هلندا آهيون
٣. هنٺت کنوڻ گهڻو پري کان بتيءَ جي وَٽ وانگر چمڪارا پئي ڏئي
٤. منهنجو من مارن سان ائين ڳنڍيل آهي جيئن رسي جون تندون پاڻ ۾ وٽيل هونديون آهن.

---

[١٠٦] تعلقي قمبر مان غلام يحيٰ کان مليو.

[١٠٧]

آتـو ملڪ ملير جـو جت پـيـرون پٽ پڪا
ڏٿ ڏاڏاڻي ڏيـهـہ جـا، پـڇـي ٿـيـا پڪا
پوء ڪچا جي پڪا، تہ بہ مـٺا ماڻهو ملير جا.

[١. پڪا=پڪل ڏؤرا (ڪرڙ جا)
٢. پڪا=پڇي راس ٿيا
٣. پڪا=ڏکن بکن جا ڏاڍا، غريب]

١. ملير جـو ملڪ وٺو آهي جتي پيرون، پٽسيون ۽ پڪا ٿيا آهن
٢. ڏاڏاڻي ڏيهہ ۾ ڏٿ پچي راس ٿيا آهن
٣. پوء (اهي) سادا هجن يا غريب تہ بہ ملير جا ماڻهو (مون لاء) مٺا آهن.

[١٠٧] تعلقي قمبر مان غلام يحيا کان مليو.

[١٠٨]

چَلِيي آيـون چاهـ مؤن، کنيو راوَ رسو
سَت پتيرو سهڻو، منهنجو راوَ رسو
ساري تنهن سر ۾، منهنجو ڪونہ راوَ رسو
منهنجو راوَ رسو، آهي ماڳ ملير ۾.

[ ١. راوَ=اي راءِ. رسو=مونکي پڌڻ لاءِ رسو
٢. راوَ رسو=راءِ+ور(=مڙس)+سو
٣. راوَ رسو=اي راءِ. رسو=رسيو=پهتو. سَر=تلاءُ، ڪوهہ.
٤. راوَ رسو=راءِ=رابو+رسو=رَس، خوشي]

١. اي عمر! تون ڪوهہ تان ائين ڪٿي آئين جڻ منهنجو مڙس هئين
٢. منهنجو وَرُ توکان ست ڀيرا وڌيڪ سهڻو ۽ ڳڻوان آهي
٣. ڪوهہ تي منهنجي ڪابہ پهر ڪانہ پهتي، جو واهر ٿئي ها
٤. اي عمر! منهنجو روح جو رابو ۽ خوشي ملير ۾ (پنهنجي ور وٽ) آهي.

---

[١٠٨] لاڙڪاڻي مان ماستر عبدالحق کان مليو.

[١٠٩]

آچ مَ اجـڙوال ڪـي، عمر! سي مـُـڻيون
جن واهر ور نہ ڪري، عمر! سي مـُـڻيون
مون وٽيون مارن جون، عمر! سي مـُـڻيون
عمر! سي مـُـڻيون، واري وجهـن وات ۾.

[ ١. مـُـڻيون=ڀـُـڪ (ناڻي جا)
٢. مـُـڻيون=مـُـتل، مجبور
٣. مـُـڻيون=ساڳ جون مـُـڻيون
٤. مـُـڻيون=ڀـُـڪ، ڦـڪ]

١. عمر! مون مسڪين کي اِهي ناڻي جون مـُـڻيون نہ آچ
٢. جن جي ڪا واهر نہ ورندي سي ڇڻ مون وانگر مـُـڻيون
٣. اي ميان عمر! مونکي مارن واريون ساڳ جون مـُـڻيون وٽيون
٤. عمر! منهنجا مارو پيرن جون مـُـڻيون پري وات ۾ (ڦـڪ) هڻن.

---

[١٠٩] لاڙڪاڻي مان ماستر عبدالحق ڪان مليو.

[١١٠]

مـارونـڙا مـلـيـر ۾، اوڏا ناناٽن
سگـ سـچاٽـن سـومـرا، اوڏا ناناٽن
مـارونـڙا مـهـر پـريـا، اوڏا ناناٽن
سالون ناناٽن، لويون پليون ٿن لاڪ جون.

[ ١. اوڏا = ويجها. لالاٽن = نالاٽن کي
٢. ناناٽن = نه + نياٽين
٣. لالاٽن = نه + لاٽن
٤. ناناٽن = نه + نه + آٽـِن ]

١. ملير ۾ مارونڙا پنهنجن (ابن نانن) مائٽن سان گڏيا ويٺا آهن
٢. اي سومرا! اهي ننگ نيات ۽ سگ سچاٽي ڪڏهن به نياٽين جي ويجهو ڪين ٿا وڃن (ڪـُريت ڪانم ٿا ڪن)
٣. اهي پاجهه پريا مارو (عزت ۽ محبت جا گهورا آهن پر) لالچ واري ناٽي کي ويجهو ڪين وڃن
٤. اهي پٽ جون سالون هرگز نه آٽن، انهن کي لاڪ رتيون لويون وڏيڪ پليون آهن.

---

[١١٠] تعلقي لاڙڪاڻي مان الهداد چغتائي کان مليو.

[١١١]

ڪٿي آيئون؟ ڪوهه تان، عمر! سا ماندي
لايان ڪين لڳن تان، عمر! سا ماندي
تون ٻي ٻانڀج ڪينڪي، عمر! سا ماندي
عمر! سا ماندي، جا ڪنواري وڏني ڪوٽ ۾.

[ ١. سا ماندي= سام + آدي
٢. سا ماندي= سا + ميندي
٣. سا ماندي= سا + مندي
٤. سا ماندي= سا + ماندي، پريشان ]

١. عمر! تون ڪوهه تان چئي تہ آدي (پيڙ) سام ڪري ڪٿي آيو آهين
٢. تنهنجي ميندي آهي هٿن پيرن کي ڪين لائيندي
٣. اهو خيال ڇڏي ڏي تہ آءٌ تو ۾ ڪا مندي (بري نيت) رکنديس
٤. اي عمر! جيڪا ڪنواري تو آئي ڪوٽ ۾ وڏي آهي، سا (مارن سان ملڻ لاءِ) ڏاڍي ماندي آهي.

---

[١١١] لاڙڪاڻي مان ماستر فتح محمد کان مليو.

[١١٢]

هُٽ ڪن ڪانئي ڪرڙ جي، ميان ماڪن
ڏاجـــو ڏاڏائـــن جـــو، ميان ماڪن
نـاهـيـان نـانـائـن ڪـي، ميان ماڪن
ڪاهي پوئي ڪا ڪوٽ ۾، ميان ماڪن
هُٽ ميان ماڪن، سـدا وسـي سـنـڌ ۾.

[ ١. ماڪن=م+ڪَن
٢. ماڪن=مان (= مون) +ڪِن(=وٽ)= مون وٽ
٣. ماڪن=مان+ڪَن (تي)
٤. ماڪن=ماڪڙ (لشڪر)
٥. ماڪن=ماڪ]

١. ميان سومرا! هُٽي ڪنن ۾ ڪرڙ جي ڪانئي وجهن، ڪِهه ڪين پائين
٢. اجان ڏاڏائن جو ڏنل ڏاج (لوئي) مون وٽ آهي
٣. شايد نانائن جي ڪَن تي ناهيان، يعني ڪين ياد ناهيان
٤. شل ڪوٽ ۾ ڪو لشڪر (دشمن جو) ڪاهي پوئي
٥. اي ميان عمر! هت اها ماڪ ڪانهي جيڪا سنڌ ۾ سدائين پئي وسي.

---

[١١٢] مير محمد خان لغاري جي زباني، ڪڇهري جوهي، تاريخ ٢٦-جنوري ١٩٥٨ع.

[١١٣]

پکا ڪين پهنوار ٿيا ماڙين سان سَٽَ ڪن
عمر! ڌاري ذات ڪسي، مارو نا مَٽَ ڪن
مارن جي مٽ ڪن، ڏڌ مکڻ گيھ جام آھ.

[١. سَٽُ ڪن=برابر ٿين
٢. مِٽُ ڪن=مٽ ڪن، مٽي ڪنديون
٣. مٽ ڪن=مٽڪن=مٽن مائين ۾]

١. پهنوار پنهنجن پکن کي ماڙين جي برابر نٿا ڀانئين
٢. اي عمر! مارو ڪنهن ڌاري ذات سان مٽي ڪين ڪنديون
٣. مارن جي مٽن ۽ مائين ۾ ڏڌ، مکڻ ۽ گيھ جام آهي.

---

[١١٣] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو.

[۱۱۴]

ناهن منهنجي ملڪ ۾، عمرا ڪي ڪسرون
ڳڪا پيهون ٿا اڏن، نـاهـن ڪي ڪسرون
عمرا ڪي ڪسرون، ڏيندين ڏينهن قيام جي.

[ ۱. ڪسرون=قصرون (قصر=محلات)، محلاتون
۲. ڪسرون=ڪي+سيرون
۳. ڪسرون=ڪثرون، حساب]

۱. ادا عمرا منهنجي ملڪ ۾ ڪي محلاتون ڪينهن
۲. آتي ڳڪا ۽ پيهيون اڏين ٿا، جو (ڳڪين اڏاوتن لاءِ) سيرون ڪين تين
۳. عمرا قيامت جي ڏينهن تون (هن ظلم جو) ضرور حساب ڏيندين.

---

[۱۱۴] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو.

[١١٥]

پائين ڪين پھنواريون، عمر ڙي! پانهيون
پئين پھنواريون ڪٽي، عمر ڙي! پانهيون
توکي سونهن سومريون، عمر ڙي! پانهيون
جهلڻ جڳائين ڪينڪي، عمر ڙي! پانهيون
عمر ڙي! پانهيون، ڪرن تنهنجي ڪوٽ جون.

[ ١. پانهيون=آلهي ڪُلهي ڇوڙا
٢. پانهيون=پانهون
٣. پانهيون=پانهيون، پايون، سومريون
٤. پانهيون=پانهون (زالون)
٥. پانهيون=پٿيون (ڪوٽ يا قلعي جون)]

١. اي عمر! پھنواريون ڇوڙن جون پانهيون ڪين پائين
٢. عمر! توکي پھنواريون هٿ ڪنيو پئين پيون
٣. تنهنجون سومريون ئي توکي پائڻون سونهن ٿيون
٤. اي عمر! پرايون زالون جهلڻ توکي نه جڳائي
٥. عمر! شل تنهنجي ڪوٽ جون پانهيون ڪرن (جو آءُ پنهنجن مارن سان وڃي ملان).

[١١٥] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[۱۱۶]

ٻڪر ٻاٻاڻن جا، عمر **ڙي! ٻيڪن**
ڪين سباٻان سون لاءِ، **عمر ڙي! ٻيڪن**
عمر **ڙي! ٻيڪن**، سي سٽيون ناهن سومرا.

[۱. **ٻيڪن**=ٻڪريون **دالهون** ڪن
۲. **ٻيڪن**=ٻٽي **ڪن**
۳. ٻيڪن=ٻ ڪن]

۱. ادا عمر! منهنجي ملڪ ۾ مارووڙن جا ٻڪر ٻيا ٻيڪن
۲. آءٌ تنهنجي سون تي هر ڪجي پنهنجا ٻٽي ڪن ڪين نٿو پائيندس
۳. عمر! جيڪي ٻه مڙس ڪن سي سٽيون نه ڇنبيون.

---

[۱۱۶] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[١١٧]

وڻا وڻن ڪينڪي، پين منجهہ ٻُڪن
چوڙي چڏين چوهہ مان، ٻڪر منجهہ ٻُڪن
ڳالهيون ڪين ٻُڪن، مارو مون مسڪين جا.

[ ١. ٻُڪن=هٿن
٢. ٻُڪن=گاهہ جو قسم
٣. ٻُڪن=ٻَہ ڪن]

١. منهنجا مارو وڻن ۾ نہ، پر ٻُڪن ۾ (پاڻي) پين
٢. آهي پنهنجون ٻڪريون چرڻ لاءِ، ٻُڪن (گاهہ) ۾ چوڙي چڏيندا آهن
٣. منهنجا مارو ٻہ ڳالهيون ڪين ڪن، اهي ٻڪ سڱنا آهن.

[١١٧] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[١١٨]

**سرتين ڇيلا ڇوڙيا، ٿا عمر! اوڳارين**
**عمر! اوڳارين، ڳڻ ٿا ڳوٺاڻن جا.**

[١. اوڳارين=اوڳر ڪن، اوڳر ورائن
٢. اوڳارن=آو+ ڳارين]

مارئي، عمر کي ٿي چوي تہ:

١. منهنجي ساهيڙين ڇيلا ڇوڙي ڇڏيا آهن، جيڪي گاهہ کائي ڍؤ ڪري هاڻي ويٺا اوڳر ورائين

٢. ادا عمر! مون کي آنهن جهانگين جا ڳڻ اندر ۾ ڳارين ٿا.

---

[١١٨] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[١١٩]

حيا منهنجي حال تي، عمر! تون اوکر
مارو ملڪ مليـر مان، لهن اچي اوکر
سرتيون چوڙي چيلڙا، ٻـپـن ٻيون اوکر
ڪاڇي جـي اوکر، عمر شـل آباد ٿئي.

[ ١. اوکر=او (اي) + ڪر
٢. اوکر=آو (آهي)=ڪَرَ (=خبر)
٣. اوکر=آو (آهي)=ڪَرَ (ور وڪڙ)
٤. اوکر=او = ڪر (=ڪندي) ]

١. عمر! تون منهنجي (هيڻائي واري) حال تي حياء ڪر
٢. شل منهنجا مارو ملير مان اچي منهنجي خبر لهن
٣. سرتيون چيلڙا چوڙيو پيڻن جا ور وڪڙ ٻڌيون وڃن
٤. اي عمر، شل منهنجي اباڻن واري (ڪڇ جي ڪندي) آباد ٿئي!

---

[١١٩] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[١٢٠]

عمرا تنهنجي طعام کان ٿا اچن اوڪارا
سانگي وجهن نہ ساڳ ۾ اصل اوڪارا
سانگي سڀ سچار ٿيا ناهن اوڪارا
ڪيم اوڪارا، عمر! اباڻن لئي.

[ ١. اوڪارا=آپڙڪا
٢. اوڪارا=آو+ڪارا (مرچ)
٣. اوڪارا=آو+ڪارا(=عيب دار)
٤. اوڪارا=آو+ڪارا (ڪڙا) ]

مارئي عمر کي چوي ٿي تہ:

١. اي عمر! تنهنجا طعام مونکي نٿا وڻن ۽ انهن کي ڏسي مونکي آپڙڪا ٿا اچن
٢. منهنجا مارو هٿ ساڳ چاڙهين پر ان ۾ ڪارا مرچ ڪونہ وجهن
٣. منهنجا مارو عيبدار نہ آهن پر ڏاڍا سچار آهن
٤. اي عمر! مون مارن کان جدائي جي غم ۾ ڪارا ڪڙا ڏکيا آهن.

---

[١٢٠] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو

[١٢١]

پنهنجا مـور وساريان، **عمر! مان پيڪان**
زيـور زريـون ڀائيان، **عمر! مان پيڪان**
**پهنواري پيڪان،** تنهنجا شربت شوق مان •

[ ١. پيڪان=پيڪا، مائٽ+ن
٢. پيڪان=پيٺي ڪانُ
٣. پيڪان=پيٺي+ڪانءِ ]

١. اي عمر! آءٌ پنهنجا مائٽ ڪڏهن به نه وساريندس
٢. عمر! اهي زيور (جيڪي تـو آڇيا آهن سي) آءٌ پاڻ تي تير ٿي ڀانئيان
٣. پهنوار (مارئي) تنهنجا شربت شوق سان ڪڏهن ڪانءِ پيئندي •

---

[١٢١] تعلقي ڏڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو

[١٢٢]

موليٰ وڏيون مهر جون عمر هي ٽڪڙيون
پاڻن کين پهڻواريون عمر هي ٽڪڙيون
مال مٿايون پاڻيان عمر هي ٽڪڙيون
عمر هي ٽڪڙيون، حاڪم هٿايون ڇو اٿئي!

[١. ٽڪڙيون = ٽه + ڪڙيون = ڪٽيون (مينهن جون)
٢. ٽڪڙيون = ٽ + ڪڙيون (پيرن ۾ پاڻن جو ڳهه)
٣. ٽڪڙيون = ٽ + ڪڙيون = ڪوڙيون، ڪاريون
٤. ٽڪڙيون = هٿ ڪڙيون]

١. عمر! خدا جي رحمت جون بوندون وٺيون آهن
٢. پهڻواريون اهي ڪڙيون (ڳهه) کين پائين، جيڪي تون مونکي آڇين ٿو
٣. عمر! تنهنجون هي مٿايون آهن زهر ٿي ڀانيان
٤. اي عمر! مون کي بيگناهه هي هٿڪڙيون ڇو هٿايون اٿئي!

---

[١٢٢] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[۱۲۳]

سُونهَن، توکي سومرا، عمر! سالائي
نار وساري نر کي، عمر! سالائي
عمر! سالائي، مارن منهنجي من کي.

[ ۱. سالائي=سالا
۲. سالائي=سا+لائين يعني گهٽ
۳. سالائي=سا+لائي=لڳائي، لاتي ]

۱. عمر! توکي تنهنجا سومرائي سالا ٿيڻ جڳائين
۲. جا عورت پنهنجي ورکي وساري ويهي رهي آهي راڄ رسم ۾ گهٽ ڇڏي
۳. عمر (اها سک) منهنجن من ۾ پهنوارن لڳائي آهي (جو مونکي هتي سک ئي نٿو اچي).

---

[۱۲۳] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[١٢٤]

ڪچو ڪم نہ مون ڪيو، عمر سا پرڙي
ڪين لجائيندبس ڪڏهن، عمر سا پرڙي
جا ٿي جهانگين کان جدا، عمر سا پرڙي
عمر سا پرڙي، سورن جي پٺي سر تي.

[ ١. ساپرڙي=ساڻير (=چمار)+ڙي
٢. ساپرڙي=سا+پر (ڪنڌي)+ڙي
٣. ساپرڙي=سا=ء+رڙي
٤. ساپرڙي=سا+پرڙي (=پٽري) ]

١. عمر! مون سجي چمار ڪو ڪچو ڪم نہ ڪيو آهي
٢. عمر! آءٌ ڪڏهن بہ پنهنجي ملڪ جي ڪنڌي ڪين لجائيندس
٣. اها ويچاري جيڪا جهانگين کان جدا ٿي آهي سا چو نہ روني رڙي
٤. اي عمر! (مارن جي جدائي جي) سورن جي پري منهنجي سر تي اچي پئي آهي.

---

[١٢٤] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[١٢٥]

آءُ مَ اجڙوال ڪَي، عمر! ڪي رتيون
ڪين نڪنديس ڪوٽ ۾ عمر! ڪي رتيون
اٺـئـي ملڪ ملير ۾، عمر! ڪي رتيون
پر عمر! ڪي رتيون، اڃا آهن ملڪ ۾.

[ ١. رتيون = سونَ جون رتيون
٢. رتيون = راتيون
٣. رتيون = ڳاڙهيون (رڳ رتل مانداڻيون)
٤. رتيون = ريتيون ]

١. عمر! سون پڪرار (مارئي) کي سون جا ڳهه ڳتا نه آءُ
٢. عمر! آءٌ تنهنجي ڪوٽ (قيد) ۾ هڪ رات به نه ترسنديس
٣. منهنجي ملڪ ملير ۾ رڳ رتل مانداڻيون آهن (جن کي
ياد پئي ڪريان)
٤. اي عمر! ملير ۾ اڃان به ڪي ريتيون رواج آهن (جن تي آءٌ
قائم آهيان).

---

[١٢٥] زباني سگهڙ حاجي محمد سودو لکياڙ ڪچهري حيدرآباد
تاريخ ١٢-مئي ١٩٦٥ع

[١٢٦]

ڪارن ۾ مِٺو ٿئي، عمر! ٻيپُڙي
مِٺن ۾ ڪارو ٿئي، عمر! ٻيپُڙي
اسان ۾ عيب ٿئي، عمر! ٻيپُڙي
عمر! ٻيپُڙي، مٽرڪ منهنجو ملير ۾.

[١. ٻيپُڙي = عيب
٢. ٻيپُڙي = ٻپڙي يا ٻپڙيو ماڻهو يعني منافق، ٻن ڳالهين وارو
٣. ٻپڙي = ٻن پڙن واري اجرڪ
٤. ٻپڙي = ٻن پڙن وارو جنڊو]

١. ڪارن يا ڪرن ماڻهن ۾ (جن توکي برغلايو) به تون مٺو ٿئين، جئن سمنڊ ۾ سپ سِپَي ٿي موتي پيدا ڪري
٢. مٺن يا چڱن ماڻهن ۾ به چغل منافقت وارو ماڻهو ڪارو آهي
٣. عمر! اسان ۾ ٻپڙي اجرڪ پائڻ عيب آهي
٤. اي عمر! (آءٌ هنن محلاتن مان ڇا چاڙن) جو منهنجو مٽرڪ جنڊ آهي.

---

[١٢٦] ڪراچي مان صالح محمد سمي ڪان مليو.

[١٢٧]

مونکي مائٽن ڏنو هو، عمر! اولاٺو
تيلهن ڏيان ٿي توکي عمر! اولاٺو
پٽيو آئين پريت سان عمر! اولاٺو
عمر اولاٺو، ڪارو مٺو ٿي ڪنڌ ڪان.

[١. اولاٺو=لولي
٢. اولاٺو=اوراٺو، ٻاراتو
٣. اولاٺو=آو+لاٺو (ڳاه)
٤. اولاٺو=او+لاٺو (ٻوٽو)]

١. عمر! مونکي مائٽن اها لولي ڏني هئي (ته وطن نه وساريان)
٢. انهيء ڪري توکي اي عمر! پٽيان پئي (جو مونکي پنهنجن کان ڌار ڪيئي)
٣. اي عمر! هو نهايت شوق سان لاٺو ڳاه پٽي آئين ٿا
٤. اي عمر! آهو لاٺو (جو ڪارو آهي) آءُ ڪنڌ ڪان ميٺو ٿي پائنيان.

---

[١٢٧] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٢٨]

**مٺيءَ مال تي، عمر! ٻڪريون**
**سنهوڙيون سوڍي لاءِ، عمر! ٻڪريون**
**سون ڏنيون ملير ۾، عمر! ٻڪريون**
**عمر! ٻڪريون، جلن منهنجي جان ۾.**

[١. ٻڪريون=ٻه ڇيلون ڪيريون (ليلان ۽ ڪؤنرو)
٢. ٻڪريون=ٻن ڪُرن (گهراڻن) وارين
٣. ٻڪريون=ٻڪريون
٤. ٻڪريون=ٻه+ڪيريون (=ٻاهيون)]

١. عمر! اهي (ليلان ۽ ڪؤنرو) ٻه ڇيلون هيون جيڪي مٺيءَ مال تي موهجي ڪيريون هيون

٢. جيڪي ٻن ڪُرن (بادشاهي گهراڻي) واريون هيون سي ٻئي اهڙي سوڍي لاءِ تيار ٿيون

٣. پر مون، اي عمر! ملير ۾ (پنهنجن مارن جون) ٻڪريون ڏنيون آهن (جن تان آءٌ دنيا جون مڙئي نعمتون گهورڻ لاءِ تيار آهيان)

٤. اي عمر! (تنهنجي بند ۾ مارن جي سڪ جون) ٻه ٻاهيون منهنجي اندر ۾ پيون ٻرن.

---

[١٢٨] ڪراچي مان صالح محمد سمّي کان مليو.

[١٢٩]

بيٺي هيس ٻــر ۾، عمر! ڪاريتي
ٻاندي ڪري ٻند مان، عمر! ڪاريتي
ميلان ڪيئن مارن سان، عمر! ڪاريتي
مــَران شــل محلن ۾، عمر! ڪاريتي
عمر! ڪاريتي، ڏسان پنهنجي ڏيهه جي.

[١. ڪاريتي=ڪار (ڪم)+تي=واري، ڪم سان
٢. ڪاريتي=ڪارون ڪندڙ، دانهون ڪندڙ، فرياد ڪندڙ
٣. ڪاريتي=ڪا=ڪنهن+ريتي=ريت سان، نموني
٤. ڪاريتي=ڪاري=عيبدار+تي
٥. ڪاريتي=ڪا+ريتي (=واري)]

١. عمر! آءٌ ٿــر ۾ (پاڻي پرڻ واري) ڪم سان هيس جو مونکي ڪڍي آئين

٢. اي عمر! مون فرياد ڪندڙ (ڪر ڪارون ڪندڙ) کي ٻند مان آزاد ڪر

٣. شال، ڪنهن ريت سان پنهنجن مارن کي وڃي ملان!

٤. (يا وري) ڪاري ٿيڻ کان اڳ تنهنجي محل ۾ ڏيئي مري وڃان

٥. اي عمر! هاڻي شل موٽي وڃي پنهنجي وطن جي واري ڏسان.

---

[١٢٩] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٣٠]

آئـي اڪيـان تنهنجي، عمر اَچائـيي
مٿرڪڻ مشڪڻ تنهنجو، عمر اَچائي
عمر اَچائيي، خاصي خبر ڪاهڙ ڪان.

[١. آچائي=آ (=پترائي) +چائي=پرائي چائي، ڏاري
٢. آچائي=آچائي، پيفائدي
٣. اچائي=آچ+آئي]

١. عمر! تو وٽ پرائي چائي (قيد ۾) آئي آهي
٢. عمر! آن جي اڪيان تنهنجو کلڻ ۽ خوش ٿيڻ اجايو آهي
٣. (جو) اچ ٿي منهنجي مارن جي اچڻ جي (ڪاهڙ مان) خبر آئي آهي.

---

[١٣٠] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[۱۳۱]

آئين ويـل اجـهـور جي، عمر! اوكارا
مـتـي سير سـرتـيـن جي، عمر! اوكارا
كنهن سان پون كينكي، عمر! اوكارا
عمر! اوكارا، طـعـام طمع جي ناهيان.

[ ۱. اوكارا=اولڙ (سال جو اوڀاريل) گاه
۲. اوكارا=او+ڪارا (=آوكرا)
۳. اوكارا=او+ كارا (=ڪڙا)
٤. اوكارا=اوكارا، آپڙڪا]

۱. مارو اجهور ويل اولڙ گاهه كنيو اچن
۲. اي عمر! منهنجون سرتيون مٿي تي آهي كارا كنيو اچن
۳. عمر! (منهنجا سنگهار تمام سچا ۽ سادا آهن) ۽ اهي كنهن سان كڙو كونه پولين
٤. اي عمر! مونكي تنهنجن طعامن جـي طمع نه آهي (جو آهي ڏسي) مونكي آپڙڪا ٿا اچن.

---

[۱۳۱] كراچي مان صالح محمد سمي كان مليو.

[١٣٢]

اڪ نہ اپئن هيّاس، جيئن عمر! تو لوهي
ڪري ڏار ڏنارن ڪان، عمر! تو لوهي
مري مـلان مارن ڪـي، عمر! تو لوهي
عمر! تو لوهي، نہ تہ ڪيئن رهان هن ڪوٽ ۾.

[١. تو لوهي=تو لُوهي=لُوهہ ڏيئي ڪنئي
٢. تو لوهي=تو+لو+هي
٣. لوهي=لوني=لونيءَ ۾، لوءِ ۾
٤. لوهي=لوءَن ۾ قابو ڪئي]

١. اي ميان عمر! اڪ منهنجو اهڙو حال نہ هو، جئن تو مونکي لُوهہ ڏيئي (جهٽ ڏيئي) ڪنيو
٢. اي ميان عمر! تو هي ويچاري ڏنارن کان ڌار ڪئي
٣. مران تہ پنهنجي لوءِ ۾ موڪلجئين جيئن مرڻ کان پوءِ من مارن سان ملان
٤. عمر! تو زنجيرن ۾ ٻڌي مون ڪي ٻوس ڪيو آهي نہ تہ تنهنجي ڪوٽ ۾ ڪيئن رهان!

---

[١٣٢] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٣٣]

حڪم سان حاڪم هئي، عمر ڪا واري
وسايائون ويڙهه ۾، عمر ڪا واري
ڪنديس ڪانه ڪونن ۾، عمر ڪا واري
عمر ڪا واري، ڏسان پنهنجي ڏيهه جي.

[١. واري=ورائي، جهلي
٢. واري=ريت، ميٺي
٣. واري=(وارڻ=قبول ڪرڻ، حياني مائڻ) قبوليت
٤. واري=وري]

١. عمر! تو حڪما حڪمي مون کي ورائي آڻي بند ۾ وڌو
٢. هتي مارن پنهنجي ويڙهه ۾ مٺي ٿي واري وسائي
٣. آءٌ هتي ڪونن ۾ ڪڏهن به توکي قبول نه ڪنديس
٤. اي ميان عمر! آءٌ شال وري ڪا پنهنجي ڏيهه جي ڏوٿياڻي ڏسان.

[١٣٣] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٣٤]

هَس ڪڙولا ڪڙيون، مونکي ماري ويڙهم
سهان سهڻ نہ پنجير، مونکي ماري ويڙهم
ويا واهوندين وريا، مونکي ماري ويڙهم
مونکي ماري ويڙهم، جونير جا جيء سان.

[١. ويڙهہ = ڳهڻ.
٢. ويڙهہ = ويڙهڻ (بسترا)
٣. ويڙهہ = ويڙهہ جهنگ
٤. ويڙهہ = جنگ]

١. هَس ڪڙولا ڪڙيون (گهٽيون ٿي ڇگيون) ۾ مونکي (مارڻ کان) ويڙهم ڳهہ اکيون ٿي ملي آهي (جنهن جو مرم ٿو مونکي ماري)
٢. مونکي تنهنجي (محل جي) هنڌ بسترن تي سمهڻ نٿو پڄي: تون مونکي ماري ختم ڪري اهي پنهنجا هنڌ بسترا ويڙهي ڪڻ
٣. لڏي ويل مارو واهوندن جي ورڻ تي موٽي آيا آهن، مونکي اها ويڙ ۽ جهنگ جي يادگيري ٿي ماري
٤. (هت هن قيد ۽ بند واري حالت ۾) مونکي (ست ۽ صبر لاءِ) پنهنجي جيءَ سان جونيل جنگ ٿي ماري.

---

[١٣٤] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٣٥]

عـمـر يـاد پـون ٿـيـون، سي ٿي سانداريون
ڪنوڪاريندیس قـرب مـان، سي ٿي سانداريون
ڪاوڙ ڪري ڪِي ڪوٺ مان، سي ٿي سانداريون
سي ٿي سانداريون، مون لاءِ آهن تنهنجي محل ۾.

[١. سانداريون=ڪتيون، نڌيون ٻخالون
٢. سانداريون=اسان+ڏاريون (ٻاليون)
٣. سانداريون=اسين+ڏاريون (=اوٻريون، ڪاو؟=ڪو+وڙ.
٤. سانداريون=سي+انڌاريون، اونداهيون ڪوٺيون]

١. عمر مونکي آهي سانداريون ياد پون ٿيون (جيڪي ٻاٽي مان ڀري اينديون هيس)
٢. آءٌ موٽي وڃي قرب سان انهن (ٻڪرين) کي سڏينديس، جيڪي اسان ٻاليون آهن
٣. مون ڏاريءَ کي ڪو وڙ ڪري هن ڪوٺ مان آجو ڪر
٤. منهنجي لاءِ هت تنهنجي هن محل ۾ رکو اونداهيون ڪوٺيون آهن.

---

[١٣٥] تعلقي سنجهوري مان علي اڪبر لغاري کان مليو.

## ڀاڱو چوٿون: سر سهڻي

[١٣٦]

سيءُ سيارو سڙڪڻي، پيو پون ٿا پارا
مرتيون! سَنڌ ميهار جا پون ٿا پارا
ڏَم ڏيهاڙيون ڏک ڏئي پاڙيچن پارا
پَرزا ڪئي پارا، حمل! حُب ميهار جي.
(حمل خان لغاري)

[١. پارا = سخت سيءُ (جنهن ۾ پاڻي جمي پارو ٿئي)
٢. پارا = پار ڪان، پرئين پار ڪان، پراڙان
٣. پارا = پاران، طرفان
٤. پارا (واحد پارو) = ٽڪرو]

١. هڪڙو سخت سيارو آهي، ۽ پيو پارو پيو پوي
٢. پر اي سرتيون! مون کي ميهار جا سڌ پرئين پار تان
ڪنن تي پيا پون
٣. ڏم مون کي روزانو طعنا ڏئي ڏکوئي ٿو
٤. حمل ٿو چئي ته: سهڻي کي ميهار جي سڪ آخر ذرا پرزا
ڪري ڇڏيو.

---

[١٣٦] ”ڪليات حمل“، ڇاپو پهريون، ١٩٥٧ع، ص ١٥٦

[۱۳۷]

سهڻي پانڌي سيرءِ پاند سدا سيسَر
لتاڙيو لهرين مؤن وڃي سير سندا سيسَر
مَنَهن يار سيهار جا سُک وسن سيسَر
مون سيڀاڻا سيسَر، جي ميهر مَنهين تي وڏا.
(حمل خان لغاري)

[ ۱. سيسر=سي+سَر (ڪانون، ڪک ڪانا)
۲. سيسر=واڳونءَ جهڙو پاڻي جو هڪ جانور
۳. سيسر=سي+سر (ڪک، جهوپڙا، ماڳ مڪان)
۴. سيسر=سي+سَر=سَرن جا ٻوڙا ۽ ڪانا]

۱. سهڻي درياءَ جي سيرءِ وينديءَ اهڙي مست هئي جو وڏا ٻنڌ به ڪيس ڄڻ ڪک ڪانا نظر ٿي آيا
۲. لهرين مان پار پونديءَ درياءَ جا سيسر (جانور) به لتاڙي پٺي ويئي
۳. شل سينهن وسن ته جيئن ميهار جا وٿاڻ ۽ ماڳ مڪان آباد ٿين
۴. سهڻي ٿي چوي ته: مون کي آهي سَر به وڻن ٿا جيڪي ميهر پنهنجي مَنَهن تي وڏا آهن.

[۱۳۷] "ڪليات حمل"، ڇاپو پهريون، ۱۹۵۷ع، ص ۱۵۹

[١٣٨]

**آئي آڌيءَ رات جو، جانچي کھيڙ گھوگھٽ**
**وڃي ورتينڊي ويڙ مان، ڪندي سا گھوگھٽ**
**اڳيان ڏَڙَ ڏهَڙ دور دريا جا، وڃي سٽندي سا گھوگھٽ**
**"حمل" چئي گھوگھٽ، وڃي ٻڌي مانڊائن ميهار جا.**
(حمل خان لغاري)

[١. گھوگھٽ = گھيڙ گھٽ
٢. گھوگھٽ = مدو ۽ زور مان پاڻي چيريندي وڃڻ جو آواز
٣. گھوگھٽ = ڪڙڪا (پاڻيءَ جا آواز)
٤. گھوگھٽ = ڪڙڪاٽ، مانڊائي ڦيرڻ جو آواز]

١. سهڻيءَ اڌ رات جو آئي درياءَ جا کھيڙ ۽ گھٽ ٿي جاچيا
٢. سا وچ سير مان ترندي گھوگھٽ ڪندي پئي وئي
٣. اڳيان دريا جي لهرين جا ڪڙڪاٽ به ٻڌندي پئي ويئي
٤. حمل ٿو چئي ته: ميهار جي مانڊائين جي آواز تي درياءَ
آڪري ٿي ويئي

---

[١٣٨] "ڪليات حمل"، چاهو پيو، ١٩٥٧ع، ص ١٥٩

[١٣٩]

مينهون يار ميهار جون، ٿيون ويهن منجهه منگهن
اچيو ميڙن اجهور تي، ٿيون ڏڌين منجهه منگهن
وچي ترندي ويسر سان، سڀئي سون لات منگهن
منهنجو مٽن منگهن، "حمل" تنهن محبتي ميهار سان.
(حمل خان لغاري)

[ ١. منگهن=(واحد منگهو) لوڙهي جي لنگهه وارو پيلنگهه، لوڙهو
٢. منگهن=(واحد. منگهو) ٽِڪر جا وڏا ساڙها
٣. منگها=هڪ قسم جا آبي پکي
٤. منگهن=مست، مخمور]

١. دوست ميهار جون مينهون واڙ ۾ (منگهن واري روڪ ۾) ويهن ٿيون
٢. ماڪ تي مونڻ ڪان پوءِ منگهن (وڏن ساڙهن) ۾ ڏڌين ٿيون
٣. سهڻي سير ۾ ترندي پئي وڃي، سندس مٿان منگها پکي سائس گڏ اُڏامندا وڃن
٤. سهڻي ٿي چوي ته: منهنجو من محبتي ميهار جي محبت ۾ مست آهي.

---

[١٣٩] "ڪليات حمل"، ڇاپو پهريون ١٩٥٨ع، ص ١٥٩.

[١٤٠]

تِکَ ڏسي ترسي پيا، آتي اوتارا
سڄ چنڊ لڙ ۾ لڙيا، آتي اوتارا
سهڻيءَ ساهڙ جا ڏٺا، آتي اوتارا
پوڙيا پنجن کينڪي، آتي اوتارا
آتي اوتارا، اڙيا ”موهن“ جا محبوب سان.
(موهن فقير)

[١. اوتارا=او+تارا=اهي تارونڙا جيت
٢. اوتارا=اهي تارا آسمان جا
٣. اوتارا=مڪان ماڳ
٤. اوتارا=اکين جا تارا
٥. اوتارا=تاروُن (مَن جون)]

١. درياءَ ۾ پاڻيءَ جي تک ڏسي تارونڙا جيت به بيهي رهيا (پر سهڻي گهڙي پيئي)
٢. جهڙ جي انڌوڪار سبب چنڊ ۽ تارا به لڙانجي ويا
٣. سهڻيءَ پري کان ميهر جا اوتارا پئي ڏٺا
٤. پر ميهر ۽ نند کان سهڻيءَ جي اکين جا تارا به پورجي ويا
٥. اهي هوندي به سهڻي، جنهن کي تار ميهار جي مَن ۾ لڳل هئي، سا اوڏانهن ڪاهيندي وئي.

---

[١٤٠] عبدالرزاق ميمڻ (خيرپور)، ماستر فتح محمد (لاڙڪاڻو) ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کان مليو.

[١٤١]

ساهڙ سھڻي پاڻ ۾، اوڏيءَ ويل آئن
جني کو پھہ پانھنجو، سي اوڏيءَ ويل آئن
واڳون جي وير جا، سي اوڏيءَ ويل آئن
اوڏيءَ ويل آئن، پوءِ وهن کين ”وذل“ چوي.
(وذل)

[١. اوڏيءَ ويل=او+ڏڻي (آجھامڻ) ويل
٢. اوڏيءَ ويل=انهي وقت
٣. اوڏيءَ ويل=ڏينهن جي وقت
٤. اوڏيءَ ويل=سج آيرڻ کي ويجهو]

١. سھڻي ۽ ميھار رهاڻ ويھي ڪن تہ اسر ويل آئن
٢. جن کي خدا جي عبادت ڪرڻي هوندي آهي سي بہ انهي مهل جاڳن
٣. واڳون بہ انهي مهل شڪار لاءِ سنھرن
٤. پوءِ سھڻي ميھار بہ ان وقت موڪلائين ۽ پنهنجن ماڳن ڏانهن موٽن.

---

[١٤١] ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ص ٩٠

[١٤٢]

ساھڙ پڙھايو سھڻيءَ کي، صحيح سيپارو
سبق ڏنائين سڪ ۾، صحيح سيپارو
سو صحيح سيپارو، سھڻيءَ سانڍيو ساھ سان.

[١. سيپارو=قرآن شريف جو ٽيهون حصو
٢. سيپارو=سيءَ+پارو (پاڻي ۾ گھڙڻ ڪري)
٣. سيپارو=سو+پارو (ٺڪر مان ٺهيل ڪنگر)=گھڙو

١. ساھڙ سھڻيءَ کي (الاهي عشق) وارو سيپارو پڙھايو
٢. سيڪ مان سيءَ پاري هوندي درياءَ ۾ گھڙڻ جو سبق ڏنائينس
٣. انهي سبق تي عمل ڪرڻ لاءِ سھڻي ٺڪر جو گھڙو ڪنيو (جنهن تي تري ويندي هئي).

---

[١٤٢] خوشيرام جي قلمي بياض تان ورتل ۽ ٻي روايت اڪيٽ منڙ، ڀاڙو مرڪٽ ساچي، و ٻنل ڳوٺ سليمان ماڇي جي زباني، ڪچهري حيدرآباد، تاريخ ٢-مئي ١٩٦٥ع.

[١٤٣]

ڪَنچو رکي ڪانهه ۾، خام اِها ڪرڪي
کهه ۾ "ڪريم بخش" جو، خام اِها ڪرڪي
پوءِ خام اِها ڪرڪي، مرندي تائين ميهار مان.
(ڪريم بخش)

[١. خام=خراب حرڪت. ڪَرڪي=ڪَر (ڳَڏهه)+ڪي
٢. ڪَرڪي=مال کي ڪُڇيءَ ۾ ٻڌڻ جي
٣. ڪرڪي=اکو (=لڪي)+ڪني]

١. ڪانهن جي پوڙن ۾ ڪنهن ڪريل ڪچو دلو رکي دشمني! ڪئي
٢. درياءَ تري وڃڻ وقت ميهار جي مال کي ٻڌل ڪرڪين جي آواز منهنجي رهنمائي ڪئي
٣. اهو ڪم لڪئي ڪيو جو مرڻ ڪان پوءِ بہ ميهار سان گڏ رهيس.

---

[١٤٣] غلام رسول جتوئي (تعلقي واره) کان ۽ عبدالرزاق ميمڻ (تعلقي خيرپور) کان مليو.

[١٤٤]

آئـي آڏيءَ رات جـو، ٻيشڪ ڀِرپورن
آئـِـي اونـهـي وچ ۾، ٻيشڪ ڀِرپورن
ڪيراپانُونس ڪـُـنـن ۾، ٻيشڪ ڀِرپورن
ٻيشڪ ڀِرپورن، مـلـي يـار ميهار کي.

[ ١. ڀِرّ پُورن = ياري + پُور = آڏ ما
٢. ڀِرپورن = ڀِر يل + پورن (ڍنگهرن)
٣. ڀِر پورن = ڀِر (= ڪپ) + پورن
٤. ڀِر پورن = ڀِر (۾) + پورين.]

١. سهڻيءَ کي اڌ رات جو پنُور پيا ته آئي (ميهار ڏانهن هلي)
٢. درياءَ جي وچ سير ۾ ڍنگهرن جي پورن سان گڏ لڙهندي آئي
٣. آنهن ڍنگهرن اونهن ڪُنن ۾ آئي سهڻيءَ کي اڙايو
٤. (مرڻ کان پوءِ) سهڻيءَ کي آئي ميهار جي ڀِر ۾ پوريائون.

---

[١٤٤] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان ۽ لاڙڪاڻي مان ماستر عبدالحق کان مليو.

[۱۴۵]

مهڻيءَ سُک ٿيو، بيشڪ پرپورن
اشاري سان عشق جي، بيشڪ پرپورن
لڳو ساز سُن کي، بيشڪ پرپورن
ڪچو رکيائين ڪاڻ ۾، بيشڪ پرپورن
ڪاهي پسي ڪُن ۾، بيشڪ پرپورن
مهڻي جو سير ۾ ٿيو، بيشڪ پرپورن
لکين هٿا "لعل" چئي، بيشڪ پرپورن
بيشڪ پرپورن، تنهن جو مڙهه ميهار سان.

(لعل خان لغاري)

[۱. پرپورن=گهڻن پورن
۲. پرپورن=عشق جي پورن
۳. پرپورن=ڪاوڙ جا پور
۴. پرپورن=پورو (ڪچو)+ٻُور پائين
۵. پرپورن=پاڻي جي پورن ۾
۶. پرپورن=پورن ڏينهن تي
۷. پرپورن=پوئرن
۸. پرپورن=پر ۾ پورين]

۱. گهڻن پورن (ويچارن) مهڻيءَ جو سک ٿيو
۲. عشق جي اشاري سان ٻُورن ۾ پنجي ويئي
۳. سسئي کي به ساز ۽ ڪاوڙ جا ٻُور چڙهيا پيا هئا

---

[۱۴۵] خود شاعر جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

٤. تنهن دريا جي ٻر تي ڪانڌهن جي ٻوڙي ۾ ڪچو دلو لڪائي رکيو

٥. سهڻي ٻه ميهار جي خيال ۾ ڪچو ٻڪو ڏٺوئي ڪونه ۽ تار ڪنن ۾ ڪاهي پئي

٦. سهڻي جا ڏينهن ٻه اچي پورا ٿيا هئا جو لهرين ۾ لڙهي ويئي

٧. لعلڻ ٿو چئي ته درياءَ ۾ لکين پُونئرا ساڻس ساٿي ٿيا

٩. سهڻي ۽ ميهار جو مڙهه مرڻ کان پوءِ هڪ ٻئي جي ٻر ۾ پوريائون.

[١٤٦]

سهڻي ساهڙ ڄام جي، هنئي تار اندر تارن
چڪي آندي چوهه مان، سا تار اندر تارن
آڻي آڏيءَ رات جو، تري منجهه تارن
دونهان دوست ميهار جا، اُت تڪي سين تارن
پڻ تاريو تي تارن، سهڻي کي اُن سير مان.

[١. تارن=عشق جي تارن
٢. تارن=زلفن، وارن
٣. تارن=آسمان جي تارن
٤. تارن=اکين جي تارن
٥. تارن=تارونڙن (پاڻي تي ترندڙ جيتن)]

١. سهڻيءَ کي ميهار جي عشق اندر ۾ سڪ ڏيئي ڇڏي
٢. آن انهي سڪ کي چوٽن (وارن) ۾ ٻڌي ڇڏيو
٣. سهڻي اڌ رات جو تارا ڏسي آڻي درياء ۾ تري
٤. پيٽي پار ميهار جي دونهين جا اهڃاڻ اکين سان ڏٺائين تي
٥. انهي اونهي پاڻي مان سهڻيءَ (تي کهل ڪري) کي تارونڙن (جيتن) تاري هُن پار تي نيو.

---

[١٤٦] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

[١٤٧]

سهڻي تري نہ تار مؤن، تري پڻي تارن
ويندي هئي وڙاهہ ذي، تري ۾ تارن
پوءِ آتي جي تارن، اچي پڻي آديس ڪياہ

[ ١. تارن = تارون (عشق جو)
٢. تارن = تارن (رات) ۾
٣. جي تارن = جيتن تارو ترُن ]

١. سهڻي پاڻمرادو تار پاڻي مؤن ڪانہ ٿي تري، پر عشق جي تارن سان پڻي تري
٢. رات جي تارن ۾ تري، پڻي پار ڪنڌيءَ جي وڙاهہ ذي ويندي
٣. درياء ۾ اتي جيت تارو ترُا، تن اچي پڻي کيس سلام ڪياہ

---

[١٤٧] تعلقي ورهڙي مان عبدالرزاق ميمڻ کان مليو.

١٤٩

[١٤٨]

ڏينهن منجهان نڪري، وٺي تڪيندي تارا
ساڻا نيس سير ۾، تڪيندي تارا
تڪيندي تارا، پڌي پئي پار ۾.

[١. تارا=نڪت
٢. تارا=(اکين جا) تارا
٣. تارا=تارو]

١. سهڻي رات جو تارن کي جاچي پوءِ نڪرندي هئي
٢. ميهار ڏانهن ويندي، سندس اکين جا تارا تڪي تڪي ٿڪجي پيا
٣. سهڻي ويچاري تارن (سهارن) ڏانهن نهاري آخر پڌي ويئي.

---

[١٤٨] تعلقي جيڪب آباد مان خاولد بخش "ساقي" کان مليو.

[١٤٩]

نـاهـي ميهر ميـر ري، سامون سامت ڙي
سڪ جا ساهڙ جام کي، سامون سامت ڙي
سامون سامت ڙي، ملان جيئن ميهار کي.

[١. سامت=آرام، فرحت، سک؛ سامون=مون کي اها
٢. سامت=سا+متي، زور ڏي
٣. سامت=سا+متِ=سا صلاح]

١. مون کي ميهار کان سواءِ گهڙيءَ لاءِ به سک نه آهي
٢. منهنجي اندر ۾ به اهڙي ئي سڪ زور ڏي آهي، جهڙي ساهڙ کي مون لاءِ آهي
٣. مون کي ڪو اها صلاح ڏيو، جيئن آءٌ ميهار سان ملي سگهان.

---

[١٤٩] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٥٠]

ادیون! اڄ ترڻي اٿم ساھڙ ڪارڻ سِير
پاري ڪان پارو ڇميو، سياري جي سير
قربن جي ڪاني ھٽي، ساھڙ وڌم سِير
ثابت رھندم سِير، ميلان جي ميھار سان.

[١. سِير=وچ درياھ جو وھڪرو
٢. سِير=وچ
٣. سير=تڪبير
٤. سِير=ميل، ستَ]

١. اديون! اڄ ساھڙ ڪارڻ درياء جي سير مان ترڻو اٿم
٢. تھ سيارو اھڙو آھي جو پاري مٿان پارو ڄمي ويو آھي
٣. ميھار جي قربن واري ڪاتيءَ جي ڪُنل آھيان
٤. جي ميھار سان ملان تھ بھ منھنجو ست سلامت رھندو.

---

[١٥٠] تعلقي سکر سان محمد عالم عباسي کان ۽ تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[١٥١]

سهڻي عاشق سُرڪ تي، نڪي گهوگهٽ ڪن
ماڪي تنهن ميهار جي، ڏا پريا گهوگهٽ ڪن
سائر گهوگهٽ ڪن، ماڪي تنهن ميهار جي.

[١. گهوگهٽ ڪن = گهُگهه (= ٿانءُ) + ڏڪن يعني ٻُڪ ڏڪن جا
٢. گهوگهٽ ڪن = ڪير ولوڙن جا ڪڙڪات ڪن
٣. گهوگهٽ ڪن = درياء جون ڇوليون آواز ڪن]

١. سهڻي سُرڪ تي عاشق هئي، ميهار وٽ ڏڪن جا گهُگهه ڪين ڏٺا هئائين
٢. ميهار جي ماڪ تي ڪير جي ڏهڻ ۽ مانئين ولوڙڻ جا آواز پيا ٿين
٣. سهڻيءَ جي تري وڃڻ واري ماڪ تي، ڪنن ۽ ڇولين جا ڪڙڪات پيا پون.

---

[١٥١] راوي سگهڙ لال بخش موچي، ڪڇهري ڳوٺ ڪاڪيپوٽا، تاريخ ١١-اپريل ١٩٥٥ع ۾ تعلقي روهڙي مان عبدالرزاق ميمڻ ڪان مليو.

# باب پنجون: سر ليلان

[١٥٢]

وَرُ نہ وڃائين ويسلي، هرڪجي هارن
ڪري سينگار سيني جو، هرڪجي هارن
مٽئي تي مڻن لاءِ هرڪجي هارن
هرڪجي هارن، ڏونگ رڇايو ڏنگ سان.

[١. هرڪجي هارن = حرص ۾ نہ پئين ها اي رن!
٢. هارن = هار+نہ = هاراءِ نہ
٣. هارن = هار+نہ = پنهنجي ڪنڍيل بازي نہ هاراءِ
٤. هارن = ها+رن = هائو، بيشڪ اي رن]

١. اي رَن ليلان! تون هار تي هرڪجي پنهنجو ور نہ وڃائين ها
٢. پنهنجي سيني جي سينگار لاءِ هرڪجي پنهنجو سهاڳ نہ هاراءِ، نہ وڃاءِ
٣. مٽئي تي ور کي مٽڻ لاءِ پنهنجي ڪٽيل بازي نہ هاراءِ
٤. بيشڪ اي رن، تو کو ڏونگ رڇايو جو هار تي ور مٽيئي.

---

[١٥٢] تعلقي جيڪب آباد مان خاوند بخش ساقي کان مليو.

[١٥٣]

ور وڃائي پانهنجو، مسائي! وئي هار
هٿين پئي هاج تو ڳوڙها هاڻ مَ هار
توکي ڏيئي هار، ڪؤنرو واهه ڪمائيو.

[ ١. هار=ڳهه
٢. هار=وهاءُ
٣. هار=شڪست ]

١. اي مٺي! تو هار وئي هارايو آهي
٢. هيءَ خطا تنهنجي هٿان پئي، هاڻي اجايا ڳوڙها نہ ڳاڙ
٣. توکي هارائي شڪست ڏيئي، ڪؤنرو وڏي سرمي ڪري وئي.

---

[٢٥٣] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آسن کان مليو.

[١٥٤]

هـار وٺـي هارايئي، ڏسي ڏهـاڪ تـون مَـرُ
ڪؤنر و مانئي موج ٿي، موکي! مـر تـون مَـرُ
لاٿئي نَـڪ تي مَـرُ، ڪوڙي ٿئين تون ڪانڌ سان.

[١. مَرُ = پلي
٢. مَرُ = مري وڃ
٣. مَرُ = ليڪو، عيب]

١. ليلان! تو هار وٺي هارايو، هاڻي ڏهاڪ ڏسي مَرُ
٢. ڪؤنرو موجون مانئي، تون سڙي پئي مَرُ
٣. اي ليلان! نَـڪ کـي مَـرُ لائـي، پنهنجي ڪانـڌ سان ڪوڙي ٿئين.

[١٥٤] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو.

## باب چهون : سر مومل راڻو

[١٥٥]

ميارون مون کي تنهنجون، مينڌرا مارن
سينگاري سهاريم پاڻ سان، مينڌرا مارن
موني اچ "محمد" چوي، مينڌرا مارن
مينڌرا مارن، نہ کر ايڏيون ارڏائيون.
(محمد)

[١. مارن=مارين
٢. مارن=مان (مون)+رَن (عورت، مومل)
٣. مارن=مار+نہ
٤. مارن=مان (مون)+رَن]

١. اي مينڌرا! تنهنجون ميارون مون کي مارين ٿيون
٢. مون هڪڙي رَن (مومل) کي تنهنجو ويس ڏيئي پاڻ سان سهاريو هو
٣. محمد ٿو چوي تہ: مينڌرا! رسامو ڪري مون کي مار نہ، موني اچ
٤. اي مينڌرا! مون بيواهي عورت سان ايڏيون ارڏايون نہ ڪر.

[١٥٥] تعلقي جيڪب آباد مان خاوندبخش ساقي کان مليو.

[١٥٦]

هَٿَي! پسي حيران ٿئين، ڏسي ڏونگر ۾
لاهي پسين ها لڱن تان، ڏسي ڏونگر ۾
ڏسي ڏونگر ۾، پوءِ چڙهي وئين ”چانڊيو“ چوي.
(چانڊيو)

[هر سٽ ۾ ’ڏونگر ۾‘=ڏونُ(=ٻه)+گهر ۾]

مومل تي موڌي کي چوي:

١. هاءِ افسوس راڻا! جو ٻه (ماڻهو) گهر ۾ پلنگ تي ستل ڏسي موٽي وئين

٢. مٿان پيل اوڇڻ لاهي اهي ٻه ڄڻا ڏسين ته ها!

٣. پر پڪ ڪرڻ کان سواءِ، رڳو شڪ ۾، ٻه ڄڻا ستل ڏسي اٺ تي چڙهي هليو وئين!

---

[١٥٦] سير ڪوهستان، ١٩٤٢ع، ص ٩٣

[١٥٧]

جاڳي جار نہ ڪيو، مٺي مومل
سُتي سور پرائيا، مٺي مومل
مٺي مومل، تہ وڃي سور سنڌا ڪري.

[ ١. مومل=مومل جو نالو
٢. مومل=مون+مٺل
٣. مومل=مون+ميل ]

١. مٺل مومل، راڻي لاءِ رات جاڳي ڪوبہ انتظار نہ ڪيو
٢. تڏهن مون مٺل سُتَيي سمهڻ مان سور پرائيا
٣. هاڻي (راڻا) اچي مون (سان) مل تہ منهنجا ڏک لهي وڃن.

---

[١٥٧] "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو" ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ص ٩٠

[١٥٨]

راڻا تنهنجي رمز ۾، سوڍا! سا چاڪر
تو ريءَ هنڌ حرام ٿيا، سوڍا! سا چاڪر
آءٌ ڪلي چڙهه ڪنڌ تي، سوڍا! سا چاڪر
پوءِ سوڍا! سا چاڪر، تہ آجري ٿيان عام ۾.

[١. سا چاڪر=سا+چاڪر=نوڪر
٢. سا چاڪر=ساچا (=سوچ)+ڪر
٣. سا چاڪر=سان چاڪر=ساڻ هن نوڪر
٤. سا چاڪر=سچا+ڪر]

١. راڻا! محبت ۾ آءٌ تنهنجي ٻانهي آهيان
٢. اِهو ويچار ڪر تہ تو کان سواءِ هي سک مون لاءِ حرام آهن
٣. آءٌ تنهنجي ساڳي نوڪر آهيان، اچي ڪنڌ تي چڙهي ويهہ
٤. سوڍا! مون کي سچو ڪر، مون تان اهو ٽِڪو لاهہ (جيڪو تنهنجي گمان ڪري لڳو آهي) تہ آءٌ عام آڏو آجري ٿيان.

[١٥٨] راوي ميان علي بخش خان لوهر، ڪڇهري محمدپور ضلعو جيڪب آباد، تاريخ ٢٥-ڊسمبر ١٩٥٩ع، ٻ ٻيون روايتون لاڙڪاڻي مان غلام نبي ۽ غلام رسول جتوئي کان مليون.

[١٥٩]

ماں ڏي آيو مينڌرو، تکہي تارا جہي
مومل کي ماڙيءَ ۾، تکہي تارا جہي
تکہي تارا جہي، پٽيا پوڻجن ڪينڪي.

[١. تارا جي=تارا (نکت)+جي
٢. تارا جي=تان+راءِ جي=سمجهي
٣. تڪي=تہ ڪي. تارا جي=اهي تارا (اکين)+جا]

١. (مومل ٿي چوي تہ) مينڌرو مون ڏي نکٽ نهاري پوريءَ ويل تي آيو
٢. پر مون سان ماڙيءَ ۾ سومل گڏ مٿل ڏسي، سمجهئين تہ پيو بہ ڪو مرد گڏ ستل آهي
٣. هاڻي تہ ڪي اکين جا تارا اوسيئڙي ۾ پورجن ٿي ڪين ٿا.

---

[١٥٩] راوي سگهڙ فقير محمد سامت (چتر، بلوچستان جو) ڪچهري ڳوٺ محمدپور، اوطاق در محمد آوڏو، تاريخ ٢٣-مئي ١٩٥٩ع

[١٦٠]

مسان ڏي آئين مـَل ميـنـڌرا، ٻـَڌي تماڪون
سـُتو ڏٺو هـُيئي سيج تي، جي کو تماڪون
سوڍا ڳالهہ سهي ڪري، ڏسين چڙڪي تماڪون
تاڻي تماڪون، آءٌ پـُڻ ايـنـدس اوڏهـيـن.

[١. تماڪـُون=طمع ڪـُون (ڪا طمع رکي آئين)
٢. تماڪـُون=تہ+مان+ڪـُون=مان وانگر، مون وٽ. ٻي معني تہ+ماڪـُو=ڪو ٻـَڌ ماڻهو
٣. تماڪـُون=مان+ڪـُون=مان+توُن (پلنگ تہ چڙڪي ڏسين ها)
٤. تماڪون=پنهنجي طمع ڪـُون]

١. اي راڻا مينڌرا! تون رات جو پنهنجي عشق انجام موجب ڪرهي تي چڙهي آئين
٢. کٽ تي مون سان پئي ڌارئي ڪي ڳـڏ سـتل ڏٺو هيئي
٣. تہ چادر چڪي لاهي، ڏسي ٻڪ تہ ڪرين ها
٤. هاڻي جي تو طمع ڇڏي، پر آءٌ پنهنجي طمع ڪاڻ توڏانهن ضرور ايندس.

---

[١٦٠] راوي فقيرمحمد سامت جي زباني قلمبند ڪيل، ڪچهري محمدپور ٢٣-مئي ١٩٥٩ع.

## ڏاب ستون: سر نوري ڄام تماچي

[١٦١]

ويهن ڪينجهر ڪنڌين، هيڪاريون هاڪا
تماچي تن ڪي ڏنا، هٿ جوڙي هلڪا
لڏائن ٿا لاڏ مان، ڪن هلدي ٿي هاڪا
پاتا تن هاڪا، ڪنن ۾ "قادو" چئي.
(قادو)

[١. هلڪا=حلقا=ٽولا، گهر. هيڪاريون=اهي+ڪريو
٢. هلڪا=حلقا=هٿن ۾ پائڻ جا ڪنگڻ
٣. هلڪا=ڪنڌ سُر ڪري ڳائڻ، ڪل جا ٽهڪڙا ڪن
٤. هلڪا=حلقا=والا]

١. اهي (ملاح) ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي گهر ڪري ويٺل آهن
٢. ڄام تماچي انهن (مهاڻين) کي ڪنگڻ پارايا
٣. (مهاڻيون) اهي ڪنگڻ ڏسندي لاڏ مان لوڏي هلڪا ٽهڪڙا پيون ڪن، گيچ پيون ڳائن
٤. قادو ٿو چوي تہ: انهن پوءِ انعامي ٿي ڪنن ۾ بہ سونا والا پاتا ۽ سينگار ڪيا.

[١٦١] تعلقي ٺل مان محمد يعقوب ٻرڙي کان مليو.

[١٦٢]

آيو چڙهي چاهه مان چاهل مٿي چِٽ
ڇڄن ڪارين ڪَڪين مان اچي چار چِٽ
اَت چام تماچي آئيو چڪيرن جو چِٽ
اني ماڻڪ موتي چِٽ، لالون لڪ لوهار چئي.
(محمد طالب لوهار)

[١. چِٽ=ڇهه ڏند و اَٽ. چاهل=شاهل، شاهه، حاڪم
٢. چِٽ=بدبوءِ، ڏپ
٣. چِٽ=تاج
٤. چِٽ=ڳهور، اچل]

١. چام تماچي (چِٽ) اَٽ تي چڙهي، چاهه مان (ڪينجهر ڍنڍ تي شڪار لاءِ) آيو
٢. تنهن ڪي (ملاحن جي) ڇڄن ۽ ڪارين مان ڏپ ڪانه ٿي آئي
٣. (ملاحن ۾ هڪل پئجي ويو ته) بادشاهه چام تماچي آيو آهي
٤. آئو، ماڻڪ موتي ۽ لعلون آن چِٽ تان ڳهوريوه

---

[١٦٢] محمد طالب لوهار ٺٽي باڳي جو، پوءِ حيدرآباد ۾ رهيو. وينڊي ١٩٨٧ع تائين لوڪ ادب جي سلسلي ۾ ڪارڪن ٿي ڪم ڪندو هيو آهي. هاڻ سگهڙ آهي.

[١٦٣]

کُل نـي ڪانئن ڪُرڙيـون، سيهم مـَليـُون موريون
وجـهـن چـرڪا چـارن ۾، سيهم مـَليـُون موريون
سيهم مـَليـُون موريون، آيـن مـُنـد، مـَسـَو چـوي.
(مـَسـُو)

سيهہ = مهانا. ملي (ج مليون) ۽ موري (ج موريون) مڇين جا نالا آهن. سهڻو هنر آهي، پر ان جي معنيٰ تحقيق طلب آهي. سٽ نمبر ٣ ۾ اصل پڙهڻي 'منڌ' (ڌال سان) آهي.

---

[١٦٣] راوي محمد يعقوب پرڙو (تعلقو نل) ڪڇهري مير پور پرڙو، ١١- جنوري ١٩٥٩ع؛ ۽ گاهر خان چانڊيو، ڪڇهري محمد پور، تاريخ ٢٥- ڊسمبر ١٩٥٩ع

# باب اڻون: سر سورٺ

[١٦٤]

محلين آيو منگتو، آيو تاسري
دانَ تہ ڏونا منگي پريو تاسري
دانَ تہ ڏيو، تان ڏيئو تاسري
آتي تاسري، سورٺ "سونارو" چوي.
(سونارو)

[ ١. تاسري = تان + سِري (= رڙهي)
٢. تاسري = تسري، ٿالهي. دونا = ڏوٽا، وڏا، منگي = گهري
٣. تاسري = تان + سِري = سِسي، ڪنڌ
٤. تاسري = اَسري، چڙهي]

١. منگتو ڪنهن حيلي سان هليو اچي محل ۾ (راڄ ڏياچ ڪي اوڏو) بيٺو
٢. (راڄ چيو تہ) هي ڏوٽا ڏان پيو گهري، خزاني مان هيرن جواهرن جو ٿالهہ ڀري ڏيوس
٣. (پر منگتي چيو تہ) جي ڏان ڏيئو اٿوَ تہ پنهنجي سِسي (سِري) وڍي ڏيو
٤. (جڏهن راڄ ڏياچ سِسي لاهي ڏني) تڏهن سورٺ مٿي ڏاڪهہ تي چڙهي.

---

[١٦٤] لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ص ٨٩ ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهر زادي کان مليو.

[١٦٥]

خاطي آيو خٽون جو ويٺو وير وٽڻي
وٽڻي پائي مارڻي، وٽڻي نا وٽڻي
ويٺو وير وٽڻي، موٽي محلين نه ويو.

[١. وٽي=ڳالهيون ڳئي، رٽون رٽي. خاطي=نياپو آڻيندڙ
٢. وٽي=پهالي. مارڻي=ماءُ+روئي. وٽي=وٽو. وٽي=وٽي
٣. وٽي=وڪڙ ڏئي]

١. (راءِ ڏياچ کي) ڪنهن جي ارادي سان (بيجل) آيو، سو ويٺو رٽون ڪري ته ڪيئن راڳ تي راءِ کي ريجهائي سر وٺان

٢. (راءِ ڏياچ جي) ماءُ رويو وٽي ۽ ماڻڪ وجهي تي ڏئي ته به هو وٽو نه پيو وٽي

٣. (بيجل) ويٺو چنگ جون تارون وٽي (۽ وڏيڪ سريلو راڳ ڳائي) ۽ راءِ ڏياچ به راضي ٿي سِر ڏنو، پر موٽي محلات ۾ نه ويو.

[١٦٥] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي نسخي تان ورتل.

[١٦٦]

ساڙي ڏئـي سنگـتـا، منگتا محل مٿي
توکي آ گهوٽ گهرائيو، منگتا محل مٿي
سورت تني سوال کري، منگتا محل مٿي
منگتا محل مٿي، جيڪا تنهنجي مـَن ۾.

[١. محل مٿي=اها محلات مٿي آهي (جتي راڻ ڏياچ آهي) ساڙي=
راءُ ڏياچ جي. منگتا=منگ تان=گهُر تان
٢. محل مٿي=مٿي محل تي
٣. محل مٿي=۾ هل مٿي
٤. محل مٿي=هن مهل مٿي، هن وقت تي]

١. (دربان چيو ته) اي منگتا! هاڻي تو اها ساڙي ڏني، ۽ اتي
مٿي هلي گهُر ڪر جتي راءِ ڏياچ ويٺو آهي
٢. توکي سهڻي گهوٽ ڏياچ مٿي محل تي گهرايو آهي
٣. تڏهن سورٺ منگتي کي منٿ ڪئي ته (مُڙي وچ ۾)
مٿي محل تي (سر گهرڻ لاءِ) نه هل
٤. (مٿي ويو ته راءِ ڏياچ چيس ته) اي منگتا! هيءُ وقت اٿئي،
گهُر جيڪي من ۾ هجئي.

---

[١٦٦] تعلقي خيرپور مان عبدالرزاق پانڻ کان مليو.

[١٦٤]

سونـي کين منگتـو، راجا ري سيرون
سوين هيون سورٺ وٽ، راجا ري سيرون
ڪنهن پيون، ڪٿي چوي، راجا ري سيرون
راجا ري سيرون، ڳئون ٿيون گرنار جون.
(جلال ڪٽي)

[ ١. راجا ري سرون=راجا جي سيرُون ري، رجا جي سر وڍڻ ڪان سواءِ
٢. راجا ري سرون=راجا وٽ جيڪو ناٿو هو، انهيءَ ڪان سواءِ سورٺ وٽ به ڪئين سونيون سريون هيون
٣. راجا ري سرون=راجا جي نه هوندي، سرون ڏُهري جون، سرون سهاڳ جون
٤. راجا ري سرون=راجا ڪان پوءِ سيرون گرنار جي ڪوٽ جون]

١. بيجل (جيڪو سنبري آيو آهي، سو) راجا راءِ ڏياچ جي سِر وڍڻ ڪان سواءِ ڪين موٽندو
٢. راجا وٽ بيشمار ناٿو هـو، پر سورٺ وٽ بـه سون جون ڪئين سرون هيون (جيڪي هن بيجل کي آڇيون)
٣. پر بيجل نه مڃيو ۽ سر وڍيائين، تڏهن راءِ ڏياچ ڪان پوءِ گهڻا ۽ هار سينگار سورٺ جي ڪهڙي ڪم جا؟
٤. هاڻي راجا جي سِر وڍڻ ڪان پوءِ گرنار جي ڪوٽ جون سيرون به پڇي پري ڍهي پيون.

---

[١٦٤] راوي اڪ ٻت متر ماڇي، ويٺل ڳوٺ سليمان ماڇي، ڪڇهري حيدرآباد، تاريخ ٢- مئي ١٩٦٥ع

# ٻاب نائون: سر رامڪلي

[١٦٨]

سناسين سُرڪي، ورتو ڪس ڪرنار جو
ونءِ جا وصال جي سا سناسين سُرڪي
جلوي ساڻ "جلال" ڇئي، تن سناسين سُرڪي
پوءِ سناسين سُرڪي، چاڙهي تند طنبور تي•

[ ١. سناسين=جوڳي فقيرن، حق جي ڳانڍيڙن. سُرڪي=رڙهي، هلي
٢. سُرڪي=ٻيٺي، ڏُڪَ ڀري پيٺي
٣. سُرڪي=سُرخي، ڳاڙهاڻ، رونق
٤. سُرڪي=سُرَ ۾ ڪئي، سُر ۾ ملائي]

١. جوڳي درويش (توحيد جي طلب ۾) ڪرنار جو ڪَسُ ونءِ هليا
٢. (ڪرنار ۾) وڃن ڪروئن جي سڪيا سان وحدت جي پروڙ جي ڄاڻ پين
٣. ان توحيد واري نشي ۾ سندن مُنهن تي رونق وري ويئي
٤. پوءِ انهن درويشن، خوشيءَ ۾ طنبور جي تند سُرَ ۾ ملائي ڏٺيءَ جي هيڪڙائيءَ جا گيت ڳايا.

---

[١٦٨] راوي محمد يعقوب ٻرڙو، تعلقو ڻل، ڪڇهري ميرپور ٻرڙو، تاريخ ١٢-جنوري ١٩٥٩ع

[١٦٩]

پني پينانگن کان پيا پينانگ پنن
رام مليو هڪ رات ۾، اتي پينانگن
تني پينانگن، مر پئي سائين کي ڏنا.

[ ١. پني = گهري. پينانگن کان = جيڪي اڳ پڇيا پنندڙ هجن، ڏٺيءَ
در سوال ڪندڙ هجن تن کان. پينانگ پنن = هي نوان طالب
پيا گهرن ۽ سکن
٢. پينانگن = پن ڪندڙن، گهرندڙن، طالبن، سوالين
٣. پينانگن = پڻي نانگن، تن نانگن فقيرن ]

١. جيڪي خود ڏٺي در سوالي آهن، تن کان نوان طالب پيا
ذات گهرن ۽ سکن
٢. انهن ئي طالبن جڏهن دل سان ڏٺي جي طلب ڪئي
تڏهن ڪين هڪڙي رات ۾ ئي رام ملي ويو
٣. پوءِ سوالين پيناڪن خود انهن نانگن فقيرن کي ذات کان
آگاهه پئي ڪيو.

---

[١٦٩] راوي محمد يعقوب پرڙو، تعلقو ٺل، ڪڇهري مير پور پرڙو،
تاريخ ٢١-جنوري ١٩٥٩ع

# باب ڏهون: سر ڪارايل

[١٥٠]

پکين پاڙهيرين جا سهسين سُڄن سَرَ
پاڙهيري پهه ڪري ساهان ايندا سَرَ
پاڙهيري پهه ڪري سچيندڙي سَرَ
ڪٿي لڪندين ڪانهن ۾ ايهي سنهڙا سَرَ
جن کي رب رکي وٺي تن ناهي منهن ۾ سَرَ
پٺي سونهي موتين سَرَ، لالَن ڳڌ "لوهار" چئي.
(محمد طالب لوهار)

[ ١. سَرَ = تلاءُ، ڍنڍ. پکين = پکين کي، چوٽو چڳند ڙ ضعيفن کي.
پاڙهيرين جا = شڪارين جا
٢. سَرَ = سدا سنوان، ساهون
٣. سَرَ = تير
٤. سَرَ = سَر جا ٻوڙا
٥ سَرَ = گهُنج، ور
٦. سَرَ = لڙهي، (موتين وغيره جي) ڌاڳي ۾ ٻوتل قطار.]

١. چوٽو چڳندڙ (ضعيفن) پکين کي بہ اهي تلاءَ سجهن پيا، جتي شڪاري آهن (پر قوت ڪارڻ هو انهي وڃڻ لاءِ مجبور آهن)
٢. اي پکيڙا! خبردار ٿي، جو مارڻ وارا ساهون ايندا ٿي
٣. اهي توکي مارڻ لاءِ تيار ٿي، تير ڪشي ٻيهندا ٿي
٤. (پکيڙا!) تلاءِ ۾ سنهڙا ڪانهن جا ٻوڙا آهن، انهن ۾ ڪٿي لڪندين!
٥. جن تي رب جي رضا جي ڇانوَ (حفاظت) آهي، تن جي منهن ۾ سَر ٿي ڪونهي
٦. شاعر ٿو چوي تہ: لعلن سان گڏ پوتل موتين جي سَرَ ٿي ڳچيءَ جي سونهن آهي.

---

[١٥٠] خود شاعر جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

# باب يارهون: سر هير رانجهو

[۱۷۱]

مادر منهنجي ڪين ٿيي، ماهه انهي ماهي
آهي تو بدنام ڪيو، ڪيئي چا ماهي
دل ڏنم دلدار کي، جو دلبر ٿم ماهي
تنهن مٿان قربان ٿيا، شمس، قمر، ماهي
"بخشل" مثل ماهي، بنا بحر گذاريان.
(بخشل)

[۱. ماهه جي انهي ۾ پالي پوندو ته اڙڪندو، ڏوڪيو=ڪاوڙ
نه ڪر
۲. ماهي = ماءُ + هي
۳. ماهي = يار
۴. ماهي = چنڊ
۵. ماهي = مڇي.]

۱. اي امان! مون تي مانهه جي انهي وانگر آڪڙ نه ڪر (ڪاوڙ نه ڪر)
۲. ماءُ! اهو چا ڪيئي جو مون کي مهڻا ڏيئي خوار ڪيئي
۳. مون ته پنهنجي ماهي (رانجهي) کي دل ڏني آهي
۴. جنهن تان سج چنڊ به قربان ٿيا
۵. بخشل شاعر ٿو چوي ته: آءُ يار جي وڇوڙي ۾ مڇيءَ وانگر (تڙپندي) ٿي گذاريان.

---

[۱۷۱] خود شاعر جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل، ڪڇهري ڳوٺ سرائي امام بخش گوپانگ، تاريخ ۷-جولاءِ ۱۹۶۸ع.
بخشل پٽ غلام رسول گوپانگ، ويٺل ڳوٺ امام بخش گوپانگ.

# باب ٻارهون: نبين جا قصا

[١٤٢]

مٿي ور ڇهايائين، اهو سو کٿپ نيي
ادا انهي ٻار کؤن مون کي سو کٿپ نيي
اهو سو کٿپ نيي، جنهن مڇي ماکوڙي لال کئي.

[١. کٿپ لي=وڍ چڏ. مٿي ور=مٿي+مٿور
٢. کٿپ ني=وڍي چڏ. ادا=آندئي. ٻار=ٻچڙ، ريت
٣. کٿپ=چاقون. مڇي=مڇي. ماکوڙي=مکڙ. لال=حلال]

٠١ (حضرت ابراهيم کي) خواب ۾ حڪم ٿيو ته پٽ کي ڪٺهه (قربان ڪر)

٠٢ (حضرت اسماعيل پيءُ کي چيو ته) مون کي قرباني واري رسم پوري ڪرڻ لاءِ آندو اٿئي، هاڻي مون کي ذبح ڪر

٠٣ پوءِ (دُنبي کي ذبح ڪري) ڪاتي مٿي آچلي جيڪا مٿي مکڙ کي لڳي ۽ هيٺ مڇيءَ کي، اهڙيءَ طرح اهي حلال ٿيا.

---

[١٤٢] روهڙي مان عبدالرزاق ميمڻ کان مليو.

## واڏارو

[هيٺيان هنر جا بيت مارئي، سهڻي وغيره سرن جا آهن جيڪي پهرئين ڀاڱي ۾ جدا جدا بابن هيٺ ورچي رکجن ها، پر وقت سر دستياب نه ٿيا، تنهن ڪري هتي آخر ۾ شامل ڪيا ويا آهن.]

[١٧٣]

ڪنڌي آئين ڪوهه تان، عمر مان سُڪڙي
سرتين لاءِ سومرا، عمر مان سُڪڙي
عمر مان سڪڙي، ڪيئن وساري ويهي رهان.
(گل بهار سومرو)

[١. مان سُڪڙي=ماس+ڪڙي=جسم ڏي قابو ڪري
٢. مان سُڪڙي=ماس+ڪڙهي=جان جلي، اندر سڙي
٣. مان سُڪڙي=مان سُڪ ڙي.]

١. عمر! منهنجو جسم ڏي قابو ڪري، سون ڪي ڪوهه تان ڪٺي آئين
٢. (هتي بند ۾) منهنجو ساهه سرتين جي سِڪ ۾ پيو ڪڙهي
٣. عمر! آءٌ (مارن جا) سُڪ وساري هتي ڪيئن ويهي رهان.

---

[١٧٣] سکهڙ گل بهار سومري جي زباني قلمبند ڪيل.
گل بهار سومرو ڪٺي، ويٺل ڳوٺ دائود ڦاپوٽو تعلقو خيرپور، عمر ٧٦ سال، سکهڙ ميوي ڦاپوٽي کان هنر جي ڪچهري ٻرايائين.

[١٧٤]

کـڏـي آئين کـوهـہ تـان عمر آبادي
کـنـهـن ڏنـي تـوکـي عمر آبادي
ڪڍي چـڏ ڪوٺـن مـان، عمر آبادي
عمر آبادي، ٿي کهر کهر ۾ گل بهار چوي.
(گل بهار سومرو)

[١. آبادي=آبا+ڏيءَ=آبي جي ڏيءَ يعني پيڻ
٢. آبادي=آ+بيدي (ظلم)
٣. آبادي=اها+بندي=بند يائي
٤. آبادي=اها+بدي=بد نيڪي، ڪلا.]

١. عمر! تون ڪوهہ تان مون ابي جي ڏيءَ يعني پيڻ کي ڪٺي آئين
٢. ڪنهن توکي اها بيدي (ظلم) ڪرڻ جي صلاح ڏني
٣. اها جيڪا ڪوٺن ۾ بند آهي، تنهن بندياڻيءَ کي ڪڍي ڇڏ
٤. عمر! (انهيءَ ڏاڍ سبب) کهر کهر ۾ تنهنجي بدنيڪي ٿي آهي.

---

[١٧٤] گل بهار سومري جي زباني قلمبند ڪيل.

[١٧٥]

ويهي کين وسائيندس، عمر تو ميلا
قادر ڪندو ڪيت سان، عمر مون ميلا
ماتام ماروئڙن کي، عمر آ ميلا
عمر! مون ميلا، آهو ڏينهن ڪندو عثمان چئي.
(عثمان جلباڻي)

[١. ميلا=محلا، محلات
٢. ميلا=خوشيون، جشن
٣. ميلا=مون لاءِ
٤. ميلا=ميڙائو، ملاقات]

١. عمر! آءٌ هتي تنهنجن محلاتن ۾ ويهي کين گذاريندس
٢. قادر ڪندو ته آءٌ ڪيت سان ملي خوشيون ڪندس
٣. (منهنجي جدائيءَ ۾) ماروئڙن ۾ مون لاءِ ماتم هوندو
٤. عمر! هاڻي ڏٺي اهو ڏينهن ڪندو، جو مارن سان منهنجو
ميلو (ميڙائو) ٿيندو.

---

[١٧٥] تعلقي خيرپور مان سکهڙ عبدالرحمان مهيسر کان مليو.
سگهڙ عثمان جلباڻي پٽ ابراهيم جلباڻي، ويڙل ڳوٺ تلو پانڊو تعلقو خيرپور، عمر ٤٨ سال.

[١٧٦]

كانگل چيچ قريب کي لهي گهوٽ سندي **گهرڙي**
تہ ساجن سڳور سريرہ تا گهاوَ چڏن **گهرڙي**
سڄڻ سڪ سيڻن کي آ گهٽي تو **گهرڙي**
گوهر موں **گهرڙي**، کر کا ماڙ "ملوڪ" چئي.
(ملوڪ عباسي)

[١. گهرڙي=گهر ۾
٢. گهرڙي=گهوتي، رهڙي
٣. گهرڙي = گهُرڙي = گهٽي گهُر
٤. گهرڙي=منهنجي گهر ۾]

١. كانگل قريب کي نياپو ڏج سندس گهر ڳولي
٢. تہ اي ساجن! تنهنجي جدائي جي گهاون جسم کي چيلي چڏيو آهي
٣. اي سڄڻ تنهنجي سڄڻي کان گهٽي گهر ۾ سڪ آهي
٤. اي سڄڻ منهنجي گهر اچ ۽ مون تي ماڙ ڪر.

---

[١٧٦] خود شاعر کان مليو.

[١٤٤]

آچ نہ اصيلن کـي راجـا هي ريشم
وٽن کونہ وجود کي راجا هي ريشم
کھاريون اسين گھرن ۾ راجائي ريشم
مـارو گھمن نـہ مانائتا راجائي ريشم
راجا هي ريشم، ناهي لوڪ اندر لقمان چئي.
(لقمان کوکر)

[١. ريشم = رسم
٢. ريشم = پَتَ
٣. ريشم = ري شمع
٤. ريشم = ريءَ شرم
٥. ريشم = ريت، پتو]

١. اي امير عمر! اشرافن کي اها رسم (پئي مڙس ڪرڻ جي) نہ آچ
٢. اسان مارن جي وجود کي پٽ ريشم ڪين ٿا وٽن
٣. اسين مارو پنهنجن گھرن ۾ شمع کان سواءِ گذاريندا آهيون
٤. مارو پنهنجن جهوپن پکن ۾ حيا ۽ شرم کان سواءِ ڪونہ رهن
٥. اي عمر! تون جيڪا رسم آچين ٿو، اها سچي جهان ۾ ڪانهي.

---

[١٤٤] لقمان ولد محرم کوکر وينل ڳوٺ مصطفيٰ آباد، تعلقو واره ضلعو لاڑڪاڻو، سنہ ١٩٤٩ع ۾ جاتو.

[١٤٨]

رد ڪيئي اي سومرا، عمر ٻئي پاسا
سَمجھيي ڪونہ ٿا سومرا، عمر ٻئي پاسا
خبر پوندءِ تڏھن جڏھن لڳندءِ عمر ٻئي پاسا
موڪل ڏي، مھيسر چئي، ڪَٿ عمر ٻئي پاسا
عمر ٻئي پاسا، سڌا ٿيندءِ سومرا.

(حاجي فقير مھيسر)

[١. ٻئي پاسا=مارن جو پاسو ۽ مارئي جو پاسو
٢. ٻئي پاسا=انصاف جو پاسو ۽ ظلم جو پاسو
٣. ٻئي پاسا=قبر جي ڀيڙ ۾ جسم جا ٻئي پاسا
٤. ٻئي پاسا=تنھنجو پاسو ۽ منھنجو پاسو
٥. ٻئي باسا=ھيءُ جھان ۽ اڳيون جھان]

١. عمر سومرا، مون کي جھلي تو منھنجو ۽ مارن جو پاسو گھٽ ڪري ڇڏيو
٢. تو کي عدل ۽ ظلم جا ٻئي طرف ڪين ٿا سجھن
٣. تڏھن خبر پوندئي جڏھن قبر جي سختي ۾ تنھنجا ٻئي پاسا لڳندا
٤. مون کي ملير ڏانھن آماڻ جو انھي طرح منھنجي ملڪ جا مارو ۽ تنھنجا سومرا تو کي آفرين چوندا
٥. عمر! ائين ڪندين تہ تنھنجا ٻئي جھانَ موچارا ٿيندا.

---

[١٤٨] سگھڙ عبدالرحمان مھيسر ڪان مليو.
حاجي فقير مھيسر ١٩٧٨ع ۾ وفات ڪئي.

[١٧٨/١]

وٽن ڪين وجود ڪـي عمر مان پيسا
پٽلر وچـي پنهوارن سان عمر مان پيسا
گڏ گـذاريـان ڏينهڙا عمر مان پيسا
عمر مان پيسا، وچي سـلان مهيسر چئي.
(حاجي فقير مهيسر)

[١. پٽيسا = ناڻو، دولت
٢. پيسان (سرائڪي) = پئندس
٣. پٽيسا = پٽي (مڙس) سان
٤. مان پيسا = ماءُ پيءُ سان]

١. عمرا هـت تنهنجي ڪوٽ ۾ مونـکي تنهنجا نـاڻـا نڪا ڪين ٿا وڻن
٢. شال موٽي وچي پنهنجن پنهوارن سان گڏ مينهن جـي پاڻيءَ جو پٽلر پيان
٣. آءٌ شال وطن وڃي پنهنجي مڙس سان گڏ گذاريان
٤. اي عمر، مان سوٽي پنهنجي ماءُ پي سان شال وڃي ملان.

---

[١٧٨] سگهڙ عبدالرحمان مهيسر کان مليل.

[١٧٨/٢]

چڙهي چمڪ چوه مان عمر تو **لاري**
ڪٽي مهار ميي جي **عمر تو لاري**
وٽي ڪين وجود ڪي **عمر تو لاري**
**عمر سا لاري**، مونکي جهانءِ ميٽي آ جهنگ جي.

[١. لاري=آلاري
٢. لاري=لاڙي
٣. لاري=طول وهاڻن واري زندگي
٤. لاري=چڙين جي لار]

١. عمر! (مونکي ڏيچارڻ لاءِ) تيزي سان چمڪ آلاري
٢. مونکي زوري ڪٽي تو اٺ جي واڳ ڪٽي عمر ڪوٽ ڏي لاڙي
٣. عمر! اها طولاري، وهاڻن طولن واري رهڻي مونکي پسند ناهي
٤. اي عمر! مونکي مارن جي جهنگ ۾ چرندڙ ڏٺن جي چڙين لارن واري جهانءِ وٽي تي.

[١٤٨/٣]

ڏسيو ڏيـل ڏکيو وڃي، عمر ڪتابن
ڪڍهن وهنديس ڪينڪي عمر ڪتابن
عمر ڪتابن، نـمـي ڏس نـيـاز سان.

[١. ڪتابن (واحد ڪتابو)=تيڪي جي جاءِ ۾ لڳل جارو
٢. ڪتابن=ڪنهن تابن (دڙڪن دهمائن)
٣. ڪتابن=شريعت جي ڪتابن
٤. ڪتابن=ڪُتابهن.]

١. عمرا تنهنجي ماڙيءَ جي ديوارين درين ڪي ڏسي منهنجو ڏيل تو ڏکي
٢. ڪن دڙڪن داٻن سان آءٌ ڪڏهن تو وٽ ڪانه وهنديس
٣. اي ميان سومرا، تون شريعت جي ڪتابن ۾ ڏس (تہ تو ڪيڏي نہ ڏاڍائي ڪئي آهي)

[١٤٨/٤]

**ڏسي آيو هو ڏيهه ۾ ڪا عمر موچاري**
**ڳولي ڪيڏ ڳوٺ مان عمر موچاري**
عمر موچاري، وار تہ وڃان ويڙهہ تي.

[١. موچاري=مٺو چاري، چانجوس
٢. موچاري=سهڻي، ٺاهوڪي جوءِ
٣. موچاري=عزت ۽ مان سان.]

١. اي ميان عمر! تنهنجو جاسوس مارن جي ڏيهہ ۾ مونکي ڏسي آيو هو (تڏهن تون مونکي جهلي آئين)
٢. هاڻي ڇڱو ائين تہ تون پنهنجي راڄ مان ڪا سهڻي موچاري ڳولي هٿ ڪر
٣. اي عمر! موچاري ڪري مونکي مان عزت سان پنهنجي وطن ڏي وراءِ.

[۵/۱۲۸]

هلي ڏنئي هيج مڙن پاڻ آهو پئسو
ڪٿي آئين خوشيءَ سان پاڻ آهو پئسو
خالي ڪيو ٿي خوشيءَ سان پاڻ آهو پئسو
هاڻي پورهيت آتي پئسو، عيش ڪري، عبدالرحيم چئي*
(عبدالرحيم چنو)

[۱. پئسو=پئه (=مڙس) سو
۲. پئسو=پائي سو (هار)
۳. پئسو=پاسو (مڙس وارو)
۴. پئسو=پئي سو (اها ڪڙرو).]

۱. اي ليلان تو پاڻ خوشيءَ سان پنهنجو مڙس مونکي ڏنو
۲. خوشيءَ سان ان جي عيوض هار پائي آئين
۳. پاڻ پنهنجي مڙس وارو پاسو خالي ڪري ڇڏيئي
۴. هاڻي اها پورهيت (ڪڙرو) سا پئي پلي چنيسر سان عيش ڪري.

* عبدالرحيم ولد الهه‌آندل چنو، ويٺل ڳوٺ مهيسر وڏا تعلقو خيرپور، حال حيات عمر ۵۵ کن سال، حاجي فقير مهيسر جو شاگرد آهي.

[۱۸/٦]

ڏنئي پاڻ هٿن سان ڪري نيلائون
گهوٽ ڏنو تو گهر ۾ ڪري نيلائون
هاٿي ڏئين نيلائون، تہ بہ موٽي ڪين "محمد" چوي.

(محمد ڏيرو)

[۱. نيلائون=نيي لائون (=گهٽ)
۲. نيلائون=ني لائون (گهوٽ ڪنوار کي لائون)
۳. نيلائون=نيلون (جمع)]

۱. اي ليلان! تون پاڻ چنيسر کي (گهوٽ) ڪري پنهنجي هٿن سان پاڻ ڏنو
۲. تو ڪونئرو جي گهر چنيسر کي گهوٽ ڪري لائون ڏياريون
۳. هاٿي جي تون ناٿي جون نيلون ڏئين تہ بہ (سگهڙ محمد ٿو چوي) تہ چنيسر موٽي ڪين ملندئي.

[١٧٨/٧]

صبح جو سوالي آيو جنهن تند وڄائي سهڻي
سج منٺ، منٿرُ منگتا، تون تند وڄاءِ سهڻي
پر مڙيو ڪين منگتو، جنهن تند وڄائي سهڻي
سورٺ ڙي سهڻي، آءٌ پريان ڪٺي آيو آهيان "پيرو" چوي.

(پيرو)

[١. سهڻي=سهڻي، مٺي
٢. سهڻي=سا هيٺي (آهستي، ڍري)
٣. سهڻي=سر هٺي
٤. سهڻي=سُنهن ڙي]

١. صبح جو سوالي (بيجل) آيو جنهن مٺي تند وڄائي
٢. سورٺ چيو ته اي منگتا، منهنجي منٺ مڃ، تون تند ڍري وڄاءِ
٣. پر منگتو نه مڙيو ۽ پورا سر هٺي اٿرائتي تند وڄايائين
٤. چيائين ته: اي سورٺ! آءٌ پري ڪان سُنهن ڪٺي (وچن ڪري) ڏياچ جو سر وٺڻ آيو آهيان.

[۱۷۸/۸]

ٻـنـڌ ڏن ۾ ٻـڌ وســون پائيءَ پلو ڙي
جــوانــيءَ ۾ جـام ٿـيـو پائيءَ پلو ڙي
شــهــر واهــڻ ۾ واه جـو پائيءَ پلو ڙي
پائيءَ پلو ڙي، تن سان گڏ جي وڃان گل بهار چوي.

(گل بهار سومرو)

[۱. پائيءَ پلو ڙي=پيءُ پيو لوڙهي
۲. پائيءَ پلو ڙي=پٽ (مڙس) ويو لوءِ ڙي، جام=جم
۳. پائيءَ پلو ڙي=ڀوان ڀوئون ڙي. (واهڻ=ويهڻ) واهہ=وهہ
۴. پائيءَ پلو ڙي=پيا پلءَ ڙي]

۱. ٻڌ وسون تہ ٻنڌڻن ۾ (سسئي کي) پيءُ پيو لوڙهي
۲. جوانيءَ ۾ جم ٿيو جو ڀَي (مڙس) کيس ڇڏي پنهنجي لوءِ ويو
۳. شهر (ڀنڀور) ۾ ويهڻ وهہ ٿـي آيو تڏهن آئي پنهل جي ڀويان ڀوان
۴. (جن سان) پلءَ پيو آهي، تن سان گڏ جي وڃان گلبهار چوي.

# پاڅو پېو

## هنر منظوم لفظي تجنيسي،
## جدا جدا لفظن پر سمايل تجنيس وارا هنر

## (الف) سادي بيان وارا هنر

[١٧٩]

ڀانهين ڀائڻ ڀانهن ۾ سدا سٺهائي
ڀائي سا ڀائي، ڪلهي ڪرپائي
اها ڏي لاهي، اسان کي ”امام بخش“ چئي.
(امام بخش)

[١. سُهائي=سُوڄ+آهي
٢. ڪرپائي=ڪپائي
٣. لاهي=آلَ+آهي]

١. عمر! (آڄ پانهين ڪانـ پائينديس جو) پانهين ڀائڻ جي اسان کي سٺوڄ آهي

٢. جي ڪا پانهين پائي، تہ انهي پائڻ کان چڱو آهي تہ ڪُلهي کان پانهن ئي ڪپارائي ڇڏي

٣. امام بخش ٿو چوي تہ: (پانهين پائڻ جي) اسان کي آل (عيب) آهي.

---

[١٧٩] ٽنبي الهيار مان ولي محمد طاهر زادي کان مليو.

[١٨٠]

آچ نہ آجڙوال کي، صاحب سارو پن
ڪڏهن ڏينديءَ ڪينڪي، مارُو مارو ڪن
جي پٽ واريون پٽ ڪن، تہ عمر عيب انهن کي.

[١. سارو پن=سڀ رهڻ
٢. ماروڪن=مان+روڪن=مونکي روڪڙن تکن تي
٣. پٽ واريون=سٺيءَ پر وهنڊڙ. پٽ ڪن=ريشم اوڍين]

١. عمر! ٻڪرارن کي سڀ رهڻ (ناٽو) نہ آچ
٢. اهي روڪڙن رهن تي ڪڏهن بہ پانهن نہ ڏينديءَ
٣. جيڪڏهن جهوپڙين پر وهندڙ ريشم اوڍين تہ عيب لڳندن.

---

[١٨٠] راوي ميان علي بخش خان لوهر، ڪڇهري محمد پور ضلعو جيڪب آباد، تاريخ ٢٥-ڊسمبر ١٩٥٩ع ۽ فقير محمد سامت، ڪڇهري محمد پور، تاريخ ٢٣-مئي ١٩٥٩ع.

[١٨١]

وَٺيي ظالم زور ڪري، ميان متارن
راڻيون رنگ محل ۾، ٻڌر ڪري ٻيٺن
آهي مڱڻهار مرن، جن گهر سدا صاحبي.

[١. وَٺيي=وَٺيي (تنڊن کي)، متارن=م + تارُن
٢. ٻيٺن < ٻئنيُ = مڙس
٣. مڱڻهار=مرَ + ڪر + رُن]

١. ميان (مڱڻهار)، تارُن ۽ تنڊن کي نه وٺ، جو اهي ظلم زورو ٿيون ڪن
٢. راڻيون رنگ محل ۾ پنهنجي مڙس سان خوش آهن
٣. مڱڻهار! انهن کي رُن زالون نه ڪر، جيڪي سدائين صاحبي ٿيون ڪن.

---

[١٨١] محمد يعقوب ٻرڙي جي زباني ڳوٺ محمد پور ۾ ڪيل ڪچهري (٢٣-مئي ١٩٥٩ع) ۾ قلمبند ڪيل.

[١٨٢]

توکي مديرمٽي تي، هٿ مارن کي پنڪا
تنهنجا تازي طنبيلن ۾، هٿ گهوڙن کي گهنڪا
چاکر چئي، چِٽڪا، ڏسان شال اکين سان.
(چاکر خان رستماڻي)

[١. مدير=پڳ (جو قسم). پنڪا=پنڪا
٢. گهنڪا=چيلڙا
٣. چِٽڪا=چِٽرڪا=مينهن جا چٽرڪا يا وسڪارا]

١. جيئن توکي هٿ چٽ پهريل آهي، تيئن مارن کي مٿي تي پڱڪا پڌل آهن
٢. جيئن تو وٽ طنبيلن ۾ گهوڙا بيٺل آهن، تيئن مارن وٽ چيلڙا پڌل آهن
٣. مڱهڙ چاکر خان ٿو چوي مارئي جي زباني ته: شال ملير ۾ مينهن جا وسڪارا وجي ڏسان.

[١٨٢] مڱهڙ چاکر خان رستماڻي جو چيل هنر تعلقي واره مان غلام رسول چتوئي کان مليو.

## (ب) تجنيسي صنعت ۾ نزاڪت وارا منظوم معياري هنر

[١٨٣]

اسين ماڻهو **ٻَٽ** جا، سي ڪيئن ٻهريون **ٻَٽ**
سي **مَٽ** ميان سومرا! تون مير ڳولي لهه **مَٽ**
جي **گهَٽ** رعيتي راڄ ۾، تون چڏ گهوٽ تنين جو **گهَٽ**
ڳهڻا پانيان **ڳِٽ**، تنهنجا هئس، حمل چئي.
(حمل خان لغاري)

[١. ٻَٽ = ميدان. ٻَٽ = ريشم
٢. مَٽ = بدلاءِ، چڏ. مَٽ = جوڙجيس
٣. گهٽ = ٿورا، غريب. گهٽ = لنگهه، ڪمر
٤. ڳِٽ = طوق]

١. اسين ماڻهو ٻٽ جا رهاڪو، سي ڪيئن ٻَٽ ريشم جا ڪپڙا پهريون
٢. سي (مارو) چڏي ميان سومرا! تون ٻاڻ جهڙا جوڙ جيس ڳولي لهه
٣. جيڪي تنهنجي راڄ ۾ گهوٽ ٻوڇ وارا آهن، تن تان بند لاهه
٤. حمل شاعر ٿو چوي، تہ عمرا تنهنجا ڳهڻا ۽ هس ڳٽ ٿي پانيان.

---

[١٨٣] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

[١٨٤]

هار ڏنـي آهـار، جـو چـاهـم چنيسر سڱـيـو
ور وڃايـم ور سين، مـون تـي لـک مـيـار
"طالب" طالب آهيان، مـن طالب ٿـئـي پـيـهـار
مون ڪيو واپار، پـر گهاٽي سنجهه گهاٽو پـيـو.
(محمد علي "طالب")

[١. هار=مڻين جي مالها. هار=شڪست
٢. ور=مڙس. ور=ڏنگائي
٣. طالب=گهورو، طلب ڪندڙ
٤. گهاٽي=ڪـٽـيءَ، افعي. گهاٽو=ٽوٽو]

ليلان ٿي چوي ته:
١. مون کي (ڪونروءَ ته پر) هار شڪست ڏني آهي
٢. مون تي چنيسر جون لک مياروں آهن، جو ارڏائي ڪري مڙس کي وڃايم
٣. آءُ ته چنيسر جي طلبگار آهيان، من هو به منهنجو گهورو ٿئي
٤. مون ته واپار ڪيو هو نفعي لاءِ، پر ڪـٽـيءَ بدران مرکو ٽوٽو پنجي ويو.

---

[١٨٤] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو.

[۱۸۵]

آئون تائون سومرا، ڪانءِ پڌي پـم ڪري
سڪري سالُون سون جون، نار هجي نـم ڪري
جي نه قبول ڪري، ته ڏئيس ماڙ سجو ئي مهٽا.

[ ۱. آئورَ = آءٌ + ور. تائورَ = تي + ور
۲. سڪري = سا + ڪري. سالُون = شالون. نـ ڪري = نڪ + ري
۳. نه قبول = نڪ + بُول (= بُوليون) ]

۱. اي عمر سومرا! آءٌ ور جي مٿان پيو ورُ (مڙس) نه ڪنديس، جو اسان ڪڏهن ڪين پڌو ته عورت به مڙس ڪري
۲. جنهن عورت کي نڪ نه هوندو (بي نڪي هوندي) سا ئي ڪهن ۽ وڳن کي ڏسي، بيو مڙس ڪندي
۳. (آءٌ) جي نڪ ۾ بولو پايان (توکي قبول ڪريان) ته سڄي ملير جا ماڻهو مهٽا ڏيندم.

---

[۱۸۵] راوي لعل بخش موچي (هوت موچي جي اولاد مان) ڪڇهري ڳوٺ ڪاڪيپوٽا، تاريخ ۱۱-اپريل ۱۹۵۵ع، جوان پٽ خير محمد پرڙو ڪڇهري ميرپور پرڙو، تاريخ ۲۴-جنوري ۱۹۵۹ع، ۽ ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهر زادي کان مليو.

[١٨٦]

ڪڪڙي سور ڪياس، وڃي ٽڪڙو توڏل تي چڙهي
لڪڙي تنهنجي لاڏڪا، نڪڙو ناس ڪياس
مڪڙا محبت جا وجهي، ڀڪڙي چون ڀياس
هڪڙو رکين راس، شڪڙو ٻوي ها نه پريت ۾

[١. ڪڪڙي=ڪڪ+ڙي
٢. لڪڙي=لڪڻ. نڪڙو=نڪ+ڙو
٣. مڪڙا=ٻيچ. ڀڪڙي=ڀڪ+ڙي
٤. هڪڙو=حق+ڙو. شڪڙو+شڪ]

١. مومل کي جڏهن سورن ڪڪ ڪيو، تڏهن (راڻي ڏانهن وڃڻ لاءِ) ٽڪڙو وڃي آڻ تي چڙهي
٢. راڻا! تنهنجي لڪڻ (جيڪو تو نشاني طور رکيو) تنهن منهنجي نڪ کي نيڪو لاتو آهي
٣. محبت جا ٻيچ وجهي، تون پنهنجي ڀڪ ڪرين ها
٤. جيڪڏهن تون پنهنجو پورو حق رکين ها تہ اسان جي پريت ۾ ڪو اهڙو شڪ ئي نہ ٻوي ها.

---

[١٨٦] هيءُ هنر محمد يعقوب برڙي (تعلقو ٺل) کان مليو.

[١٨٨]

ماني ڪينديس ڪينڪي، هت مارن ريءَ ماني
آني ساڙيان آن کي، جي ويس وڳا آني
ڀاني مون کي ڀڻ ڪري، آهين بيشڪ تون ڀاني
کاني ويندينم خاڪ ٿي، تون خان! خودي کاني
جاني ڇو تون جوءِ کي، آهي جوڙ تنهنجو جاني
ساني ميان سومرا! آهي صاحب تو ساني
هاني هنت "حمل" جئي، نان هيت نڪي هاني
تنهن سان ڏنگ مَ ڪر ڏاني، هو جي ڏاني تنهنجي ڏَن جا.

(حمل خان لغاري)

[١. ماني=ماني ٽڪر، لولو، طعام. ماني=مانُ+ني
٢. آني=آنُ، آءٌ+ني. آني=آڻين
٣. ڀاني=ڀانءُ، سمجهه+ني. ڀاني=ڀاءُ+ني
٤. کالي=خاني، اميري. کاني=کاءُ+اي
٥. جاني=دلدار. جاني=جا=جيڪا+ني
٦. ساني=سا (=آها)+ني. ساني=ثاني=جوڙجيس، ارار
٧. هالي=هانءُ (=دل)+ني. هاني=هاڻي
٨. ڏاني=ڏانءُ (ڍنگ، لمونو)+ني. ڏاني=ڏن ڀرو]

١. عمرا آءٌ تنهنجي هيتي ماني (طعام) ڪانه کائيندس
٢. جيڪي ويس وڳا آڻين ٿو، سي آءٌ ساڙي ڇڏيندس
٣. مون کي ڀڻ ڪري ڀانءِ، جو تون بيشڪ منهنجو ڀاءُ آهين
٤. تون خوديءَ (هٺ) کي ڪڍي ڇڏ، نه ته تنهنجي خاني
خاڪ ٿي ويندي

---

[١٨٨] ڪليات حمل، ص ص ١٥٤-١٥٥.

٥. تون پنهنجي زال کي 'جاني' چئو، جيڪا تنهنجي دل واري آهي

٦. ۽ اي سومرا! اها ئي تنهنجو جوڙجيس ۽ مٽ ثاني آهي

٧. منهنجو هاڻ هُٽ (مارن وٽ) آهي، سو هاڻي هتي پل به نٿو ترسي

٨. آهي (مارو) جيڪي تنهنجا ڏن پرو (رعيت) آهن، تن سان ڏنگ ڏاڻ نه ڪر.

[١٨٩]

مان سام آهيان، مان سام آهيان، جا ڪام ڪري ڪم خام ميان
ماتام آهي ساتام ڪايان، ماتام پانيان اهي ماتام ميان
آجام ڪيون آجام ڪرين، اي ڄام! ڪهڙا آجام ميان
تون سام ڏئين سا سام مڃيان، اي ڄام! لئي هٿ لام ميان
تون دام وڇهيو ٿو دام ڏسين، جنهن عام ڦاٿين تنهن عام ميان
"حمل" چئي، هيء هام ميان! تو هام مڃين نا هيڪڙي.
(حمل خان لغاري)

[ ١. سامَ=پناهه، امانت. سام=سا+مَ (=ل). ڪام=ڪا (ڪوبه)+مَ (ن)
٢. ماتام=مان، آءٌ+تام=طعام. ماتام=مان، آءٌ+تانَ+مَ=ن. ماتام=ماتم، روڄ، سور. ماتام=طعام
٣ آجام=انجام. آجام=آجا+مَ. آجام=وعدا.
٤. مامَ=اشارو، اهڃاڻ. مام=مان (=آءٌ)+مَ (=ل) لام=لاء+مَ (ن)
٥. دام=حيلو ڦاسائڻ جو، ڦند. دام=بند. عام=عام ماڻهو. عام=آن (آءٌ)+مَ (ن)
٦. هامَ=موڪل ڏيڻ جي هانوڪار. هام=دعوىٰ، قول، انجام ]

١. ميان عمر! آءٌ سام پيل امانت آهيان، جيڪا ڪوبه ڪڇو ڪم نه ڪندي
٢. آءٌ اهي طعام نه کائيندس، جو اهي طعام منهنجي لاء ڏک ۽ سور آهن
٣. انجام ڪري سون کي آجو نتو ڪرين، اي سومرا! تنهنجا اهي وعدا ڪهڙا؟

---

[١٨٩] ڪليات حمل، ص ١٥٥.

٤. جيڪو تون اشارو ڪرين ٿو، سو آءٌ نہ مڃان، ۽ منھنجي لونءِ ڪي ھٿ نہ لاءِ

٥. تون ڦند وجھي مون کي ڦاسائڻ ٿو گھرين، پر جيئن پيون عام عورتون آھن، آءٌ انھن وانگر نہ آھيان

٦. اي عمر! تون آزاد ڪرڻ جي ھام تہ ھڻين ٿو، پر اھو واعدو پارين ڪونہ ٿو!

[١٩٠]

سُرڪيون سُرڪا سُرڪ ڪيون سرڪ پئي سُرڪي
تَرڪيون تَرڪا تَرڪ ڪيون ترڪ پئي تَرڪي
ڪَرڪيون ڪَرڪا ڪَرڪ ڪيون ڪرڪ پئي ڪَرڪي
مُرڪيون مُرڪا مُرڪ ڪيون مرڪ پئي مُرڪي
سُرڪ ڪيون سُرڪي، جڏهن ملي ميهر شاهه سان.

(ميهر شاهه)

[١. سُرڪيون=سُرڪي هي. سُرڪا=ڍُڪَ. سُرڪي=ڪِسڪي، رڙهي
٢. تَرڪيون=ترڪ ڪري. تَرڪا=ورثا. تَرڪي=تري (درياهه ۾)
٣. ڪَرڪيون=چڙ ٿيون. ڪَرڪا=چڙا. ڪَرڪي=ڪَرڪي (گهوگهري سڪرات واري) هئي.
٤. مُرڪيون=مُرڪيو. مُرڪا=کلي. مُرڪي=مُرڪي، خوش ٿئي.
٥. سُرڪ ڪيون=ڍُڪ پيري. سُرڪي=پيئي. ميهر شاهه=ميهار]

١. سُرڪي (ڪير جي) ڍُڪَ ڪري پيي انهن اٿي جيئن ڏم ڪي خبر نه پوي
٢. سڀڪجهه ترڪ ڪري (درياءَ ۾) تَري
٣. ڪَرڪيون ۽ ڪَرڪا پڌي (درياءَ ۾ ڪاهي پئي) ۽ سڪرات واري ڪرڪي پئي لڳس
٤. ڪِلِيو (ميهار جا پاڻ ڏسيو) مُرڪي پئي
٥. پوءِ ميهار سان ملي، ڪير جو سرڪيون پئي پريائين.

---

[١٩٠] راوي خاتل پرڙو، ڪڇهري جيڪب آباد، تاريخ ٤-جنوري ١٩٥٩ع.
مڪهڙ سيد ميهر شاهه، ويٺل گهاڙ جو.

[١٩١]

ڪَرهي ڪَرهي سومرا، ڪوه آنديشي ڪَرهي
وَرهي ورهي معلم پانھنجا تو ماه سڪي ورهي
پَرهي پَرهي سگھي ڪينڪي، شل وڃي پہڪن ۽ پَرهي
نَرهي نَرهي ناناڻن ري، ڪن ڪم نہ ڪي نَرهي
پانشي ئي بَرهي، منجهہ ڪوڻن ڪبير شاهہ چئي.
(ڪبير شاهہ)

[١. ڪَرَهي ڪَرهي=ڪَرهہ ڪري، ڪاوڙ ۽ زبردستي سان.
ڪَرَهي=ڪَرَ+هيءَ (مارئي)
٢. وَرَهي=پيچ وجهي؛ وَرهي=ورُ (مرد)+هيءَ. وَرَهي=
آئي جو پاڻي
٣. پَرهي=هيءَ پَرَ. پَرهي=پَرهڻ=ڪَهڙا. پَرهي=پائي
٤. نَرهي نَرهي=نہ رهي نہ رهي. نَرهي= نر (مرد)+هي
٥. اَرهي=هيءَ اترَ، هي ايابان]

١. اي سومرا! خبر ڪر تہ تون زوري هيءَ مارئي چو ڪٺي آئين
٢. وري وري پنھنجا سيڪا ريل ماڻهو ڦٽارڻ لاءِ پيو موڪلين،
پر مارئي جو ساه آئي جي پاڻي پيڻ لاءِ پيو سڪي
٣. تنھنجن ويسن وڳن پهرڻ جي ريت مارن ۽ ڪانهي، شل
موٽي وڃي پنھنجا اباڻا ويس پهري
٤. هيءَ ويچاري ناناڻن ڪان سواءِ هت ڪانہ رهندي، پرايون
پانهون ڪٺي اچي قيد ڪرڻ مردن جو ڪم نہ آهي
٥. ڪبير شاهہ تو چوي تہ: مارئي، تنھنجا ڪوٽ ڇڏڻ تہ
بر بيابان ئي پائٽي.

[١٩١] ٻيلاين جا ٻول، ٻيو ڇاپو، ١٩٧٠ع، ص ٣٥٣.

[١٩٢]

پٽيون پٽ پٽيون، ٽي پٽيون پٽن کي پٽ ڪري
سٽيون سٽڪي سٽ ۾، ڪٽيي سٽور ڪٽيون
هٽيون هٽڪي ڪيٽڪي، وٽي ورہ وٽيون
سا مٽيون چٽيون ميرن ڪي وجهي ڳل ڳٽيون
تنهن تان ڪڪر چانئو ڪبير شاهه چئي، اچي پڌيون
چٽ چٽيون
اها جهٽ ۾ هوت جهٽيون، اچي ڪٽيون ڪلندي
ڪٽ ذي.

(ڪبير شاهه)

---

[١٩٢] پيلاين جا پول، پيو ڇاپو ١٩٧٠ع، ص ٢٦٥.

# ڀاڱو ٽيو

## هنر منظوم جنسي 'تجنيسي':
## جنس - وار لفظن ۾ سمايل تجنيس وارا هنر

# هنر منظوم جنسي تجنيسي

هنرمند سگهڙن، هنر جا ڪي اهڙا بيت منظوم ڪيا آهن جن ۾ ڪنهن نه ڪنهن جنس جا نالا سمايل آهن: جيئن ته پکين، مڇين، جيتن ۽ جانورن جي جنسن جا قسم، اَنَّ جي جنس جا قسم، ڀوڪ ۽ اوپڙ جي جنسن جا قسم وغيره. اهڙيءَ طرح شهرن ۽ ماڳن، مردن ۽ زالن جي نالن، عزازت وارن سڳن بندن، ذاتين وغيره جي جدا جدا جنسن کي داناءَ سگهڙن صنعت تجنيس جي ڪاريگريءَ سان پنهنجن بيتن ۾ آندو آهي.

انڪل چاليهه کن جنسن تي ٻڌل اهڙا هنر جا بيت هن ڀاڱي ۾ شامل آهن، جن کي موضوع جي لحاظ کان ٻارهن بابن ۾ ورهائي رکيو ويو آهي.

هر بيت جي سمجهاڻي هيٺ، هر بيت ۾ هنرمندي سان تجنيس واري آندل لفظ جون ٻه معنائون ڏنيون ويون آهن، جن سان پهرين معنيٰ ’جنس‘ واري ۽ ٻي ست جي معنيٰ ۽ مقصد واري آهي.

# باب ڇهريون

## پکين، مڇين، جيتن ۽ جانورن جي جنس

### جنس پکي

[۱۹۳]

**سانباهو** سيڻن جو، **ٻوڙي** تو نہ ٻڌو،
**چڙي** ڏير چڙهي ويا، **آڙي** ڪنهن نہ آنو،
**پوري** شهر پنهور مان، **وهيو** سات سندو،
**ڪاهل** نيءَ مَ مستي، **چاپاڪو** ڪندو،
هاڻي پاريو سندو، ڪراوجا ڳا "اميد علي" چوي.

(اميد علي)

[ ۱. سانباهو= ۱. سرڻ جي نسل جو هڪ وڏو اڇو پکي، جنهن کي
عامي ٻوليءَ ۾ گونهہ-خور بہ چون. ۲. سنبت، تياري.
ٻوڙي= ۱. جهرڪي جيڏو پکي عموماً ٻوڪ تي وهي.
۲. پوري، غافل.
۲. چڙي= ۱. جهرڪي ۲. ڪا ڪاوڙ ڪري. آڙي= ۱. آبي پکي
۲. آءُ ڙي، اچ ڙي
۳. پوري= ۱. البل ۲. کهلي، بيخبر. وهيو= ۱. پکي جو
هڪ قسم. ۲. ويو، هليو ويو
۴. هيل = ۱. سرڻ پکي ۲. ڪا+ هل= ڪاهل، سست. چاپاڪو=
۱. هڪ ننڍو هلڪو پکي، جيڪو چڻي ويهي ۽ اوچتو ماڻهوءَ

[۱۹۳] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

جي اکيان پـڙکـي ڏيئي آڏامي ڌورو اکئي وجـي وبهي.
٢. ڇاهاکو = ڇا + ڦاٽو
٥. ڀاربور = ١. ڀاربهر ڀڪي. ٢. ڀري + ور]

١. ڀوڙي سسئي! تو ڏيرن جي سنبت جو آواز ڪونہ ٻڌو
٢. آهي ڪاوڙ مان آئن تي چڙهي هليا ويا، انهن مان ڪنهن بہ توکي "اچ ڙي" نہ چيو
٣. اهڙيءَ طرح تو ويساهہ وسوڙل ڪان قافلو هليو ويو
٤. سسئي تون سست نہ ٿي (انهن جي ڀڻيان ڀنڌ ڀئو)، توکي ٻڌڪ اچ ڇا ڪندي
٥. هاڻي تنهنجو ور توکان ڀري هليو ويو، توکي او جاڳا ڪرڻا ڀنجي ويا مي ڀئي ڪر.

[١٩٤]

آڙي آيس هيڪلي، انهي ويڙهه وڻاءِ
پرمار نه مارڻ ڪي، رک تون سرت سماءِ
توڙي ڪندئي پورڙا، اوڏو هنڌ م آءِ
ڪونه ڏٺوسين ڪاٿهين، عمر هيڙهو پاءِ
"ولڙ" چئي ويچار ڪر، اٿون هڪ هماءِ
لاهه ملهالو مون مٿاءِ، ميٺر مون کان سومرا.

(ولڙ)

[١. آڙي=١. آڙي پکي ٢. اءِ آڙي. ويڙهه، ويڙ=جُوءِ (جهنگ ۽ وڻن واري)
٢. پرمار=١. هڪ وڏو پکي، جيڪو ٻين پکين جو ماريل شڪار کائي ٢. پر، مار=وڙهه
٣. پورڙا=١. پوري، ابل (نرنالو=پورو، پورڙو، جنهن جو جمع پورڙا) ٢. پورا پورا
٤. هيڙهو=١. هڪ ننڍو پکي ٢. ههڙو
٥. هماءِ=١. هماءِ پکي ٢. ماءُ
٦. ملهالو=١. ملهالي پکي (نرنالو 'ملهالو') ٢. جهيڙو، مامرو.
ميٺر=١. هڪ ننڍڙو پکي، ميٺو ٢. مون تان ٽر، پاسو ڪر]

١. آءِ اڪيلي انهيءَ ويڙهه مان جهلجي هتي اچي اڙي آهيان
٢. تون سڌ سماءَ رکي، مارڻ کي (پنهنجي ڏاڏائيءَ مان) مار نه
٣. توڙي مون کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيندين ته به اوڏو اچڻ کان نه ڏيندي مانءِ

---

[١٩٤] تعلقي واره مان غلام رسول جتوئي کان مليو.

۴. عمر! تو جهڙو ٻاءُ ڪڏهن ڪونہ، ٻڌو هين (جيڪو ٻين ڪٽي اچي بند ۾ وجهي)

۵. شاعر ولهہ ٿو چوي تہ: ويچار ڪري ڏس تہ پنهنجي ماءُ هڪ ٿي آهي

٦. تنهن ڪري مون تان هيءُ خواري خلل لاهہ، ۽ مٽڙي ٽري وچ،

[١٩٥]

**آڙي** ڇئو آنهن ڪــي، جــي ٻولهاڙيون آهــن
هنجهه ڇئو انهن ڪــي، جــي **منگهن** ۾ پائين
توکي ڪانيرا ڏاهين، توڻ نيرڳي ڏين ٿو مون کي.

[١. آڙي = ١. پاڻيءَ جو پکي آڙي ٢. آءُ ڙي، آڙي. ٻولهاڙي = ١. ڪاريون آڙيون جن جي مٿي تي اڇو ٽڪو هجي ٢. ٻول + هاري = ٻول واري، ٻول ٻڌل
٢. هنجهه = ١. مشهور هنجهه پکي ٢. ڳوڙهو، جهولي. منگهه = ١. وڏو پکي پاڻيءَ جو ٢. منگهه جاءِ جو، بادگير
٣. ڪانيرا = ١. پاڻيءَ ۾ هلندڙ ڪارو ڪاليرو پکي، ڪانئرو (جمع ڪانيرا) ٢. ڪانُ (= تير) + وارا. نيرڳي = ١. نيرڳ نيرڳي پاڻيءَ جو پکي، ٻدڪ جو هڪ قسم ٢. نير، نيرو = ڪارو رنگ]

١. (اي عمر!) پنهنجين نڪاح ٻڌل زالن کي "آڙي" ڇئو، جو اهي توسان ٻول ۾ ٻڌل آهن
٢. هنجهه ۾ ويڙهڻ جي آڄ ۾ انهن کي ڪر، جيڪي تنهنجي محلاتن ۾ منگهن (جي ٿڏي هوا) ۾ ويٺل آهن
٣. عمر! توکي ڪانن وارا ساري ڏاهين جو تون مون کي ڪارنهن جو ٽڪو ٿو لائين.

---

[١٩٥] مير ڪوهستان، الهڇايو سمون، ١٩٤٢ع، ص ٩٠ ٿان ورتل. هي روايت علي بخش خان لوهر جي زباني ڪچهري محمدپور ۾ ٢٥ ڊسمبر ١٩٥٩ع تي قلمبند ڪيل.

[١٩٦]

سرٽيون تو وٽ سومرا، ڏي ڪنيائيون تن
هيڙها تو وٽ سومرا، اتي ڪونجون ڪين نڪن
هو ڇيو پرمارن، ميٺا نه ڪائج مارئي.

[١. سرڻيون= ١. سرڻ پکي، جمع سرڻيون ٢. سي+رائيون. ڪنيائيون =
١. ننڍڙو نيرڙو پکي (ڪنياٽي جمع ڪنيائيون) ٢. ڪتنون+ آئي
٢. هيڙها= ١. هيڙها پکي ٢. ههڙا. ڪولجون= ١. مشهور پکي
٢. ڪوجهيون
٣. پرمارن= ١. پرمار پکي ٢. پر (گذريل سال)+مارن. ميٺا=
١. ميٺو پکي ٢. مِٺا (ڪاڙا)]

١. سومرا، تو وٽ جيڪي رائيون آهن، تن کي اهي ڪٿوز (پلنگ) آئي ڏي، مون لاءِ ڇو آنديون اٿئي
٢. تو وٽ اهڙا حسن وارا ماڻهو موجود آهن، اتي (مون جهڙيون) ڪوجهيون رهي ڇا ڪنديون!
٣. مون کي مارن ڇني ڇڏيو ته (عمر وٽ) مٺا طعام نه کائج.

[١٩٦] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[١٩٧]

سيرٿين وارا سومرا! ڪانئون چا ڪندا
بازن سان ڪن ڪڙا، منهنجا مارونڙا
انهن سان طوطا، عمر ڪج نہ اهڙي.

[١. سرٿين=١. سرڻ پکي ٢. سي+رٿن. ڪانون=١. عام مشهور پکي ٢. ڪاون، شيشن، آرسين.
٢. بازن=١. سرڻ جيڏو مشهور شڪاري پکي ٢. بانڌهن
٣. طوطا=١. مشهور پکي، مٺو ٢. تون تان]

١. اي عمر! رٿن ۾ رهندڙ مارو، تنهنجين آرسين کي چا ڪندا
٢. منهنجا مارو پاڻ پرا آهن، جو بازن جو پورهيو ڪري ٿا ڪائين
٣. انهن ساڻ تون اهڙي (ڏاڍائي) نہ ڪر.

---

[١٩٧] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو.

## جنس مڇي

[١٩٨]

مڇي هيس مارن ٿي، سون تي ٿئين تون سوهم
موراڪيون منهنجون ڏسي، ڊوهڙ ڪيئي ڊوهم
چرڪي جنڊڙي جوش مان، لوهڙ تپي لوهم
ڪرڙيون اکيون تنهنجون ڏسي، پلو وجهان مان توهم
سينگاري هيس سرتين ٿي، هن ڏاهيءَ نه ڪيو ڏوهم
ٿيلهي ٿيندي يس ٿر ٿي، چو ڏيڪارين چوهم
پوپري پنهوارن ٿي، سون لئي آ انبوهم
"عبدالرحمان" چئي اندوهه، آ مارن کي ملير ٿي.
(عبدالرحمان چانڊيو)

[ ١. مڇي = مان + اڇي، يعني پاڪدامن
٢. موراڪيون = ١. موراڪي مڇي، جمع موراڪيون ٢. مور (= سهڻيون) + اکيون. ڊوهڙ = ١. مڇي جو قسم ٢. ڊوهه ڪندڙ
٣. چرڪي = ١. چرڪو مڇي، ننڍي چرڪي ٢. (مصدر چرڪڻ = ٻرڻ) ٻري، جلي. لوهڙ = ١. لهڙ مڇي جيڪا ڪنڊو هٿي ٢. لُوهي، تپي
٤. ڪَرڙيون = ١. ننڍي ڪَرڙي مڇي ٢. ڪَرڙيون، ڪاوڙيل. پلو = ١. مشهور پلو مڇي ٢. پلئو، پاند
٥. ٿيلهي = ١. ٿيري مڇي ٢. (مصدر ٿيلهڻ) = ڌڪاريل
٦. سينگاري = ١. مڇي جو قسم ٢. سينگاريل. ڏاهي = ١. مڇي جو قسم ٢. سياڻي
٧. پوپري = ١. هڪ مڇي ٢. پوءِ + پرين ]

---

[١٩٨] لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ٨٦.

١. آءٌ مارن وٽ پاڪدامن هيس جو تون مون تي موهت ٿئين
٢. منهنجيون مٺيون اکيون ڏسي، ڏوهه ڪري، مون کي ڪٺي آئين
٣. (هت قيد ۾) هڪ جند جان جوش ۾ جلي پئي، ۽ هت تتل لوهه مثال آهي
٤. تنهنجون ڪَرڙيون اکيون (هٿوَس واريون) ڏسي توکي (ساڃهه ڪرڻ لاءِ) پلؤ ٿي وجهان
٥. آءٌ مرتين ۾ سينگاريل هيس، مون ڏاهي کو ڏوهه نہ ڪيو
٦. آءٌ تہ هنُت ٿر ۾ ٿيلهيس (ڏڪاريس) تون هيت چو پيو مون تي چوهه چنبڙين
٧. منهنجو پرين (ڪيت) پنهوارن ۾ آهي، مون لاءِ هت سوڙهه ۽ ڪوڙهه آهي
٨. عبدالرحمان چئي ٿو تہ: منهنجن مارن تي هت ملير ۾ (منهنجي ڪجي وڃڻ جي ڪري) غم ۽ اندوهه ڇانيل آهي.

۱. سومرا! اجايا وين ۽ ڳاريون ڳنڍ پنهنجي پلئه ۾ وجهه

۲. ۽ راهون (۽ حق ڪري) وٺي پنهنجي ڪڙم ڪي چو لجايان

۳. اهي تنهنجا ڳهه، ڳٿا ڪوهه ۾ وجهنديس: جن جو اندر ٻري پيو تن ڪي انهن جي ڪهڙي ڪل

۴. مون ڪان اڪي تنهنجين محلاتن ۾ عقلمند راڻيون آهن، ۽ بند آهن (مارن وانگر آزاد ناهن)

۵. مون ڪي ذري ذري سخت ۽ ڏکيا طعنا تنڪا ڪين ڏي (تہ اتي مون پاڻ پٺي ڀاريا ۽ هت ماڙين ۾ آهيان): آءُ پل تہ مارن وٽ مال جا ٿاڻ ڀاريان

۶. شاعر ميرل ٿو مارئي جي زباني چوي تہ: منهنجين اکين ڪي مارن جي اوسيئڙي ۾ ننڊ آهي ئي ڪانہ

۷. ملير تي سينهن ۽ وڄن جا ڳهوڳهٽ آهن، موڪل ڏي تہ موٽي وڃان.

[٢٠٠]

ليلان ڪرڙو پنهنجو ويهي ڪيم لڄاءِ
ويهه مَ مُڪر ٿِي ماٺ ڪري، مت نه آيئي ڪاءِ
پلي نه ويئين پاڻ کي، ٿئين شاڪر سؤدي لاءِ
گنڊئيون سينگاريون تو ڏنيون، تڏهن درڙا چونه جهاياءِ
چرڪا لکي هئي چام کي، سٺي ڳالهه اهـا
"اميد علي" چئي آهه، ڪريون منهن مقابل ڳالهڙيون
(اميد علي)

[ ١. ڪرڙو = ١. ڏيرو مڇي ٢. ڪُر، ڪڙم
٢. ١. مڪر = مڇيءَ جو قسم ٢. مَ مُڪر ٿيءُ = ١. مڪر ٿيءُ، انڪاري ٿيءُ
٣. پلي = ١. پلو مڇي ٢. (پلڻ = پاسو ڪرڻ) ڇڏي، آسرو ڪٽي، شاڪر = ١. مڇي جو قسم ٢. شڪرگذار، خواهشمند
٤. گنڊئيون = ١. گنڊڻ مڇي ٢. گنڊڙيون، ميريون. سينگاريون = ١. مڇي جو قسم ٢. سينگاريل. درڙا = ١. مڇيءَ جو قسم ٢. دَرَ
٥. چرڪا = ١. چرڪو مڇي ٢. چرَ (ٻاهر، ڪاوڙ) + ڪا. سٺي = ١. مڇيءَ جو قسم ٢. ڀلي
٦. اميد علي = اميد رکي ]

١. ليلان! هاڻ ته سؤدو ڪري (مونکي وڪڻي) پنهنجو ڪڙم نه لڄاءِ
٢. تو کي مَتَ ڪا نه آئي هاڻي پنهنجي ڏوهه کان انڪار ته نه ويهه

---

[٢٠٠] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

۳. انهي هار تان آسرو ٻلي نه ويٺين پاڻا خوش ٿي سودو ڪيئي

٤. جڏهن تون اهي گندڙيون ميريون (ڪونرو ۽ سنديس ساٿ چنيسر جي راضي ٿيڻ تي) وري سينگاريل ڏٺيون تڏهن تون (ڏوهه بخشائڻ لاءِ) چنيسر جو در جهلي ڇو نه ويهي رهئين

٥. هار تي ور مٺائڻ واري ڳالهه ٻڌي چنيسر کي ٻاهه لڳي (۽ توکي ڏهاڳ ڏنائين)

٦. اڃا به اها اميد ٿي رکين ته چنيسر اڄ ته ويهي ڳالهيون ڪريون.

٣. تون سچ ني! ته آءٌ تنهنجي جدائيءَ ۾ سينگارجي سيج تي سِڪ سان ڪڏهن ڪانه سُتيس

٤. هُيس ته ڏيهه ۾ ڏاهي، پر ڪنهن ڦند ۽ ڏوڪي واري مون کي ڦاسايو

٥. پوءِ تون ڪيئن پونتي موٽي وئين جو آءٌ سڄي شهر (ڪاڪ) ۾ لڀي ٿيس

٦. پنهنجي ماڙين (ڪاڪ ۽ لڏائي) مون کي ڏکي پري ڪيو، ۽ ان بعد آءٌ انهيءَ ميار ۾ (جنهن پوءِ ٽن هيٺ ٿيس) پر وڌي ڪانه سگهيس.

[٢٠٢]

کَرڙي نڪتي ڪاله، ڪوهياري لئي ڪيچ ڏي
موراڪي ۽ مَنڍ تي داخل درياه لال
ڏاهي ڇڏيو ڏيهه کي تي پنهور ۽ بيحال
مَڪري نڪتو مانڊڻ ڪان مو بار ڪٿوري بحال
ڏنيري ڪيو ڪوهن ۽ لهي سنگهر سنپال
ٽيري ايل پنهنوار جي پون ڦاني تيو پال
پَلو پوتي پرکي هن ڪيو ات احوال
پوپري ڪان آيو آري محبت واري ڪرڻ مقال
مَنڊي محبت ڪان ٿيا گڏجي جوڙ جمال
شاپس زاڻمان زال، جو لوهڙ "لوهار" ڏسيو دل ڏڙڪي.

(محمد طالب لوهار)

[ ١. ڪرڙي = ١. (نر ڳالو ڪَرڙو) ٢. ڪوهياري = پنهون
٢. موراڪي = ١. موراڪي مڇي ٢. منهن رکي
٣. ڏاهي = ١. ڏاهي مڇي ٢. سياڻي، دانا
٤. مڪري = ١. مڪر مڇي ٢. منهن ڪري، ڪاوڙجي
٥. ڏنيري = ١. ڏنيرو مڇي ٢. ڏنب = عذاب، ڏک + ري = سواءِ = ايذاءَ يا تڪليف ڪانسواءِ
٦. ٽيري = ١. ٽيلهي مڇي ٢. ٽير (= پڪر) + هيءَ
٧. پلو = ١. پلو مڇي ٢. پلئه، پلاند (رئي جو)
٨. پوپري = ١. پوپري مڇي ٢. پوءِ + پري = ڏور
٩. منڊي = ١. منڊو مڇي ٢. منڊ = شروعات = شروع ڪان ٿي.
١٠. لوهڙ = ١. لُهڙ مڇي ٢. لوڙهه = قبر ]

---

[٢٠٢] شاعر محمد طالب لوهار جي پنهنجي زباني قلمبند ڪيل.

١. (سسئي) ڪالهه ڪوهيارن لاءِ ڏانهون ڪندي ڄبلن ۾ ڪاهي هلي
٢. (جنهن ڪي) مُنهن-رکي مٿان رکي ماڻهو پيءَ درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيو هو
٣. پنهور ۾ جڏهن سياڻي (بالغ) ٿي تڏهن (پنهون جي پسڻ لاءِ) بيحال ٿي
٤. پنهون به مائٽن کان ڪاوڙجي، ڪئوري جو بار پري پنهور ۾ آيو
٥. ڏنپ يا ايذاءَ کان سواءِ ڪنهن کي سنگهر ۾ رڙڻ جي سيڪ ٿي ڪئي!
٦. آتي ايل پنهوار اچي آڏو ٿيو، زمين ڦاٽي، جنهن ۾ سسئي پيهي وئي
٧. سسئيءَ جو پَلئه ٻاهر نڪتل هو، ان اهڃاڻ تي مجاور ٿي ويٺو
٨. پنهون به پري کان ڪاهيندو اُت آيو
٩. پنهون ۽ سسئي جي اصل کان محبت هئي ۽ هاڻي آخر ۾ وري ٻئي ڄڻا هڪ قبر ۾ سمائجي ويا
١٠. "اوهار" چوي ٿو تہ: انهن جي قبر ڏسي اندر ۾ ڏهڪار ٿيم، شاباس آهي انهي ضائفان کي جنهن سٽيا جو سندرو ٻڌو.

[۲۰۳]

سينگاري ساڻيهه ڏي، هاٿي ڏنيرو قوت سندو؛
ڏرڙو ڪُرڙو آنيو، ڪوجي ڪين ڏنو؛
پري تہ ٿيلهيون آن؟ ڏيان، شوري ڳانگٽ هو
پونڪي پيڪن منجهه ڏٺي، پلڙو ڇو نہ پڇيو
چڙ چرڪو "جانڻ" چئي، موراڪيون مُنهن تو
ڇالي ڏيهہ سندو، مَلِي مارن ڏي وڃان.

(جانڻ ڪَمي)

[هيءَ ست-سرو هنر آهي جنهن ۾ ڳهڻن قسمن جو ذڪر سمايل آهي.

۱. سينگاري=۱. سينگاري مڇي ۲. سينگار. ڏليرو=۱. ڪُرڙو مڇي ۲. ڏنپ + روهه

۲. درڙو=۱. درڙو مڇي ۲. ڏرڻون. ڪرڙو=۱. ڏليرو مڇي ۲. ڪُرڙيون. ڪوجي=۱. ڳوج مڇي ۲. ڪوجي، جاڳي

۳. ٿيلهيون=۱. ٿيلهي مڇي ۲. ناڻي جون ڳوٿريون. شوري = شور، ڪوڙ. ڳانگٽ=۱. ڳانگٽ مڇي ۲. ڳهوڳهٽ=ڪوڪٽ

۴. پونڪي=۱. پونڪي مڇي ۲. پوهه+ڪي. پلڙو=۱. (اسم تصغير) پلو مڇي ۲. پلئہ، پاند

۵. چرڪو=۲. چرڪو مڇي ۲. پاهہ جو سيڪ. موراڪي=۱. موراڪي مڇي ۲. منهن+رڪي

۶. ڇالي=۱. ڇارن واري مڇي ۲. شال. ملي=۱. ملو پيدا ڪندڙ مڇي ۲. ملهي، سرخرو ٿي]

۱. ليلان! هار سينگار جي لاءِ ور وڪيئي، هاٿي ڏنپ ۽ روح تنهنجو ڪاج آهي

---

[۲۰۳] راوي ڪينڊو ترڀچڙي، ڪڇهري آڀاوڙو ۽ جوان پيرڙو، ڪڇهري ميرپور پرڙو، تاريخ ۲۴-جنوري ۱۹۵۹ع

٠٢ سورٺ! ٻيجل ڪنرڙيون اکيون ڪري، در مٿي محلات ۾ آيو ته تو چتائي ڇو نه ڏنو

٠٣ ٻيجل! توکي ناٺي جون ٺيلهيون ڀري ڏيان، اهو شور ۽ ڪوڪٽ مون تان لاهه

٠٤ اي راڻا! جڏهن ٻيو (مڙس) ستل ڏٺئي، تڏهن ٻلڻ لاهي تو ڇو نه ڏنو

٠٥ مومل! اندر جي ساڙ ڪان موني آيس، هاڻي اها ميار توتي آهي (جو ٻيو پاڻ سان گڏ سمهاريئي)

٠٦ مارئي ٿي چوي ته؛ عمر! شل آءٌ سرخرو ٿي پنهنجي ملڪ ملير ڏانهن موٽي وڃان.

## جنس جيت

[٢٠٤]

سَٺ جيتن جون ڳالهيون، سومرا سردار
لِهو لاهه نه تن تؤن، منهنجا آڏيهي آچار
پوپٽ آئا پَٽَن تي، جتي ريڙهن جي رسڪار
ڏانوَر سؤ پيري سنپرائيا، وِچون تون نه وار
مَڪا ڳالهيون مَردن جون، تي نه شرع ڪار ڏار
ڏيڏر رک ڏهڪار، پنيوريون ڏمي نه پَڙاج تون.

[ ١. جيتن = ١. جيتن ٢. جئين تون
٢. لهو = لهه، ڪپڙو، پڙڪ. آڏيهي = ١. ڪاٺ کي ڪائيندڙ جيت ٢. آو + ڏيهي = ڏيهه وارا
٣. پوپٽ = ١. مانوٺ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ ڀن پرن سان رنگارنگي آڏامندڙ جيت ٢. پوءِ + پَٽ. ريڙهن = ١. چيٽي ۽ گهر ڪندڙ ٽنبڙن ٢. مينهن جي پاڻي جا ريلا
٤. ڏانوَر = ١. ڪوريئڙي جي قسم جو وڏ ين چئن ٽنگن سان جيت ٢. ڏيئي + ور (گهرا) سؤپيري = ١. پوسل ۾ پيدا ٿيندڙ گهڻين ٽنگن وارو جيت ٢. سَو + پيرين. وچون = ١. پٽڻون ٢. وِچئون
٥. مَڪا = ١. وڏيون سانيون مڪيون ٢. دل سان هنڊاءِ، قبول ڪر، سچ ۾ مانُ ڏي. مردن = شرع جي صاحبن
٦. ڏيڏر = ١. پاڻيءَ جو جانور ٢. ڏِينهن + ڏر (ڊپ). پنيوريون = ١. مانوٺ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ سهڻا رنگارنگي آڏامندڙ جيت ٢. پُوريون، ڳوريون، سهڻيون ]

---

[٢٠٤] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

١. اي سومرا سردارا! جئين تون! دل سان منهنجون ڳالهيون ٻڌ

٢. (مون کي ٽيڪو لائي) انهن تان ٻلئہ لاهي منهنجي ڏيهين کي آچار ۾ نہ وجهہ

٣. وطن ۾ مينهن وڏا آهن، گاهہ تي ٻوپٽ پيا آڏامن ۽ پاڻي جا ريلا پيا وهن

٤. سانگين تو ڏانهن سوين پيرا (اسين) ماڻهو موڪليا آهن، تون انهن و چئون و رائي نہ ڇڏ سوين پيرا مون ڏانهن وچ وارا ماڻهو هلايا آهن

٥. ڇگن جون ڳالهيون مڃ ۽ انهن کي مان ڏي ۽ شرع کان ڦيرو نہ ڏي

٦. (قيامت جي) ڏينهن جو ڊپ کر، ۽ سهڻيون عورتون ڏمي نہ ڦيلاءِ.

[۲۰۵]

ڪهنڊو سانگي ساريان، آڏيهي ڏاڏاڻا
ماڪوڙا ڪنديس ڪينڪي، پنهنجا پيڪاڻا
تڏي آئي تنگ م ٿيو، عمر ايڻاڻا
پکڙا پراڻا، متهلي تي نہ مٽيان.

[۱. ڪهنڊو = ۱. ڪڻڪ ڪاتي وغيره کي لڳندڙ جيت، منڊو
۲. ڪهنڊو. آڏيهي = ۱. پوسل واري زمين ۾ ڪاتيءَ کي ڪائيندڙ جيت ۲. آو + ڏيهي
۳. ماڪوڙا = ۱. مشهور جيت ۲. مان + ڪوڙا
۴. تڏي = ۱. ننڍڙي تڏي، گاهہ ۽ ٻوڙن ۾ ٺهندڙ جيت ۲. تڏي تي
۵. متهلي = ۱. وڏن جو جيت، مهاو ۲. محلن]

۱. آءٌ پنهنجي ڏيهہ جا سانگي ۽ ڏاڏاڻا ڪهنڊو ويٺي ساريان
۲. آءٌ پنهنجي مائٽن کي ڪڙو ڪري ڪين وساريندس
۳. عمر! تڏي تي آيل (مارئي) سان تنگ نہ ٿيو
۴. آءٌ پنهنجا پراڻا پکڙا تنهنجي محلن تي نہ مٽيندس.

[۲۰۵] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

جنس: جانور

[٢٠٦]

هاڻي مکڻا هنڌ رهيا، هر هتار هٽي
چيڻن ڪيڻن جٽ ڪيس، چراخن چٽي
ڳڙڪائيندم ڳورپٽ، ڳوهن ڳالهہ ڪٽي
پڻڪن راڪس پيڙيا، پڻپٽ پر پٽي
سوئر ايندم سير ۾، سوڙهيون سڌ سٽي
سمون گلو يون "محمد" چئي، اچن سرجان مڻڌ مٽي
پولا رچ ڪٽي، سهٽي گهڙي سير ۾.
(محمد شر)

هيءَ هنر سهٽيءَ جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ جانورن جا نالا تجنيس طور آندل آهن. فقط ڇهين ۽ اٺين سٽ جو مطلب هيٺين طور سمجهائي سگهجي ٿو:

٦. سو وَرُ ايندم سير ۾، ساهيڙيون مڌ سٽي

٨. پيلو (يا پولاه = پولي وچان) رچ ڪٽي، سهٽي گڏي سير ۾.

## جنس : آٽ

[٢٠٧]

سا منجي ڪيائون ڪانھ، ڪچي ويا ڪيچي ڪري
تاڙ هٿي ويا توڏن ڪي جودئون جت جوان
سا سڄئون مروائن جي ڳجھ سٽي تو تان نہ
هٽي تہ لاٽي تن لاءِ، ڏني تير تڪهئون ارمان
سٺت ڪٺون وڃي موٽي ويا، ڪيچ اهي مزمان
هٿي هٿي ڪري چونان۲ پٽي، هٿ هٿي حيران
وڃي مليي سان احسان، هٿ باري بخت، "بنگو" چوي.
(بنگو گو پانگ)

هيءَ هنر سسئي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ اٺن اوٺارن جي سلسلي جا ڪي نالا ۽ اصطلاح تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. سامنجي=سام جي
٢. تاڙ=ناڪيلي. تاڙهٽي ويا=تڙي هٽي ويا
٣. ڳجھ= ڳجهي ڳالھ. سٽي=پڏي
٤. لاٽي=لوٽي
٥. مٺڪون= ميٺر ڪون (سرائيڪي)=مٺر ڪي، پنهونءَ کي]

١. ڪيچين پنهنجي سام پيل (سسئي) جي سنڀار ڪانھ ڪئي ۽ ڪچي ڪري ويا
٢. آءِ اٺن کي تڪڙو تڙي هڪلي ويا
٣. (سسئي!) انهن مروائن جيڪا ڳالھ ۾ ڳجهي رٽ ڪئي، سا تو نہ ٻڌي

---

* بنگو فقير گوپانگ، حال وارو فقير هو ۽ لواري جي بزرگن جو مريد هو

٤. آءٌ هيس تہ لوڻي تن لاءِ، پر اهو ارمان اٿم جو تنهن هوندي بہ ڇڏي ويا

٥. اهي ڪيچي، جن کي مزمان سمجهيم، سي پنهنجي مائٽ پنهل کي وٺي ويا

٦. هاڏي سسئي هاءِ هاءِ ڪري، وار پٽي انهن لاءِ پريشان آهي

٧. شاعر بنگو ڏو چوي تہ: بخت پلو هئس جو مٽي پڇاڻا بہ وچي پنهنجي پنهل سان ملي.

# باب ڇهون

## ڏسيون، مندون، تارا، نکٽ ۽ ڏاڏا.

### جنس؛ طرف، ڏسيون

[۲۰۸]

اوير آڳڙيو ئي نه، اتر تو آئي
اولهه تو چائي، ڏکڻ سيبائي ساهه کي.

هي ۽ هنر مارئي جي بيان ۾ چيل آهي ۽ ان ۾ چئن طرفن جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ۱. اوير=اوبر (ڳهر). آڳڙيو=ڳڙيو (سڪي ويو). آتر=عطر
۲. اولهه=الله. ڏکڻ=ڏکڻ (واريءَ جي).]

۱. اي عمر! منهنجي ملڪ وارو منهنجو ڳهر ئي اڃا نه سڪو اتر ته عطر تو ڏين

۲. الله تو چاڻي ته ٿر جي واري منهنجي ساهه کي سيبائي ٿي.

---

[۲۰۸] خاقل برڙو (ميرپور برڙو) ۽ عبدالرزاق بانيڻ (روهڙي) کان مليو.

## جنس: مُنڊ ون

[٢٠٩]

سئيس آءُ بهار، چاهه چنيسر ويو ڪٽي
سرءُ ڪري ويو سيکهه ۾، پينر هاڻ پتار
سانوڻي ويس ساه ڪي ڪوڙو ڪيو تہ ڏار
چڻ ڏني موچار، منهنجو چيت چريو ٿيو.

هيءُ هنر ليلان - چنيسر جي بيان ۾ چيل آهي ۽ هن ۾ مُنڊن (بهار، سرءُ، سانوڻ، چيتُ) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. بهار = بہ + هار
٢. سرءُ = سو + رَءُ (= رءُ ڪرڻ = مُنهن متڻ)
٣. سانوڻ = سا + وڻي
٤. چيت = نقش.]

١. آءُ بہ هار وڻي ڦرجي ويس، جو چنيسر مون تان چاهه ڪٽي ويو
٢. پينر! هاڻي پتار مون ڪان سو رَءُ ڪري مُنهن متي ويو آهي
٣. اها ڪوڙو سا وڻي ويس، تڏهن مون ڪي ڏار ڪيائين
٤. اديون! هار جا چيتُ ڏني منهنجو چيت چريو ٿيو.

---

[٢٠٩] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان مصراڻي ڪان مليو.

## جنس ۽ تارا ۽ نکٽ

[٢١٠]

آڏت ويهن اباڻا، پڪا سي پنهوار
شارق نہ ڪن شاه ڪو، توڙي هور وجهي هزار
خورشيد ڪيان ڪيت سان، ان ڪان ارن ناهي اقرار
بانڌر گهمون برن ۾، ڪيون شمس اڻي شمار
رٻن ڏنو سورج ڪو، ڪيون علحده الغار
و چون ۾ ڏسي ويهي رهون، جاتي گل گهڻا گلزار
مارو سي منڌار، الله سيڙيند و ”علي شير“ چئي.
(علي شير جا گيراڻي)

هيءَ هنر مارئي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ سج ۽ نکٽ جا نالا تجنيس طور آندل آهن. جيئن تہ سج جا نالا: آڏت، شارق، هتور، خورشيد، آرن، بانڌر، شمس، رٻن، سورج، ۽ هڪ نکٽ وچون.

[١. آڏت = آڏي + تہ
٢. شارق (= شريڪ) = شرڪ. هور = داب ڏڙڪا
٣. خورشيد = خير سان شادي. آرن = عار
٤. بانڌر = بي + ڏر = بي ڊپ
٥. رٻن = رب + نہ. سورج = سو نہ راجا
٦. وچون = ويءُ + جڻويڻن.]

١. عمر! اباڻا هتت (محل ۾ نہ، پر) پڪا اڏي ٿا رهن
٢. اهي پنهنجي ڪڙم ۾ ڪنهن بادشاهہ کي شريڪ ڪين ڪن، توڙي ڪو ڪين هزارين ڊپ ڏئي

[٢١٠] خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيل.

٣. شل خير سان وڃي کيت سان شادي ڪريان، جنهن کان مون کي عار ڪونهي

٤. اسين (ڪنهن بہ مرد کان سواءِ) ٻئي ڏيئون گھمنديون وتون، ۽ سڄ لٿي کان پوءِ پنهنجي مال جو شمار ڪريون

٥. اسان ۾ رب تعاليٰ ڪو راجا (بادشاهہ) ڪونہ خلقيو آهي، انهيءَ ڪري آزاديءَ سان موجون ٿا ماڻيون

٦. چراگاهہ (ويءِ) ڏسيو آتي ڏي ويهو رهون، جتي گاهہ جهجها تين

٧. علي شير ٿـو چوي تہ: شال الله تعاليٰ مون کي آهي ماروئڙا ملائيندو.

[٢١١]

چنڊ تيس ڙي جيڏيون، نکٽ کو پيو
کتي هٿي ڦهر جي ڏيرن ڏاڍ ڪيو
پنهون چڏي ويو ڇپرين، تارن منجهه ويو
ٽيڙو بخت ٿيو، ڏوهه نه ڏيان ڏيرن کي.

هيءُ هنر سسئي جي ٻيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ تارن، گرهه (چنڊ) ۽ نکٽن (کتي، ٽيڙو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. چنڊ=چنڊي، نياڳي. نکٽ=ٽيڪٽ، رنڊڪ، رولو
٢. کتي=ڪاتي
٣. تارن (ج)=اڌ رات جو
٤. ٽيڙو=ٽيڙو، ڏنگو.]

سسئي ٿي چئي ته:

١. جيڏيون! آءٌ چنڊي هيس، جو منهنجي سڳ ۾ نکٽ پيو
٢. ڪاتي ڦهر جي هٿي، ڏيرن مون سان ڏاڍ ڪيو
٣. جو پنهون رات جو تارن ۾ ئي مون کي ڇڏي ويو
٤. منهنجو بخت ئي ڏنگو هو، ڏيرن کي ڪهڙو ڏوهه ڏيان.

---

[٢١١] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

## جنس: ڏاڍو (وقت)

[٢١٢]

سنجهي ويا ڙي جيڏيون، اسر ڪين اچن

جي ٻه ٻهر هجن، تہ پنهونءَ پهچان ها پلڪ ۾.

هيءَ هنر سسئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ڏاڍن (سنجهو، اسر، ٻپهر، پلڪ) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. سنجهي=سنجي (=پتلائي). اسر=اصل

٢. ٻہ ٻهر=ٻہ+پر=کنڀ. پلڪ=گهڙي، ڪين.]

١. جيڏيون! جيڪي سنجهي مان ويا آهن، سي اسر جو ڪين موٽي ايندا

٢. جي مون کي ٻہ پَر هجن ها، تہ جيڪر اُڏامي هڪ پل ۾ پنهونءَ کي وڃي پچان ها.

---

[٢١٢] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

## باب ڏيون

## هرقار، ذار ۽ هرلي ۽ ٻوڪي راهي جي جنس.

### جنس: هرقار

[٢١٣]

مُنهن پانجارين پاءِ، هيءَ پسي ماڳ ملير جو
تاتر تنهنجون ٽنيريون، ڏيهه نه اچي ڏاءِ
ڏت جنهن کي ڏورڻو، سا ثابت ست ۾ آهه
لار جنهن کي لُونءَ ۾ سنڌي جانب جاءِ
پائٺا ناهن ٻِرَ ري، مان ڪجل ڪوه ڪندياءِ
نازي نماٽيءَ کي ڪيلهين قيد ڪياءِ
هرهر تنهنجون هرهيون، جيءَ نه ڏيکي ڪنهن جاءِ
ڍڍا نيسارا ڪرين، هي ڪرهي ڪوڏي ناه
اوڳا عجيبن جا چچڙا ڪيم چڪاءِ
چونيون مُنيا چورما، ڪاڄ اهي ڪيئن ڪاءِ
ٻُنهه ابائي لوءِ جي، آڻ آکيي وياءِ
ٻني ڪنديس ڪينڪي، جا ڪچي ڪڙسي آهه
صاحب سَاو سَر ڪيو، هي ڪيئن ٻنڙا ٻاءِ
ڳهلا ڳَرِيءَ چڙهيون، ڪاسڻ پٺي ڪهڪاءِ
چؤنڪا چگي ڳالهڙي، مون کي سوءَ الائي آهه
خوشيئون خاڪاها ٻري ٻيڪن کي ٻهچاءِ
ٻڌي جوڙا جال ڪري، جانب جا تنهن جاءِ
وجهي ٻيج ٻاجهه جا، هڙهيا هت هڪلاءِ

(مونکي هت بند ۾ گهڻو وقت گذري ويو، آءٌ اهي اُرڻ ساريان ٿي.)

١٢. ٻني=ٻه ني=ٻه حق يا ٻه مڙس ني ڪانه ڪنديس، اها ڳالهه منهنجي ڪرم ۾ ڪچي آهي

١٣. منهنجي موليٰ منهنجو اباڻو راڄ وڌايو آهي، اتي منهنجو سڱ ٿيل آهي، سو آءٌ هت تنهنجا پنڙا ڪيئن پائينديس

١٤. اي ڳهلا، سمجهين نٿو ته هيءَ ڪنواري ساماڻل پنهنجي مارن واري سڱ ڪي پئي سنڀالي

١٥. چؤنڪ=ڪاني جو چؤنڪ ۽ ڍيڍو. سوءِ=ٻنن جي سوءِ، چانگ يا وڍ. ٻي معنيٰ: چونڪا=چئو ڪاں سوءِ=غم

١٦. خاڪاها پيري=منهنجو پاءُ ٿي ۽ مونکي جهجهو مال ۽ ڏاج ڏيئي مائٽن ڏي موڪليو

١٧. ته هيءَ مارئي اتي وجي پنهنجي ڪيت جا جوڙا سولا ڪري ٻڌي

١٨. ٻنيءَ ۾ ٻاجهه جا ٻج وجهي، ۽ جهار (ننڍڙا هڙهيا پکي) هڪلي

١٩-٢٠. ٻورا ۽ ڪيرا سنگ ٻاجهري جا، سي آڻيون ۽ ڏڌر ڪائي

٢١. لاب=اباڻي ڏيهه ۾ لابارا شروع ٿيا آهن، مونکي ات پنهوارن وٽ پهچاءِ.

[ ٢١٤ ]

سڻئي پڻ منڌ مات ڪر، ڪيچ مَ ڪنهين ساڻ
ڪرهي هوت پنهل جي، تن ۾ تاڻو تاڻ
ڪيچي ڪيچ چڙهي ويا، اوڳي منڌ اڇاڻ
ڇونيي ٿا ڇوري ويا، هنا ڏير ڏچاڻ
گهوٻي هٽي گهوٽ نيڻئون سات ڏڏي مرواڻ
پر ڦار نہ ڦير تني ڳرين، تون مَ ڦيرج پاڻ
ڪچو ٿجي مَ قرب ۾، قرب ڳري آ ڪاڻ
رڳ اندر هريو حب سان، ناڙو نيڻهن ٻنڌاڻ
ڪتر ڪنڪري قلب ۾، عشق سندي اولاڻ
پرت پنجاري پرت تون، اصل ڪؤن عمرياڻ
تيلاءُ ڏونگر ڏورٽو، پيوءِ پنهل ڪاڻ
هاٽي ثابت رکي سير تون، پڙج پيرين ساڻ
گيسي ڪنڪري ڪس جي، ڪنهي ٻيج ڪاڻ
توکي ٿانير ٿانيريون ٿاڪ جني جا ٿاڻ
من چلي چوهه چپر ۾ ترهونجن ترهاڻ
جوڙو هن جهان ۾، هڪ پرت ٻيو پرياڻ
تن جي روح رهاڻ لئي، منڊيو هي ماڻڊاڻ
ٿيءُ تون سالڪ سنئي، وڃي مطلب ماڻ
جوڻهي پنهنجي جيءَ سان ٻنج ٻنڌ پهاڻ
هوري چو هنگلاج ڪان، جاڻون ٻني جواڻ
ٻوري ٻرم ٻيج تون تہ پنهون مليئي پاڻ
مانجهي ڪيچ منڌ تون جا من اندر ميراڻ
ڪلر جنهين ڪنڌ ۾، تنهن پاءِ نہ پوي پاڻ

---

[٢١٦] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

سينو ساڙي صاف ڪر تہ لهي ڪنبن ڪاڻ
پوءِ حدَ ڏيندو پاڻي پرت جو محبت جو مهرياڻ
تہ نيسري سلو سڪ جو ڪندو ساوڪ ۽ سُرهاڻ
تڏ سعيو سندءِ سسئي، چڻ پيو صاب سڄاڻ
جن ڪيڙيو تن سيڙيو، ڪجندن لڌي ڪاڻ
اصل ٻڌو ٻانڌاڻ، تنهنجو ٻول ’ٻروچ‘ سان.

هيءَ هنر سسئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ هر جي عضون جا نالا ۽ پوک جا اصطلاح تجنيس طور آندل آهن، جن مان ٻي وڌيڪ معنيٰ سسئيءَ جي قصي سان ٺهڪي اچي ٿي. هر جي عضون جا نالا: مڻيو، هرنهن، چوٺي، ڪهو ٻو، ڦار، ناڙو، ڪڪرو، پانجاري، ڏورڻو، سيڙ، گيسي، ٽانيڙ، ٽنيريون، ترهوٽ. پوک جا اصطلاح: جوڙو، جوڻ، جاڻون، ڪلر، پيان، پاڻي، نسرڻ، ڪيڙڻ، ميڙڻ.

## جنس: نار ۽ هرلو

[۲۱۵]

پرهڻُون ٻانُوريـاس، ڦيري چيت چڪر حانُ
ڪانُجڻ لائـي جـيءَ ۾ مـُـني مـيـر مـُـيـاس
مـُهري مـوڙ نـہ سينڌ را، مـڪڙي محبت پياس
ڪياڙي ڏيـج نـہ ڪانڌ تون، نٿي نيڻهن نياس
ياريءَ جي ”يوسف“ چئي، ٻُنجين ٻـول ٻڌ ياس
ارئون عشق ڪيڍياس، سوتـين وجهي وچ سـپرين*.
(يوسف ڪٽي)

هيءَ هنر موسل-راڻي جي بيان ۾ چيل آهـي، هـن ۾ نار-هـُرلي جي سلسلي جا نالا آندل آهن، جيئن تہ: چڪر، ڪانجڻ (ڪانچڻ)، مـُنو، مـُهـرو، مـڪڙو، ڪياڙي، نٿ، ٻـُجا (ٻـُنجيون) آرا، سوتين وجهڻ. تجنيس طور، انهن جون ٻيون معنائون هيٺين طور آهن:

[۱. چڪر=دماغ جو چڪر
۲. ڪانجڻ (=ڪاچڻ)=ڪا+جڙ. مُني=مـَن+۾
۳. مـُهري=مورئون. مڪڙي- پيچ، وڪڙ
۴. ڪياڙي= ڀـُت. نٿي=ونگي، وڪڙ وجهي
۵. ٻجينُ =ٻـُجهي، ڏسي وائسي
۶. ارئون= ارن مان. سوتين وجهڻ=ارن جو ڦيرو پانڊي جي ڦيري سان پچائڻ.]

۰۱ ٻـره ۾ پڻهاجي پئي آهيان، جـو چـت هـڪ هنڌ نہ اٿـم (چڪر جان پيو ڦري)

---

* ڪچهري ميرپور ٻرڙو ۾، تاريخ ۱۰-جنوري ۱۹۵۹ع تي سگهڙ مرحوم محمد يعقوب ٻرڙي کان قلمبند ڪيو ويو.

٢. اي مير ميندڙا، تنهنجي محبت جي جڙ مٽن ۾ کٿڙي وڌي آهي

٣. مون کان مٽنهن نه سوڙ، جو تنهنجي محبت جا ڀيچ ڀيل اٿم

٤. پٽ ڏيئي موني نه وچ، جو تنهنجي نيڻهن جي ونگ ۾ قابو آهيان

٥. يوسف شاعر ٿو چوي ته: مون تنهنجي ياريءَ کي ڏسي وائسي قبول ڪيو آهي

٦. هاڻي جيڪا تنهنجي عشق ۾ هوش کان نڪري وڌي آهي، تنهن کي وري پنهنجي قرب ۾ قابو ڪڙي ڇڏ.

[۲۱٦]

ڏيڏي ڪري سومرا، ونگڙيون ڦرهن تي
اوپارا اڏڪن ۾ رهيا، چئي ”امام بخش“ آتي
آرا ڪن مهرن تي، مکڙا منن تي
ڪاچڙي پاهو پنديون آئين ملڪ تي
گنين سرهين سومرا، تاقا نا تتي
ايرڙيون مالهين پڏان، ڪنگرڙا ڪهرن تي
هاٿي ڏڪر گڏ ڪري، وجي پيڙ پچاءِ پانهنجا.

(امام بخش)

هيءَ هنر مارئيءَ جي بيان بابت آهي ۽ سنڌ ۾ البت سادو آهي. هن ۾ نار يا هرلي جا عضوا ڳڻيل آهن، جيئن تہ: ڏيڏي، ونگڙيون، ڦرها، اوپارا، آڏڪ، آرا، مهرا، مکڙا، منا، ڪاچڙي، پاهو، پنديون، گنيون، سرهم، تاقا، ارڙيون، مالهم، ڪنگرڙا، ڏڪر، پيڙ.

[۱. ڏيڏي = 'ڏي ڏي' (ڦرن کي پاٽي پيارڻ لاءِ تنوار). ونگڙيون = ونگيا. ڦرهن تي = ڦر + آتي

۲. اوپارا = آيا + رهيا. اڏڪن ۾ = ڏرڪن ۾

۳. آراڪن = آرا ڪن. مهرن = مورن (گونچن). مکڙا = پکرڙا منن = منين

۴. ڪاچڙي = ڪا + چٽي. پاهو = پانهون. پنديون = پڏيو

۵. گنين = گانا، راڳ. سرهين = سرن سان. تاقا = طائفا

٦. ايرڙيون = انهن جون رڙيون. مالهين = محلين. پڏان = پڏان ڪنگرڙا = ڪنگ + رڙندا

۷. ڏڪر = ڏهہ + ڪرَ (پاڙا). پيڙ = پيڙهي.]

---

[۲۱٦] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان ۽ مٽياري مان قاضي نورمحمد کان مليو.

١. عمر! جن ڦرڙن کي آءٌ 'ڏي-ڏي' جي تنوار سان چاريندي هيس، سي مون کان سواءِ ونگيا بيٺا هوندا

٢. امام بخش ٿو چوي تہ: اهي ڦـَر، جي گور آيا پيا چرندا هئا، سي اڄ ڏکن ۾ آهن

٣. منهنجا ٻاڪرا ڦر، جيڪي تازن مورن ۽ ڳؤنچن تي آرا ڪندا هئا، سي متنين ۾ ٻـَڌا بيٺا آهن

٤. خدا ڪري تنهنجون ٻہ ڪي چٽيون ٻانهون (زالون) ٻـَڌجي منهنجي ملڪ ۾ اچن

٥. اي سومرا! آهي سـَرن وارا ڳائيا ۽ طائفا آتي ڪين آهن

٦. شل تنهنجن محلاتن ۾ رڻ پوي ۽ تنهنجي گهرن تي ڪنگ رڙن

٧. هاڻي تون ڏهہ پاڙا گڏ ڪري، انهن کان پنهنجي پيڙهي پڇي پڪ ڪر (تہ پاڻ ڪنهي جو پيءُ هڪڙو آهي)

## جنس: پوڪي راهي

[٢١٧]

رونبو ڪري راتِ ڏَڏِي ڪي هليا ويا هاري
پوڪيائون نہ پاٽيءَ تي سامهين ڪا ساري
مَتيا ڪونہ "ملوڪ" چئي، ويا ويسا ڏئي واري
گَڏا پِڏي نيئون پارِ تي، ڪنئي تو ڪاري
ڪَئِين ڪُڙمي ڪانبي پِڏي ويا پاري
رُڄ ڏسي راهڙ ڪيائون، ڏنن نہ ڏاٽن دلداري
بِهمُ پَر، واهيہ آن باري، آئي ڏنن اگهہ ۾.

(ملوڪ عباسي)

موضوع جي لحاظ سان هي هنر عمر مارئي جي بيان ۾ چيل آهي، پر ان ۾ پوڪ جا اصطلاح آندل آهن: جهڙن تہ رونبو، هاري، پوڪڻ، پاٽي، ساري (ساريون)، ويسا، گَڏا، پارِ، ڪارِي، ڪُڙمي، ڪانبو، باري، راهڙ، ڏاٽا، بهہ، واهہ، آن ۽ اگهہ. انهن اصل نالن جون تجنيس جي لحاظ سان هيٺينءَ طرح ٻيون معنائون آهن.

[ ١. رونبو=رعب. رات=رَت. هاري=هارائي
٢. پوکيائون=پوءِ ڪنيائون. پاٽي تي=پاڻ سان. سامهين=سامي ساري=ساري سنيالي، ياد ڪري
٣. متيا=موتيا. ويسا ڏئي=وَسائي
٤. گڏا=گَڏا. پڏي=پُڏي. پار=پارُ. ڪاري=خواري
٥. ڪڙمي=ڪڙم وارا، گهراڻا، حاڪم. ڪانبي=ڪَنبي. پاري=پاهہ پري
٦. راهڙ=راڙ، دانهن. ڏاٽن=ڏٺين
٧. بهہ پر واهہ=بي پرواهہ. آن=آنَ. اگهہ=آگهہ.]

١. ڪٿين ماڻهو رعب حشمت وارا هتان رت روئندا هارائي هليا ويا

٢. پوءِ به پاڻ سان سامي (لحد) لاءِ ڪوبه سجايو سمر نه ڪنيائون

٣. آهي واري وسائيندا ويا، تن مان ڪوبه ڪونه موٽيو

٤. اي عمر! تون ڏسو ته ناهين (بادشاهه آهين)، چو پنهنجي سر تي خواري کڻئي اٿئي

٥. هتان ڪٿين ڪرم قبيلي وارا حاڪم ظلم جي باهه پاڻ سان کنيو ويا آهن

٦. قبر جي انڌاري ڏسي دانهن ڪيائون پر اتي به ڏٺيءَ طرفان ڪين دلداري ڪانه ملي

٧. ظلم ڪندڙن کي آخر باري تعاليٰ باهه ۾ وجهي ڇڏيو.

# باب چوٿون

## آناج، ٻڪر ۽ گل ڦل

### جنس ۽ آناج

[٢١٨]

سرهيون سـٽـج سومـرا، ڪڻڪون ڪيان جـي
چانيا ميڙن سرتيون، چاڙهين ٽـيـون ڏٽ ڪـي
توريا ڇڏ ميان سومرا، ڏيان ٻــ ڪجهه ڏرجي
عمر! تون مون ڪي، جَوَ نـہ سـڏ ڙي سومرا.

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ اناج جا نالا تجنيس طور آنـدل آهن: سرهيون (ساريـون)، ڪڻڪ، چانهو، ڏٽ.

[ ١. سرهيون=سي+ريهون. ڪڻڪون=ڪُڻڪون (پڪارون)
٢. چانيا=چانيا
٣. توريا=تون+رياءُ
٤. جَوَ=جوءِ.]

١. عمر سومرا! سي ريهون ۽ دانهون ٻڌ جيڪي آءُ ٿي ڪريان
٢. همت مڱهنجيون سرتيون چانپا ميڙي ڏٽ ٽيون چاڙهين
٣. عمر! تون رياءُ ڇڏي ڏي، ڪجهه ڏيان ٻہ ڪجي
٤. اي عمر! تون مون کي جوءِ ڪري نہ سڏ.

---

[٢١٨] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[٢١٩]

## هنن چانور چاڙهيا، تون پي چانور چاڙهه آهي چانور چاڙهه، متان ٻرنج کائين باصري.

هيءَ هنر سمهيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ چانورن جا نالا تجنيس طور آندل آهن: چانور، ٻرنج، باصري.

[ ١. چانور=چاني(=ڪٽي)+ور=پتار، پنهون. چاڙهيا=چاڙهيو= (آئن تي) ڪنيو. چانور=چاني(=ڪٽي)+ ورَ=ڪنج. چاڙهه= مٿي ڪر

٢. چانور = آچا + ورَ= وراڪا (جبل جا). چاڙهه=چڙهه= مٿي چڙهه. ٻرنج=(فارسي. چانور) ٻر=ٻيابان+منجهه ۾، اندر باصري (بصر ۾ رڌل چانورن جو پُلاءُ)=باز (شڪاري پکي) +سيري=سيسي، منڍي.]

١. (سمئي!) هنن (ڏيرن) تنهنجي ور کي آٽ تي چاڙهيو آهي ته تون به (پنيان وڃڻ لاءِ) ورَ ڪڻ

٢. جبل جا آچا ور لنگهي وڃي (انهن کي رس)، متان ٻر ۾ باز سيسي کائنئي.

---

[٢١٩] چنيسر خان عمراڻي، ويٺل پيرل آباد، تعلقو استا محمد جي زباني تاريخ ٢٩-مارچ ١٩٦٩ع تي ڪچهري ’بيرون‘ (مير شاهنواز خان شاهلياڻي جمالي جي زمين) ۾ قلمبند ڪيل.

[٢٢٠]

هيت نار کن ميان سومرا، هتّ **بارانيون** بس
**ساريون** صديق چوي، **چاريون** مارن وٽ .
(صديق)

هيءُ هنر مارئي جي **بيان** بابت چيل آهي جنهن ۾ پوڪ جا اصطلاح آندل آهن جئن ته: نار، باراني، ساريون، چاريون. تجنيس طور انهن جون **ٻيون** معنائون پڻ هيٺينءَ طرح آهن.

[١. نار=نوان آر. بارانيون=ٻاءُ رُنيون
٢. ساريون=سوءَ واريون، چاريون=لچاريون.]

١. هيت سومريون نوان آر انگل کن، اي ٻاءُ، هتّ منهنجي جدائي ۾ **ماروئڙيون** رُنيون
٢. آهي سوءَ واريون ۽ اچ واريون آهن.

[٢٢١]

پاجهر نيئي سومرا، جونر همٿ نہ لاءِ
ڪٺڪ پوئي ڪوٽ ۾، جَوَ نہ تو جڳاءِ
چٽا مڱ مارن جا، ساري ڳالهہ سٺياءِ
اهي موٽ مهري سنداءِ، مانهن ٿين ڙي سومرا.

هيءَ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ اناج جا نالا تجنيس طور آندل آهن، جيئن تہ: پاجهر، جونر، ڪٺڪ، جَوَ، چٽا، مڱ، ساريون، موٺ، مهري ۽ مانهہ.

[١. پاجهرنيئي = پانهن + جهرنئي. جونر = جوءِ (ملير) + واري
٢. ڪٺڪ = ڪٺڪ، روج راڙو. جَوَ = جوءِ
٣. چٽا = چوانءِ. مڱ = مڱ. ساري = ساريون
٤. موٽ = مٺا آٽ. مهري = مهري آٽ. مانهن = ماهہ، باهہ.]

١. سومرا! شل پانهہ جهرنئي، مون ملير واريءَ ڪي همٿ نہ لاءِ
٢. شل ڪوٽ ۾ ڪو ماتم پونئي، جو پي جوءِ توکي نصيب نہ ٿئي
٣. چوانءِ ٿي تہ اها ڳالهہ پڌي چڏ تہ آءٌ مارن ۾ مڱيل آهيان
٤. شل تنهنجا اهي مهري آٽ مري پاهہ ٿين (جن تي مون کي ڪٺي آيو آهين).

---

[٢٢١] صالح محمد سمي (ڪراچي) ۽ ولي محمد طاهرزادي (ٽنڊو الهيار) کان مليو.

[٢٢٢]

هڪ چوڪو حسن حبيب جو، پيو سپ مگ مڪائي نانگلي
جوار ڌئي جولان سين، کهٽي ڪاڻ قريب
گهاهه گيهون چوراهه تي، ٽيندءِ تير طبيب
منجهه مانڌاٽي مُهت ٿيي، چيٽي گُنڊ غريب
مُهر لڳئي مرشد جي، نوازئين نصيب
باجهري مڪٽي پانهنجا ڪرنگهه نين نجيب
آءٌ دلبر ''دوس محمد'' چوءِ، جان' ڪريو راهه رقيب
چتٽي چيت عجيب، منهُر آءٌ منهنجا پرين.
(دوس محمد)

هن شعر جو موضوع محبت ۽ مجاز آهي، جنهن ۾ اناج جا نالا تجنيس طور آندل آهن، جيئن ته: چوڪا، مُگ، مڪائي، نانگلي، جُوار، ڪهٽي (ڪنڪ)، گيهون، چوُنرا، تير، مانڌاٽو، چيٽو، مهري، باجهري، مڪٽي، ڪرنگهه، راهه، چٽا ۽ مٽر.

[١. چوڪو=سهڻو. مُگ مڪائي نانگلي=گهٽ قسم جو گاهه، جيڪو گُٽپ ۾ نه اچي
٢. جُوار=جور، ظلم. ڪهٽي=ڪُهڻ واري
٣. گيهون=گهون (گهڻ مصدر). چوراهه (=چوُنرا)=جو+راهه. تير=تنهن وير
٤. مانڌاٽي=رولوڙ، جهڳور. چيٽي=چُٽيو، گڏ ڪري
٥. مُهر (=مُهري، مسور)=سِهر، باجهه
٦. باجهري=باجهه + ريءَ. مڪٽي=مَ+ ڪٽي. ڪرنگهه=ڪرنگها، جسم
٧. راهه (=انُ جي بار)=واٽ، نجات
٨. چتٽي=چڙهئين. مٽر=نه تر=نه+وچ.]

[٢٢٢] بيلاين جا بول، چاپو پيو، ص ٢٢٤.

١. هڪڙي حبيب جو حسن سارو جوڳو آهي، ان جي آڏو
ٻي سڀ شيءِ گهٽ آهي
٢. آهو جور جفا سان (پنهنجي عاشق کي ڇڻ تہ) ڪٿهن لاءِ
ويجهو ٿو ٿئي
٣. ڪشالا ڪر ۽ رند راهون ڳول تہ مهل تي اچي تنهنجو
سائي ٿئي
٤. پنهنجي اندر کي ٿي ولوڙ تہ ان کي پسندين
٥. من (مرشد جي) مهر سان نصيب سٺائو ٿيئي
٦. (چو تہ ان جي) ٻاجهہ ريءَ ڪوبہ پنهنجو جسم ڇوري
نٿو سگهي
٧. شاعر دوس محمد ٿو چوي تہ: هاڻي اچي ٻانهن پساءِ،
مون کي رقيب جي حوالي نہ ڪر
٨. اي عجيب! مون کي هر وقت ياد آهين، نہ وچ،
مون ڏانهن اچ.

[٢٢٣]

تورَ تَماڪُو جي تِڪي، آهن مَتَّ مٿي
ڌار نہ ڪني هيم ڌارڻ ڪوُن، پَهلي پَن ڪَڇي
ڪيٽ ڪيم ڪوهن تي، رکيم پاريُون سپ پڻهي
ڏُرس ايندا ڏڙوائي، لائق لاب لٿي
تورَ ڪندا تاراجين ۾، حال تہ منهنجو هي
سيّد سائي ٿئي، تڏ آڏل نہ ڪن "عمر" چئي.
(عمر سامت)

هي٭ هنر پنهنجي هيٺي حال بابت چيل آهي، جنهن ۾ پيدايش جي تورتڪ ۽ پوڪ جا نالا ۽ اصطلاح تجنيس طور آندل آهن: تُور، تماڪ، مَتّ، پَنَ، ڪيٽ، ڪُوهم، پاربون، ڏڙوائي، لابُ، تور، تاراجي (تارازي)، آڏلَ.

سٽن جي معنيٰ صاف آهي.

[١. تورَ = حساب ليکو. تماڪو = طمع. مَتَّ = مَتَ.]

٭سگهڙ عمر نالي ذات جو سامت، بلوچستان ۾ چتر جو وينل هو. سٺ ستر سال ٿيا جو وفات ڪيائين.

[٢٢٤]

جُوَر اصلي آهـ، پيو چانور کنديس کونڪو
سُهري چاڙهي مارڻي، عمر! ڪيئن آنديا
تير نه ٿيڪنديس تو مٿي، وهلو ويو وراءِ
جن ريءَ ساعت نه سري، تو ميان مانڌهه وڌاءِ
مَڌَر ماروئڙن ٿئون، ڪنهن اوچي ڳالهه آتياءِ
گندم ڏي تون گاريون، نخود خير وڃاءِ
بيوس تنهنجي پاجهري، ويڙهيچا ويندا
ملڪن ۾ مشهور ٿي هي ساري ڳالهه سنڌ ياءِ
"حمل" چئي هي آزيون، چؤنرا چِت لڳاءِ
ڏي موڪل تان موٽي وڃان، ميان مڱ نه پاءِ
تنهن کي جَوَ جوجو کوناهه، جنهن جو پردو پاڻ ڏٺي رکي.
(حمل خان لغاري)

هيءَ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ان جا نالا تجنيس طور آندل آهن: جُونر، چانور، تيرَ، مانڌهه، مَڌَر، گندم، نخود، پاجهري، ساريون، چؤنرا، مڱ ۽ جَوَ.

[١. جُوَر = جو + وَرُ (= مٿس). چانور = جانُ + وَرُ

٢. سُهري = مَهري (اُٺ)

٣. تير = ساعت، ڪين، پل

٤. مانهه = ماهه، مهينا

٥. مڌر = مَ (= نه) + تر (تري وڃ)

٦. گندم (فارسي) = گند + مَ (= نه). نخود (فارسي) = نه + خود = پاڻ

٧. پاجهري = پاجهه ريءَ

٨. ساري = سچي، مربستي

٩. چؤنرا = چورا کورا، گهٽي، اوسيڙو

---

[٢٢٤] ڪليات حمل، ڇاپو پهريون، ص ١٥٤.

١٠. مُڱ نه پائڻ=مات نه ڪرڻ

١١. جتوَ جيترو=ذرو، ذري جيترو.]

١. جيڪو هڪڙو ورٌ اڳي اٿم، ان کي ڇڏي پيو ورٌ ڪانه ڪنديس

٢. اي عمر! ڪيئن (زوريءَ) مَهري اَٽ تي مارئي ڪٺي آئين!

٣. تو وٽ تِرُ به نه ويهنديس، ترت مون کي ملير ڏانهن موٽاءِ

٤. جن جي جدائيءَ ۾ ساعت نه سري، تو انهن کان مهينا وڇوڙي ڇڏيو

٥. الاجي ڪنهن اها خراب مت ڏنئي ته 'مارئي تان نه ڏر'

٦. نڪي گاريون گند ڏي ۽ نڪي پنهنجي چڱائي وڃاءِ

٧. تنهنجي ڀاڄهه کان محروم ٿي، ويچارا ويڙهيچا (ملڪ ڇڏي) ويندا

٨. تنهنجي هيءَ اره زورائي سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويئي

٩. شاعر حمل تو چئي: منهنجيون آزيون نيزاريون مڃ ۽ منهنجي بيقراريءَ کي هنئين سان هنڊاءِ

١٠. ميان عمر! گونگو نه ٿي، موڪل ڏي ته موٽي وڃان

١١. (ياد رک ته) تنهن کي ذري جيترو به جوکو ناهي، جنهن جو پردو پاڻ ڍڪيءَ رکيو آهي.

## جنس : ٻڪر

[٢٢٥]

مومل جي ماڙيءَ ۾ هئي گدرن جي گلزار
واڱڻ آئين وَلها ڪري هنداڻا هار
ڪدو ڏنا هيئي ڪاڪ ۾ تہ تَنبي ساڻ ترار
ميهي تي ميار، ريپڙ رَڪڻي هئي ڪانڪا.

هيءُ هنر مومل راڻي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ٻڪر جا نالا تجنيس طور آندل آهن، جيئن تہ: گدرا، واڱڻ، هنداڻا، ڪدو، تَنبا، ميها ۽ ريپڙ.

[١. گدرن=گهڻن درن
٢. واڱڻ=اڱڻ. هنداڻا=هندواڻا، هندن وانگر. هار=حال، پار
٣. ڪدو=ڪي+دو (=ٻہ). تنبي=ڪوهي (مصدر. تنبڻ)، سنّي. ميهي=مون+هئي (هچيل). ريپڙ=ري+پڙ=پِڙ (طاقت همت.)]

١. مومل جي ماڙيءَ ڪي تہ گهڻئي دروازا هئا
٢. راڻا! اڱڻ تي آئين، پر هندواڻا پار ڪري (موٽي وئين)
٣. جڏهن ڪاڪ ۾ ٻہ چٽا (ستل) ڏنا هيئي تہ ترار سان تَنبي چڏين ها
٤. مون هيڻيءَ تي ميار تو بي همت ڪي رَڪڻي ڪانہ هئي.

---

[٢٢٥] صالح محمد سمي (ڪراچي)، عبدالرزاق ٻانيڻ (روهڙي) کان مليل ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

[٢٢٦]

مارو ملڪ مليرَ ۾، مُوري ڪن ماتام
ڏُوم گهٽي هئي تن ۾، ڪَني ها قتلام
پالڪ نيڪان ڪينڪي، تو اچي نا آرام
عمر تو بادام، قيد ڪيو آهي ڪوٽ ۾.

هيءُ هنر ماروئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ بڪر جا نالا تجنيس طور ڪم آندل آهن، جيئن تہ: مُوري، ڏُوم، پالڪ ۽ بادام.

[ ١. موري = مون + ريءَ
٢. ڏوم = همت
٣. پالڪ = پلڪ، گهڙي
٤. بادام = دام ۾.]

١. ماروئڙا مليرَ ۾ مون کان سواءِ (وڇوڙي ۾) ماتم پيا ڪن
٢. انهن ۾ همت هئي جو توکي قتلام ڪري ڇڏين ها (پر اوچتو مون کي ڪٺي آئين)
٣. هتي هڪ پل نہ نڪنديس، جو مون کي آرام نٿو اچي
٤. پر عمر! تو ڪوٽ ۾ مون کي دامِ (قيد) ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

---

[٢٢٦] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

## جنس ۽ گل ۽ ٻاڄيون

[٢٢٧]

ڪرنا ڪيڇين ڪامڻي ڪَڇائي ڪَچنار
سمن نم سُپيئم سسئي، ڪا گلابي گفنار
ميٿي چوان منڍ ڪي، حلوو هاڙهي پار
پالڪ چوڪا سُئا تو ڪا چنبيلي چانگار
قائم ٿيءُ قرار، توسان دوست گڏيو دلجاءِ ٿي.

هيءُ هنر سسئي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ گلن ۽ ٻاڄين جا نالا تجنيس طور آندل آهن: ڪرنو، ڪيچي، ڪچنار، سمن ۽ چنبيلي گلن جا نالا ۽ ميٿي، پالڪ، چوڪو ۽ سُئا ٻڪر جا نالا آهن.

---

[٢٢٧] قائم الدين عرف قائم شر، ويٺل مينگهو شر (تعلقو نري ضلعو خيرپور) پنهنجي وقت جو وڏو سگهڙ هو. علم وارو هو ۽ فارسي پڙهيل هو ۽ فارسي ۾ به شعر چيائين.

## جنس : گل قل

[٢٢٨]

ڪي جا ڪيچين بست وڪس، سا تو سمن نسوئي سئي
ساجهر سورج ڪسان نگيا، نڪري ٿيا نرگس (١)
نافر ڪان نناري سي تان ماڳ چڙي ويا مس
ڪچنار نہ نيائون ڪامٽي، ڪيائون هيٺيءَ سان حدث
خيري ڏير تہ خام هئا، جت جنگي ٻي جس
تُڪما تير تتيءَ ڪي، چمن ٿيا چوڏس
سا جاءِ بسي جلي گهٽو، ڏاهہ پريان جي ڏس
عشق پيچ اٿس، جانب سان "جلال" چئي •
(جلال ڪٽي)

هيءَ هنر سمئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ گلن جا نالا تجنيس طور آندل آهن: سمن، نسوئي، نافر، نناري، ڪچنار، جنگي، خيرو، تڪمو، چمن، جاءِ ۽ عشق پيچ •

[ ١. بست وڪس (ف) = ٻہ ٻڌان، لڏ پلاڻ. سمن = سنبت. نسوئي = نہ + سئي، نہ ٻڌي
٢. سورج = سج آيرئي . نرگس = نر (مرد) + گس = وات
٣. نافر = (نيلو فر) = نفرت. نناري = ني + نار
٤. ڪچنار = ڪچ (ڪچي) + نار (= عورت).
٥. خيري = خيرت وارا، چڱا. جنگي = جهنگلي
٦. تُڪما = تُڪا، تير
٧. ڏاهہ = باهہ
٨. عشق پيچ = پريت جون ڳنڍيون .]

---

[٢٢٨] مرزا گل حسن "احسن" ڪربلائي جي قلمي بياض تان ورتل.
ٻي روايت: (١) ناگہ ٿيا نرگس

١. جڏهن ڪيچين ٿي سامان ٻڌو ۽ سنبت ڪئي، تڏهن آها ڳالهہ تو نہ ٻڌي
٢. آهي سچ آپڙئي ڪيان اڪ نڪتا ۽ وڃي (ڪيچ) جي ڪس تي چڙهيا
٣. اهي نفرت ڪان نار (سسئي) کي پنهنجي ماڳ (پنهور ۾) ڇڏي هليا ويا
٤. ڪچائي ڪري سسئي پاڻ سان نہ نيائون، هن هيٺيءَ سان وڏو حادثو ڪيائون
٥. اهي ڏير خيري نہ هئا پر خام هئا، جت هئا ۽ بي جس هئا
٦. سورن جي ستايل سسئيءَ کي طعنن جا تير بہ گلزار ۽ چمن ٿيا
٧. سسئي اها پلنگ واري جاءِ (جتي پنهونءَ سان گڏ هئي) ڏسي فراق ۾ پئي ڪامي ۽ پنهنجي پرين (پنهون) جو ڏس پنڌ پئي پڇي
٨. جلال شاعر ٿو چوي تہ: (ويچاري سسئي ڇا ڪري جو) جانب (پنهون) ساڻ عشق جو پيچ پيل هئس.

# باب پنجون

## اوزار، ڪلون، هٿيار ڀنوهار وغيره

### جنس : اوزار

[٢٢٩]

ڪـڻ هـي رواتـون، آچ نـه سيراهـي
مون ڪي هڻ نه چڪ تون، نڪي ڪارائي
مارن جي جائي، واهولا هت ٿي ڪري.

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ واڍڪي ڪم جي اوزارن (رواتون، سيراهي، چڪ، ڪارائي ۽ واهولو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. رواتون=روا (پوتيون)+تون. سيراهي=سيرا+هي
٢. چڪ=عيب. ڪارائي=ڪاراڻ، ٽِڪو
٣. واهولا=واويلا.]

مارئي عمر کي ٿي چوي:
١. اي عمر! پنهنجا روا (ڪپڙا) ۽ سيرا (ڪاڪا) مون وٽان کڻ
٢. مون کي نڪي عيب ڏي، نڪي ڪارنهن جو ٽِڪو لاءِ
٣. ويچاري مارن جي جائي هتي واويلا پئي ڪري.

---

[٢٢٩] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[٢٣٠]

سائيڪل لهہ سومرا، هاٿي توں موٽر
جهاج ڪرين ٿو جڳ ۾، ڏسئي تو ڏاتر
جهيس نہ آهيان تو سندي، آهيان سان ڳاڊر
ملان شال ”مستوئي“ چوي، وٺي نہ ڪو ٽيٿر
آيون اچ اپر، ريلون ملڪ ملير ۾.
(مستوئي)

هيءَ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ لوهہ جي ڪلان ۽ شين جا نالا موٽر، جهاز، جيس (انگريزي جائسٽ)، ڳارڊر، ٽيٿر ۽ ريلون) تجنيس طور آندل آهن.

[١. سائيڪل = سائي (= اها) + ڪل (خبر). موٽر = مون + تر
٢. جهاج (جهاز) = جا + هاج
٣. جيس (ننڍو ڳارڊر) = جيس، جوڙ. ڳاڊر (ڳارڊر) = ڳاڏڙ، گدلي، ميري
٤. ٽيٿر = ٽيٿڙ (تپ)
٥. ريلون = مينهن جي پاڻي جا وهڪرا.]

١. عمر! اها خبر لهہ (تہ آءٌ تنهنجي پيڻ آهيان) ۽ مون تان ڏري پاسو ڪر
٢. تون اها جيڪا حاج (مون کي بند ڪرڻ ۽ مجائڻ واري) ڪرين ٿو، اها سڀ ڏاتر ڏسي ٿو
٣. آءٌ گدلي ميري، تنهنجي جوڙ جيس نہ آهيان
٤. ”مستوئي“ ٿو چوي، مارئي جي زباني تہ: آءٌ شال وڃي مارن سان ملان ۽ ان ڪان ڪو ٻرو نہ مون کي اچي جو مري وڃان
٥. اچ منهنجي ملڪ ملير تي مينهن وٺا آهن (۽ مون کي چڏ تہ موٽي وڃان).

---

[٢٣٠] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[٢٣١]

سيج اڳي هجي ها سرتيون تہ هوتن ڏيان ها
سائيڪل نہ هئي تہ موٽر ويندا، غوراب گڏيان ها
پتو نہ هيو تہ ٻہ ٽريڪٽر اٿن، تہ رستا روڊ ڇڏيان ها
رائفل آهي، تلوار نہ ٻيهاريو تہ مـُلان ويساهہ ڏيان ها
"عباسي" سڏيان ها، جي مان لڪي ملان "ملوڪ" چئي.

(ملوڪ عباسي)

هيءَ هنر سنڌيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ لوهہ مان ٺهيل سامان (سائيڪل، موٽر، غوراب، ٽريڪٽر، رائفل، تلوار) ۾ ٻين شين جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. سيج اڳي=سجاڳي. هوتن=هوت نہ
٢. سائيڪل=سا ڪـَل. موٽر=مون ڪان ٽر. غوراب=گورا ٻہ
٣. ٽريڪٽر=ڪٽر. روڊ=رنڍي
٤. رائفل=ڦـُل راءِ. تلوار=هڪ وار تيل (گهڙي لحظو).
مـُلان=ملان ويساهہ=ساهہ
٥. عباسي (شاعر)=او باس باسي. لڪي=لـَڪين.]

١. سجاڳي هجيم ها تہ هوت (ڏيرن ڪي) نہ ڏيان ها
٢. سا ڪل نہ هئي، تہ مون ڪان ٽري ويندا، نہ تہ گورا مان ٻہ گڏي ڇڏيان ها
٣. خبر ڪانہ هيم تہ اندر ۾ ڪٽر اٿن، نہ تہ (ڪيچ جا) رستا رنڍي ڇڏيان ها
٤. هاڻي تہ ڦـُڪي راءِ اٿم، هڪ وار گهڙي تيل پنهون کي ڏسي پوءِ ساهہ ڏيان
٥. باس باسي اٿم، تہ شل پنهونءَ کي لـَڪن ۾ ملان.

[٢٣٢]

مٿان توفون مشتاق، ٿيءِ برسر بندوقون ڪٿي
هٿنديءَ بان بلور ۾، ڪاتيون ڪنڌ ڪنداڪ
جبڪوڙي جبلاهه ۾، هوڏيءَ سان هشناڪ
سيگ نوايو سسئي، ٿي ڏيسر پڄي ڏيو ڏاڪ
لنگهنديءَ لڪ، لڏو چوي، تارا ٿيندس تاڪ
پنهون دلبر پاڪ، اچي هيٺيءَ جو همراهه ٿئي.
(لڏو)

هيءُ هنر سسئيءَ بابت چيل آهي، جنهن ۾ هٿيارن جا
نالا (توفون، بندوقون، بان (تير)، ڪاتيون، ڪنڌ ۽ ڪنداڪ
(بندوق جا)، جبڪوڙي (؟)، هوڏي (؟) ۽ سيگ (ڪمان)
تجنيس طور آندل آهن. سماع جي لحاظ سان هيءُ هڪ سهڻو
هنر آهي، پر سٽن ۾ سمايل معنيٰ وڌيڪ غور طلب آهي.

---

[٢٣٢] راوي حسين پٽ بچل ڪوري وينل لڳ اسٽيشن نواب ولي محمد
جي زباني، ٻانڊي اسٽيشن لڳ ڪڇهري عبدالقادر ڏاهري ۽ برادران ۾
تاريخ ١٥/١٦-اپريل ١٩٦٢ع تي قلمبند ڪيل.

# باب ڇهون

## مرض ۽ ٻسارڪا وڪو

### جنس : مرض

[٢٣٣]

اديون آري ڄام سين، آءٌ ڪوڙهي ڪين هياس
ٻانيم ڏڏ ڏيرن ڪي، ٿي ٻيرين تن پياس
ماتا ٻانهي تن جي، سگهه نه ساهيندياس
وائي اٿم وات ۾، پنهل جو پڇندياس
آرڙي نڪتس روهه ۾، ڪيچ ٻه ڪاهيندياس
آس نه لاهيندياس، سائي من سولي ڪري.

هيءُ هنر سسئي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مرض جا نالا، ڪوڙهه، ڏڏ، ماتا، وائي سئور، آس يعني ڪنس، سائي ۽ آرڙي تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. ڪوڙهي = ڪوڙي
٢. ڏڏ = ڏڍ = آسرو، اميد
٣. ماتا = مان + تان
٤. وائي = ڳالهه
٥. ارڙي = آءٌ + رڙي. آس = ڪنس، ٽپش ڏپ جي
٦. سائي = سائين = ڌڻي تعاليٰ ]

١. اديون، آءٌ آريءَ ڄام سان 'ڪوڙي' ڪين هيس
٢. مون ڏيرن کي سهارو ڏي ٻانيو ۽ کين ٻيرين ٻئي سندن آجيان ٿي ڪيم
٣. مان تہ سندن ٻانهي آهيان، ساڻن سگهه جي حجت ڪانہ ڪنديس
٤. مونکي سندن وائي وات آهي، ۽ آءٌ پنهل نہ پڇنديس
٥. آءٌ رڙي روهه ۾ نڪتي آهيان، سو اوس ڪيچ ڏي وينديس
٦. آءٌ آس ڪين لاهينديس، منهنجي سائين من سولي ڪري.

[٢٣٥]

سيڻور آيون سڄڻا، تڏهن سينڌي هئي مان ساڻ
سَوا پالڪ توکان وئي، ڄاڻي نہ ڄاڻ
صابڻ ڪنڙو تو ڪيو، انهيءَ عقل ساڻ
ساٿر وڃين ها سڄڻا، پلي پنهنجو پاڻ
جيرو ۽ جاڻ، چئو آٿلئين ”امام بخش“ چئي.*
(امام بخش)

هيءَ هنر مومل راڻي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ هسارڪي وکر سيڻور، سينڌي، سَوڻا، پالڪ، صابڻ، ڪنڙو، ساٿر، جيرو ۽ جاڻ جا نالا تجنيس طور ڪم آندل آهن.

[١. سيڻور=سو+ور. سينڌي=ماندي
٢. سَوا=سا. پالڪ=فلڪ
٣. صابڻ=سو+پُڻ. ڪنڙو=ڪنو
٤. ساٿر=سو+ٿر
٥. جيرو=جيئرو. جاڻ=جُواڻ.]

١. راڻا! تون سؤ وَر سون وٽ ٿي آئين، جو سون سان ملڻ لاءِ ماندو هئين
٢. آها فلڪ (ڏاعپ) توکان هلي وئي، تڏهن خبر نہ ڪيئي
٣. انهي ساڳئي عقل سان تو (سون تي الزام رکي) پنهنجو پڻ (نسل) بدنام ڪيو
٤. انهيءَ کان بهتر هو تہ شروع ۾ ئي منهنجي ٻچر ڇڏي ٿر ڏانهن موٽي وڃين ها
٥. (جيڪڏهن سونکي ٻئي سان ڳڏ ستل ڏٺو هيئي تہ پوءِ) غيرت نہ آيئي، جو سونکي جيئرو ڇڏي موٽي وئين.

---

*ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٢٣٦]

هيڊايون سڄڻا، ڦڻڪي ڪيئي ڇاڪاڻ
تيل ميٽ تنهنجو، هيراڪس هاڻ
ميڙي ڪٽ کهڙي ڪيان، تون رسول ڪرين ڇاڪاڻ
ڇوڏي ڪري پاڻ، آئلين ها "امام بخش" چئي.*
(امام بخش)

هيءَ هنر موسل راڳي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ پساڪي وڪرن: هيڊ، ڦڻڪي، تيل، ميٽ، هيراڪس، ميڙي ڪٽ، رسول ۽ ڇوڏي جا نالا تجنيس طور ڪم آندل آهن.

[١. هيڊايون = هي + ڊايون. ڦڻڪي = ڦڻي + ڪيئي
٢. تيل = تِل. ميٽ = مٽ. هيراڪس = هينئڙي (جي) + ڪس
٣. ميڙي ڪٽ = مان + آئي + ڪٽ. رسول = رُسين
٤. ڇوڏي = اچو + ڏينهن.]

١. اي راڻا! اهي انجام ٻڌي (اچڻ جا) پوءِ مون کي ڦٽو ڇو ڪيئي
٢. (جيڪو سڄڻ ڏنو هيئي) تنهنجو تِل مَٽ ڪري پنهنجي هنئين جي ڪَس لاهين ها
٣. هاڻي آءٌ کهڙي ڪَٽ ۽ رٽ ڪريان ته تون مون کان ڇو رُٺو آهين
٤. اچو ڏينهن ڪري منهنجي محل ۾ ڏسي، پڪ ڪري پوءِ موٽي وڃين ها.

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٢٣٧]

## پريو، ٻني نہ سڄڻا، سرهي جهيري ڦوٽن ۾
## جافر لئونگن ۾، تنهن آڪار "امام بخش" جئي.*

هيءُ هنر سسئي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ پسارڪي وکر: پريو، ٻني، سرهي جهيري، ڦوٽا، جافر ۽ لئونگ جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. پريو=پريئون. ٻني=ٻني. سُرهي جيري=سا+رهي+جهيري
ڦوٽن=جبل جي غارن ڦوٽن
٢. جافر=جا=ڦيري. لئونگن=لانگهن.]

١. جنهن جي پريان حياتي نٿي ٻڌجي، سا غارن ۾ به جهيري رهي
٢. جا ٻئي ڦري جبلن جي لڪن لانگهن ۾، تنهن کي (اي ڏاڏي) انهن لانگهن مان آڪارج.

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٢٣٨]

مَڪَڻي ڪائينديس ڪينڪي، ڪايان لونگ ڪَٽي
مون ڪَسي واهه وَٽِي، ڪَڻ ڦوٽن جي سومرا.

هيءُ هنر مارئي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ورڪر: مَڪَڻي، لوُنگ ۽ ڦوٽن جي ڪڻ جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. مڪڻي=مڪڻ. ڪايان=ڪانيان=ساڙيان. لونگ=لونگن
٢. ڪڻ ڦوٽن=مينهن جون ڦڙيون ۽ ڦوٽا يا بوڙيا.]

١. (اي ميان عمر سومرا!) آءٌ تنهنجا مڪڻ ڪين کائينديس، تنهنجي لونگن کي باهه ۾ ساڙيان

٢. مون کي ملير ۾ وسندڙ مينهن جي ڦڙين ۽ بوڙين واري وس ياد آهي ۽ وڻي ٿي.

# باب ستون

## واهہ ڍورا، ماڳ مڪان، ڳوٺ شهر

### جنس: واهہ ۽ ڍورا

[٢٣٩]

**دریاءَ** مٿي دادلا، سي **ترڙ** ٻڌاسون
**سدا واهہ** رکين ٿو سومرا، در ڏڏي جي تون
**جمڙائو** وهيو ٿي جن سان، سي ڇڏي ويا مال مڏيون
هتان هلندين **هاڪڙا**، ڪو دم آهين تون
**سرحد** لنگهنديون سومرا، ”امام بخش“ آتون
**نارو ڍورو** ائين نہ ڪري، جيئن ڪرين ٿو تون
هاڻي ڪل پئي سون، تہ **هيرل** آهين سومرا.*

(امام بخش)

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ واهن ۽ ڍورن: درياءَ، ترڙ، سدا واهہ، جمڙائو، هاڪڙو، سرحد، نارو ڍورو ۽ هيرل جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. درياءِ=دَران، در تان. ترڙ=ترڙيل، ڏڪاريل
٢. سداواه=صدا+واه=نيڪ صدا، ساراهہ
٣. جمڙائو=جي+ميڙائو
٤. هاڪڙا=هڪڙا، اڪيلا
٥. سرحد=اوکي واٽ، پلصراط
٦. نارو ڍورو=نَر+ڍور
٧. هيرل=هريل.]

---

* صالح محمد سمي (ڪراچي)، ولي محمد طاهرزادي (ٽنڊو الهيار)، عبدالحڪيم پلي (ڍورو نارو)، عبدالرزاق ٻانيڻ (روهڙي)، غلام رسول جتوئي (واره) ۽ محمد عالم شور خانپوري (ميرپور ماٿيلو) کان مليو.

١. جيڪي پنهنجي راڄ ۾ دادلا هئا، سي انهيءَ در تان ترڙيل ڏٺا سين
٢. سومرا! تون به نيڪناميءَ ۾ پنهنجي ملڪ ۾ ءُ ڏٺيءَ جي در ساراهيل آهين
٣. جن هتي شوق سان سال ٿي ميڙيو، سي سڀڪجهه هتي ئي ڇڏي ويا
٤. تون به هتي دم پل آهين، پوءِ هيڪلو هليو ويندين
٥. "امام بخش" تو چوي ته ڏکي پلصراط تان اڪرڙو اٿئي
٦. تڙ ڊور به ائين نه ڪري، جيئن تو ڪيو آهي (جو ڀيڻ ڪي ڪٺي آيو آهين)
٧. هاڻي خبر پئي سون ته تون انهن ڪڏن ڪمن تي اڳئي هريل آهين.

## جنس: ماڳ، مڪان، ڳوٺ شهر

[٢٤٠]

مٽياري ۾ منهنجا پرين، آراضي ٿـي تون اچ
ڏيپلو پـريـت جـو تـہ سکر ٿـيـان سـچ
محبت ديري مچ، ٻـاريـو منهنجـي مـن ۾.*
(مخدوم محمد زمان طالب المولى)

هيءُ هنر دوستي جـي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ چيل آهـي، جنهن ۾ شهرن: مٽياري، آراضي، ڏيپلو، سکر ۽ محبت ديرو جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. مٽياري ۾ = مٽ + ياري + ۾. آراضي = آءُ راضي
٢. ڏيپلو = ڏي + پلاءُ. سکر = خوش
٣. محبت ديرو = محبت + ديرو.]

١. اي منهنجا سڄڻ! مون سان ياري نہ مٽ، ۽ راضي ٿي مون ڏي آءُ
٢. پرت جو پلاءُ ڏي تہ آءُ سرهو ٿيان
٣. محبت منهنجي مَن ۾ مچ ٻاري ڇڏيو آهي.

---

(١) هي ہہ هنر مخدوم طالب المولي صاحب جن مؤلف ڏي خط ۾ لکي موڪليا هئا. ستاءُ جي لحاظ سان سهڻا هنر آهن.

[٢٤١]

کڏي ڇڏ قلب مان دليل جو ديرو
سڪرنڊ وينندي ساهه ۾ من ٽيندو ميرو
دلي دوڙ دوڙاءِ ڪا، ساجهر سويرو
ڪر پلن وٽ پيرو، ته وسينءَ ڪي ويجهو ٽئين*
(مخدوم محمد زمان طالب المولي)

هيءُ هنر محبت ۽ مجاز جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن: دليل ديرو، سڪرنڊ، دلي، دوڙ ۽ وسين جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. دليل جو ديرو=دليل بازي، شڪ گمان
٢. سڪرنڊ=سڪ+رنڊ+جي
٣. دلي=دل سان. دوڙ= ويچار
٤. وسينءَ=دل من جي آبادي.]

١. اي سڄڻ! تون دل مان شڪ گمان واري دليل بازي ڪڍي ڇڏ
٢. ائين ڪرڻ سان مَن ميرو ٿيندو ۽ سِڪَ ۾ رنڊڪ پوندي
٣. تون ته ڪو دل سان ويچار ڪر (اچڻ جو ارادو ڪر)
٤. جي چڱن وٽ پير پري پيرو ڪندين ته محبت واري دل من جي آبادي ماڻيندين.

[۲۳۲]

راهواري پريتم آباد منهنجو گهر ڪريو
شوري ڪڏڙو هڪ پاسي پر ڪريو
نور واه ٿي آهيان، راوتياڻي ڪا ڪريو
سنجهورا ورتيو، نه هٿي رڪيل رند، اڳين ڪا پرڪريو
ٽمهون ڏنڙو، هاڻي مٽيءَ کي سڌر ڪريو
جهول اچان پوهي، مگر ياري سر ڪريو
دلور آباد هجو، پر پير واري ۾ نظر ڪريو
ڪنهن جوڻيجاڻي ڪئي، پر اوهين به ڪنهڙ ڪريو
ڀپرلو "پروچ" چئي ائين هيڪر ڪريو،
ته آءٌ به اچي پهچان پرينءَ کي*.
(لعلڻ خان لغاري)

هيءُ هنر محبت ۽ مجاز جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن: راهواري، پريتم آباد، شوري، ڪڏڙو، نور واه، راوتياڻي، سنجهورو، رڪيل رند، ٽمهون، ڏنڙو، جهول، پوهي، ياري سر، دلور، پير واري، جوڻيجاڻي، ڪنهڙ ۽ ڀپرلو جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ۱. راهواري = راه + واري. پريتم آباد = پرين + تون + آباد
۲. شوري = سو = رکي. ڪڏڙو = ڪڏڙيون
۳. نورواه = نير + وهاءِ. راوتياڻي = راه + آتياڻي = آتي، راهه منجهيل
۴. سنجهورا = سنجهي + راه. رڪيل رند = گهٽي بند
۵. ٽمهون = ٽير (وقت) + اهو. ڏنڙو = ڪريو، ڏنو
۶. جهول = جهل. پوهي = پوءِ + ڀي. ياري سر (سرهاري) = ياري + ستر (سچي)

---

* خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيل.

٧. دلور=دل+وارا. پيرواري=پٺي واري
٨. جوٽيجاٽي=جُوٽيِ+چاٽيِ (ڪنڌي). ڪٽهڙ=ڪٽ+هر
٩. پيرلو=پير تي هلو.]

١. راھه ويندل پريتم، موٽي اچي منهنجو گهر آباد ڪريو
٢. (توکي ڏسڻ لاءِ) سؤ ڳڙ ڪيون رکيون اٿم، مون کي هڪ پاسي ڪريو
٣. نير وهائي، راه مُنجهيل ٿي پٺي آهيان، سڄڻن کس ڏسيو
٤. سنجهي مان آئين، پر گهٽي بند هئي، هاڻي پٺي پاسي کان اچو
٥. اها ويل ٽري ويئي، هاڻي دل کي سڌير ڏيو
٦. ترسو، جيسين آءٌ توهان وٽ اچان، پوءِ ڀي ياري پڪي ڪجو
٧. دل وارا! شل آباد هجو، پر پٺي پيري به اهڙي نظر ڪجو
٨. ضرور ڪنهن چغلي هڻي آهي، پر اوهين به ڪا ٿهر ڪريو
٩. "پروچ" شاعر ٿو چوي ته، اوهين به پير ٿي گهمو ته آءٌ به اچي پنهنجي پرينءَ سان ملان.

[٢٤٣]

ڳاهيجا تہ ميار، وڏم تنهنجي ولهار
شجراهين ٽڪيندي لهي، سڪ تنهنجي سردار
ميرپور سون ڏي گهڻا، ڏوهہ سڙني ڏاتار
عادل پور تو درد سان، وهم وڏي ويچار
گهوٽڪي هليو وئين، ونگي وير ولهار
"يوسف" چوي يار، ڪج منهڙو مدئجي ڏي.*
(يوسف ڪٽي)

هيءُ هنر مومل جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن: ڳاهيجا، شجراهہ، ميرپور، عادل پور، گهوٽڪي، ونگو، ولهار ۽ مدئجي جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. ڳاهيجا = ڳاهي (مصدر. ڳاهڻ) = ڳاري جا
٢. شجراهون = سج + راهون = واٽون
٣. ميرپور = ميرائي + پُر
٤. عادل پور = آ + دل + پُر
٥. گهوٽڪي = گهوٽ + ڪيئن. ونگي = ٻڌي، ونگ وجهي
٦. مديجي = مدي جيءَ ڏي = خطا وار جند]

١. (اي راڻا!) تنهنجي قرب جي ميار مونکي ڳاهي ڳاري ڇڏيو آهي
٢. تنهنجي اچڻ جون راهون نهاريندي سج ٿو لهي

---

*راوي سهائو موچي، ڪڇهري اوطاق دامن شاهہ، تاريخ ١٤- مارچ ١٩٧٢ع. ٻي روايت جيڪب آباد مان خاوند بخش ساقي ڪان ملي. يوسف ڪٽي، ويٺل جوٺنگل عرف مرادپور تعلقو ٺل اڳ ٿي گذريو.

٣. اي ڏاتار! ميراين ۽ مدين جا ڏوهہ مون ڏي کهڻائي آهن

٤. تنهنجي درد جي پورن (ويچارن) سان منهنجي دل پري پئي آهي

٥. اي کهوٽ! اي ويہر ۽ ولها! تون ڪيئن منهنجي دل ونگي قابو ڪري پوء ڇڏي هليو وئين

٦. يوسف ٿو چوي تہ: اي دوست (اي راڻا)! تون مون خطاوار ڏي ڪڏهن ڪو منهن ڪج ۽ اچ.

[٢٤٤]

جاني بند وجهي ڪري، دل دست ڪئي دلدار
گهاري گهوٽ هٽي ويو، محبت ميخ ميار
جوهي جوش ۾ جَلي، نيت نيڻن وَهن نار
ڪامل ڪنهن چاري ڪيو، ٻاجهه ڪري ٻاجهار
ڏيري هن دلگير جي، سوڙي اڄ مهار
چڻيي، چَهي، چڏ غم جي، محب مٺا منٺار
رمزن سان رُهڙي چڏيو، دلبر دل جا بار
ٻول ميٺيي گفتار، اڇي عبدالله سان.

(عبدالله سومرو)

هيءُ هنر سڪ ۽ محبت جي معنيٰ ۾ چيل آهي، جنهن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن: جاني بند، گهارو، جوهي، چاري، ڏيرو، چڻيي، روهڙي ۽ ميٺيي جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. جاني بند=جاني+بند=قيد
٢. گهاري=گذاري، رهي
٣. جوهي=جو+هيون
٤. چاري=چاري، حيلي
٥. ڏيري=اوتاري، ماڳ
٦. چڻيي=توڙي
٧. رُهڙي=روڙي، ڏاهي
٨. ميٺي=وٺندڙ. ]

---

* قربان علي نقشبندي جي بياض تان ورتل. عبدالله سومرو وينل ڳوٺ جوڻائي تعلقو واره ضلعو لاڙڪاڻو. اندازاً ١٩٠٠ع ڌاري گذاريائين.

١. پياري سڄڻ، منهنجي دل کي ڦاسائي قابو ڪري ڇڏيو آهي
٢. دوست مون وٽ رهي، محبت جي ميخ هڻي ويو
٣. هيئيو جوش ۾ جلي پيو نيڻن مان نار پيا وهن
٤. دوست ڪنهن حيلي سان مهر ڪري قرب سان سڏ ڪر
٥. ۽ مون دلگير جي ماڳ تي واڳ وراءِ
٦. ڪنهن رمز سان منهنجي دل جا بار لاهي ڇڏ
٧. عبدالله سان مٺي ٻولي اچي ٻول.

[٢٤٥]

لٽي اچين ها سومرا، ننگر ڏين ها سون
جڏهن سکر آئين تون، تڏهن مارو ٿي ڪوڙي ويا.*

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ شهرن: لٽو، ننگر، سکر، ڪوڙي جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. لٽي=لٽ، ناهه. ننگر=نه+گر (=ميرُ، ٽيڪو، داغ)
٢. سکر=ڪر، خراب نيت. ڪوڙي=ڪڙي پڪڙي.]

١. اي سومرا! لٽاهه (صلح) سان اچين ها، ته سون ڪي ڪارنهن جو داغ نه ڏين ها

٢. تون جڏهن خراب نيت سان (حملو ڪري) آئين، تڏهن ويچارا مارو ڊپ کان ڪڙي پڪڙي ويا.

* صالح محمد سمي (ڪراچي) ۽ لعل خان لغاري (تعلقي شهدادپور) کان مليو.

[٢٤٦]

سعيد آباد ڙي سومرا، هوندو ڏيهه ۾ ڏاڏاڻن
ڇڇر ٻرڙن تي ڦري ٿا ڪوڏون ڪن
ملدسي ڙي سومرا، آندءِ جا اوٺيڙن
ڏي تون ڏوٿيڙن، شهدادپور سان مارئي.*

هيءَ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن: سعد آباد، ڇڇر، ٻرڙا، ملدسي، شهدادپور جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. سعيد آباد=سدا+آباد

٢. ڇڇر=مينهن جي پاڻي جي ڇر. برڙن=پوڙن

٣. ملدسي=ملهه+دسي=زبردستي

٤. شهدادپور=اي شاه داد پورو ڪر.]

١. سومرا! منهنجي ڏاڏاڻن جو ڏيهه، سو آباد هوندو

٢. اهي مارو ڇرن ٻوڙن تي ڊوڙون پائي خوش پيا ٿين

٣. تون انهن اوٺيڙن جي پانهن زبردستيءَ ڪٺي آيو آهين

٤. اي ميان عمر! تون انصاف ڪان ڪم وٺي مارئيءَ کي انهن ڏوٿيڙن ڏانهن موٽائي موڪل.

---

*ڪراچي مان صالح محمد سمي ڪان مليو.

[٢٤٧]

جوهي چني ويا هليا، ڦُلجي مان وينياس
لَڪي لنگهي جيڏيون، سيوهڻ مان پسندياس
اڪنين آريجا ڏسي، مونڊر ۾ ملنڊياس
تڪڙي ويندي يس وڪ ڪنيو، مانجهند ڪين ڪنڊياس
چشمن مان چمندياس، ڏيرا وجي دوست جا.*

هيءَ هنر مسئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ شهرن جا ڳوٺن: جوهي، چني، ڦُلجي، لَڪي، سيوهڻ، آريجا، مونڊر، مانجهند، ڏيرا جا نالا تجنيس طور آندل آهن

[١. جوهي=جوءِ+هيءَ. چني=ڌار ڪري. ڦُلجي=ڦُرجي
٢. لڪي=لڪ. سيوهڻ=سي+وڻ
٣. آريجا=آري+جا. مونڊر=مانُ+ڊر
٤. مانجهند=مالجهاندو، منزل
٥. ڏيرا=ديرا، جايون.]

١. آءٌ ڦُرجي وينيس، جو ڏير مون کي چني ڌار ڪري ڇڏي ويا
٢. آءٌ جبل جا لَڪَ لنگهي (ڪيچ جا) وڻ وڃي ڏسنديس
٣ آريءَ جا آڪ اکئين ڏسي، ڪيس وندر ۾ وڃي ملنديس
٤. وچ تي مانجهاندو نہ ڪري، تڪڙي وک کڻي اوڏانهن وينديس
٥. پنهنجي دوست پنهونءَ جا ديرا اکين سان وڃي پسنديس.

---

* تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[٢٤٨]

تڪيي اٿـي تنهن مـهـل، تـيـس سرت سنڀار
چني ڇهي حجاب جي، هڏوءَ ور ڪان ڀڃي وار
ديرا دوستـن جـا ڏسـي، نيـڻين هـاري نـار
اڇـا تڙ اهـي ڏسي، جتي هئا بودن سندا بـار
جنهن لنگهه جت هليا ويا، ويندس ڏي وڻڪار
عبدالرحمان عجيب ڏنهن، مـونـٿ آه مهار
غلامي گـولـي ٿـي چـمان، پـريـنءَ جـا پيزار
ڏي نـوري پيالا نـور جـا، ساڪ سندا سـردار
نه اٿم حب حمل سان، پـڌ گاهيءَ جـي گفتار
ڏيرن ڏکـ ڏنـو گهڻو، مـوت منـا منـڦار
اڇ آلي وال عجيب تـون، هـوت حيـاتـي دار
وت چارو وَرُ ورُ ڏي، ڀير جـي ڪـج پچار
ماڏي ور منهنجا پـريـن، آءَ اکيـن جـا ٺـار
کپر ڪاڻ ڪري وڄ، پـڌ ٻانهي جي ٻهڪار
ڪڙيو مـن محبوب تـو، لـونءَ ۾ لائـي لار
سير گهوريان صد بار، حسين خان حبيب تـان.*
(حسين فقير ديدڙ)

هـيءَ هنر سسئيءَ جي بيان ۾ چيـل آهـي، جنهن ۾ گهوٽن ۽ شهرن: تڪيو، چني، ڇهي، ديرو، بـودا، لنگهه، عبدالرحمان، حمل، گاهي، ڏيرا، آلي وال، چارو، وَرُ، ماڏو، کپر ۽ ڪڙيو جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. تڪيي = تڪي، نهاري
٢. چني = جدا ڪري. ڇهي = جوش مان

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

۰۳. ديرا = بينڪون
۰۴. بودن = آئن
۰۵. لنگهه = وات
۰۶. عبدالرحمان = اڌ راه مان
۰۹. حمل = محل. گاهي = ڪاٿي
۰۱۰. ڏيرن = پنهون جي ڀائرن
۰۱۱. آلي وال = واڳون وار
۰۱۲. چارو = وات
۰۱۳. ماڏي = مون ڏانهن
۰۱۵. ڪڙيو = قابو ڪيو.]

۰۱. سسئيءَ کي جنهن مهل سار ٿي، آئـي ڏسي تـه (پنهون آهي ئي ڪونه)
۰۲. هوءَ جوش مان وَر (پنهونءَ) لاءِ وار پٽڻ پئي
۰۳. جتي پنهونءَ جا ڀائر ترسيا هئا، اهي هنڌ خالي ڏسي اکين مان لُڙڪ وهايائين
۰۴. جتي آئن جي جهوڪ هئي، آها جـاءِ بـہ اڃي هئي (قافلو نـہ هو)
۰۵. چيائين تـہ: جنهن وات تان پنهونءَ جو قافلو ويو آهي، آن وات تان ويندي س
۰۶. آڌ راه مان دوست جي ڏسڻ کان اڳ موٽڻ جي ميار ٿيندي
۰۷. چئي: آءٌ انهن جي ڪولي ٿي، سندن جُتيءَ کي چمندي س
۰۸. اي سردار، پنهنجي پريت جا پيالا ڀري پيار
۰۹. مون کي محلاتن جي سڪ ڪانهي، اها ڳالهہ هن سيڪ ۾ سڙيل جي پڌ
۰۱۰. ڏيرن مون کي ڏاڍو ڏک ڏنو

١١. اي پنهون، مون ڏي واڳون واري، مونکي ڇڻ نٿين حياتي ڏي

١٢. سسئي، روئڻ مان ڪجهه نه ورندئي، واٽ وٺي پنهونءَ ڏي هل

١٣. اي اکين جا ٺار (پنهون)، مون ڏي آءُ

١٤. هن پانهيءَ جو عرض ٻڌ، ته مون کي قبر ۾ دفن ڪري پوءِ وڃ

١٥. اي محبوب! تو منهنجي وار وار کي پنهنجي قرب ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي

١٦. "حسين" شاعر ٺو چوي ته: آءُ سؤ سؤ ڀيرا پنهنجي محبوب تان صدقو ٿيان.

[۲۴۹]

کونڙي آيس کوٽ ۾، ساعت پايان سال
پهر اٿشي سومرا، دل ميڙين ٿو مال
سانگ نه پڄج تن جو، پليجا مارن ڪال
جهرڪا سانگيئن ساريا، سيريءَ تني حال
سؤنڊا لاهه مقيم تان، چڙ ڪوڪر جا خيال
ٽڪڙ سال ماڙيچن جو، ڏينڍي آهه ڏال
جهوڪ ٻلڙي مارئي، رڙي مري مت وال
ابن شاهه نڪرن ماٺيا، پونديڻ ڏاٺيچن ٻنبال
لنڪا آهم جيڏيون، سنڌي ورهه وصال
ڪونگا ميڙ غريب مين، ڀڳڻ ميڙ ٻلال
ڪاري ڪوٺي تو جهلي، لکپت جنهن جي لال
ارمات اٿي ڙي سومرا! بندرين ڇمين شال
ننگر مڪلي ماٺيان، ڀني ڪتيون ڪن پال
منگه ڪاه مليرجا، ڪنڌءِ زنده زوال
ٺلهي ٻڌي آءُ نه ڪيان، تون ٺيلهه پري ڪر ٽال
سرتيون لهن سنڀال، ڪراچي "ڪبير شاهه" چئي.*
(ڪبير شاهه)

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن: ڪونڙي، سال، پهر، دل، پليجا، جهرڪ، ساريا، سيري، سونڊا، ڪوڪر، ٽيڪڙ، ڏينڍي، جهرڪ، ٻلڙي، رڙي، مري، ابن شاهه جا نڪر، ڏاٺيچا، لنڪا، ڪونگا، ٻلال، ڪارو،

* راوي فقير محمد هاشم مڱڻهار

١٣. لنگر=لنو لنگر. مکلي=ٺٽي لڳ مکلي جي ٽڪري ۽ مقام. پٽني=پير پٺو

١٤. منگه ڪاءِ ملير جا=اصل ائين، معنيٰ غور طلب

١٥. ٽلهي جو شهر (دادو ضلعي ۾). ٽلهي ٻڌي=ٽلي ٻڌي مٿائي

١٦. ڪراچي=ڪر+اڇي=جيڪر اڇي.]

١. آءٌ ڪيئن (قسمت سان قيد ٿي) ڪوٽ ۾ آيس، جتي هڪ هڪ ساعت منهنجي لاءِ سال برابر آهي

٢. تو کي حڪومت ۽ جوانيءَ جو زور آهي، جنهن تي تون جهجها مال ٿو ميڙين

٣. جن مارن مون تان آسرو پلي ڇڏيو، تن جي مال (چوپائي) جي پڇا نہ ڪر

٤. تن سانگين بيحال ٿي وڃي جهروڪا وسايا آهن

٥. عمر! ڪڙنس وارا خيال ڇڏي، انهن تان ڏپ ڏاءُ لاهه

٦. منهنجن مارن جي ٿکڙ (ٿي ڌر ٻڌل) مال جمّوءَ ۾ چري ڍؤ ڪيو آهي

٧. مارئي! آهي جهوڪون وساري ڇڏ، انهن لاءِ رڙي نہ سر

٨. اي عمر! آءٌ تنهنجا اهي شاهاڻا ڏاج نہ ماڻينديس، تون آخرت ۾ پنهنجي افعالن تي وڏي وبال ۾ پوندين

٩. مون کي سرتين ساهيڙين سان ملڻ جي اندر ۾ ڏاڍي اڪير آهي

١٠. اي عمر! مون کي کهوگها کهٿا ڏيئي ماري، مائٽن ڏانهن ڏياري موڪل

١١. ان (مارئي) کي جهلي آڻي ڪوٽ ۾ قابو ڪيو اٿمي، جنهن جي لکن جهڙي لڄ جي پت آهي

١٢. اي سومرا! تنهنجي افعالن تي ارمان اٿم، شل آخرت جي عذاب کان ڇٽين

١٣. شال انهن سان ڳڏجي وڃي ڪيھہ مکڻ کان، جيڪي
رڍن جون پٺيون ڪتري، انهن مان پال ڦاهي اجهو ڪن

١٤. ملير وارن سان ڪيڏو ڇڏ، نہ تہ زنده پير تنهنجو زوال
آڻي ڇڏيندو

١٥. آڄ تنهنجون مٺايون ۽ طعام نہ کائيندس، اهي ٿالهہ
مون کان پري ڪر

١٦. ڪٻير شاهہ ٿو چوي تہ: مارئي ٿي چوي تہ شال مرتيون
منهنجي سنڀال اچي لهن.

## باب اڏون

### عام ماڻهن (مردن ۽ زالن)، فقيرن، ذاتين ۽ ڌنڌن وارن جا نالا

### جنس: مردن جا نالا

[٢٥٠]

ڪنهن سان ٿيءَ تہ ڪڏهين ڪوڙو ڪارو
صحبت سڀ سان رکي ٿيءَ مٺو سوچارو
محبت جهڙو ملڪ ۾ ڪونهي ميوو سوچارو
نياز ۽ نيوڙت جو تون چڙهي وٺ چارو
گلشن گل گلاب ٿيءَ، نر هڻي نعرو
ڪامل ڪيتي ڪس ۾ قلب نہ ڪر ڪارو
"حاجي عبدالله" تي ڪر نوري نظارو
سو بيشڪ پيارو، اهڙيون جنهن جون عادتون*

(حاجي عبدالله سومرو)

هيءَ هنر نصيحت ۽ هدايت جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مردن: ڪوڙو، صحبت، مٺو، محبت، ميوو، نياز، گلشن، گل، گلاب، ڪامل، قلب، نورو جا نالا اهڙيءَ هنرمنديءَ سان آندل آهن، جو انهن جي معنيٰ بيت ۾ صاف ۽ پڌري آهي.

---

[٢٥٠] قربان علي نقشبندي جي بياض تان ڊاڪٽر صاحب جو ورتل. ڪچهري تاريخ ٧- آگسٽ ١٩٥٨ع. عبدالله سومرو، ويٺل ڳوٺ جوڻاڻي، تعلقو واره، ضلعو لاڙڪاڻو. اندازاً ١٩٣٣ع ڌاري وفات ڪيائين.

[٢٥١]

همت هار نہ سسئي، اڳيئون فتح ۽ سوڍو
عارب سائي تو سندو، ڪندو سو مهرو
لطف الله سان لنگهي ڪيچ وڃي رسبو
پوري چڙ پنهور کي، ڏيئي وج پنيو
پنهون آهي تنهنجو، وڙي لهہ وريام کي.

هيءَ هنر سسئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مردن ۽
همت، فتح، سوڍو، عارب، مهرو، لطف الله، پنيو، پنهون ۽
وريام جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. همت=سَتُ. فتح ۽ سوڍو=فتح ۽ سوڀ
٢. عارب=آهي+رب. مهرو=مهر
٣. لطف الله=الله جو لطف
٤. پنيو=پُنيو، دروازو
٥. پنهون=ڄام پنهون. وريام=باهمت ۽ پلو.]

١. سسئي! همت نہ هار، اڳيان تنهنجي فتح ۽ سوڀ آهي
٢. رب تنهنجو سائي آهي ۽ اهو ئي توتي مهر ڪندو
٣. الله جي ٻاجھہ سان ڪاهي وڃي ڪيچ پهچنديندءَ
٤. اي سسئي! پنهور وارو گهر ڇڏي، در بند ڪري نڪري ٻاهر ٿي
٥. پنهون تنهنجو ئي آهي، پر انهيءَ سورهيہ کي ڳولي لهہ.

---

[٢٥١] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

[٢٥٢]

حيدر تنهنجو سومرا، تون نورنگ نہ کر
جمال ڏيکارين ٿو، سو مير ڦٽو کر
ڪمال نہ گھرجي تنهنجو، ڀلي جمعو کر
سليمان سور ڪنهن سان، الهڏنا هيڪر
ابراهيم چيلڙا سائينداد کر
قادر ڪي ڪوٽ مان، آهين جوان جيڪر
اسماعيل نہ آهيون سومرا، جا تون رکين پر
تون الهداد "اڪبر"، تہ ملان مارن ڪي.
(اڪبر علي لغاري)

هيءُ هنر مارئي جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مردن:
حيدر، نورنگ، جمال، مير، ڪمال، جمعو، سليمان، الهڏنو،
ابراهيم، سائينداد، اسماعيل ۽ الهداد جا نالا تجنيس طور
آندل آهن.

[ ١. حيدر=هي+در. نورنگ=نئون+رنگ
٢. جمال=جو+مال. مير=حاڪم
٣. ڪمال=ڪو+مال. جمعو=جمع
٤. سليمان=سليان مان. الهڏنا=الله ڏنا
٥. ابراهيم=اير+هير. سائينداد=سائين+داد
٦. قادر=ڪا+ڏاري
٧. اسماعيل=اسين+مائل
٨. الهداد=الله+داد.]

١. اي عمر سومرا! تون پنهنجي هن در (گھر) تي نئون
رنگ (رسم) نہ کر

[٢٥٢] خود شاعر کان مليو.

٢. اي حاڪم! جيڪو مال مون کي ڏيکاري لالچائين ٿو سو آڇلي ڇڏ

٣. مون کي ڪوبہ مال ملڪيت نہ گهرجي، ڀلي تون پاڻ وٽ گڏ ڪر

٤. اهي مور ڪنهن سان سليان، جيڪي مون کي الله سائين ڏنا آهن

٥. اڍرا هٺيم ڇيلڙا (جيڪي پوئتي ڇڏي آئي آهيان) اي سائين بادشاهہ تون انصاف ڪر

٦. جي غيرت وارو مرد آهين تہ (مون) ڏاڍين زال کي کوٽ مان ڪڍ

٧. جيڪا تون اسان سان رسم رکڻ ٿو گهرين، اسين انهيءَ جا اهل ناهيون

٨. اي الله سائين! تون منهنجو داد ڪر، تہ پنهنجن مارن سان وڃي ملان.

[٢٥٤]

بيٽن ۾ ڀلو آهي حاجي ڪو مهيسر
لعلڻ ڪونهي، نه ڀيڙو ڪنيرُ
قادر بخش قرب ڪري ميلي جو ماهر
چاچو چنيسر، گهوڙي تي گل بهار چڙهي*
(گل بهار سومرو)

هيءَ هنر سهڻيءَ جي بيان ۾ چيل آهي. سگهڙ گل بهار سومري پنهنجي وقت جي سگهڙن جا نالا: حاجي مهيسر، لعلڻ لغاري، ڀيڙو ڪنير، قادر بخش ۽ چنيسر تجنيس طور آندا آهن.

[١. بيٽن ۾=ٻانيان تن ۾. ڀلو=ڀيلو. حاجي=هجي. مهيسر= مُنهن سِر

٢. لعلڻ=لئي لاٽو. ڀيڙو=ڀيڙو. ڪنير=ڪا ڀِرَ

٣. قادر بخش=قادر بخشي. ماهر=ميهر

٤. چاچو=چاچيءَ. چنيسر=نيو سر (منهنجو، جو گهڙو متي وئي). گهوڙي=گهڙي.]

١. ٻانيان تن ۾ ڀيلو آهي هجي ڪو منهن سِر
٢. لئي لاٽو ڪونهي، نه ڀيڙو نه ڪا ڀِرَ
٣. قادر بخشي قرب ڪري، ميلي جو ميهر
٤. چاچيءَ نيو سِرُ، گهڙي تي گلبهار چڙهي.

* ڊاڪٽر بلوچ جو لوڪ ادب.

## جنس: زالن جا نالا

[٢٥٥]

ميڻي آهي مــاڪ، ڪؤڙي ڪاوڙ مــار
رحمت ٿيندي رب جـي، لنگهي پوندين پار
جاڳ تہ جنت ۾ وڃين، ڏيان ڏٽيءَ جو ڏار
رکي راحت روح ۾، رب ســان گـهـار گذار
ٿين سياڻي تــو ســنـدا مطلب نيڪو ڪار
چڱي واحد کي وٽي، اهـو واحـد ڪين وسار
وٺي هدايت حــق جـي تون اندر کــي اجار
ڳؤري ڳالهہ ڳٽيج تــون، سخت سڱجهي سرڪار
جيئري رس جــانــب کــي روئـي زارون زار
اهـڙيــون رمزان راستي تــون سڻي کي سيڪار
هر روز هنجون تون هار، عجيبن لئي "عبدالله" چئي*
(عبدالله سومرو)

هيءَ هنر نصيحت هدايت جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ عورتن جا نالا: ميڻي، ڪؤڙي، رحمت، جنت، راحت، سياڻي، چڱي، هدايت، ڳؤري، جيئري ۽ راستي تجنيس طور اهڙي تہ هنرمندي سان آندل آهن جو بيت جي معنيٰ بہ صاف بيهي ٿي.

---

[٢٥٥] قربان علي نقشبندي جي بياض تان ڊاڪٽر بلوچ جو ورتل. ڪچهري تاريخ ٧- آگسٽ ١٩٥٨ع. عبدالله سومرو، وينڊل جوڻائي تعلقو واره، ١٩٣٣ع ڌاري گذاريو ويو.

[٢٥٦]

**ڪؤڙي** ڪاوڙ ڪاڻ، جاڳ تہ جنت ۾ وڃين
گهور سپائي جندڙي، پوءِ نہ ڪج تون پاءُ
**بچي** تون ويندئين **چڱي**، تڪ نہ ڏسندينءَ تاءُ
**عالم** خاتون اڳهين لهين، **صاحب خاتون** ساءُ
**وٺ** در، تي **دادلي**، رک تون **سرت** سماءُ
**خيري** خيال رکي ڏس، چست رکي ڏس چاءُ
**ڇڏ حوا** هن دنيا جي، اهو ڏرس رکي ڏس داءُ
**ڳولڻ ڳؤري** ڳالهہ تي، لهہ تون محب منجهاءُ
پڄندي **آميدان** عبدالرحمان چئي، شل ورئي **لطيفان** واءُ
**لالان** هنجهہ هٿاءُ، **خاتون** خطرا خيال پيا.*

(عبدالرحمان چانڊيو)

هيءُ هنر نصيحت هدايت جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ عورتن جا نالا: **ڪؤڙي**، جنت، سپائي، بچي، چڱي، عالم خاتون، صاحب خاتون، دادلي، خيري، حوا، ڳؤري، آميدان، لطيفان، لالان، خاتون) تجنيس طور آندل آهن.

[٤. عالم خاتون=عالم ڪان تون. صاحب خاتون=صاحب ڪان تون
٥. دادلي=دانهن+دلي=دل سان دانهن
٧. حوا=هوا، حرص
٩. اميدان=اميد ون. لطيفان=لطف وارو
١٠. لالان=لعلون. خاتون=ڪاءُ+تون.]

١. هوش ڌاري، ڪاوڙ ڪي ڪاءُ تہ جنت مائين
٢. پنهنجي سڄي حياتي رب جي راهہ ۾ ڏي، ۽ پوئتي پير نہ ڪج

---

[٢٥٧] "ڪليات شاهہ محمد ديدڙ" ص ١٥-١٦.

٣. ته پوءِ آخرت جي عذاب ۽ تڪ تاءِ ڪان بچي ويندين

٤. ۽ ٻئي عالم ڪان اڳ ۾ ئي ڏاڍي تعاليٰ ڪان مُنهن لهندين

٥. انهيءَ ڪري ڏاڍيءَ در دل سان ٻاڏاءِ، ۽ چڱي نيت رک

٦. اندر ۾ چڱائيءَ واري خيال کي پچار ۽ اندر کي آجار

٧. دنيا جي حرص هوس کي ڇڏي، نيڪيءَ جا ڪم ڪر

٨. اجايو هيڏانهن هوڏانهن گهوڙا ٻڌران، ڏاڍيءَ کي پنهنجي
اندر ۾ ڳول

٩. شاعر عبدالرحمان چوي ٿو ته: ڏاڍيءَ طرفان توتي مهر ٿئي ۽
تنهنجون اميدون پوريون ٿين

١٠. انهيءَ طرح ٻيا خيال ۽ خطرا لاهه ته توکي لالڻ وڻان
سيڪي پلئه پوندو.

[٢٥٧]

**صاحب خاتون** ڪاڄ هي منهنجي من نہ وڻن
**حليمان** هتڙي اڄي ڦاسي پيس ڦندن
**خيريءَ** سان خوش ٿي، ڏسان پار وچي پيڪن
**بچي** وڃان هن بند سان عزت ساڻ امن
**فاطمان** ڦيڪل سان **بصران** سيڪ **ڀانن**
**سَيائي** سون تي اچي ٿي سلامت مهڻن
**راڄي** منهنجي راڄ جا ٿا **نوري** نيڻ وهن
**ڀائتي** پرجهلو منهنجا اوري شال اچن
**ايمٽان** اسان جي ڏيهہ ڏي ڪيت ڪنهيون ڪائن
**ڀاڳل** ڳڻي ميان سومرا، ٿئين عاجز منجهہ عملن
**چامل** چائي ڪين وهان، اڙيس اولاڪن
**ڀِرائي** هن ڀيڻ سان شل رَتي ڪين رُسن
**نعمت** ڀانيان ڏيهہ جا، مون کي ڏوڻرا ڏيهہ وڻن
**مرادان** جي من، سي ”شاهہ محمد“ شال پسان.*

(شاهہ محمد ديدڙ)

هيءَ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ عورتن جا نالا: صاحب خاتون، حليمان، خيري، بچي، فاطما، بصران، ڀانَ، سيائي، راڄي، نوري، ڀائيتي، ايمٽا، ڀاڳل، چامل، ڀِرائي، نعمت، مرادان تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. صاحب خاتون = صاحب ڪاڄ تون
٢. حليمان = هلي مان
٣. خيري = خير

* ڪليات شاهہ محمد ديدڙ، ص ١٥.

## جنس: جوڳي

[۲۵۸]

جوڳي جي آهين، سي پاڻهي آهن پڌرا
ڪاپڙي ڪابول ڏي سناسي سير نہ ڪن
فقيرن ٻيھڻ بازار ۾، عادت آڏوتين
ڪيون لاڏ لُنگن ۾ پيا لاهوتي لڏڪن
پٽ تڏهن پهرن، جڏهن سامي هلن سڦرا.*

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ جوڳي فقيرن: جوڳي، ڪاپڙي، سناسي، فقير، آڏوتي، لاهوتي ۽ سامي جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[۱. جوڳي=جوڳيون لائق. پڌرا=پڌريون ظاهر
۲. ڪاپڙي=پتڙي. ڪابول=بولو. سنياسي=سينهون. سير=سيرُ مٿو
۳. فقيرن=ڦڪين رنن. آڏوتين=آهي+ڏوتين
۴. لُنگن=لُنگڻ (=ڪنديءَ جا ٻن يا گوَنچ). لاهوتي=راه ويندا آيا ويا
۵. پٽ پهرن=زمين ۾ وڃن، دفن ٿين. سامي=لحد قبر.]

۱. اي عمر! جيڪي تنهنجيون راڻيون ٿيڻ جوڳيون آهن، سي افعالين پڌريون آهن
۲. اهي پڙو ڏيکي، بولو پائي، سينهون مٿي تي رکي (پاڻي پرڻ لاءِ) ڪين وڃن
۳. جيڪي بازار ۾ ٻيهي اشارا ڪن، اهو ڦڏتين رنن جو ڪم آهي
۴. اسان وٽ ماروئڙيون لاڏ مان ايندي ويندي سگر چونڊيو کائين
۵. جڏهن مرن، تڏهن زمين (قبر، سامي) ۾ پورجن.

---

* راوي خدا بخش ملاح

[۲۵۹]

فقيرن ڦـٽـو ڪيو، سامين مـٽـيـو سـاھ
پوربي پـاسي ٿـيءِ، جوڳيي پنھنجي جـاءِ
ويھي ڪا وڃاءِ، مُرلي پنھنجي مـن سان.*

ھيءُ ھنر ليلان چنيسر جي بيان ۾ آھي، جنھن ۾ جوڳين: فقير، سامي، جوڳي، پـوربي جا نالا تجنيس طور آندل آھن.

[ ۱. فقيرن=ڦِـڪي رن. سامين=اسان من
۲. پوربي=ٻُر=ھل+ بي=ٻيئي، جوڳي=لائق
۳. مُرلي = مترِ رُلين.]

۱. ڦِـڪي رن (ليلان) تو مون کي ڦِـٽو ڪيو، تہ مون بہ پنھنجو چاھہ ڪٽي ڇڏيو
۲. ٻٽري ٻئي پاسي، انھن وٽ وڃ جـيـڪي تنھنجي لائق ھجن
۳. پوءِ در در رُلي، پنھنجي سڱورن جي مرلي ٻيئي وڃاءِ.

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

جنس: ذاتيون، ڏ ذڌا

[٢٦٠]

جيسر ميهڻن جال، وسي وس وساڻ کيا
تن ۾ طرحين پاڳت طور تہ تيا ساوا سبز سيال
عمر ماروئڙن جا مرکنڊ چاريان مال
جهانجهڻ پيان جهپڙين، سامڻي ولوڙيان شال
کهاوڙ نہ خانن جا، ڪليري ڪنگال
ڏيرا موکل ڏيهہ ڏي، ڪري بنديجا بحال
عمراڻي آلوال ڪري، زؤنر دستي زال
ڪر پيڙ خشڪين پال، لڳ جبار "جلال" چئي.*
(جلال)

هيءَ هنر مارئيءَ بابت چيل آهي، جنهن ۾ ذاتين: جيسر، وساڻ، پاڳت، سبز، سيال، مرکنڊ، جهانجهڻ، جهپڙ، سامڻيا، کهاوڙ، ڪليري، عمراڻي، آلوال، زؤنر، دستي، ڏيرا، بنديجا، خشڪ جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. جيسر=جني+سرن (تلاشن). وساڻ=وسون، آباديون
٢. طور=تورت=تور (مال جو تازو وياءُ). پاڳت=پاڳيا. سبز=ساوا، سکيا. سيال=مائٽ ميت
٣. مرکنڊ=مر (شال)+ڪنڊين=ڪنڊن ۾
٤. جهانجهڻ=جام+جهڻ. جهپڙين=جهوپڙين. مڻن=ماڻيون

---

[٢٦٠] مرحوم پيڙي فقير ڪنيار جي زباني ڪچهري حيدرآباد، تاريخ ١٢-مئي ١٩٥٩ع تي قلمبند ڪيل. ٻي روايت آڪيڊني شرڪان ڪچهري ڳوٺ سوڍي خان خاصخيلي تعلقي ٽري ميرواه ۾ ٢٧-اپريل ١٩٨٤ع ۾ ملي. ٻي روايت: (١) وساڻ تيا (٧) بالادستي بال.

٥. ڪُهاوڙ=ڪُهيا + وڙ. ڪليري=ڪلور، ظلم
٦. ڏيرا=ڏي+راهُ. بنديجا=بندي (قيدياڻي)+جا
٧. عمراڻي=عمر+آڻين. آنوال=آڻ+(تي) وارو. زوئرد ستي=
زوران دستي، زبردستي
٨. پيڙ=پيڻ. خشڪ=خوشي مان.]

١. عمر! ملير جا سرَ (تلاءَ) مينهن جي وسڪاري سان پرجي
ويا آهن، ۽ انهن تي ساوڪون ۽ آباديون ٿيون آهن
٢. تنهن ۾ مال جا تڙُور، پاڳيا ۽ منهنجا مائٽ خوشحال
ٿيا آهن
٣. عمر! شال موٽي وڃي مارن جي مال کي ڪنهن جا
سڱر ۽ پـُور چاريان
٤. جهوپڙين ۾ ويهي ماڻيون ولوڙيان ۽ جام جهڻ پيان
٥. اي ڪُهيا عمر! اهو خانن (حاڪمن) جو وڙ ناهي جو
ڪنگالن تي ڪلور ڪن
٦. عمر! تون آڻ تي چڙهي، زوران دستي مون کي ڪٺي
آيو آهين
٧. اي عمر راءِ! موڪل ڏي، تہ بندياڻي پنهنجي ڏيهہ
موٽي وڃي
٨. ڏٽيءَ جي واسطي خوشيءَ سان مون پيڻ تي پال ڪر
(آزاد ڪر).

[٢٦١]

سوڍر نہ ڪر سپرين، هلي اچ هيڪار
ويندس محبت ۾ مري، وڳڻ ڪري ويچار
ڪر اندر کي اوڏڙو، پٽڌڪا هيءَ ڪوڪار
سونارا نيڻن مان ٿيا وهن زاروزار
دل واري دلگير کي ڏيپر تون ڏاتار
ٻول مٺي گفتار، اچي ''عبدالله'' سان.*

(عبدالله سومرو)

هيءُ هڪ سٺو سڪ ۽ محبت جي معنيٰ ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ذاتين: سوڍر، مري، وڳڻ، اوڏ، ٻٽڌڪا، سونارا، ڏل، ڏيپر جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. سوڍر=سو+ڍر
٢. مري=فوت ٿي. وڳڻ=هنداءِ
٣. اوڏ=ويجهو. ٻٽڌڪا=ٻٽڌ+ڪا
٤. ڏل=دِل. ڏيپر=ڏي+پر.]

١. سپرين! هاڻي دير نہ ڪر، مون وٽ هڪ ڀيرو اچ
٢. نہ تہ ٻَڪ ڪر تہ آءٌ تنهنجي محبت ۾ مري ويندس
٣. منهنجي اها ڪا دانهن ٻُڌي، ٻنهنجي من کي منهنجي ويجهو آڻ
٤. تنهنجي جدائيءَ ۾ منهنجي نيڻن مان سؤ سؤ نار ٿا وهن
٥. ڏاتار! منهنجي دل واري کي ڪنهن طرح واري آڻ
٦. تہ اچي مون سان ڪا مٺي گفتار ڪري.

---

* قربان علي نقشبندي جي بياض تان ورتل، تاريخ ٧- آگسٽ ١٩٥٨ع عبدالله سومرو، وينل جوڻائي، تعلقو واره ضلعو لاڙڪاڻو. اندازاً ١٩٢٠ع ڌاري گذاري ويو.

[٢٦٣]

سهتا وچيم سومرا، ڪر لشاري سارن
جت ڀهراٽي سومرا، مگريا منجهه مارن
جويا ساڻ جڪرن، مور نه گذارين ’محمد‘ چوي .*

هيءُ هنر مارئيءَ بابت چيل آهي، جنهن ۾ ذاتين: سهتا، لشاري، جت، ڀهراٽي، سومرا، مگريا، جويا، جکرا جا نالا تجنيس طور آندل آهن .

[ ١. سهتا=ساهه تان. لشاري=شرع
٢. جت=جتي. ڀهراٽي= ڀهتة (=گهٽيون) + راٽيون .
مگريا=مگيا
٣. جويا=جويون، زالون. جڪرن=ڪرن، يارن.]

١. سومرا! منهنجا پساهه تڏهن پورا ٿيندا، جڏهن مارن سان شرع (انصاف) ڪندين
٢. جتي اڳئي گهٽيون راٽيون آهن، اتي آءٌ (ماروءَ سان) مگيل ڪين ويهنديس
٣. جويون تو جهڙن ڪريل ماڻهن سان ڪڏهن ڪين گذارينديون .

---

* ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[٢٦٤]

اڻين چوي ڪانہ، تہ آهيان ماڇين ۾
رهڻ نہ ڏين رات هڪڙي راهوجن ۾
ٻانهي آهيان تن جي آهي آريجن ۾
اصل پليجن ۾، اتي ڪامل ڏينهن وڏو ڪندي *

هيءَ هنر مارئي بابت چيل آهي جنهن ۾ ذاتين: ماڇي، راهوجا، آريجا، پليجا جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. ماڇين=مانَ + آڇي (پاڪ صاف)
٢. راهوجن=رهاڪو جن
٣. آريجن=آرَ + جن
٤. پليجن=پَلي (لپني)+جن.]

١. اي عمر! اڻين ڪابہ نہ چوي تہ آءٌ اڇي (ستي) آهيان
٢. آءٌ جتي جي رهاڪو (ملير) آهيان، اتي هڪڙي رات بہ رهڻ جي موڪل نٿو ڏين
٣. آءٌ تہ انهن (مارووڙن) جي ٻانهي آهيان، جن وٽ سدائين ارڪ آهي
٤. مارئي ويچاري جن ۾ پلي نپني آهي، اتي وڃي عيد ڪندي.

---

*روهڙي مان عبدالرزاق ٻانڀڻ کان مليو.

## جنس : ڏنڌن وارا پورهيت

[٢٦٥]

ٽيهن **نيرولي** نار، **ڪوري** محبت کو ڪتهي
**نائي** مصلحت **منڊ** ڪي، جاڳي نه **جروار**
**هها موچي** نه چيو، **پرٽ** لنگهي ٽيا پار
**ڪنيارن** ۾ ڪامٺي، **ترهل چاڪي** تار
**سونارن** سا سڌ ڪري، ٿي **ڪاسائڪي** ڪار
خامڳري تنهن ڪامڻ ڪوُن ويڙ **ڪمانگار**
**درزي** **ساٽي** دور ٿي، **مڪسي** **مگڻهار**
**سرهيا** هوت سنيار، جبلن پاس "جلال" چئي*

هيءُ هنر سسئي بابت چيل آهي، جنهن ۾ ڏنڌن وارن پورهيتن: نيرولي، ڪوري، نائي، موچي، پرٽ، ڪنيار، چاڪي، سونارا، ڪاسائي، ڪمانگر، درزي، ساٽي، مگڻهار، سرهيا تجنيس طور آندل آهن.

[١. ڪوري=ڪو+ريءَ. نيرولي=لٺن+رولي
٢. نائي=نه+آئي. جروار=جنهن+وار
٣. هها=هاءِ هاءِ. موچي=مون اچي. پرٽ=پٽ، برپٽ
٤. ڪنيارن=ڪارونيار جبلن. چاڪي=جهاڳي

*راوي محمد يعقوب ابڙو، ڪڇهري ڏهرڪي، تاريخ ١٥- جولاءِ ١٩٦١ع ۽ صالح محمد مگڻهار ۽ حاميد خان رند (ساڪرو) جي زباني قلبند ڪيل.
ٻيون روايتون: ٢ نه آيس موچي منڌ تي تيلاهون لوهار
٧ درزي ٻاس زر ۾ ڏاڪائڻ جي ڪار
٨ ر. جبلن ڳهار

٥. سونارن=سا+نعرن. ڪامائڪي ڪار=ڪسڻ وقت دانهون
٦. ڪمانگار=غار گم.
٧. درزي=درئون+سي. ساٿي=ساٿي. منگسي=منگ(گهر)+ٿي.
مگٽهار=سوالي.
٨. سُرهيا=سرها، وٽندڙ.]

١. سسئي کي نيهن نين ۾ روليو، نہ تہ محبت ڪانسواءِ ڪوبہ ڪونہ پنڌ ڪري
٢. مُنڌ کي اها صلاح ٿي خيال ۾ نہ آئي جو (ڏيرن جي وڄڻ واري) مهل تي جاڳي ها
٣. هاءِ هاءِ! مون انهن کي اڇي نہ جهليو، ۽ هو پٽ لنگهي جبل ۾ پيا
٤. هاٿي ڪاروڻيار جبلن ڏي هلڻ لاءِ سگهي تيار ٿي ۽ تڪڙي هل
٥. سا، واڪا ڪري پئي جتن کي سڏي، ويچاريءَ سان ڪسڻ واري ڪار ٿي
٦. تنهن ڪامڻ سان ڪچائي ڪري گم ٿي ويا
٧. گهر جي در کان ٻاهر نڪري، مگٽهارن وانگر ساٿين (ڏيرن) کي سڏ
٨. انهن جتن (ڏيرن) کي جبلن ۾ وڃي ڳول

[٢٦٧]

چـاڪـي مـيـنـڌرا، ڪـامـل ري **ڪوري**
**ڏاڪـاڻ** سـب ڏهي پيا، **تُـوتـن** ري تو ري
پلنگ نہ وٽيئي **پٽ** جا، نہ لـڌءِ **نهڙي**
ڪٽي نہ ڪر خدا لـڳ، پرت نہ ڪر **ٿوري**
ڏب ڪرئين ها **ڏوري**، پوءِ ساجن **سونارا** چوڪرئين*

هيءَ هنر مومل راڻي بابت چيل آهي جنهن ۾ **ڏنڏن وارن** پورهيتن: چاڪي، ڪوري، ڏڪاڻ، ڪٽي، ٿوري، ڏوري، سونارا، جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. چاڪي=چڪي. ڪوري=ڪنواري
٢. ڏاڪان=ڏاو+ ڪان
٤. ڪٽي=نہ وٽندڙ، بيزار
٥. ڏب=ڏب. ڏوري=ڏيري. سونارا=سو+ناراض.]

١. اي ميڌرا! تو مون ڪنوار کي چڪيا تي چاڙهڻ جهڙو ڪري ڇڏيو
٢. مون (تنهنجي بيوفائي جي) **ڏب** ڪان جيڪي حيلا ڪيا هئا سي سب **ڏهي** پيا

---

*راوي فقير محمد سامت، ڪڇهري محمد پور، در محمد آڏي جي اوطاق، تاريخ ٢٣-مئي ١٩٥٩ع.

ٻي پڙهڻي

مون چاڪي مـيـنـڌرا تون ڪامل ڙي ڪوري
تو ڏنو ڏوهر منهنجو جڏ لـڳـي هيئہ لوري
ڪٽي نہ تيءِ خدا لـڳ، متان پرت ٽئي ٿوري
غازي چئي گوري، مون سهجن سونارا ڏنا.

٠٣ جڏهن پلنگ تي (مون سان گڏ ڪو ٻيو ستل ڏسي) ڪاوڙ نه وٺيئي ته ڪا نوڙي به ڪانه لڌي (جو مون کي ڦاهي ڏئين ها)

٠٤ هاڻي خدا جي واسطي مون کي ڪڙو ڪري ڇڏي نه وڃ، پريت نه ڇڏ

٠٥ (مون کي ماري) ڏيپ ڏير نه ڪيئي ته پوءِ هاڻي ناراض ڇو ٿيو آهين!

[٢٦٨]

**سوين سونارا آئيا، لکين لوهارن**
**ڪوري نائي ڪيترا، هليا حجام اچن**
**سرهيا مونن جي ڳا نانوائي ڪن**
**وريو وينجهار وهن، مومل جي ماڙيءَ ڪي***

هي هنر مومل راڻي بابت چيل آهي جنهن ۾ ڏنل وارن پورهيتن: سونارا، لوهار، ڪوري، نائي، حجام، سرهيا، نانوائي، ۽ وينجهار جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. سونارا=سوين+نر، سورهيه. لُهارن=لُٽا+رن
٢. ڪوري = ڪنواري. نائي = نه + نائي (=نمائي). حجام= جام، جهجها
٣. سُرهيا=سورهيه. نانوائي=نه نه+وائي
٤. وينجهار=ويجها+راوَ.]

١. سوين نر سورهيه (ڪاڪ تي) آيا، جيڪي رن (مومل) پٺي لٽيا (ڪٺا)
٢. جام جوان ڪيس ماڻڻ لاءِ آيا، پر انهيءَ ڪنواريءَ ڪي ڪنهن به نه نمايو
٣. تڏهن به سورهيه موڻ جي وائي نٿا وارين
٤. وريو آهي راءِ مومل جي ماڙيءَ ڪي وجو ويجها وهن

* راوي علي بخش خان لوهر، ڪڇهري محمد پور، ضلعو جيڪب آباد، تاريخ ٢٠-ڊسمبر ١٩٥٩ع. ٻيون روايتون صالح محمد سمي، (ڪراچي) ۽ قاضي نور محمد (مٽاريون) کان مليون.
علي بخش خان لوهر جي روايت:
٣. ڪاسائي آڻي نانوائڪي پيا ڪن
٤. پوءِ وريو وينجهارن، موتيو وجن، ”موسو“ چئي.

# ڀاڱو چوٿون

## هنر د راوا: لفظي تجنيسي

ظاهر ۾ هڪڙو مضمون پر معنيٰ ۾ ٻيو موضوع
ڏيکاريندڙ تجنيسي هنر

لازمي آهي، مگر پڇاڙيءَ ۾ فقط هڪ ئي سٽ ٻيهندو. انهن قسمن جي لحاظ سان هن ڀاڱي هيٺ ذيل مواد ٻن عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي:

(الف) 'ٻه سرا دراوا'، جيڪي ظاهر ۾ هڪڙو سٽ، پر معنيٰ ۾ ٻيو موضوع.

(ب) 'ست سرا دراوا'، جن ۾ ظاهري طور هڪ کان وڌيڪ قصن (سٽن) جا ڪردار ۽ ناٽا آندل هجن، پر تجنيسي ڀاڱي بعد فقط هڪ موضوع.

# (الف) ظاهر ۾ هڪڙو سر پر معنيٰ ۾ ٻيو موضوع

## ظاهر ۾ سسئي پر معنيٰ ۾ ٻيو موضوع

[٢٦٩]

ڀنڀوران ڀتار، ورَ وڃايم ويسري
متان ڪا مون جيئن ماڻي پاڻ پيار
اوٺيڙن آرهي ڪئي، ڪَنَ ناهم قرار
پورهيتاڻي پار، سسئي ڪانڌ متان ڪرين.*

هي 'درائو' ظاهري طور سسئي جي بيان ۾ آهي، پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ کان پوءِ 'ليلان-چنيسر' جي بيان ۾ اچي ٿو.

[١. ڀنڀوران=ڀنڀو (سهڻو)+راءُ
٣. اوٺيڙن=اوٺيي (اوٺي=ٻچڙي)+رَن. آرهي=اڻ وڻندي
٤. سسئي=سَس+ٻي.]

١. ويسري ٿي پنهنجو سهڻو ڀتار (چنيسر) هٿان وڃايم
٢. متان ڪا مون وانگر هار سان پيار ڪري پنهنجو ڀتار وڃائي
٣. ٻچڙي رن (ڪونرو) ساڻس اهڙي ڪئي جو هاڻي قرار ناهيس
٤. اي ڪانڌ! ڪونرو سان پرڻجي سندس ماءُ جهڙي)
پورهيت سَس متان ڪرين!

---

* عبدالڪريم سنڌيلو، هڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ١٠٥.

[٢٧٠]

کاهي قطارون آئيا، کري ڪچ مهار
ڏونگر ڏسي جبل ڏٺون، اتي ڪيئون اظهار
سا ادا ڏسي خوش ٿئي، سرس ڪيو سينگار
آءُ پوري تون پتار، مسٽي ڪانڌ متان ڪرين!*

هيءَ 'د رائو' ظاهر ۾ مسٽي بابت چبل آهي، پر تجنيسي لفظن جي پاچ سان 'ليلان-چنيسر' جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[١. ڪاهي=ڪهي. قطارون=ڪاتاريون. مهار=م+هار
٢. ڏونگر=ڏون (ٻ)+گهر
٣. سا ادا=سؤدا
٤. مسٽي=مس+ٽي.]

١. ڪؤنرو ۽ سائس (ڪاتاريون ٿي) ڪچ ۾ هار لڪائي کڻي آيون
٢. وجهه وٺي هار ٻاهر ڪڍيائون ۽ ليلان کي سؤدي لاءِ هر کايائون
٣. ليلان به سائن سؤدو ڪري خوش ٿي ۽ سينگار ڪري هار پاتائين
٤. (جڏهن چنيسر ڏهاڳ ڏنس تڏهن) چيائين ته: چنيسر! آءُ بيوقوف آهيان، جو تو کي هار تي وڪيم، هاڻي (ڪؤنرو سان پرڻجي) متان ڪا ٻي سٽ ڪرين.

---

*عبدالڪريم سنديلو، لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ١٠٤

[٢٧١]

وٽ مـهـار هـٿـن، ڏي نـہ تـون ڏيـرن کـي
قطار جو ”قائم“ ڇئي ڪُنڊ نـہ پيـڙئـي ڪَن
ڪيئي جـاڙ جتن، رڙيـون ڪنـدي وت روه ۾.
(قائم)

هي* درائو ظاهر ۾ سسئي بابت چيل آهي، پر تجنيسي لفظن جي ٻاڄ سان ’ليلان-چنيسر‘ جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[١. مهار=مَ+هار. ڏيرن=ڏي+رَنَ
٢. قطار=ڪر+تال
٣. جتن=تن. روهه=روح.]

١. هار وٺي هٿن سان رَن (ڪونرو) کي (چنيسر) نہ ڏي
٢. انهن جي نخرن (تالن) جي توکي خبر ئي ڪانہ پئي
٣. جن توسان جٽ ڪئي، هاڻي روح ۾ رڙيون ڪندي وت.

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل ۽ پڻ غلام رسول جتوئي (واره) ۽ صالح محمد سمي (ڪراچي) کان مليل.

[ ٢٤٢ ]

سسئي سور گيئڻ ازل کان آيا
آڏي مان آئي ويا، سنجهي سنپايا
ڪڙڪيا ڪين ڪنوات، سي نيي سڏايا
سو پنهون ڏسي سرهي ٿيان پاندن ۾ پايا
آيا صف پڌي ڪري، مهرين مسايا
ڏولاوا ڏيهه جا، موالي مون لايا
لکين نانگ نوايو مٺي روهه رلايا
جوڙي جوڙايا، لحظي ۾ "لعلڻ" چئي*

(لعلڻ خان لغاري)

هيءُ درائو ظاهر ۾ سسئي بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي پاڄ سان يوسف-زليخا جي بيان ٿئي ٿو.

[ ١. سسئي=سهه+سي. ازل کان=او+زليخا
٢. آڏي مان=آڏما. سنپايا=سا+باهه
٣. ڪڙڪيا=ڪڙڪيا. ڪين=ڪان. ڪنوات=ڪيو+وات.
سي نيي=سيني. سڏايا=سڏا+آيا
٤. سو پنهون=سپنو. سرهي=سُور+هي. ٿيان=ٿيا. پاندن=
پيندن. پايا=پئي آهيان
٥. آيا صف=آ+يوسف. پڌي=پُڌي. ڪري=ڪرَ. مهرين=
مهري. مُسايا=مون سان اها
٦. ڏولاوا=ڏيو+لاوان. ڏيهه=ڏينهن. مون لايا=ملايا
٧. لکين=لکئي. نالگ=نيي+انگ. نوايو=وهايو. روهه=
روح. رلايا=رُلايا.]

---

* خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيل.

١. او زليخا! آهي گهڻا سور سهي جيڪي تو لاءِ آيا
٢. (يوسف جي وڇوڙي جي) جيڪا باهه اندر ۾ اٿم، اُن جا آڌما پيا اٿن
٣. اُن جي نيڻن جا ڪانَ ڪڙڪندا سڌا سيني ۾ اچي ڪتا آهن
٤. سپني ۾ اُن کي ڏسي سڌور جاڳي پيا آهن، جو سندس محبت جا پينڊ پيل اٿم
٥. اي يوسف! منهنجي درد جو ٻڌي مهر ڪري مون سان مل
٦. هينئر ئي لائون ڏيو، اڄوڪي ڏينهن مون کي موليٰ محب ملايو آهي
٧. لڪئي جو انگ ننڍو تڏهن پنهنجي روح سان اچي (يوسف) مليو آهي
٨. لعل تو چئي: (ٻڌهن امر ٿيو) تڏهن لحظي ۾ جوڙي جي جوڙ ٿي.

[٢٤٣]

سِسي وڻي سڙي، ٿي مران مارن ساڻ
ڪيئن ويهان ماٺ ڪري ٿي ڦٽر مارن ساڻ
هجان ٻڌل مارن ساڻ، ته وير وڻان هان پنهنجو *

هيءُ دراڻو ظاهر ۽ مارئي بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي پاڃ سان سسئيءَ جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ ١. سِسي=سر، ساهه. مارن=مرڻ.
٢. مارن=مان+رڻ
٣. مارن=مهارن. وير=ور]

سسئي ٿي چوي ته:
١. مير ساهه لڪن ۾ لوساڻجي ويو، هاڻي مرن سان ٿي مران
٢. ڪيئن ماٺ ڪري ويهان جو مون رڻ زال سان ڦٽر ٿي آهي (ڏير، پنهون ڪٺي ويا آهن)
٣. جي (انن جي) مهارن سان ٻڌل هجان ها ته (سندن وچڻ مهل) پنهنجو ور ڇڏائي وڻان ها.

* تعلقي ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهرزادي کان ۽ لاڙڪاڻي مان غلام رسول جتوئي کان مليو.

[٢٧٤]

مٺئون وڏيـن ٽـارڙا، مـارو ملڪ تي
ڪونن مان قادر ڪئي جيئري جانب جي
عمر مارن ڪي، وڃهم م وڇوڙا وچ ۾*

هيءُ درائو ظاهر ۾ مارئيءَ بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ سان سورٺ - راءِ ڏياچ جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ ١. مٺئون = مٺو + نه. ٽارڙا = ٽرڙي، مڙي وچ. مـارو = مـٽرُ.
مُلڪ = ميلاڪ، ملڪيت
٢. جانب جي = جان + ٻچي
٣. عمر = حياتي، جمار. مارن = مانَ + رَنَ]

١. ڏري وچ (اي منگتا، تون راءِ ڏياچ جو) مٺو نه وڏي، ملڪيت جي لاءِ نه مر
٢. توکي ٺل ڪوٽ (جهونا ڳڙهه) مان قادر ڪڍي، جـو منهنجي جانب جي جان ٻچي
٣. مون کي سڄي جمار لاءِ رن زال ڪري وڇوڙو نه وجهه.

---

* متيارين مان قاضي نور محمد کان مليو.

[٢٧٥]

**سومرا ماري، ڪيئي محلين مـانـدي مارئي**
**ٻڪرارئون ٻـنـڌي، ريـڍارئـون چاري**
راڻيون نہ رناري، تہ ڦر چارڻ سيڪا پڇي*

هيءُ درائو ظاهر ۾ مارئي بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي ٻاجهہ سان سورٺ-راءِ ڏياچ جي بيان ۾ ڏني ٿو.

[ ١. سومرا=شوم، راءُ. ڪيئي=ڪيئن. مارئي=ماري
٢. ٻڪرارئون ٻنڌي=ٻن قولن قرارن سان اراده ٻڪو ڪري (هڪ انيراءِ سان ٻيو ٻاڻ سان قول تہ ضرور راءِ ڏياچ جو سر وڍي ايندس). ريڍارئون=رَءَ ڏارئون (پوري ڏار ۾ لئي سان). چاري=چاڙهي
٣. ڦر چارڻ=ڦير (=تہ پوءِ)+چارڻ (چارڻ ڪي، راڳي منگتي ڪي.]

١. اي شوم (بيجل)! راءِ ڏياچ ڪي ماري ڪيئن ٿو محل ۾ راڻيون مانديون ڪرين
٢. ٻن ٻڪن ٻولن سان (تہ سر گهرندس) تون سرندي ڪي پوري تار ۾ ڏار سان ٿو چاڙهين ۽ وڃائين
٣. جيڪڏهن چارڻ سر نہ گهري ۽ راڻيون نہ رناري، تہ هوند هن سان سيڪا راڻي پڇي پوي (ڪيس گهڻو ڪجهہ ڏيئي راضي ڪري).

---

* راوي علي بخش خان لوهر، ڪچهري اوطاق مرحوم درمحمد اڍو، محمد پور، ٢٥- ڊسمبر ١٩٥٩ع. ٻڌ تعلقي وارهہ. مان غلام رسول جتوئي کان مليو.

[۲۷٦]

اللّٰه ڏي عمر تـوکـي، تـون آن؟ ظـاهـر زميندار
اسـان ساڪـڙ سيڪيون، نہ ڪيون هارپو هيڪار
نہ ڪا آنء تورانـهـَنِ جي، نہ ڪا پنڏن مٿي پار
ڏيـلـهـا ڏهـاڙي ڪـنـڍن ڪرڙن قنّوت قـرار
سونهارا سردار، اسان جهنگن هيراڪا، جانب چئي.*

(جانب جاگيرائي)

هيءُ دراٽو ظاهر ۾ مارئي بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي پاڇ سان نوري-ڄام تماچي جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ ۱. عـُمرَ=عـُمِرِ، ڄمار. زميندار=ذميدار
۲. سيڪيون=سي ڪيون. هارپو=هار پائي
۳. آنء=آءُ نہ. نہ ڪا=نڪا (=ننڍڙا). پَنڏنِ=پانڌيـَن.
۴. ڏيلها=ڏي اللّٰه. ڪـَنڍن=ڪـُنڍين. ڪـِرڙن=ڪـُرڙين.
۵. جهنگن=جهينگن.]

۱. (اي ڄام!) اللّٰه توکي وڏي عمر ڏئي، تون آن ظاهر ذميدار
۲. اسان ساڪڙ سي ڪيون، نہ ڪيون هار پائي هيڪار
۳. نڪا آءٌ نہ تورانهن جي، نڪا پانڌين مٿي پار
۴. ڏئي اللّٰه ڏهاڙي ڪنڍين ڪرڙين قُوت قرار
۵. سگهڙ جانب ٿو چوي تہ: اي سونهارا سردار، اسين جهينگن جا هيراڪو آهيون.

---

* جانب فقير ولد نور محمد جاگيرائي، ويتل ڳوٺ گل محمد جاگيرائي، تعلقو گمبٽ، ضلعو خيرپور، عمر اندازاً ٦٠ سال اٿس.

[٢٤٤]

جنهن جاءِ ۾ گذاريم ڏينهڙا، بيشڪ سي ڀلڙا
وسي وس وسئون ٿيا، تار ڀريا تلڙا
سڙي سلڻ آئيون جهوڙ ڀڏي جهلڙا
لاهيون ڪين ڪنن تڙون ويڙهه واليون والڙا
"چاڪر" چئي چلڙا، تنهنجي ڏاڻ ڏجي ويا.*

(چاڪر خان رستماڻي)

هيءُ دراڻو ظاهر ۾ مارئي بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي پاڇ سان ليليٰ مجنون جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[١. جاءِ ۾=جامع مسجد ۾
٢. سڙي سلڻ آئيون=ويڙهي ويون
٣. چلڙا=آڪيرا.]

١. مجني جامع مسجد ۾ (ليليٰ کي ڏسندي) جيڪي ڏينهن گذاريا هئا سي سٺا هئا
٢. مينهن وٺا، آباديون ٿيون، تڙ تلاءَ سڀ ڀرجي ويا
٣. (مجني تي) وليون وري ويون، ۽ انهن ۾ پکين آکيرا ڏاهيا
٤. مجني تان اهي وليون ڪنهن به پري ڪين ٿي ڪيون
٥. چاڪر ٿو چوي ته: ولين وارن آکيرن ۾ جيڪي پکي ويٺل هئا سي (ڪاٺير جي) ڏپ کان ڀڄي ويا.

---

* راوي جان محمد بلوچ.

[٢٧٨]

چـري تـي ميهار تـي، پـاڻ وڌائيـن پـاتـار
چي: ميرَ نـہ ڀـوڙي سهڻي، ڀـوڙي مـٽ ميهار
تري ڪهڙيءَ تار، جنهن ڪان گهڙي وڌي هٿ مان. *

هيءَ دراڻو سهڻي - ميهار بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي ڀيج مان ليلان - چنيسر جي بيان ۾ ٿئي ٿو.

[ ١. ميهار تي = مٿئين هار تي. پاتار = اوڙاهہ
٢. چئي مير = چنيسر. مَٽ = متاستا. ميهار = ۾ هار
٣. تار = سيڪ، ڳانيداپو. گهڙي = مهل، ساعت.]

١. ليلان، هار تي چري ٿي مئي (جو ڪؤنروءَ سان واپار ڪري) پاڻ کي وڌي هاڃي ۾ هنيائين
٢. ڪيس چنيسر نہ ڇڏيو، پر هار تي مڙس کي مٽن ماريو
٣. هاڻي ڪنهن جي آسري جيئي، جنهن کان (ڀاڳ واري) ساعت ڇڏائي وئي.

* لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ١٠٠

[٢٧٩]

لڳو مچ مونهار جو سٽڙي ٻئي سارن
سهڻن مهل سڙيءَ کي تپايو تارن
مڻايو مٌور ڪٽي، تال ڪيو تارن
پوسري پئي پاڻ ۾، لوڙي ٻئي لارن
چوهي پوءِ چني چڏيو، سوتي منجهارن
واس چڏيو وارن، ايلان سا لڏي وئي. *
(العلڻ خان لغاري)

هيءَ دراڻو ظاهري طرح ليلان- چنيسر بابت آهي، پر تجنيسي لفظن جي پاڄ سان سهڻي-ميهار جي بيان ۾ ٿئي ٿو.

[ ١. مونهار = ميهار. سٽڙي = سهڻي. سارن = سيرن
٢. سڙي = سهڻي. تارن = ميهار جي نڙ جي آلاپن
٣. مٌور = اصل گهڙو. تارن = تان رن
٤. پوسري = پوءِ سري. پاڻ ۾ = پاڻي ۾. لوڙي = لُڙهي.
لارن = لهرين
٥. موتي منجهارن = اندر جو موتي. ساه اندر جو
٦. واس = وس. وارن = واهرن. ليلان = ليلائي. لُڏي = پُڏي.]

١. ميهار جي محبت جو مچ جاڳيو ته سهڻي سير ۾ گهڙي پئي
٢. سهڻيءَ کي سٽي ميهار جي محبت جي تندن تپايو
٣. سس تال ترڪت ڪري اصل وارو پڪو گهڙو مٽائي چڏيو
٤. پوءِ سهڻي سري پاڻيءَ ۾ پئي ۽ لهرن ۾ اڙهي
٥. پاڻيءَ جي چوٽي سهڻيءَ جو ساهه ڪڍي چڏيو
٦. واهرو به ٻيوس ٿي پيا، ۽ سهڻي ليلائيندي ٻُڏي وئي.

* خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيل.

[٢٨٠]

مومل مهري ڏٺو، آيو ڪرهي ڪي ڪاهي
چڙهي آيو چانگي تي، ويٺو وير ورجائي
ڪانڌ آسرو لاهي، ان پاري ڳالهه ’پريو‘ چوي.*
(پريو)

هيءُ د رائو ظاهر ۾ مومل-راڻي بابت آهي، پر تجنيسي لفظن جي پاڄ سان سورٺ راءِ ڏياچ جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[١. مومل=مون محل. مهري=ماري. ڪرهي=ڪاوڙ، قهر. ڪاهي=ڪهي.
٢. چڙهي=چاڙهي. چانگي=چنگ. ورجائي=وڄائي.
٣. ڪانڌ=ڪنڌ جو. پاري=پوري ڪئي.]

١. مون محل ۾ ماري (ٻيجل) کي ڏٺو، جيڪو قهرڪري آيو
٢. اهو (سر وڍڻ لاءِ) چنگ کي چاڙهي آيو ۽ ويٺو وير سٽ وڄائي
٣. سگهڙ پريو ٿو چوي ته: سخي راءِ ڏياچ پنهنجي سر جو مانگو لاهي، پنهنجي پت پاري.

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل ۽ ٽنبي ي الهيار مان ولي محمد ظاهرزادي کان مليو.

[٢٨٢]

مـَن ميهاڻـن سـمـي، ويهن سمي آڏو سـُرخـُرو
ڇـَهـَـم چارڻ جي چت ۾، جـرڙ گهمن تـا جـي
ميـان تنين کي، آ ريجهه گهٽيري راوَ سان.*

هيءُ درائو ظاهر ۾ نوري ڄام تماچي بابت آهي، پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ سان مارئيءَ جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[ ١. مـي=ميهن. سـَمي=سامهون. سرخرو=خوش
٢. ڇهه چارڻ=تازو قتل سائو گاهه چارڻ. جـَرڙ=جهرڙ.
جهنگ جهرڙڻ=جهنگ ۾ آزاديءَ سان هلڻ.
٣. راو سان=رهي وس سان]

١. مـَنَ (کي) وڻين ميهن، هو مارو ساٿون ۾ ويهي (پڪا اڏين) هڪ ٻئي آڏو سرخرو ٿي
٢. اهي پنوهار جيڪي بي خوفا ٿي جهنگ ۾ پيا گهمن، تن کي مال کي تازي ٿيل گاهه چارڻ جي چت ۾ آڻ تڻ آهي
٣. اي ميان عمر! تن کي ريجهه گهٽيري آهي وَس (ميهن) سان.

---

* راوي محمد يعقوب برڙو، تعلقو ٿل.

ظاهر ۾ سورٺ-راءِ ڏياچ پر معنيٰ ۾ ٻيو موضوع

[٢٨٣]

دَرُ لنگهي سَهجاءِ، ڪيائين سُرندي سعيو تندن جو
ڪامڻ ڪي "قائم" چئي نـ، ٻيو تـارن جـو تر ٻاهه
مُـنـيءَ مگـٺهار ڪـيـو ڪـيـڏو ويره وڏاءُ
مـاڙيءَ ۾ مـشـغـول تـي سازن ريـڏو راءُ
ويـڙهه ڳالهه وٺاءِ، هاڻي ڪر نه ڪامڻ ڪينرو.*

(قائم شر)

هيءُ درائو ظاهر ۾ سورٺ-راءِ ڏياچ بابت آهي، پر تجنيسي لفظن جي ٻاچ سان ليلان-چنيسر جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ ١. لنگهي=اندر اچي. سُرندي=اڳتي ٿيندي، وڌندي. تَندُن = سُت جي تندن
٢. تارن=تان رَن (ڪوڙرو)
٣. مگٺهار=مگٺ (=گهرڻ) هار
٤. سازن=سان زن (زال=ڪوڙرو)
٥. ڪينرو=روچ، گهپي.]

١. (ڪوڙرو) ليلان جي محلات جـو در لنگهي اندر آئي ۽ سُٽ ڪتڻ جو ڌنڌو ڪيائين
٢. شاعر قائم ٿو چوي تہ: ليلان کي آن رَن (ڪوڙرو) جي اندر جو حال معلوم نہ ٿيو
٣. مُنهي (ليلان) هار مگي ڪيڏو نہ (چنيسر سان) وچوڙو پرايو
٤. (هوڏانهن) ڪوڙروءَ سان محلات ۾ رهاڻ ڪري (حقيقت معلوم ڪري) ساڻس ريجهي ويو
٥. (اي ليلان!) تـو وڏان ڳالهه هٿان وئي، هاڻي اجايو روچ راڙو نہ ڪر.

* گهنڊ-رسول پور، تعلقي ڏيرواهه ۾ سگهڙ آگيڏني شر کان مليو. ڊاڪٽر بلوچ جي ذخيري مان ورتل.

ظاهر ۾ موکي متارا پر معنيٰ ۾ ٻيو موضوع

[٢٨٥]

متارن کي لاهه، ڳالهاءِ انهيءَ ڳالهه تان
مٿ سٿرو جو ناهه ڪو، سرڪؤن سٿرڪ سواءِ
وس ويچاريءَ ناهه، پري ماڻڪ لال ڏي.*

هيءَ درائو موکي- متارن بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ سان سورٺ- راءِ ڏياچ جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ ١. متارن=مَ تارُن
٢. سٿرو=سُر. سرکون =سِرَ کان. سٿرڪ=سِرُ.
سواءِ=سوايو
٣. ماڻڪ لال=ماڻ لعلن جا.]

١. (راءِ ڏياچ ٿو چوي ته) اي ٻيجل! چنگ جي تارن کي هيٺ نه لاهه (پري وڃاءِ) ۽ اهو ئي (سر) ڪنيو اچ

٢. سِرَ جو ته مَتُ ڪونهي، پر سِرَ کان به سٺو سرايو آهي

٣. ويچاريءَ (سورٺ) جو وس نٿو هلي ۽ هو ماڻڪن جا ماڻ پريو پئي ٻيجل کي ڏئي (ته من مڙي وڃي.)

---

* متيارين مان قاضي نور محمد کان مليو.

[٢٨٦]

ترڪي ننگ تمام، فقيرن ڦٽو ڪيو
جوڳي ٻن جواهر جي ڏُرس ڏ ٻايس دام
وٺيون ٻري پاڻ ۾ ڪن ٻچ ٻردي جنگ جام
ڪاپي تار تندن جي ڪيو آڏوتن آرام
ٻچي سَٽ پورا ڪر ڏئي تو تعريف تمام
نانگ ماري تو وڏو، هئي ڪانم متارن مام
"عيسو" چئي انجام، ڪيو هوءَ تہ ڪلال سان *

(عيسو)

هيءَ دراڙو ظاهر ۾ موکي متارن بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ سان ليلان-چنيسر جي بيان ۾ ٻيهي ٿو.

[ ١. ننگ=ور، مڙس. فقيرن=ڦِڪي رن
٢. جوڳي ٻن=جوين ٻن (ڪوُنرو ۽ ماڻس). جواهر جي=جو هار جي
٣. وٺيون=وٺي. ٻچ ٻردي=گجهہ ڳوهہ ۾
٤. ڪاپي=ڪَٽي. آڏوتن=آهي ڏوٿين (ڪوُنرو ۽ ماڻس).
٥. سَٽ=عيوض
٦. نانگ=ننگ، مڙس. متارن=مُ تارُن (تندن)]

١. ڦِڪي رن ليلان پنهنجو ننگ (ور) وڃائي ڇڏيو
٢. ٻن جوين (ڪوُنرو ۽ ماڻس) ليلان کي ڦاسائڻ لاءِ پورو دام اڏي ڇڏيو هو
٣. اهي پنهنجيءَ ٻر ۾ سَٽ ڪٽيندي گجهہ ڳوهہ ۾ صلاحون ٻيون ڪن

* لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ١٠٧

٤. انهن ڏوتين (ڪوئرو ۽ مائس) مضبوط چار پڪيڙي پوءِ اطمينان سان آرام ڪيو

٥. اي ليلان! تون پنهنجو مٺا سٺا وارو سودو ٻجي ٻورا ڪرين ها تہ تنهنجي تعريف ٿئي ها

٦. تو تہ پنهنجو ننگ ور ۽ ٻتار ساري وڌو، هن رَن (ڪوئرو) کي ڪا تہ مام مليل هئي

٧. سگهڙ عيسو ٿو چوي تہ؛ هاڻي چنيسر، ڪوئروءَ جي حوالي ڪر، جنهن سان تو انجام ڪيو هو.

[٢٨٨]

ھي جو مچ مچي ويو، مون لاءِ ھن مٿي
سيسو پيو سڏ ڪري، جنھن جو ڏڙ ڪٿي
ڪينئان ڪاپار تي، ھزارين ھليا آئيا *

ھيءَ درائو ظاھر ۽ جمجما سلطان بابت آھي پر تجنيسي لفظن جي پاڃ سان سورڙي جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ ١. مچ = مڇ. مچي = مڇرجي. مون لاءِ = ملاحن
٢. سيسو = سُسيو، ڊڄيو. ڏڙ = ڏٺ (پاڻُرن جو ولر)
٣. ڪينئان = ڪيھان، ڪيھون. ڪاپار = ڪپر، ڪندي.
ھليا آئيا = حيلا ھلايا.]

١. ھي جو مڇ ھن ھنڌ (ڪن ۾) ملاحن تي مڇرجي پيو آھي
٢. سورڙو ھيڪي سڏ پيو ڪري تہ منھنجي پاڻُرن جو ولر الائجي ڪٿي آھي
٣. پوءِ ڪپر تي ڪيھون ڪندي، سڀ ساڻ لاءِ ھزارين حيلا ھلايائين.

---

* لاڙڪاڻي مان ماستر فتح محمد ڪان مليو.

[٢٩٠]

سسئي تو ڏير تہ ڪيا، جي آيا هئا ٻوتا ڪٿي ٻار
موکي ستارن ۾، تون پوءِ ڪڍين ٿي پار
ڪنوڪ نہ پيئي ڪن تي، نيوڪچون ڪاروڻار
مورڙيو تنهن لاءِ تو روئي زارو زار
هير هئي هڪ ڏار، تي رانجهو گهري رب کون.*

هيءُ دراڻو ظاهر ۾ چئن سرن بابت آهي، پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ سان سسئيءَ جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[ ١. سسئي=سي ستهي
٢. موکي=منهن+رکي. ستارن=۾+تارن
٣. نيو=نيٺون. ڪچون=ڪچ+مان
٤. مورڙيو=مون+رڙيون
٥. هير=هيئڙ. هڪ ڏار=حقدار. رانجهو=روئي+اجهو.]

١. اي سسئي! تو ڏير تہ سهي ڪيا هئا، جيڪي آئون تي ٻار ڪٿي آيا هئا

٢. اهي تارن ۾ (اڌ رات جو) پنهونءَ کي ڪٿي هليا ويا، هاڻي ٿي پار ڪڍي روئين

٣. تنهنجي ڪچ مان (پرسان) پنهونءَ کي ڪٿي ويا، انهن جي ڪنڪ ڀہ نہ پڌ يئي

٤. هاڻي پنهونءَ لاءِ زار زار روئي رڙين پئي

٥. سسئي ويچاري پنهونءَ جي حقدار هئي، پر هاڻي روئي رب کان پناهہ ٿي گهري.

[٢٩١]

عمر اسان جي ڏيهه ڏي پَڪا سيپ پَڪا
سومل ماڙيءَ تي ڏنا جهوڪين سِر جهَڪا
هير سيالين نڪتي ڪٿوريءَ چِٽا
سهٽي گهڙي سير ۾، لاهي ڪين لِٽا
ماڻهي مير مٽا، نوري پس نگاهه سان.

هيءَ دراڻو ستن سٽَرن بابت آهي، پر تجنيسي لفظن جي پاڄ سان مارئي جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[ ١. پڪا سيپ پڪا = ڪرڙن ۾ پڪا پچي پيا
٢. سومل = سون + مهل. جهوڪين = جهوڪن تي. جهَڪا = نميل، هيٺ (ڪڪر)
٣. هير = ٿڌي هوا. سيالين = مائٽن وٽان، مارن وٽان، ڪٿوريءَ چِٽا = ڪٿوريءَ جي چِٽ، سرهاڻ
٤. سهٽي = سُٺي
٥. ماڻهي = مائٽين. مٽا = مٽ. نوري = نيڪ. ]

١. اي عمر! اسان جي ڏيهه ۾ هينئر ڪرڙن ۾ پڪا پچي پيا آهن

* راوي قادر بخش چانديو، ڳوٺ لڏاڻ لڳ خيرپور ناٿن شاهه، ڪڇهري ڳوٺ رئيس گهنور خان لغاري، لڳ پٽ گل محمد جوهي، تاريخ ٤- جولاءِ ١٩٥٤ع، ۽ بي روايت عالم خان پير، ڪڇهري جوهي، تاريخ ٢٦- جنوري ١٩٥٨ع.

٢. مون محل جي ماڙيءَ تان چڙهي ڏٺو ته مارن جي جهوڪن تي جهڙ ٿيا آهن

٣. (هن مند ۾ مارن وڻان جيڪا) ٿڌي هير ٿي اچي، تنهن ۾ ڪٿوريءَ جهڙي سرهاڻ آهي

٤. عمر جي انصاف جون ڳالهيون ٻڌي، (مارئي) اهاڻا ڪوڙا اصل نه مٽايا

٥. اي نيڪ نظر وارا عمر بادشاهه! ڏس ته منهنجن مائٽن ۾ مٿي تي مٽ کڻيو پيون ڪوهن تان پاڻي ڀرين.

[٢٩٢]

مارئي هلي ڦر چارڻ، ڏڪندي منجهان ڏير
ليلان تنهن هارکي ڪري مهميزون مهمير
سسئي ڪري سيِر، لنگهي لڪ ڏيرن ڪيو. *

هي دراڻو ظاهر ۾ ٽن سرن بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي پاڇ مان سورٺ جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[ ١. مارئي= ماءُ+روئي. ڦرُ= ڦيرُ (= وري). چارڻ= پيچل. ڏيرُ= ڏيلُ

٢. ليلان= ليلائي. هار= مڱڻهار. مهميزون= آزيون. مهمير= مُنهن+ميرُ

٣. سسئي= سِسِي. سيِرَ= ودي. لنگهي= مڱڻهار. لَڪُ= لقب. ڏيرن= ڏيئي+رن.]

١. (راءِ ڏياچ جي) ماءُ، ڏيل ۾ ڏڪندي روئندي ڦيري چارڻ کي منٿ ڪرڻ آئي

٢. (سورٺ) صبوح سوير ليلائي مڱڻهار کي آزيون ڪيون

٣. پر هن (پيچل) سسي ودي (سورٺ کي) رن زال جو لقب ڏنو.

---

* ڪراچيءَ مان صالح محمد سمي کان مليو.

[٢٩٣]

سنهري هليو هو سسئي لاءِ، چانگي کي چائي
ليلان ڪؤنرو ذات کي ٻيئي سگا سٽلائي
عمر مونندو ڪينڪي، آيو مارن ڪاڻ آهي
سو ڪانڌ آسرو لاهي، موني ويو "محمد" چوي.*

(محمد خشڪ)

هيءَ د رائو ظاهر ۾ چئن سرن بابت آهي، ٻر تجنيسي لفظن جي ٻاچ سان سورٺ جي بيان ۾ تئي ٿو.

[ ١. سسئي=سيسي. چانگي=چنگ

٢. ليلان=ليلهايو. ڪؤنرو ذات=ڪمذات. سگا=ساگيا. مٽلائي=مٽلائي، ٻڌائي

٣. عُمر=آمرُ (حڪم). مارن=مان+رَن

٤. ڪانڌ=ڪنڌ. آسرو=سيرو، سيري.]

١. (ٻيجل، راءِ ڏياچ جي) سيسي وڏڻ لاءِ چنگ کڻي سنهري آيو هو

٢. آن ڪمذات (ٻيجل) کي سورٺ ليلايو ٻيئي دانهون ٻڌائي

٣. چئي: آمرُ ائين آهي، سو ڪين مونندو، اهو مون کي رن زال ڪرڻ آيو آهي

٤. سو (ٻيجل) ڪنڌ وڍي، سيسي لاهي موني ويو.

* متيارين مان قاضي نورمحمد کان مليو.

[٢٩٤]

وٽ ليلان ڪؤنرو، سسئي پنهون تون
عمر سارئي ڪنين نه، ٻڌو مون
ساهڙ سهٽي تو ڏيان، ميهر ڪرين مون
ناهي تماچي جن ۾، نيئي چا ڪندون
آئي ناڻا جمال بديعل ڪٿين تو تون
"امام بخش" اکيون، سورٺ ڇڏ ڙي منگتا.*

(امام بخش)

هيءُ درائو ظاهر ۾ متن مرن بابت آهي، پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ سان سورٺ جي بيان ۾ ٿئي ٿو.

[١. ليلان = لعلون. ڪؤنرو = ڪروڙين. سسئي = سيسي. پنهون = پڙنين

٢. عمر = چمار. مارئي = مارو + هي

٣. ساهڙ = سا + هڙئي. سهٽي = سهيڙي. ميهر = ميهر، رحم

٤. تماچي جن = طمع + چيزن

٥. ناڻا = نه. جمال = جو + مال. بديعل = بدي + حال

٦. سورٺ = سو + رٺ = هٺ.]

سورٺ، ٻيجل کي ٿي چوي ته:

١. ڪروڙين لعلون وٽ، سيسي (ڏياچ جي) تون چئو ٿو پڙنين

٢. هيڙو مارو (ظلم) اسان سڀي چمار ڪونه ٻڌو

٣. هڙئي مال توکي ڏيان، جي مون تي مهر ڪري (ڏياچ کي ڇڏين)

٤. جنهن مال (سيسيءَ) ۾ تنهنجي طمع ڪانهي، آها وٺي چا ڪندين

٥. آنهيءَ سيسيءَ مان ڪجهه نه ملندئي، بدحالي (خواري) ٿو ڪٿين

٦. اي منگتا، اهو هٺ ڇڏ، ڏياچ مون کي بخش ڪر.

* لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ص ١٢٦

ظاهر ۾ ڇهه سر پر معنيٰ ۾ ڏک بيان حضرت اسماعيل جي قربان ٿيڻ جو

[٢٩٥]

وٽي پـايـو مـارئـي، وٽـي تـان نـه وٽي
ليليٰ ڏنـو هو پانهي کـي وجهي منجهه وٽي
ڪامڻ پنهنجي ڪانڌ لاءِ هـلـي وير وٽي
ليلان پنهنجي لاڏ کـان ويـئـي ڪين وٽي
سـهـڻـيءَ کي سـيـرَ ۾ وڌو ويـر وٽي
خـون خاطر خيال جـي ويـنـو ويـر وٽي
سو ويو ويـر وٽي، پوس ڪـڪ ڪـن تـي.

(جاڙو خان مري)

هيءَ دراڻو ظاهر ۾ 'ستن سمّرن' بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي ڍنگ سان حضرت ابراهيم جي پٽ واري قرباني جي بيان ۾ ٺهيل آهي.

[ ١. وٽي=وٽي. مارئي=ماءُ+رئي، پوتيي. وٽي=موٽي. وٽي= وات تان
٢. ليلان=ليلله، خدا ڪارڻ. پانهي=بندي، حضرت ابراهيم. وٽي=عيوض
٣. ڪامڻ=ڪنهن+منهن. ڪانڌ=ڪنڌ. وٽي=وٽي
٤. ليلان=الله کان. لاڏ کـان=لاڏکي، لاڏلي. وٽـي=قابو ڪري، جهلي
٥. سهـڻـيءَ=سهڻي (پٽ، حضرت اسماعيل). سيرَ=تڪبير وٽي=وٽي
٦. خاطر=خطري. خيال=خليل. وٽي=پڪڙي، قابو ڪري
٧. وٽي=اوت تي. ڪـڪ=آواز]

---

* خود سگهڙ جي زباني (١٩٦٨ع ڌاري) قلمبند ڪيل.

١. ماڻهن پنهنجي (پوتيءَ ۾) وڏي پٽ کي ٻيءَ (حضرت ابراهيم) سان گڏ وات تي روانو ڪيو

٢. الله جي وات ۾ پٽ جي ٻانهن حوالي ڪيائين

٣. (حضرت اسماعيل) الله جي حڪم تي پنهنجي ڪنڌ ڪپائڻ لاءِ ٻيءَ سان گڏ هليو

٤. الله جي رضا ڪان پنهنجي لاڏلي پٽ کي ميڙو ڪين ڪيائين

٥. سهڻي (حضرت اسماعيل) کي ڪهڻ لاءِ ٻڌي سمهاريائين

٦. خطرو هنس تہ متان محبت جي جوش مان هٿ لڏي وڃي، اکين تي پٽي ٻڌائين

٧. پوءِ اوت تي (دنبي کي) ڪٺائين، ۽ پٽ کي صحيح سلامت وٺي هليو.

[٢٩٦]

سسئي رهي سيج ۾ ڪائي ٽولاڪا ٽڪر
موسل رهي مذڪور ۾ جنهن جو وڏڙو ڪانڌ ڪپر
سامي ۽ ڪان سَرُ ويو، هن جو برتن رليو بَرُ
مارئي پانئي عمر ڪان، هتي ٿا ڪن فريادون قَرَ
سهٽي سِرُ قتو ڪيو، جنهن تي ڏمريو ڏاتر
ليلان ڪي لڪن تان ويو چانئي چنيسر
"امام بخش" اپر، مون کي انهي مذڪور جو.*

(امام بخش)

هيءُ دراڙو ظاهر ۾ ستن سرن بابت آهي پر تجنيسي لفظن جي پاچ سان جمجما سلطان جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[١. سسئي=سِيسِي. ٽڪر=ٽڪرو
٢. موسل=محل. ڪانڌ=ڪنڌ. ڪپر=ڪپراٽي
٣. سامي=قبر جو کُجهه، لحد. سَرُ=سِرُ. برتن=بدن
٤. مارئي=مارو، موت. عمر=آمُر. قَرَ=قُرَ
٥. سهٽي=سٽي، ٻڌي
٦. ليلان=ليلايو. چانئي چنيسر=چايو ويس سِرُ.]

١. (حضرت عيسيٰ کي) ڪپراٽي سيج ۾ ٽولاڪا ڪائيندي نظر آئي
٢. ڪڏهن ته محلن ۾ هوندي هئي، اڄ ڌڙ ڪان ڌار ٿي رلي
٣. جو قبر لاش اوگهاري ٻاهر آڇلايو، سِر جدا رليو ۽ ڌڙ جدا رليو

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

٤. خدا جو امر (ذمر) سمجهي فرياد ڪيائين (تہ هي مون سان ڇا ٿيو؟)

٥. جواب مليو تہ: تو مظلومن جون آهون سٺي بہ داد نہ ڪيو تڏهن توتي ڏٺي جو ذمر ٿيو

٦. تڏهن ليلايان پئي تہ سن ڏٺي پاڇهہ ڪري مون تان هي ذمر لاهي

٧. "امام بخش" شاعر تو چوي تہ: مون کي (ڪوپريءَ جي) انهي مذڪور جي ڏاڍي آڻ تڻ آهي.

# پاڱو پنجون

## ڇهروان هنر

## نثر جي سٽاءَ وارين ٽڪن يا جملن وارا

## تجنيسي هنر

# ڀاڱو پنجون

## ڇېڙوان-هنر

هن کان اڳ چئن ڀاڱن هيٺ موضوع وار هنر ۽ دراوا ڏنا ويا آهن پر آهي هڪ ته بيتن جي صنف ۾ منظوم آهن، ٻيو ته هنرمندي جي لحاظ کان پڻ شاعريءَ جو اعلى نمونو آهن. پر هن ڀاڱي ۾ شامل هنر انهن جي برعڪس هڪ ته ننڍن ننڍن نثري جملن ۾ ڏنل آهن ٻيو ته ليڪ وارن لفظن کي ڇېڙي يا بدلائي ٻيا لفظ ڏاهيا ويا آهن. مثلاً:

- آڏيا پئسا ڏيئي ويا = آڏيءَ هليا پاسا ڏيئي ويا
- سوداگر آيا = سڏا گهر آيا
- مان سائو ٿي ڪريان = مان ما ووءِ ووءِ ٿي ڪريان
- ڀُونا ڪابل ڪري = ڀوءِ نڪ ۾ بولو ڪري
- سيڙو ڀڳلائن سان = سيڙ ڀوي لائن سان، وغيره.

لفظن جي اهڙيءَ ڀاڃ ۽ ڇېڙ ڪري هنن هنرن کي 'ڇېڙوان-هنر' جي عنوان هيٺ رکيو ويو آهي.

هيٺيان هنر ٻن ٻابن ۾ ورهايل آهن: پهرئين باب ۾ موضوع وار هنر: يعني ظاهر ۾ شهرن، ذاتين، راندين، ٻڪر ۽ ٻين جنسن جا نالا، پر تجنيسي لفظن جي ڀاڃ سان سسئي، مارئي، مومل، ليلان وغيره جا موضوع نروار ٿيل آهن. ٻئي باب ۾ هنر دراوا ڇېڙوان، شامل آهن جيڪي ظاهر ۾ هڪ قصي بابت چيل آهن، پر لفظن جي ڀاڃ ڪان پوءِ انهن مان ٻيو قصو ظاهر ٿئي ٿو ۽

# باب پهريون

## موضوع وار چيروان هنر

### سسئي جي موضوع وار هنر

[۲۹۷]

هيءَ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ هڪ ئي لفظ 'پئسا' هيٺين طرح ٽي ڀيرا آندل آهي، جنهن سان تجنيسي ڀاڃ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[پئسا = پٽ ۾ سان (پٽ = مٽس)
پئسا = پٿرسا = ڪارڻ، حيلو
پئسا = پوسا = روئي ڪپڙا آلا ڪرڻ، پسائڻ.]

| | |
|---|---|
| جڏهن ڏٺا هيٺي پئسا | جڏهن مٽس سان گڏ (ڏيرِ) ڏٺا هيٺي |
| پوءِ چونم ڪيئي پئسا | پوءِ چونم (روڪڻ جي) ڪارڻ ڪيئي |
| هاٿي چوٿي ڪرين پئسا | هاٿي چوٿي (روئي) ڪپڙا پسائين |

---

* تعلقي واره مان غلام رسول جتوئيءَ کان مليو.

[٢٩٨]

هيءَ هنر 'سمئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ 'ناٽي' متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي ياج جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[دمڙي=دم ڙي. ڪتيرا=ڪي ميريا. آڏيلا=آڏيءَ هليا.
پئسا=پاسا. ٽڪا=ٽڪيا، آنا=آءٌ نہ. پياني=پاڻهي .
پائلي=پاڻهي (اڪيلي). آڏي=ادي. رپئي=روئي پوئيون.
ستوَ=ساهہ.]

| | |
|---|---|
| دمڙي ڪتيرا | دم ڙي ڪي ميريا |
| آڏيلا پئسا ڏيئي ويا | آڏيءَ هليا، پاسا ڏيئي ويا |
| ٽڪا آنا پياني | ٽڪيا نہ آن (مان) پاڻهي وٽ |
| پائلي آڏي | پالهيي آڊي ڪيان چا |
| رپئي وڃان | روئي پوئيون وڃان |
| ستوَ گهوريان | ساهہ گهوريان |
| تن تؤن "گل بهار" چئي | تن تؤن "گل بهار" چئي. |

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٣٩٩]

هيءُ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ناٿي متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[رُپئي=پَنئہ، مڙس. آڏي=آڏي. پاڻليون=پاڻي واليون.
پيانيون=پيون ليون. آنڪانُ (آنڪون)=آنُ نہ ڪيان.
ٽَڪا=تِڪانُ. پئسو=پئي سَوءَ. آڏيلي=آڏيلوءَ.
ڪَسيرو=ڪو سِرُ. دمڙي=دم ڙي.]

| | |
|---|---|
| رپئي واري هرڪا | پَنئہ (مڙس) واري هرڪا |
| آڏيءَ واري نہ آهِ | آڏِي واري نہ آهِ |
| پاڻليون پيانيون آنڪان | پاڻي واليون پيون نيون آنُ نہ ڪيان |
| چڏيو ٽڪا مٽائي | چڏيؤن تَڪانُ (ٽاٽا) مٽائي |
| پئسو آهي مان ڪي | پئي سَوءَ آ مانڪي |
| آڏيلي ويند ياس | آڏي لوءَ ويند ياس |
| ڪسيرو هي دمڙي | ڪو سِرُ هيءُ دم ڙي |
| گهوريان تن تان "گلبهار" چئي. | گهوريان تن تان "گلبهار" چئي. |

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٣٠٠]

هيءَ هنر 'سسئي' جي بيان ۽ چيل آهي جنهن ۾ ڪنهارڪن ڦانون متعلق الفاظ آندل آهن جن سان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڪونڊو = ڪو ڍنءُ. ڏيگڙو = ڏگڙو. سوداگر = سدا گهر. پيالو = پٽءِ (مڙس) لوءِ (وطن). جمني = جتمُ (جدائي، سيڪت) نيي. ماڻوئي = موٽائي.]

| | |
|---|---|
| ڪونڊو رکي | (ڏير) ڪو ڍنءَ رکي |
| ڏيگڙو وٺي | ڏگڙو (ڪس) وٺي |
| سوداگر آيا | سدا (سسئي جي) گهر آيا |
| پيالو وٺي | پٽم لوءِ وٺي |
| جمني ڏئي | جتمُ نيي ڏئي |
| ماڻوئي وٺي ويا | موٽائي وٺي ويا |
| "ميوو" چئي. | "ميوو" چئي. |

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.
سگهڙ ميوو ولد الهندو ڦلپوٽو، ويٺل ڳوٺ محمود ڦلپوٽو، تعلقو خيرپور، ڪجهه سال اڳ گذاري ويو. ميوو ڦلپوٽو هنر جو وڏو قابل سگهڙ هو. گل بهار ڦلپوٽو به ڪانئس سکيو. ساڻس ١٦، ١٧ - اپريل ١٩٨١ع تائين ڪچهريون ٿيون (ن-ب).

[٣٠١]

هيءَ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ڏاٽن (وقت) متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي ڀاڃ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڪالهه = ڪَلَ لهه . آٽ = آٽ . اڄ = آڄهه . ڀوڄاڙي = ڀويان ڙي.]

ڪالهم آٽ مٽي — ڪل لهم، آٽ مٽّي (سسئي)!
اڄ پوڄاڙي — آڄهم (پنهون جي) ڀويان ڙي!

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

[٣٠٢]

هيءَ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ميچيءَ متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش مان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[ٻـَلو=ٻـَلـئـُـم، وير. ڏهه هاريون ('هاري' ۾ ڪيرو، آنيارو ۽ ٻلا ٽين)=ڏوهاري.]

ڏيرن ٻلو ورتو ڏيرن (سسئي ڪان) ٻلئم ورتو
پر ڏهه هاريون ڪري پر (ڪيس) ڏوهاري ڪري.

---

* ڪراچيءَ مان محمد صالح سمي ڪان مليو.

[٣٠٣]

هيءُ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ هيٺيان رنگن جا نالا آندل آهن جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش مان مراد سمجهائي وئي آهي.

[هيڊو=هاءِ ڏوهه. سائو=سا ووءِ ووءِ. ڪارو=ڪا روهه.
ناسي=ناس، چٽ.]

| | |
|---|---|
| هيڊو ڪري ويا | هاءِ ڏوهه ڪري ويا |
| مان سائو ٿو ڪريان | مان سا ووءِ ووءِ ٿي ڪريان |
| ڪارو پسي موني اچي | ڪا (ٻي) روهه پسي موني اچي |
| مان آتي ناسي ٿيان | (پر) سان اتي (شل) ناس ٿيان. |

* تعلقي اباوڙي مان شيخ محمد فاضل کان مليو.

[٣٠٤]

هيءَ هنر 'مستي' جي بيان ۾ آهي جنهن ۾ هيئيان ذاتين جا نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[دايا = دانهون. ٻـڌ = ٻڌي. سـهول = سهيليون. خـروس = خير سو. آهيڙي = آهي ڙي. جتوئن = جتن. راهوجا = راجا. مـڪولاٽي = موڪلاٽي. نيرولي = لـ رلُ. جوکيي = جکائي. ناچ، ناڃ = نہ ڇنو. مهيسر = مون هي سر. سـروهي = (سروهي ذات جا گهڻا تعلقي ۾ رهن) سـُرهي. تـُنـوَر = تنهن ور.]

| | |
|---|---|
| دايا ٻـڌ سـهول آيس | دانهون ٻڌي سهيليون آيس |
| خروس تہ آهيڙي | خير سو تہ آهي ڙي |
| جتوئن راهو جا نيو | جتن راڄا نيو |
| هاٿي مـڪـولاٽي اهيئي اٿو | هاٿي موڪلاٽي اهائي اٿو |
| نيرولي ڙي جوکيي نہ | نہ رلُ ڙي، جکائي نہ |
| اِهي ناچ مهيسر ڏئي | اُئين نہ ڇنو، مون هي سر ڏئي |
| سروهي ڏيان | سـُرهي ڏيان |
| تـُنـوَر اکيؤن "احمد" چئي. | تنهن ور اکيؤن "احمد" چئي. |

---

* تعلقي خيرپور مان سگهڙ عبدالرحمان مهيسر کان مليو.

سگهڙ احمد بخش ولد حاجي عبدالله ناريجو، ڳوٺ ميان خان خاصخيلي تعلقي خيرپور جو رهاڪو آهي. سندس استاد مرحوم سگهڙ محمد عمر سومرو هو. هن وقت (١٩٩٠ع ۾) سندس عمر ڇاهٺ سال آهي.

[٣٠٦]

هيءُ هنر 'سسئي' جي بيان ۽ چيل آهي جنهن ۾ هيٺيان 'پاڻي جي سوارين' جا نالا آندل آهن، جن جي تجنيسي ڀاڃ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ ٻتيلا = ٻتليا . جهاج = جنهن هاج . آگبوٽ = اڳ ٺي ٻُڌي . ٻيڙيون = ٻيو ڙي . ڊونڊا = ڍُونڊي . ٻيڙا = ٻڙها (وڏا جوانمرد، وڏا مڙگها جوان) . لانچون = لوچي ]

| | |
|---|---|
| ٻتيلا ڏٺم ڪينڪي | (ڏير) ٻتليا ڏٺم ڪينڪي |
| جهاج آيا آگبوٽ ويا | جنهن هاج آيا اڳ ٺي ٻُڌي ويا |
| ٻيڙيون مان ٻن ڏيان | ٻيو ڙي مان ٻن ڏيان |
| ڊونڊا ٻيڙا ڏسان شال | ڍونڊي ٻڙها ڏسان شال |
| لانچون لهان | لوچي لهان |

تہ وڃن غم لهي ”گلبهار“ چئي. تہ وڃن غم لهي ”گلبهار“ چئي.

---

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٣٠٨]

هيءُ هنر 'مارئي' جي ٻيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ شهرن جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ٻتُونا ڪابل=ٻوء اڪ ۾ ٻتُولو]

ٻتُونا ڪابل ڪري      ٻوء نڪ ۾ بولو ڪري
تہ مارو ڏينس مهٽا      تہ مارو ڏينس مهٽا.

* تعلقي روهڙي مان عبدالرزاق ٻاليٺ کان مليو.

[٣٠٨]

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ گهر متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي ڀاڄ جي ڪوشش مان مراد سمجهائي وئي آهي.

[مان زال = مجال. منهنجو = مُنجهيو. مڙس تون = مُڙ سو تون. ڀڙراٽيون = ڀڙن واريون ڀڪيون (جايون)، ماڙيون. سوڙيَنِ = سو هُڙيَنِ، ويڙهيَنِ]

| | |
|---|---|
| مان زال تنهنجي سومرا | مجال تنهنجي (ڦاهي) سومرا |
| منهنجو آهين مڙس تون | منهنجو آهين، مڙ سو تون |
| "محمد" چئي: تنهنجي | محمد چئي! تنهنجي ڀڪون |
| ڀڙراٽين مان | ماڙين مان |
| آئي وڃي سمهان سوڙيَن. | آئي وڃي سمهان هُڙيَن (ويڙهين) ۾.

[٣٠٩]

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ 'ناٿي' متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ڀاڃ جي ڪوشش مان مراد سمجهائي وئي آهي.

[پنسو=پٽڻ (مڙس) سو. ٽڪو=ٽڪر، داغ. آنڪ=آءَ ٽڪ. ڀياني=ڀيا لي]

| | |
|---|---|
| آهي سو پنسو | آهي سو (منهنجو) مڙس |
| ڪين ڪنديس ٽڪو | (ڪنڀر ڪي) ٽڪو ڪين لائينديس |
| آنڪ واريءَ ڪي | آنءُ ٽڪ واريءَ ڪي |
| ڏمس نه ڀياڻي | ڀيا (مڙس) ني نه ڏمس (آيچ). |

* راوي محمد يعقوب ٻرڙو (تعلقو ٺل).

[٣١٠]

هيءَ هنر مارئي جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ 'نائي' متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[رپيو = روپيا . ٻارهن آنا = ٻار آنَ ڌ (آهيان) . ڏهه آنا = ڏاها ٿ . آڏي = آڏي . ست آنا = سي طعنا . ڇهه آنا = شان نه . پائليون = پاءِ واليون . ٻه آنا = ٻهان ويهان . آنا ٽڪا = آنَ ڌ ٽڪان]

| | |
|---|---|
| رپيو آچ نه سومرا | روپا (گهه) آچ نه سومرا |
| ٻارهن آنا | ٻار آءٌ ٻه ناهيان |
| ڏهه آنا آڏي چئو | ڏاها ! آن (مونکي) آڏي چئو |
| متان هڻن ست آنا | متان هڻن طعنا |
| ڇهه آنا تنهنجا نه | (اهي) شان تنهنجا نه آهن |
| پائليون چوين | (جو مونکي) پاءِ واليون چوين |
| ٻه آنا نه | (تو وٽ) ٻهان (ويهان) نه |
| آنا ٽڪا "عثمان" چئي . | آءٌ نه ٽڪان "عثمان" چئي. |

---

* سگهڙ عبدالرحمان مهيسر کان مليو.

محمد عثمان ولد الهڏلو چانڊيو، ويٺل ڳوٺ عالي واه تعلقو خيرپور. حال حيات، عمر اندازاً پنجاهه سال، حاجي فقير مهيسر سندس استاد هو.

[٣١١]

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ 'جواهرات' متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[هيرا=هيءَ راءِ. جواهر=جنهن وار. ماڻڪن=مان ڪنن. لعلون=لاءِ نہ تون. موتي=موت]

هيرا جواهر تون ڏين — هيءَ راءِ جنهن وار تون ٿو ڏين
ماڻڪن لعلون نہ تون — ڪنن مان لاءِ نہ تون
تنهن ڪان اٿيئي — تنهن ڪان اٿيئي
موتي پلو "محمد" چئي — موت پاو "محمد" چئي.

[٣١٢]

هيءُ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ طعام متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ساڳ=سانگي. ٻوٽي=ٻُٽي. ٻُلائن=ٻوء لائڻ. ٻوڙ=ٻوڙي ڇڏ]

ساڳ نه ڀلا سومرا
ٻوٽي سا سرهي
تنهنجي ٻُلائن ڪان
مونکي ٻوڙ ڀلا

سانگي نه ڀلا سومرا
ٻُٽي ٻوڪي سرهي آهيان
توسان لائڻ ڪان
مونکي ٻوڙي ڇڏڻ ڀلو آهي.

---

* تنبي الهيار مان ولي محمد طاهرزادي کان مليو.

[٣١٣]

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ طعام متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان نجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[١. نمڪ=لڻ آڪ. ساه=ساءُ. ٻروچ ڪي= ٻرو چڪي.]

| | |
|---|---|
| تنهنجا چانور چورما | تنهنجا چانور چُورما |
| مونکي نمڪ ساه لڳن | مونکي نم آڪ جي سماء (ڪڙا) لڳن |
| تنهنجي ٻوڙ پلاهن | تنهنجي ٻوڙ پلائن (ڪانئن سان) |
| منهنجو حال ٻروچ ڪي | مونکي ٻرو (تپ) ٿو چڙهي. |

* راوي چنيسر خان عمراڻي، ويٺل ٻيرل آباد تعلقو استو محمد، عمر ٧٠، ٧٠ سال هرفن مان واقف، ڳجهارت جو مٿو ڳولو. ڪڇهري ٻيرون، زمين مير شاهنواز خان جمالي، تاريخ ٢٩-مارچ ١٩٦٩ع ۾ ٻي روايت روهڙي مان عبدالرزاق کان ملي.

## [٣١٤]

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ طعام متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ڀاڃ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[حلوو=هلبو. سيرن=سير (ست ميل). بسريون=ٻچڙيون. گيهتن=گيهل. ٻوٽيون=ڀٽيون. چانورن= وَرن (مڙس). ڀڪر=ٻيڪٽ. ڪڪڙن=ڪُهڻ. جليبي=جلي پئي. تپاشن=تپائڻ. ٻروچ=ٻرو (تپ).]

| | |
|---|---|
| حلوو سيرن سان | هلبو سير (ست ميل) سان |
| بسريون گيهتن سان | ٻچڙيون گيهل سان (هلنديون) |
| ٻوٽيون چانورن سان | ڀٽيون ورن سان (سونهن) |
| ڀڪر ڪڪڙن سان | ٻيڪٽ ڪُهڻ سان (ڏين) |
| جليبي تپاشن سان | (دل) جلي پئي تپائڻ سان |
| چانور ٻروچ ڪي. | چانور (چڻ تہ منهنجي لاءِ) ٻرو آهي. |

* راوي محمد يعقوب ٻرڙو، تعلقو ٺل. هي روايت اباوڙي مان محمد عالم خانپوري کان ملي.

[٢١٥]

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ طعام متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي پاج جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ريوڙيون=ري وڙيون. چانورن=چاهه ورن سان. سيرو=سير. پلاون=پوي لائون. لڏون =لڏيو. حلون=هلن]

| | |
|---|---|
| ريوڙيون چانورن سان | ري وڙين (جو) چاهه ۾ پنهنجن ورن سان ٿئي |
| سيرو پلائن سان | سير پوي لائن سان |
| لڏون حلون سان. | لڏيو هلن (آنهن ورن) سان. |

---

*روهڙي مان عبدالرزاق پانيٺ ڳان مليو.

[٣١٦]

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ جوڳين متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن سان تجنيسي پاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڪابولي=قبولي. سناسي=سنهان سي. جوڳي=لائق. ڪاپڙين= ڪپڙن جي. آدوتي=آدو تي. مگهريءَ=منگهن ريءَ.]

| | |
|---|---|
| ڪابولي بولو ئي نه پايان | (توکي) قبولي بولو (ڳهه) ئي نه پايان |
| سناسي سير نه پايون | سنهان (روا) سي اسين سير تي نه پايون |
| ناهيان جوڳي ڪاپڙين | لائق ڪپڙن جي ناهيان |
| آدوتي چئو انهن کي | آدو تيءَ (آهي) انهن کي آڇ |
| جيڪي ميان مگهريءَ چڙهن. | جيڪي منگهن ريءَ (لوکها ڪري) ڏسن. |

[٣١٧]

هيءُ هنر ’مارئي‘ جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ هيٺيان ذاتين جا نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش مان مراد سمجهائي وئي آهي.

[جلالائي=جهلي آئين. منگلجا=مڱيل جا. شتر=شرع]

ادا عمر! جلالائي منگلجا شتر چا چوندا.

ادا عمر! جهلي آندئي جا مڱيل (تنهن لاءِ) شرع (وارا) ڇا چوندا!؟

---

* تعلقي واره مان غلام رسول جتوئي کان مليو.

[٣١٨]

هيءَ هنر ’مارئي‘ جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ڪوڪي راهي متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن سان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ پيهو = پيءُ هو. ڪالياٽي = ڪنيئي پيٽ. هڪل = عقل. جهار = وينجهار، ڏاهو.]

پيهو ٻنهي جو هڪڙو ۔۔۔ پيءُ هو ٻنهي جو هڪڙو
ڪٽي ڪانياٽي ۔۔۔ ڪٽي ڪنيئي پيٽ
هڪل ڪر، جهارٽي. ۔۔۔ عقل ڪر، وينجهار ٽي.

[۳۱۹]

هيءَ هنر 'سهڻي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ 'زال مڙس' جي تعلق بابت الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاجھ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ ڀتار=اڀئون تار. ڪڙو=ڪڙيو. آئي زال=عزرائيل. گھوڙو=گهڙو، دلو. گهمائي=ڪُمائي، غرق ڪري.]

جڏهن هو ڀتار جڏهن هو اڀئون تار (درياء)
تڏهن ڪڙو ڪري ڀانيم تڏهن ڪڙيو ڪري ڀانيم
جڏهن آئي زال جڏهن آيو عزرائيل
تڏهن گهوڙي گهمائي ڇڏيو. تڏهن گهڙي گنوائي ڇڏيو.

[٢٢٠]

هيءَ هنر 'سهڻي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ڪنهارڪن ڌانون جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش مان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڪنهي=ڪُن. دالگي=داغي، مياري. گهڙي=وقت. ڏڪٽي=ليڪائٽي.]

ڪنهي ڏسي نه پنل — ڪٽن ڏسي نه ڀٽلج (وسارج)

متان دانگي ٿين — متان داغي(ميهار وٽ مياري) ٿين

گهڙي چوندي ڪٿ — مهل (ترڻ جي) جانچي وٽ

متان ڏڪٽي پئين. — متان ليڪائٽي پوئي.

---

* تعلقي آپاوڙي مان شيخ محمد فاضل کان مليو.

[٣٢١]

هيءَ هنر 'سهٽي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾
قرآن شريف سان متعلق هيٺيان الفاظ ۽ اصطلاح آندل آهن، جن سان
تجنيسي ڍاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ايمي=اي مائي. سيپارو=سيءَ پارو. رڪوع=روڪ. ختمو=
خاتمو. ڪلمو پڙهيو=وعدو ڪيو.]

| | |
|---|---|
| ايمي چڏ | اي مائي چڏ |
| مونکي سيپارو ڇا ڪندو | مونکي سيءَ پارو ڇا ڪندو |
| رڪوع نہ ڪر تون | روڪ نہ ڪر تون |
| ڪيو مون ختمو | ڪيو مون خاتمو |
| ساھڙ سان ڪلمو پڙهيو | ساھڙ سان مون ميثاق ۾ ٿي |
| مون ميثاق ۾. | وعدو ڪيو هو. |

---

* تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو.

[٣٢٢]

هيءَ هنر 'ليلان چنيسر' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ هر، ڏانند واري موضوع متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان نجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

ڏڳو=ڏڳ. هرن=هارن. وَهـُو (هر يا نار ۾ سنو وهندڙ، هلندڙ)=ويهـُون. پارت=پريت. ڏانند=ڏاڍي. اڪ=اڪ. ڪاٺو=ڪڙو. جڙو=جهيڙو.]

سون جو ڏڳو اٿئي ڙي ليلان سون جو ڏڳ اٿئي ڙي ليلان
هرن جو وَهـَو اٿئي ڙي ليلان هارن جون ويهون اٿئي ڙي ليلان
پارت اٿئي ڏاند جي ڙي ليلان (چنيسر سان) ڏاڍي پريت هيٺي ڙي ليلان
اڪ ڪان ڪاٺو اٿئي ڙي ليلان (هاڻي) اڪ ڪان ٻه ڪڙو اٿئي ڙي ليلان
جڙو اٿئي، ويجهو وڃينس ڙي ليلان! جهيڙو اٿئي ۾ وڃي ڏسينس ڙي ليلان!

*راوي غلام رسول گوپانگ، ڪچهري ڳوٺ سرائي امام بخش گوپانگ تاريخ ٧- جولاءِ ١٩٦٨ع. ٻي روايت واره مان غلام رسول جتوئي کان ملي.

[٢٢٣]

هيءُ هنر 'ليلان-چنيسر' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ گهوڙي جي رنگن (قسمن) جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ابلق=عيب لڪ. بور جا=ڀُوريا ڏڪيا. سائي=ساهه ويئي. مرخي=سُرڪي. ڪميت=ڪُمت. چيني=چوَني.]

ابلق بور جا ليلان! (چنيسر) عيب لڪ ڀُوريا (ڏڪيا) ليلان!

سائي مرخي ليلان! ساهه ويئي سُرڪي (هار تي) ليلان!

ڪميت چيني ليلان! (تڏهن) ڪُمت ٿا چوني ليلان!

---

*مٿيارين مان قاضي نور محمد کان مليو.

[٣٢٤]

هيءُ هنر 'ليلان - چنيسر' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ تور ۽ سؤدي بابت هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي ياچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڪَهر = ڪونرو، آني = آءٌ نه. پاءُ = پايان. ٽڪو = توکي. ساهمي = ساهه مٿون. توري = تو ريءَ. مٺائي = اي مٺا.]

ڪَهر وڪيم آني پاءُ ڪؤنرو کي وڪيم، آءٌ نه پايان
ٽڪو چڏ يندس ڪين ميان توکي ڇڏ يندس ڪين ميان
ساهمي توري ساهه مٿون (آءٌ) توريءَ
مٺائي ڏيندين ڪين ميان. اي مٺا! ڏيندس ڪين ميان!

* ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[٣٢٥]

هيءَ هنر 'ليلان - چنيسر' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ٽڪر جي ڏانون جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاڇ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڪؤنري=ڪنواري. دليون=دليئون. پارو=پيارو. ساڳو=سڳو. ڪينگر=ڪئن گهر. ٽيو=ڀؤ. دڪي=دڪ. پاتوڙو=پٺ توڙي. تؤنر=تہ ور. منگهو=مهانگو.]

سرتين ليلان کي چيو تہ :

| | |
|---|---|
| ڪؤنري ڪؤن وٺي دليئون پارو هو توکي | ڪنواري (هوندي) ڪؤن وٺي دليئون پيارو هو توکي |
| ساڳو ڪينگر آندو تو | سڳو (هار) ڪئن گهر آندو تو؟ |
| ٽيو توکي نہ هو هاٿي دڪي آ تو | ڀؤ توکي نہ هو هاٿي دڪ آهي تو |
| پاتوڙو ڏنو تو | پٺ (مڙس) توڙي ڏنو تو |
| هاٿي تؤنر منگهو اٿئي "ميوو" چئي. | هاٿي تہ ور مهانگو اٿئي ميوو چئي. |

* سگهڙ عبدالرحمان مهيسر ڪان مليو.

سگهڙ ميوو فقير ڦلپوٽو، ويٺل محمود ڳوٺ تعلقي خيرپور جو هو.

[٣٢٦]

هيءُ هنر 'ليلان - چنيسر' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ چوُپڙ راند جا داء ۽ اصطلاح: رينگ، جوٺا، چنر، چوُپڙ، چوڏهن، پڪي، ڪچي، يارهن، ست، پن آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[رينگ (ليڪو، چوري جي راند)=رنگ. جوٺا=جائي. چنر=
چاڙهي ترر. چوُپڙ=چُپ ڙي. راند=ريند، ڪرڪر، گهپي.
چوڏهن=چئو ڏئين. پڪي=پڪا ڪا. ڪچي=ڪي چئين.
يارهن=يار هو. ست=سو ته. پنءُ=پاء.]

ليلان ۽ ڪوُنروءَ جي وچ ۾ سوال جواب:

ڪوُنرو: رينگ نه اها جوٺا رنگ نه، اهو جائي چگو نه ٿي چگي نه ٿي

ليلان: چنر ڏي مان ڪي چاڙهي نَرُ (مڙس) ڏي مان ڪي

ڪوُنرو: چوُپڙ راند چڏ چُپ ڙي، ريند (گهپي) چڏ

ليلان: چوڏهن نه ٿي چئو، ڏئين نٿي

ڪوُنرو: ائين پڪي ٻي ڏي ائين پڪا ڪا ٻي ڏئي!

ليلان: هئين ڪچي ته ڏيانءِ هاڻي ڪي چئين ته (ٻيو ڪجهه) ڏيانءِ

ڪوُنرو: يارهن ٿي ست پنءُ ڪٿي هار هئو اٿي، سو ته پاء ڪٿي

هوءِ گهم وڃي گلبهار چئي. پوءِ گهم وڃي گلبهار چئي.

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

## موراڻي جي موضوع وارا هنر

[٣٢٧]

هيءُ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مندن ۽ پاڻي بابت هيٺيان الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي پاڄ جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[سيارو=سو يار. اونهارو=آهو نهاري. پاڻي=پاڻهي. پوڪو=پيو ڪو. واري=ورائي. سرڪ پين ها=سير ڪپين ها.]

سيارو آيو، اونهارو ويو سو يار (راڻو) آيو، نهاري و يو
پاڻي موڙيو پوئتي پاڻهي موڙيو پوئتي
پوڪو ڏنو هو پيو ڪو (ڪنڌ ستل) ڏٺو هوءِ
تہ واري سرڪ پيينءَ ها. تہ ورائي سير ڪپين ها.

---

* لاڙڪاڻي مان الهداد چغتائي کان مليو.

[٣٢٨]

هيءَ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ هيڻيان ذاتين جا نالا آندل آهن جن مان تجنيسي پاچ جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڳورو=ڳؤنرو. وسيتڙو=وَس تڙي. پاتو=پتو. لنگهو=لنگهي. خاصخيلي=خاص اڪيلي. ٻهڻ=ٻيهڻ. ساڳو=ساڳيو. رند=رند. جانوري=جوءِ وري. باقراڻي=ٻڪ راڻي. مهاڻو=منهن هاڻي.]

گورو وسيتڙو پاتو اڳي هيم
لنگهو اڱڻ تي آيم
خاصخيلي نہ ڏٺم
پوءِ ٻهڻ نہ آيم
ساڳو رند وتم
آهي جانوري نہ ڏسندم
هاڻي باقراڻي چڏ مهاڻو
نہ ڏيندس ميوو چڱي.

ڳؤنرو وَس تَڙي پتو اڳي پيم
لنگهي اڱڻ تي آيم
خاص اڪيلي نہ ڏٺم
پوءِ ٻيهڻ نہ آيم
ساڳيو رَند ورتم
آها جوءِ وري نہ ڏسندم
هاڻي ٻَڪ راڻي چڏ منهن هاڻي
نہ ڏيندس ميوو چڱي.

---

* خيرپور مان سگهڙ عبدالرحمان مهيسر کان مليو.

[ ٣٢٩ ]

هيءُ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ شهرن ۽ ڳوٺن جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جو ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ ٻيلهاڙي= ٻيلهہ ڙي. ٻيري= ٻوءِ ٻري. مديجي= مٿڊي جڙي. موري= ماري. آتيري= اها تري. گلو سيال= گلا سال. سجاول= سو جو ول. مورو= مٿورئون.]

| | |
|---|---|
| ٻيلهاڙي ڏسي ٻيري وٺين چو | ٻيلهہ ڙي ڏسي ٻوءِ ٻري وٺين چو |
| مديجي ڏني هٿي تہ موري | مٿڊي جي ڏني هٿيي تہ ماري |
| وجهين ها ٻو | وجهين ها ٻوءِ |
| آتيري نہ عبدالرحمان چئي | اها تري نہ عبدالرحمان چئي |
| گلو سيال تو | گلا سال تو |
| سجاول تي وٺين سو، مورو | سو جو وَلِ (ٻٿ) تي وٺين سو، |
| مهيسر چئي. | مٿورئون مهيسر چئي. |

---

* سگهڙ عبدالرحمان مهيسر ولد حافظ محمد صالح مهيسر، وينل ڳوٺ رفيق مهيسر تعلقو خيرپور، سنہ ١٩٤٦ع ۾ ڄائو.

[٣٣٠]

هيءَ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ ڇيل آهي جنهن ۾ راندين جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[تاس پتي بازي=تؤنس پئي تئن بازي. ڪوڏي ڪوڏي=ڪُڏي ڪُڏي. ونجهوٽي=وجهه وٺي. دهلڙي=دلڙي. نوتڻ=نوائڻ. نونار=نهه نار. پڱون=پئي. متلهه=مُلهه. ملا ڪڙو=مٺي ليڪڙو. ٻلهاڙا=ٻولڙا. ٻڌا=ٻُڌا. گهوران=گهرون طلبون.]

تاس پتي بازي ڪوڏي ڪوڏي    تؤنس پئي تئن بازي ڪُڏي ڪُڏي
ڪئي تو    ڪُڏي ڪئي تو
ونجهوٽي دهلڙي نوتڻ نه ڪيڏ    وجهه وٺي دلڙي نوائڻ نه ڪيڏ
نونار پڱون ڇڏ ڪٿي    نهه نار پئيءَ ڇڏ ڪٿي
متلهه وٺي ملا ڪڙو نه ڪر    متلهه وٺي پوءِ ليڪڙا نه ڪر
ٻلهاڙا ٻڌا ڏي    ٻولڙا ٻڌا اٿئي
هاڏي گهوران ڇڏ گلبهار چئي.    هاڏي گهرڻ ڇڏ گلبهار چئي.

[٣٣١]

هيءَ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ تاس راند بابت هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش مان هنر مراد سمجهائي وئي آهي.

[ ٻڪي = ٻيو ڪو (ماڻهو). ٽڪي = ترسي، رهي. چؤڪي = صندل، تخت. پنجي = پنهنجي. ڇڪي = شڪجي. ستي = سٽي. آٺي = آڻي. نولا = نه وڃين، نه وڃين. ڏهلي = ڏهلجي. گولا = گيلا. راڻي = راڻا. ٻارهو = ٻار هئين. يڪو = يقين.]

| | |
|---|---|
| ٻڪي ڏني هيٺي | ٻيو ڪو (ماڻهو) ڏنو هيٺي |
| ٽڪي چوڪي پنجي ڪرين ها | ته ٽڪي آڻي ٽي پنهنجي (پڪ) ڪرين ها |
| ڇڪي ڪري ستي چڙي | شڪجي سٽل چڙي |
| آڏي نولا تون | آڻي نه ولين (موٽي وڃين) ها تون |
| ڏهلي جي وٺين گولاراڻي مونکي ڏئين | ڏهلجي وٺين (هاڻي) گيلا راڻا مونکي ڏئين |
| ٻارهو هئين يڪو اصل نه ائين عبدالرحيم چئي. | ٻار هئين جو (مون تي) يقين اصل نه آيئي. |

---

* عبدالرحيم چتني جو هي هنر خيرپور مان مگهڙ عبدالرحمان مهيسر کان مليو.

[٣٣٢]

هيءَ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ تاس جي پٽن جا هيڻيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاچ جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[ ٻڪو = پڪو. باشو = ٻيهج. راڻي = راڻا. گولي = ٻانهي. دهلي = ڏيڏي، ماڙي. نتولن = نتون. آني = آتي. ستي = سُتي. چڪي = شڪي. چؤڪي = چڪ، ڀُل. پنجي = پنهنجي. تڪي = ترسي. ٻڪي = ٻيو ڪي.]

| | |
|---|---|
| ٻڪو باشو راڻي گولي سان | پڪو ٻيهج راڻا گوليءَ سان |
| دهلي آئين ته نولن موُن | ماڙيءَ تي نئين مان نه آيو هئين |
| آني ستي مان مان | آتي ستل ڏٺي مان سان |
| چڪي پيئي پنجي چؤڪي ڪري وئين | شڪجي پنهنجي پڪ ڪري وئين |
| ڏتڪي ٻڪي ڪڏ ڏيکارين ها گلبهار چئي. | تڪي ٻيو ڪو ڪڏ (ستل) ڏيکارين ها گلبهار چئي. |

* ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٣٢٣]

هيءَ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ڪٽب جا هيٺيان انگ ۽ ٻيا الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيس باج جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[سورهن=سور نه. سٽ=سٽ. نوسريون=نه آسريون. ڪنير=ڪنئي وارل تلوار جا ڏٽي. گفتا=مياروڻ.]

| | |
|---|---|
| سو ڏيا سورهن پير | سو ڏيا، سور نه پير |
| مومل سٽ هٿن ڪي | مومل کي هٿن سان سٽ (مار) |
| نوسريون تنهن نار تي | تنهن نار (مومل) تي نه آسرئين |
| جنهن ڪانڌيا ڪڳ ڪنير | جنهن ڪئين ڪنئي جا ڏٽي ماري ڇڏيا |
| گفتا ڏيرؤن ڏير پر سو ڏيا سمجهين ها هڪڙو. | گفتا نه گهٽئي هئا (توتي ميار جا) پر ڪو هڪڙو به سمجهين ها. |

---

* راوي مير محمد لغاري، ڪڇهري جوهي، تاريخ ٢٦-جنوري ١٩٥٨ع. ٻي روايت ڪراچي مان صالح محمد سمي کان ملي.

| | |
|---|---|
| مُٺوري نہ ڇڏيان | مُٺور ٿي نہ ڇڏيانس |
| پوءِ تہ پالڪ ۾ | پوءِ تہ پلڪ ۾ |
| واڱڻ تي ويس | واه اڱڻ تي ويس |
| گوبي ٿي | غيب ٿي ڏي |
| ڪريلو وڌائين | ڪري لوھہ وڌائين |
| ٻڏالو ڪري ويس | ٻہ ٽلون ڪري ويس (ڪاٺيءَ جي ڪاٺ جون) |
| پوءِ گوگڙو ڪڍيائين | پوءِ گوءِ ڪهڙي ڪڍيائين |
| ڳوڙهون ڪڍي | ڳٽيون ڪڍي |
| همت ڏيکاريائين هارون چوي. | هي ميت ڏيکاريائين هارون چئي. |

[۳۳۵]

هيءَ هنر 'موررڙي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ لکر جي قانون متعلق هيٺيان الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ياچ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ دِلو= دَلو. ڪؤنرو = ڪَرڙو. ڪُني= ڪُن. سانگهڙي = ڏسان گهڙي. پئسو = پاسو. دانگي = دَنگي، وڙهي. مَتِ= برابر]

دلو ڪؤنرو آهي      اهو دَلو ڪَرڙو آهي
ڪُني کي سانگڙي      ڪُنُ ۾ ڏسان گهڙي
پئسو ڏيئي دانگي وڃان      پاسو ڏيئي دَنگي (وڙهي) وڃانس
مَتِ ڪيانس ميوو چئي.      مَتِ (هدلو) ڪيانس ميوو چئي.

---

* ڪچهري ڳوٺ جوڻيجا تعلقو خيرپور ۾ تاريخ ۱۶-۱۷ اپريل ۱۹۸۱ع تي قلمبند ڪيل.

[٣٣٦]

هيءَ هنر سِڪ ۽ محبت جي بيان ۾ آهي جنهن ۾ مُلڪن جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[دِلي=دِل. ديس=وس. سِنڌ=سَنڌ. ملتان=ملين نٿو. بغداد= قهر. قنڌار=ڪان ڌار. پورب=پوءِ رب.]

| | |
|---|---|
| دِلي تمهاري ديس ۾ | دل تماري وس ۾ |
| سِنڌ هماري پاس | سَنڌ (جسم) هماري پاس |
| محمد چوي ملتان ۾ | شاعر محمد ڏيرو ٿو چوي: توُن نٿو ملين |
| آءُ بغداد ۾ | آءُ قهر (مصيبت) ۾ (هوندو آهيان) |
| توُن قنڌار جاوين | توُن مون ڪان ڌار وڃين |
| تہ آءُ پورب ڪان سڌ ڪريان. | تہ آءُ پنهنجي رب کي سڏ ڪريان. |

[۳۳۸]

هيءَ هنر نصيحت هدايت جي بيان ۾ آهي، جنهن ۾ واڍڪي ڪم جي اوزارن جا هيٺيان نالا آندل آهن، جن مان تجنيسي پاڄ جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[ڪارائي=ڪارنهه. ڪات=اوقات، خيال. ڪارب. ڪا رب. ڪِرِمت=غير مَت. ڪُوليا=گناهه. ماپ=معاف. ڪَرَني= ڪري نيءِ (نيءِ=دولت، ناڻو). ڪهاڙي=ڪو هاڙهي. اوزار= زار زار. روهي=روئي. سامي=قبر، لحد. رواتي=رات.]

| | |
|---|---|
| ڪارائي سان ڪَنهي وٽ | ڪارنهه ۾ ڪنهي وٽ |
| ڪات ڇڏ | اوقات (اجايا خيال، پور) ڇڏ |
| ڪارب جي ڪر | ڪا رب جي ڪر |
| ڪِرِمت ڪر | غير مَت ڪر |
| ڪُونيا سان ماپ ڪندو | گناه سي معاف ڪندو |
| ڪَرَني ڪڻ پاڻ سان | (عادت ڪي) ڪري نيءِ دولت، موڙي) ڪڻ پاڻ سان |
| ڪهاڙي نه هوندي ساڻ | (آني) ڪو هاڙهي نه هوندءِ ساڻ |
| اوزار ڪي روهي ڏيندين | زار زار روئي ڏيندين |
| ساميءَ ۾ پئي رواتي سوڀارو چئي. | ساميءَ ۾ جا پنهنجي رات سوڀارو چئي. |

*سوڀارو سومرو پٽ محمد صالح، وڳڻ ڦارهيارو.

## حضرت نوح عليه السلام جي قصي بابت هنر

[٢٣٩]

هي* هنر حضرت نوح عليه السلام جي قصي بابت چيل آهي، جنهن ۾ هيٺيان مختلف الفاظ آندل آهن، جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان هنر جي مراد سمجهائي وئي آهي.

[ نُنهن = نُوح. ٻوڙي = ٻيڙي. هي ڪوه = هوڪو (اعلان). ڳِهه = ٻِڳهه.]

| | |
|---|---|
| نُنهن ٻوڙي ته نهي | (حضرت) نوح جو ٻيڙو ٺهيو ته |
| هي ڪوه ڪيائين | هوڪو (اعلان) ڪيائين |
| جڏهن ڳِهه ٿي ڪنيا | جڏهن ٻِڳهه ٿي ڪنيا |
| تڏهن ته چڙهي ها | تڏهن (سندس زال) ته چڙهي ها ته (نجات ملئيس ها) |

(روايت آهي ته: حضرت نوح عليه السلام جو ٻيڙو ٺهي راس ٿيو ته هوڪو ڏنائين ته اچي ٻيڙي ۾ چڙهو. ٻيا سڀ چڙهيا پر سندس پٽ ۽ زال نه چڙهيا. اهي چڙهن ها ته ڪين ٻوڏ جي عذاب ڪان نجات ملي ها.)

---

* لاڙڪائي مان ماستر عبدالحق کان مليو.

## حضرت علي رضہ جي سخاوت بابت هنر

[٣٤٠]

هيءَ هنر حضرت علي رضہ جي سخاوت بابت چيل آهي، جنهن ۾ هيٺيان مختلف الفاظ آندل آهن جن مان تجنيسي ٻاج جي ڪوشش سان مراد سمجهائي وئي آهي.

[هندو=هو اندو. چڙي=چاري، ڳس. مار=مهار. ڪنير=قنبر. ڀيل هان=ڀيهہ ته لهان.]

| | |
|---|---|
| هندو آيو | هئو اندو آيو |
| اچي ٻيٺو چڙي تي | اچي ٻيٺو چاري (ڳس) تي |
| مليس مار | مليس (آٺ جي) مهار |
| ڪنير چيو مان ڀيل هان. | قنبر (غلام) چيو ته ٻيهہ ته مان لهان. |

(روايت آهي ته: هڪڙو اندو خيرات لاءِ ڳس جهلي ٻيٺو هو ته حضرت علي رضہ پنهنجي ٻانهي قمبر سميت آٺ تي چڙهيو آيو. انڌي ماڻيءَ جي صدا هنئي. حضرت علي قنبر کي چيو ته فقير کي ماني ڏي. قنبر چيو ته ماني دسترخوان ۾ ٻڌل آهي جيڪو هڪ پيتيءَ ۾ بند، آٺ تي ڪڙيل آهي. حضرت علي چيو ته: آٺ ئي ڏي. فقير کي آٺ جي مهار ملي ۽ قنبر چيو ته: فقير! ٻيهہ مان ته لهان!)

# باب ٻيو

## دراوا چيروان هنر

[٣٤١]

هيءُ دراڻو ظاهري طور مارئي بابت آهي، پر هيٺ ڏنل تجنيسي لفظن جي ڀاڃ کان پوءِ ليلان- چنيسر جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[عمر = امـُر. ماڏائي = مان ڏٺي. مـَـٺيون = مـَـٺيو. ولوڙيان = لوڙيان.]

| | |
|---|---|
| اديون عمر آيو | اديون، آمـُر (لکيو) آيو |
| ماڏائي مـَـٺيون ولوڙيان ويٺي. | (تڏهن) مان ڏٺي (ور، هار تي) مـَـٺيو، (هاٺي) لوڙيان ويٺي. |

*سکهڙ مرحوم شيخ سائينداد (لس ٻيلو) جي قلمي بياض تان ورتل ۽ پڻ ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهرزادي کان مليو.

[۳۴۲]

هيءَ درائو ظاهري طور مارئيءَ بابت چيل آهي، پر هيٺ ڏنل تجنيسي لفظن جي ڀاڃ کان پوءِ سورٺ جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[عمر=عُمر کان، چمار کان. نوحاٺي=ٺئون هاٺي، نئينءَ مان. عُمر=هميشه. دائيداٺا=دائي کان داٺا. مگٺا=مگڻ. جيسر= جو سِرُ. عمر=سڄي عمر. دانهون=دعائون. راجا آهين = رنجائين. کاهڙ=کاءُ هڙئي. عمر=چمار.]

| | |
|---|---|
| عمر منگتو آهين | (سڄي) عمر کان منگتو آهين |
| يا نوحاٺي ٺيو آهين | يا نئين مان (منگتو) ٺيو آهين |
| عمر دائيداٺا منگتا آيا | (اهي) هميشه دائيءَ کان داٺا مگڻ آيا |
| جيسر گهرين تون | (پر) تون وري سِر پيو گهرين |
| عمر دانهون ڪندا ويا در ٺي | (اهي ته) سڄي عمر در ٺي دعائون ڪندا ويا |
| هيڏو راجا آهين تون | پر تون هيڏو چو ٿو رنجائين |
| هاٺي کاهڙ وڃي تون | هاٺي کاءُ هڙئي (ملڪيت) وڃي تون |
| ساري عمر سومار چئي. | سڄي چمار سومار چئي. |

---

* ولي محمد طاهرزادي (ٽنڊو الهيار) ۽ قاضي نور محمد (مٽياريون) کان مليو.

[٣۴٣]

هي* ڍ رانو ظاهري طور مومل راڻي بابت چيل آهي، پر هيٺ ڏنل تجنيسي لفظن جي ڳاڇ کان پوءِ ليليٰ مجنون جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[رانو = اوراڻو. پيڙ‌ٻو = ٻي ويو. کهاٽو = کهٽو. سوڍو = سو ڍؤ. پٽ = پيالو.]

جو آيو رانو (مجنون کي) آيو اوراڻو
پيڙٻو کهاٽو ٻي ويو کهٽو (زهر)
سوڍو نه ٿيو سو (پر) ڍؤ نه ٿيو
اڄان تو پَٽ پچي. اڄا پيو پيالو (زهر) کهٽري.

* لعل خان لغاري (شهداد پور) ۽ احمد خان آصف (ککڙ) کان مليو.

[۳۴۴]

هيءَ درائو ظاهري طور سورٺ بابت چيل آهي، پر هيٺ ڏنل تجنيسي لفظن جي ٻاج ڪان پوءِ مارئيءَ جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ٻان=ٻاءِ ۾. مڱڻا=مڱڻي جي. جاجڪ=جا جنگ. چارڻ=چورڻ. سورٺ=سو هٺ. ٻيجل=ٻي جهل. صدا=سدا.]

| | |
|---|---|
| **ٻانَ ڪر نہ ڳالهہ مون سان مڱڻا** | ٻاءَ (عمر) ڪر نہ ڳالهہ مون سان مڱڻي جي |
| **جاجڪ** تون چوين | جا جنگ تون ٿو چوين |
| اها **چارڻ** مون نہ وٽي | اها چورڻ مون ڪي نٿي وٽي |
| محمد چئي **سورٺ** چڏ | سگهہ ڙ محمد ڏيرو چئي تہ، سو هٺ چڏ |
| تون **ٻيجل** ڪر نہ صدا | (ملڪ) موني وڃڻ ڪان جهل نہ ڪر. |

[۳۴۵]

هيءَ درائُو ظاهري طور موڪي متارن بابت چيل آهي، پر هيٺ تجنيسي لفظن جي ڀاڃ کان پوءِ ليلان جي بيان ۾ ٺهي ٿو.

[متارن = متان رن. زهري = زرتي. مٽ = متي. موڪي = مون کي. پياري = پيءُ ڏي. گلاس هاريو = گلارو ڪيو. ڪلان = ڪُلال رن. وِهُم = وِهاءِ پاءِ.]

| | |
|---|---|
| **متارن کي چئجو** | متان رَن (ليلان) کي چئجو |
| **زهري مٽ موکي ڇڏيو** | (جنهن) زرتي مونکي مٿي ڇڏيو |
| **پياري ڀل وڃي** | پيءُ ڏي ڀلي وڃي |
| **جنهن ڀري گلاس هاريو** | جنهن ڀريي (مڃي مٽڪ) ۾ مونکي گلارو ڪيو |
| **هاڻ ڪلالن ۾ وڃي وِهُم هار سو.** | ڪُلال رَن (ليلان) هاڻي وڃي اهو هار وِهاءِ (هنڊاءِ). |

* راوي عثمان ڪتي. ٻيون روايتون قاضي نور محمد (متياريون) ۽ ولي محمد طاهرزادي (ٽنڊوالهيار) کان مليون.

[۳۴٦]

هيءَ دراڙو ظاهري طور هير رانجهي بابت چيل آهي، ۽ هيٺ ڏنل تجنيسي لفظن جي ڀاڃ کان پوءِ ليلان جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[هيرن = هيءَ رن. نڪيڙي = وداع ڪري. رانجهن = رانجهن لڌ. ڪي مون = ڪيا مون. جهنگ سيال = جهنگ سوال. مان = من.]

هيرن نڪيڙي چڏ — هيءَ رن (ليلان) نکيڙي چڏ
رانجهن مون ڏي آءَ — رنج نہ (ٿيءَ) مون ڏي آءَ (چنيسر)
ڪي مون جهنگ سيال — ڪيا مون جهنگ ۾ (سوين) سوال
مان نہ ڏنم "محمد" چئي. — مَن مراد ڏنم "محمد" (ڏيرو) چئي.

[۲۴۷]

هيءَ ڊرائُو ليليٰ مجنيءَ بابت چيل آهي، پر هيٺ ڏنل تجنيسي لفظن جي ڀاڃ ڪان پوءِ مارئيءَ جي بيان ۾ ٺئي ٿو.

[ليلان=ليلا، ٻڪر. چاريون=چاڙيون (ٻڪريون). مجني=منجهه نتين. چاري=جاسوس. ٻري=تپ. ماري=مارئي.]

| | |
|---|---|
| ليليٰ چاريون مجني چاريون | چيلا ٻڪريون نتين منجهه چاريون |
| چوي چارِي ته ٻري مارِي | چاري (جاسوس، عمر کي) چوي ته مارئي (سونهن ۾) ٻري پئي. |

[۳۴۸]

هيءَ * ڏرائو ظاهري طور مسئي بابت چيل آهي، پر هيٺ ڏنل تجنيسي لفظن جي ڀاڃ کان پوءِ ماريءَ جي ٻيان ۾ ٿئي ٿو.

[ڪنوات=ڪاٺ. سمورا=سومرا. کهوڙا=کهڙاءِ. هوتن=هتن. هاٿي=حياتي. مٿهري=ماري.]

| | |
|---|---|
| ڪنواٽ سمورا | ڪاٺ (آٿاءِ) سومرا |
| کهوڙا هوتن سان | کهڙاءِ هٿن سان |
| هاٿي هڏ نہ کهرجي | حياتي هڏ نہ کهرجي |
| مهري چڏ ميان. | (تنهن کان) ماري چڏ ميان! |

* ڪراچيءَ مان صالح محمد سمي کان مليو.

# ضميما

# ضميمو - ١

ڪتاب جي پاڇَي ٽئين لاءِ (موجوده صفحا ٢٠٩-٣٢٢) موضوع مطابق جملي ھئين ڪي ٻارھن بابن ۾ مرتب ڪري ڇاپڻ لاءِ ڏنو ويو، جن مان اٺن بابن جو مواد ڇپيو، باقي ٽن بابن (نائين، ڏھين ۽ ٻارھين) وارو مواد ڇپائي ۾ رھجي ويو. ھن ضميمي ھيٺ اھي باب ڏجن ٿا جن کي پاڇَي ٽئين جي باب اٺين (صفحو ٣٢٢) سان ملائي پڙھڻ گھرجي.

# ٻاب نائون

## سڱا ۽ عزازت، گهر گهات، ڪپڙو لٽو، ڳهه ڳٺو ۽ هٿسو ڏوڪڙ، رت ڀچاءُ، جنب ۽ ساز

### جنس: سڱا ۽ عزازت

[٣٤٩]

ماما ور تون محب پرين، دوست سچا دلدار
ڪاڪا ٻوئي قرب جي، ماماتن تــوار
ٻاٻا ڳـنڍوءَ ڳٽڻ سان، آتيم ڪي اڳـوار
سهرا ڳول سقيم تي موت ميان من يار
غم گذار غلام الله چئي ڪونهي قلب قرار
جانب جيءَ جيار، وسهج وسرين ڪينڪي.
(غلام الله جوکيو)

هيءَ هنر سڪ ۽ مجاز جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مائٽي ۽ عزازت جا نالا (ماما، ڪاڪا، ماسات، ٻاٻا، سٿهرو) تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. ماما = مان مان (وت)، مام ۾. ور = موت
٢. ڪاڪا = ڪاڪا ڳالهه (ياد ٻوٺي). ماماتن = مان + سا + تن (۾). توار = ڳالهه
٣. ٻاٻا = ٻهه ٻهه، ويهه وچ ۾. آتيم = يتيم. اڳوار = اڳ ٿي
٤. سهرا = سا + راه، وات. ڳول = هٿ ڪر. ٻيهار (سا چڱي صلاح وٺي). سقيم تي = غريب تي

---

[٣٤٩] ڊاڪٽر بلوچ جي ذخيري مان ورتل. سگهڙ غلام الله جوکيو، ملير جي جوکين مان هو.

۰۵ غم گذار=اي غم گذار، اي غم لاهيندڙ
۰٦ وسهج=اعتبار ڪج.]

۰۱ مان (مون) وٽ موٽ اي مچا دلدار دوست
۰۲ ڪاڪا ڳالهه (ياد پوئي)، مون کي تن ۾ اهائي تڙوار آهي
۰۳ ٻهه ٻهه (وٺهه وٺهه!) جو اڳئي هن يتيم کي ڳڻن سان وٺي ڇڏيو اٿئي
۰٤ سا راهه محبت جي ڳولي هن يتيم وٽ موٽي آءُ، اي من جا يار!
۰۵ شاعر غلام الله ٿو چئي ته: اي غم گذار (غم ڏار!) (منهنجي) قلب کي (تنهنجي جدائيءَ ۾) قرار ڪونهي
۰٦ اي جيءَ جيار جانب! وساهه ڪج ته (مون کي ڪنهن به ويل) ڪونه ٿو وسرين.

[۳۵۰]

مامن موري ڪانہ، تہ ڪيئن پيرسان پاٽيجن ري
ڪاڪن ڪندي يس ڪينڪي، هتي جن سان ها نہ
نانا وٽيم "نم" چئي، خاص خوشي هي خان
بابا چون ٻُر مؤن، پر تنهن ري تڳان تا نہ
سهري سڪ ستيم ڪي ريءَ غير گمان
ماساتن سهان هيڪڙي، ڏينهن غمگذار گهٽا نہ
پاٺان پال پلي جا، جي تون سجب ملين مهمان
چاچا گهٽو چيت ۾ سوال ڪريان سبحان
تہ اهي سڀ ادا ڪري، جي هيتي جا هاوان
تہ ڏاڏا تيڻ ڏان، وسنج وسرن ڪينڪي.
(نم مگنهار)

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مٽي مائٽي عزازت ۽ سڳ جا نالا (ماما، پاٽيجا، ڪاڪا، نانا، بابا، ساهرا، ماسات، پاٺ، چاچا، ادا ۽ ڏاڏا) آندل آهن.

[ ۱. مامن=مانُ متن=منهنجي من. پاٽيجن=پاٽي جن=پاٺ وارن، مانگين
۲. ڪاڪن=ڪا ڪن
۳. نانا=نہ نہ
۴. بابا=ٻتهہ ٻتهہ، ويهہ ويهہ. ٻُر مؤن=وڏي چاهہ مان
۵. سهري=سا هُري. سڪيم=بي واهہ، لماڻي
۶. ماساتن=مانُ ساعت لا.

[ ۳۵۰] بيلاين جا ٻول، پيو چاپو، ص ۳۸۹ ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

۰۷ ڀائنان=ڀائيان=ڄاڻان، سمجهان
۰۸ ڇاڇا=ڇاهه ڇاهه
۰۹ ادا=پورا، مڪمل(ادا ڪري=اده ڪري). هاوان=خطرا، خوف
۰۱۱ ڏاڏا=ڏهه ڏهه.]

۰۱ منهنجي من کي ويساهه ئي نٿو اچي تہ پنهنجن سانگين پنهوارن کان سواءِ ڪيئن هت سرچي ويٺي رهان
۰۲ هتي جيڪي ڳالهيون (پرٽي جون) هلن پيون، تن مان ڪا ڳالهہ ڪن نہ لائينديس (هتي پرڏجن لاءِ هائوڪار نہ ڪنديس)
۰۳ "نہ" شاعر چوي ٿو تہ: اي خان! (سومرا حاڪم) هتي جي ڪابہ خوشي مونکي نٿي وڻي
۰۴ هتي سڀئي وڏي چاهہ مان مونکي "ويهہ ويهہ" چئي آجيان ڪن ٿا پر آءٌ تہ هن (ڪيت) کان سواءِ هتي هرگز نہ ترڳان
۰۵ مون غريب نماڻيءَ کي آنهن (مارن) جي سڪ پئي اندر ۾ هڙي
۰۶ هتي مان هڪ گهڙي ساعت بہ نٿي سهي سگهان، تہ وچان ڪيترا نہ گهڻا غم سان گذارڻ وارا ڏينهن پئجي ويا آهن
۰۷ اي عمر! آءٌ ڏٺيءَ جا احسان ڀائينديس، جي تون هن مهمان کي مارن سان ملائين
۰۸ ڏٺيءَ کي پئي ڀاڏايان تہ مارن سان ملان جو اندر ۾ گهڻي حب ۽ سڪ آهي
۰۹ هتي جي بند جا جيڪي خوف خطرا آهن سي خدا ڪري تہ ختم ٿين
۰۱۰ اي عمر! انهن سان ملڻ لاءِ ڏهہ ڏهہ سڪائون باسيون اٿم، يقين ڪر تہ اهي مون کي وسرن ئي نٿا.

[۳۵۱]

**ڪاڪي** ڪهل ڪانء، جوڙي جاري جيءَ جي
ڪسي آندءِ ڪيڏهن جي، آهين تون **اخوان**
سا سرتين جي صلاح ريءَ **نانا** ڪائي نان
تڏهن **ڏاڏا** رسيس ڏان، جڏ خوش ٿئي **گڏ** جي ڪيت سان.
(نم فقير لاسي)

هيءَ هُنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مائٽي ۽ عزازت جا نالا (ڪاڪو، اخوان، نانا، ڏاڏا) تجنيس طور آندل آهن.

[۱. ڪاڪي=ڪا ڪيئي، جوڙي=جهوري
۲. اخوان=ڀاءُ
۳. نانا=نہ نہ
۴. ڏاڏا=ڏهہ ڏهہ.]

۱. ڪا ڪهل ڪانء ڪيئي، جيءَ کي جهوري ڏنئي
۲. ڪوهہ تان ڪٺي آئين، (پر) تون آهين ڀاءُ
۳. سا سرتين جي صلاح (آءٌ) ڪان سواءِ نان نٿي ڪائي
۴. تڏهن ان کي ڏهوڻا ڏانءَ ملندا جڏهن ڪيت سان گڏ جي خوش ٿئي.

---

[۳۵۱] حيدرآباد مان مرزا گل حسن "احسن" جي لونبوڪ تان ورتل.

[۳۵۲]

نانا نانن ڪئون ڪري، نيپني جا نانن
چاچا پنهنجا چُورمان چڪيا وٽ چاچن
بابن چيز پيا ڏيان، جي پائن ۽ پائٽين
ماسي ماسين نه وٽي، بوءِ نڪا بابن
ماڻن پيٽن طمع اٿئي مامي اباڻن
پڻسي پيڪن پار جي ساهري ماسن
پيٽين پاڙيجن جا، مَ ڏي ماساتن
ڏيراڻين کي پانهنجين، سهٽا گهه سالين
سرڪي مرڪي سان مٽي، نه ڪن ڪاڪيون نه ڪاڪن
جيڪي سام سقيم سيڪن، تن جو ڪر تون غور، غلام چوي.

(غلام چانڊيو)

هيءُ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مائٽي ۽ عزازت جا نالا (نانا، چاچا، بابا، پائن، پائٽين، ماسي، بابا، ماڻ، پيٽ، مامي، اباڻا، پيڪا، ساهرا، ماما، پاڙيجا، ماسات، ڏيراڻيون، ساليون، ڪاڪيون، ڪاڪا) تجنيس طور آندل آهن.

[.. نانا = نه نه. نانن = مانين. نانن = نه آلن (تي، ۽ ڏٽ تي)
.. چاچا = چاءُ (= ڪڻ) چاء = ڪڻ ڪڻ

[۳۵۲] ڊاڪٽر بلوچ جي قامي ذخيري تان ورتل، جنهن ۾ هن هنر جون هيٺيون ٽي روايتون قلمبند ٿيل آهن: (۱) راوي ربو فقير مگنهار ڪڇهري انسپيڪشن بنگلو جوهي. تاريخ ۲-جولاء ۱۹۵۴ع (۲) راوي مير محمد خان لغاري، ڪڇهري جوهي، تاريخ ۲۶-جنوري ۱۹۵۸ع (۳) راوي خدا بخش ملاح.

۳. پاڻ=پيا پڻ (ڏيان)، پاڻُن = پاء ئـ (پون)، ئـ وڻن،
پاڻيٺن=پٽ وارن

۴. ماسي=مان+سين=مون کي. ماسين=ماسن سان، گوشت سان.
لڪاباڻ=نه کباڻ

۵. مائن (ماء=جاء)=جاڻ. پيٺن=هنن پيٺين، ماڳن. مامي=
مان ۾

۶. ساهري=سا هري. مامن=مون منّن ۾

۷. پٺين پاڻيجن جا=پٺن ۽ پاڻن ۾ جن جا (ماڳ آهن). ماساتن=
ماسا (سون جا)+تن

۸. ڏهرائين=ڏي رائين کي

۹. مُرڪي=ڪير جي. مُرڪي=ڪنن جو گهه. نه ڪن ڪاڪيون
ئـ ڪاڪن=لڪاڪنن ۾

۱۰. سام=پناه، آجهو.]

۱. (مارئي) عمر جي نانن ڪاڻ ڪان نهه نهه پئي ڪري
(جو) آنن ۽ نانن تي نه نپني آهي

۲. چوي ٿي ته: پنهنجا ڇُورما ڪٽي وڃ، پنهنجن وٽ وڃي ڪاءُ

۳. پيون ڇيزون پڻ وڃهان، جيڪي پٺن وارن کي پاءُ نئيون پون

۴. مونکي ماس (گوشت) مان نُهيل (ڪاڌا) ۽ ڪباڻ جي
بوءِ به ڪانه ٿي وڻي

۵. هنن جاين ۽ پيٺين ۾ رهڻ جي مون ۾ طمع نه رک جو آءُ
اباڻن جي آهيان

۶. منهنجن مائٽن پاسي جا پڻسي تئي تي، سا منهنجي مَنَ
۾ هُري پئي

۷. پٺن ۽ پاڻن ۾ جن جا ماڳ آهن، تن کي (سون جا)
ماسا نه آڇ

۸. اهي سهڻا ڳهه (جيڪي سون کي آچين ٿـو) سي وچي پنهنجين رائين ۽ سالين کي ڏي

۹. ڪير جي سڱرڪيءَ تي سون جي مرڪي ڪاڪيون ڪين ممائين ۽ نڪي ڪنن ۾ پائين

۱۰. شاعر غـلام چانڊيـو ٿو چوي ته: جيڪي سقيم غريب تنهنجي سام ۾ آهن ۽ سيڪن پيا (ڀاڄهه لاءِ) تن جو غور ڪر.

[٣٥٣]

آتَ وڻ اباڻن، هــئــي ســيــنــي ۾ سڪيلڏي
سا سڱڌ نــه لڏيس سڱور جي ٻاجهئون ٻاٻاڻن
وري هڱن وطــن تــي نِــي نــه نـانـانـڻـن
مارئي جي "ميهر" چوي، ڪٿي ماڙ نه ماماڻن
ڏِسو ڏاڏڻــن، جــو پڇيس نــا پر ڏيــهــه ۾.

(ميهر)

هيءُ هنر 'مارئي' جــي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مــائٽي ۽ عزازت جا نالا (اباڻا، ٻاٻاڻا، ناناڻا، ماماڻا، ڏاڏاڻا) تجنيس طور آندل آهن.

[هن هنر ۾ آيل لفظن جي معنيٰ ساڳي اها ئي آهي.]

---

[٣٥٣] خوشيرام فقير "سوداڻي" جي ١٨٨٠ع ۾ لکيل بياض تان ورتل

[٣٥٤]

نـانـاٽـا تنهنجا ڏسـي، ماماٽا آءُ کند يـاس
سؤٽاٽي چڏي اٿم سومرا، ماساتاٽي ڪين وهنديا س
پڦاٽاٽي ڪيندياس، ناهيان هيرڪ هـن جـي.

هـيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهن، جنهن ۾ مائٽي ۽ عزازت جا نالا (ناناٽا، ماماٽا، سؤٽاٽ، ماسات، پڦاٽ) تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. ناناٽا=نو ناٽا (=پئسا). ماماٽا=مرُ (لـ) ماٽا (انگل، نخرا)
٢. سوٽاٽي=سو ناٽا (مهلون، ساعتون). ماساتاٽي=مان ساعت هاٽي
٣. پڦاتاٽي=پڦا=مکڻ جا چاٽا+ٽاٽي=پکهاري.]

١. تنهنجا نـو نـاٽـا (مـال، ملڪيت، دولت) ڏسي آءُ توسان ماٽا (انگل) ڪين ڪنديس

٢. سوين ٽاٽا (وقت، مهلون) چڏيا اٿم، مان هاٽي هڪ ساعت به نه وهنديس

٣. آءُ پنهنجن مالوندو مارن ۾ مکڻ جا چاٽا ٽاٽي ڪائينديس، تنهنجي هن (ست رچي) جي هيرڪ ناهيان.

[٣٥٤] ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

[۳۵۵]

مومل تون **ادي** ٿئين، آءُ **ناني** ايندس ڪونہ
مون **پيٽ** تو ڪان بس ڪئي، هاڻي ٻولي ٻوليان ٻي نہ
**ماسي** جاڳيس تولاءِ، منهنجي ٿئين تون نہ
**مادر** ايندس ڪين، ڪنهن پت ”ڪبيرشاهہ“ چئي.

(ڪبير شاهہ)

هيءُ هنر 'مومل راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مائٽي ءُ عزازت جا نالا (ادي، ناني، پيٽ، ماسي، مادر) تجنيس طور آندل آهن.

[۱. آدِي=الذي. نالِي=نہ لہ
۲. پيٽ=پيٽي
۳. ماسِي=مان سيءَ ۾
۴. مادر=مان تو در.]

۱. مومل! تون انڌي ٿئين (جو ٻئي سان سٿينءَ)، آءُ ڪڏهن نہ ايندس
۲. مون تنهنجي پيٽي (ماڳ) تي اچڻ ڪان بس ڪئي، هاڻي ٻي ڳالهہ مون وٽ ڪانهي
۳. مان سيءَ رات ۾ تولاءِ جاڳيس، پر تون منهنجي ڪانہ ٿئين
۴. هاڻي مان تنهنجي در تي ڪنهن بهاني بہ نہ ايندس.

---

[۳۵۵] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري مان ورتل.

[٣٥٧]

**نانا** وڃ مَ ميندڙا، **ماما** وڃ مَ مير
**چاچا** توکي آءٌ چوان، وڃي **سهرا** ڳالهہ سڌ ير
**ماسي** صدقو ميندڙا، **ماءُ** مرڻي ٿي مير
ڪرڪو پيرو **پيڻ** تي، تون وهلو وريو آءٌ وير
**سوڍا** لنگهي آ سيرَ، ڪريون ڪچهريون ڪاڪ تي.

هيءُ هنر 'مومل - راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مائٽي ۽ عزازت جا نالا (نانا، ماما، چاچا، سهرو، ماسي، ماءُ پيڻ) تجنيس طور آندل آهن.

[١. نانا=نہ نہ. ماما=مَ مَ، مان وڃان
٢. چاچا=چا چا. سهرا=سهہ+(اي) راهہ
٣. ماسي=مان سئين (پيرا). ماءَ=مان. مرڻي=مرئين
٤. پيڻ=پيٺي
٥. سيرَ=ماراه وڻي.]

١. نہ نہ، وڃ مَ ميندڙا، مان وڃان وڃ مَ مير!
٢. آءٌ توکي چا چا چوان، اها ڳالهہ اي راءِ ميندڙا! سمجهي سڌ ير ٿيءُ
٣. مان سوين پيرا صدقو توتان ڏيان، مان مَرئين ٿي مير!
٤. پيٺي تان ڪو پيرو ڪر، تون وهلو وري آءُ
٥. سوڍا! ساڳي راهہ وڻي، لنگهي آءٌ تہ ڪاڪ تي رهاڻيون ڪريون.

---

[٣٥٧] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل. محمد آباد (تعلقو صادق آباد) ۾ سيد اليس شاهہ جيلاني وٽ ڪيل ڪچهريءَ ۾ هيءُ هنر سگهڙ وڪيي کان مليو.

[۳۵۸]

چاچا چوئين ٿي مينڌرا، ڏاڏا ڏک منجها
ماما تـوڏي مـوکـلـيـم نانا نـيـاپـا
سهرا ڳـالـهـم سـڻـي کر دادا ڏيـانـا
راڻـا راتيـن آءَ، ماسي سـري تـي مينڌرا.

هيءَ هنر 'مومل - راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مائٽي ۽ عزازت جا نالا (چاچا، ماما، نانا، سهرو، دادا، ماسي) تجنيس طور آندل آهن.

[۱. چاچا = چيو چيو. ڏاڏا = ڏاڍا
۲. ماما = مان، مون. نانا = نوَ نوَ
۳. سهرا = سا + راءِ. دادا = دل سان
۴. ماسي = مان سيءَ.]

۱. اي مينڌرا! ڏاڍي ڏک منجهان چيو ٿي چوان
۲. مان (مون) توڏي (روز) نوَ نوَ نياپا ٿي موکليا
۳. سا راءِ! ڳالهه سڻي دل سان ڏيان کر
۴. راڻا! راتين اچ (جڏن اڳ ايندو هئين)، جو تو کان سواءِ سيءَ ٿي مران.

---

[۳۵۸] تعلقي ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهرزادي کان مليو. ٻي روايت ڊاڪٽر بلوچ جي ذخيري تان ورتل جيڪا لس ٻيلي جي سگهڙن جي آهي.

[٣٥٩]

**نانا** رَس نہ سينڌرا، **ماما** موٽي آءُ
**چاچا** ڪر گهن ڳالهڙيون، **ماسيءَ** صدقي **ماءُ**
هيءَ **امڙ** آهہ، پيرو پيچ نہ **پيڻ** ڏئون.

هيءَ هنر 'موصل-راٺي' جي بيان ۾ آهي، جنهن ۾ مائٽي ۽ عزازت جا نالا (نانا، ماما، چاچا، ماسي، ماءُ، امڙ، پيڻ) تجنيس طور آندل آهن.

[١. نانا = نہ نہ. رَس = رُس. ماما = مامَ ۾
٢. چاچا = چاءُ. ماسي = مان سين، مون سميت. ماءُ = امڙ
٣. امڙ = مڙهہ. پيڻ = پيٽيءَ، ماڳ (ڪاڪ)]

١. نہ نہ، رُس نہ سينڌرا، مامَ ۾ موٽي آءُ
٢. چئو چئو، ڳالهيون ڪري وٺ، (توتان) مون سميت ماءُ صدقي
٣. (منهنجو) هيءَ مڙهہ وڃي رهيو آهي، پيٽي (ماڳ ڪاڪ) تان پيرو نہ پيچ!

---

[٣٥٩] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل. راوي لڇمڻ پنيرو.

[۳۶۰]

**ماسيون** سارنـي مينڌرا، تـون **آمڙي** ڪارڻ آءُ
پـيـرو لاهه نـه **پيڻ** ٿؤن، **سالين مٽ** نـه ساءِ
اللّٰه ڪارڻ آءُ، نه ته مري ويندي سٿين مينڌرا!
(ميهر شاه)

هـيءُ هنر 'مومل-راڻي' جـي بيان ۾ چيل آهـي، جنهن ۾ عـزازت جـا نـالا (مـاسيون، آمڙي، پيڻ، سالين) تجنيس طور آندل آهن.

[۱. ماسيون=ماڻ؟ سٽيون=مـان ۽ پـيـون هـت مـان والـگر، **آمڙي=آهڻي=پنهنجي رضا مان**
۲. پيڻ=پيٽي، ماڳـ (ڪاڪ). سالين=سالن جـا، **کهٽي** وقت جا ساءِ.]

۱. مومل تي چئي ته: مينڌرا! مان ۽ پيون سوين هت مان وانگر توکي سارين ٿيون. تون پنهنجي رضا سان آءُ
۲. هن پيٽي (ڪاڪ) تان پيرو نه پچ، ۽ سالن جـو ساءُ نه **مٽ**
۳. اللّٰه ڪارڻ آءُ، نه ته مري ويندي سٿين مينڌرا!

---

[۳۶۰] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل. راوي خاقل پرڙو، جواڻ پرڙو، ۽ مکهڙ پنجل، ڪڇهري ميرپور پـرڙو، جيڪب آباد تاريخ ۵-جنوري ۱۹۵۹ع.

## جنس: گهرگهاٽ (اڏاوت)

[۳٦١]

اوڏ اچي تي سپرين، تون ڍي ڪوڏر ڪر
ميٽي منهنجو مَن ٿيو، ڪامان دل اندر
اوڏڻ ٿيندو ڪڏهين جو دوست اچين مون در
پرچ پرين ڪنهن پر، ڪجائي چڏ قول جي.

هيءُ هنر محبت ۽ مجاز بابت چيل آهي، جنهن ۾ اوڏڪي ڪم جي اوزارن ۽ اصطلاحن (اوڏ، ڪوڏر، ميٽي، ڪامان، اوڏڻ، پر، ڪجائو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. اوڏ=اوڏو. ڪوڏر=ڪو، ڏر (دپ)
٢. مٽي=خاڪ. ڪامان (هيٺ ڪونيل)=سڙان، پچان
٣. اوڏڻ=او (آهو) ڏڻ (ڏينهن)=اهو ڏينهن
٤. پر=پر=ريت. ڪجائبي=ڪچائي.]

١. اي سپرين، تون اچي ويجهو ٿيءُ، خدا پر ڊڄ (وڇوڙو نہ وجهہ)
٢. منهنجو من (سڙي) خاڪ ٿي ويو آهي، دل ۾ سڙان پچان پيو
٣. اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جو اي دوست! منهنجي گهر ايندين
٤. اي پرين، ڪنهن پر پرچ، ۽ وعدي جي ڪچائي نہ ڪر.

---

[۳٦١] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف ڪان مليو.

## جنس : ڪپڙو

[٣٦٢]

هيرڪ ڪن سومريون، ململ ڇئو تن کي
اسان گربيون آهيون، ڇيڪم پريل جي
اسين آهيون سي، ڪٿيون ڪن ڪاهڙ ۾.

هيءُ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ ڪپڙي جي قسمن (هرڪ، ململ، گربيون، ڇيڪم، ڪٿيون) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. هيرڪ (ڍيو، لٽو) = هرڪن، لالچ ڪرڻ. ململ = ميل ميل = ملڻ لاءِ چوڻ

٢. گربيون = غريب زالون. ڇيڪم (زريءَ جي اوڇي وارو ڪپڙو) = ڇيڪ ۾.]

مارئي، عمر کي ٿي چوي ته:

١. سومريون جيڪي هرکن ٿيون، تن کي ملڻ لاءِ سڏ

٢. اسين غريب مارو مٿي ڇيڪ ۾ پريل آهيون

٣. اسين اهي آهيون جيڪي ڪاهڙ ۾ ڪٿيون اوڍين ٿيون.

---

[٣٦٢] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

## جنس ۽ ڳڻ ڳنڍا

[٣٦٣]

دل تي رک تون دادلا، **ڪنگڻ** اي راڻا
**ڪڻمال** ڪئي ٿم ڪاڪ تي، **سوڍل** سياڻا
**ٻانهين** آهيان تنهنجي ڇڏ **مڱڙا** تون ماڻا
ٻرچ پرين پاڻا، **ڏُري** ڇڏ داناءَ تي.

هيءُ هنر 'مومل-راڻي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ڳڻن (ڪنگڻ، ڪڻمال، ٻانهين، ڏُري) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. ڪنگڻ = ڪو ڳڻ
٢. ڪڻمال = ڪئنو (گڏ) مال
٣. ٻانهين = ٻانهي
٤. ڏُري (ڌري) = ڏُوري، ڇوڙو.]

مومل ٿي چوي ته:

١. اي راڻا! تون منهنجو ڪو ڳڻ دل تي رک (ياد ڪر)
٢. مون ڪاڪ تي تنهنجي لاءِ مال دولت گڏ ڪري ڇڏي آهي
٣. آءٌ تنهنجي ٻانهي آهيان، مڱڙا! هاڻي ماڻا ڇڏي ڏي
٤. داناءَ تي، ڏُوري ڇڏي اچي مون سان ٻرچ.

[٣٦٣] تعلقي ڪڪڙ مان احمد خان آصف کان مليو.

## جنس: پئسو ڏوڪڙ (سڪا)

[٣٦٤]

ڪسيري ڪيچين ڪئي، جسو روئسي ڏئائين رات
پائي پرين جي پيچري پرهم ڦٽي پرڀات
آڌيلي ۾ آئي ويا من رکي مصلحات
پئسو نيائون پاڻ سان چوري چنپ چنپات
ٽڪي ڪين پنيور ۾، اٿس طلب گهڻيري تات
آني ڪنديس ڳالهڙيون سندي پنهل سات
بياني ڪل پروچ هنا، پانيان زوراور ذات
پائڻ پيچ پريت جا بيشڪ ناهي بات
آڌيءَ اوريندس عجيب سان، اٺ سڪ سيني ۾ سات
رُپئي ڪنديس ڳالهڙيون، ڏاتر ڏيندم ڏات
جنهن جي "ولڻ" وائي وات، اهو ڏسان هوت اکين سان.

(ولڻ)

هيءُ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ رُپئي ۽ ان جي ڀاڱن وارن سڪن (ڪسيرو، پائي، آڌيلو، پئسو، ٽڪو، آنو، بياني، پائلي، آڌي ۽ رپيو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. ڪيسرو (پئسي ۾ چار ڪسيرا)=ڪسي (گهٽ)+راهـ، پنهون کي ڪٿي وڃڻ جي هلڪائي واري صلاح
٢. پائي (پئسي ۾ ٽي پايون)=پٽيي، هلي
٣. آڌيلي=(پئسي ۾ ٻه آڌيلا)=آڌي (رات) لاڪر، آڌيءَ جوئي
٤. پئسو (رپئي ۾ چوهٺ پئسا)=پئه (مڙس)+سو (اهو)
٥. ٽڪي (ٻه پئسا)=ٽيڪي= ترسي، رهي

۰۶ آلي (رهڻي ۾ سورهن آنا)=آءُ نيي
۰۷ ٻيالي (ٻه آنا)=ٻيا ليي
۰۸ ٻاڻيڻ (ٻائلي، رهڻي جو چوٿون حصو)=رکڻ (ٻريت جا ٻيچ)
۰۹ آڌي (آڌيو، اڌ رپيو)=اڌ رات، اڌ وات
۰۱۰ رُپئي (رپيو)=روءِ پئي، منهن مقابل ملي.]

۰۱ ڪيچي ڪَسي ڪري ويا، ۽ سسئي اڌ رات جو (آٿي پنهون ڪي نه ڏسي) روئي ڏنو
۰۲ هو ٻرهه ڦٽيءَ جو ٿي ٻرين (پنهون) وارو ٻيچرو وٺي ٻنڌ پئي
۰۳ آٿي (ڏير) اڌ رات جو ٿي (پنهون کڻي) نکري ويا
۰۴ سو (سسئي جو) مڙس پاڻ سان چپ چاپ چوري نيائون
۰۵ سا نڪي ڪين ٻنيوڙ ۾، جو پنهون جي گهٽي طلب ڌات هئس
۰۶ (چئي) آءُ ضرور ساڻ وارن سان (فيصلي واريون) ڳالهيون ڪنديس
۰۷ ٻيو وري سڀ ٻروچ هئا، جن کي زوراور ذات ڪري ٿي سمجهان
۰۸ ٻريت جا ٻيچ پاڻڻ ڪا سولي ڳالهه ڪونهي
۰۹ اڌ وات ۾ ٿي ڪين پهچي پنهون سان سچو حال اوريندس، جنهن جي اندر ۾ سچي سڪ اٿم
۰۱۰ روبرو منهن مقابل ٿي، ڌڻي توفيق ڏيندم، جو ساڻس ڳالهيون ڪنديس
۰۱۱ ولڻ ٿو چئي ته: جنهن پنهونءَ جي وائي وات اٿم، شال اهو هوت وڃي اکين سان ڏسان.

[۳٦۵]

ڀئسو ڇڏي ڀانهنجو ويچاريءَ ويو
ٽڪوران ٽڪر جون هن ڪي ڀالڻ پنڌ پيو
ٻہ ٽڪا ٻانهيءَ نہ ٻڌا، هن ڪي ننڊر نهوڙي نيو
ٻياني وس ٻروچ هو جن نال نہ ننگ نيو
ٻائڻ پيچ پريت جا، هن ڪي نشي نينهن نيو
آڌي هو تہ هليا ويا لاهي سانگ سيو
شاهي وات، چتو چئي، ورتيون هوت ويو
هوتيٺو تيئن ٿيو، هاڻي رُٺي ٿي ريهون ڪري.
(چتو سانگي)

هيءَ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ رپئي ۽ ان جي ڀاڱن (ڀئسو، ٽڪو، ٻہ ٽڪا، ٻياني، ٻائڻ، آڌي، شاهي ۽ رپيو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[۱. ڀئسو=ڀئہ (مڙس) سو=(ڀنهون)
۲. ٽڪوران (=ٽڪو، ٻہ ڀئسا)=ڏڪا ٽاپا
۳. ٻہ ٽڪا (چار ڀئسا، آنو)=ٻٽڪا=آواز، چوٻول، ڳالهائڻ
۴. ٻيالي=ٻين ٿي
۵. ٻائڻ (ٻائلي)=وجهڻ، رکڻ (پريت جو پيچ)
٦. آڌي (اڌ رپيو)=اڌ رات
۷. شاهي=نانڪ شاهي سڪو=وڏي
۸. رُٺي=(رپيو)=روءِ ٿي.]

---

[۳٦۵] راوي فقير محمد سامت، ڪچهري ڳوٺ محمد پور، تاريخ ۲۳-مئي ۱۹۵۹ع ۽ محمد يعقوب ٻرڙو، وٺل نقل. "ڪليات چتو فقير سانگي"، ڇاپو ٻهريون، ۱۹۷۳ع، صفحا ۲۲-۲۳ ۾ هن هنر ۾ ست نمبر ستين شامل نہ آهي.

١. هن ويچاريءَ (سسئي) کي پنهنجو مڙس ڇڏي ويو
٢. تڏهن هن کي ڏکرن ۾ ڏولاڪا کائڻا پيا
٣. (ڏيرن جي) وڃڻ وقت هن سندن ڳالهائڻ نہ ٻڌو
٤. هو ٻروچ (پنهون) پڻ جي هٿ وس هو جن هن جي ننگ (سسئي) کي گڏ نہ نيو
٥. پريت سان پريت جا پيچ هئس پر ڪيس نشي نهوڙي نيو
٦. هو (ڏير) تہ (سسئي سان) سڳ سياڪو لاهي آڏيءَ جو هليا ويا
٧. شاعر چيتو ڏو چوي تہ: پنهون کي شاهي وات سان ڪنيو ويا
٨. جيئن ڏيٺو هو تيئن ڏيو، هاڻي (سسئي) روئي ٻئي ريهون ڪري.

[۳٦٦]

رپيا همراس رڪ، ڪوهي ماڻهو ڪيچ جا
آڏيءَ آئي ڪين، تيلاهون ڏوهڻ جهليا ڏڪ
پائڻ پيچ پريت جو، ڀڄڻ ڀولا ڀڪ
ڀاني ڀن ڀروچ ري، عيش ڪنهون ارمڪ
ڀئسا جنهن جي ڀڪ، سا هوندي خوش "حسين" چئي.
(حسين ديدڙ)

هيءُ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ رهئي جي چئراڙي سڪن (رپيو، آڏي، پائلي، ڀاني ۽ ڀئسو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[۱. رپيا = رَهه ڀيا، دشمن ٿيا
۲. آڏي (اڌ رپيو، آڌ ٻو) = اڌ رات
۳. پائڻ (پائلي) = وجهڻ، رکڻ (پريت جو پيچ)
۴. ڀاني (ٻه آنا) = ڀيا (عيش)
۵. ڀئسا (= رهئي ۾ چوهٽ ڀئسا) = ڀَڪُ (مڙس) مان.]

۱. سسئي سان ڪيچ جا جابلو ماڻهو ويري ٿيا
۲. ڏوهڻ رات جو سجاڳ نہ ٿي، تڏهن ڏڪا جهليائين
۳. پرت جو پيچ پائڻ تہ پوءِ ڀيا سڀ خيال ڇڏڻا آهن (۽ دوست ۾ ڌيان رکڻو آهي)
۴. ڀروچ (پنهون) کان سواءِ ڀيا سڀ عيش، وهاڻا ۽ ويس ڀن پيا
۵. شاعر حسين ٿو چئي تہ: جنهن (سسئي) جي پنهنجي مڙس سان پڪي پريت آهي سا سدائين خوش هوندي.

---

[۳٦٦] تعلقي واره مان غلام رسول جتوئي کان مليو. مشهور شاعر حسين ديدڙ جو چيل سهڻو هنر.

جنس: ٽانو

[٣٦٧]

دِلا ڏکيون دور ڪر ڏسان تسڙا
مَٽ ڪنديس ڪينڪي، تنهنجا ڪَرا ڪپڙا
دانگيون ۽ ڏڙا، ڏي نه انهن کي، امام بخش چوي.
(امام بخش)

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ٺڪر جي ٽانون جا نالا (دِلا، ڏکيون، تَس، مَٽ، ڪَرا، ڪُپڙا، دانگيون) تجنيس طور آندل آهن.

[١. دِلا=دِليان، دل جا، منهنجي اندر جا. ڏکيون=ڏکيون ڳالهيون، پرٽي جو اُچون. تسڙا=ته سڙان
٢. مَٽ=برابر. ڪرا ڪُپڙا=ڪورا ڪپڙا
٣. دانگيون ۽ ڏڙا=دالڪا ۽ ڏڙڪا، ڏپ ۽ ڏڙڪا.]

١. (اي عمر!) جيڪي ڳالهيون منهنجي دل کي ڏکوئين ٿيون اهي نه ڪر، جو اهي ٻڌي اندر ۾ سڙان پچان ٿي
٢. آءٌ (پنهنجي اباڻي لوئي ۽ کٿيءَ جي) مٽ نه ڪنديس تنهنجا ڪورا ڪپڙا ۽ ويس وڳا
٣. شاعر امام بخش ٿو چوي ته: (اي عمر! انهن ماروئڙن کي) ڏپ ۽ ڏڙڪا نه ڏي.

---

[٣٦٧] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري ۽ ڪراچي مان صالح محمد سمي کان مليو.

## جنس ۽ جنڊر ۽ ان جا ڀاڱا

[٣٦٩]

جانب! جنڊر ڏيئي ونئين، ويئي ڏک ڏري
هٿئي هٿي هوت هٿئي ويا، مان ڪئون ڀُڙ ڀري
ڀڙي نوڪ پنهل جي، ٿي اندر چيت چري
جوٽي جنڊر جبل ۾، ورري ڪين وري
ڪُمر ڪوڪيون ڪانڊ لئي، ٿي سنڌ ڪيون سڏ ڪري
چڙهيس آڪيڙا عشق جا وڏي قابو ڪيرُ ڪري
لائي مَڪُڙي محبت جي، ٿي ڳاري منجهه ڳري
آهُ ٻڪي ڏي ٻاجهه جي، دلبر دست ڌري
موريا تان نه مري، جيتر تنور ٻسي پانهنجو.

هيءُ هنر 'سسئي' بابت چيل آهي جنهن ۾ 'جنڊر' ۽ ان جي حصن ڀاڱن ۽ اصطلاحن (جنڊر، هٿيو، ڀُڙ، جوٽو، ڪُمر، آڪيڙو، ڪيرُ، مڪڙي، ڳارو، ٻڪي، تَنُورُ) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. جنڊر=جبل. ڏري (مصدر. ڏرڻ)=ڏڏر ڪري، سُور اوري

٢. هٿئي (هٿئين ڀُڙ جو مُٺيو)=هٿئون، هٿن مان. ڀُڙ (جنڊ جا ٻه پُڙ)=ڀَڇڻ، ڀڄت، وس

٣. جوٽي (مڪڙيءَ ۾ ٻڌل ڏورو)=(مصدر جوٽڻ) ڪاهي، هلي

٤. ڪُمر (جنڊ جي وچ ۾ ڳاري وجهڻ وارو خال)=ڪُمهلو، اڌ رات جو

٥. آڪيڙا (جنڊ جي ڀُڙ کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ جوٽن کي وڪڙ ڏيڻ)=وٽ، وڪڙ. ڪيرُ (جنڊ جي وچ ۾ ڪِتل لوهي سيخ)=ڪِلو

---

[٣٦٩] مشهور سگهڙ موريي ڪتي جو چيل هنر.

٧. مڪڙي (جنڊ جي مٿين پڙ جي وچ ۾ پيل ڪاٺي جيڪا ڪير ۾ ٻه پوي ۽ ٻـَڙ کي ڦيرڻ ۾ مدد ڪري)=وڪڙ، ٻيچ. ڳارو=(جنڊ جي ڪـُـر ۾ ٻڌاڙيءَ وارو ڏريل انُ) (مصدر. ڳرڻ=رجهڻ) ساڙ، ٻـَچ.

٨. ٻـَڪي (هڪ واري ۾ جنڊ ۾ وڌل انُ جي لپ)=دوا

٩. تـَـنـَـور (ٺڪر يا مٽيءَ جو وڏو ٿالهه جنهن ۾ جنڊ رکيل هجي ۽ اَن ۾ پيٺل اٽو گڏ ٿئي)=تانُ وَرُ (مڙس).]

١. جانب (سسئي کي) جبل جيڏا ڏک ڏئي ويو، هاڻي ويٺي پوڳي

٢. هاءِ هاءِ! هوت منهنجي هٿن مان نڪري پرانهين پنڌ هليا ويا

٣. پنهل جي نينهن جي نوڪ اندر ۾ پيهي وئي آهي

٤. هاڻي جبل ۾ پنڌ پئي آهي سا ور سان ملڻ ڪان سواءِ ڪانه ورندي

٥. سا ڪانڌ لاءِ ڪمهليون دانهون ڪوڪون ۽ روج راڙو پئي ڪري

٦. عشق جا پيچ ۽ ميخون لـڳل هئس

٧. محبت جي وڪڙ ۾ ڦاسي اندر ۾ پئي ڳري ۽ وجهلي

٨. اي دوست! پنهنجي پاڄهه جو هٿ رک ته دوا ٿئي

٩. تيستائين نه مري جيستائين پنهنجو ور نه پسي.

## جنس: ڀاڃي ۽ ورڪر

[٣٧٠]

سوٽا، چوڪا، اٿئي پالڪ پنهوارن
جيرو آهر نه ايندئي، پوندئي قبولڻ ڪم
مئنا پتاشا، حلوا هزار سڄڻ
ماندي سرڪار لاهن سڀ جو زمين دولتمندن
مهندئون جنهي جي سَن ۾ ماڳئون سي مٿن
ڪل منهنجي، قاضي چئي، آندي نه اباڻن
هي هاويءَ منجهه هجن، جيڪي پٺيرا پيغمبر سان.
(قاضي الهورايو)

هيءَ هنر 'مارئي' جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ڪاڏي جي ٿين ۽ ورڪرن (سوٽا، چوڪو، پالڪ، جيرو، آهُر، پتاشا، حلوو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[١. سوٽا (ڀاڃي)=ساهه. چُوڪا (ڀاڃي)=چُڪو. پالڪ (ڀاڃي)=پلڪ. پنهوارن=پهر ڪن
٢. جيرو (ورڪر)=جيئرو. آهُر (ورڪر)=اٿهين. قبولڻ=قبر ساڻ
٣. ميٺا=مُٺا. پتاشا=پاتشاهه. حلوا=هليو
٤. ماندي=ڏاڍي. سرڪار=سرڪار. زمين=امين. دولت= عدالت
٥. مهندئون=منڍي. ماڳئون=موڳا
٦. ڪمل منهنجي=ڪلمي بنا. آندي نه اباڻن=اولداهو اکين.]

١. ساهه چُڪو اٿئي (پورو ٿيو اٿئي)، باقي (حياتي) پهر ڪن اٿئي
٢. جيئرو آٿهي نه هوندين، قبر ساڻ ڪم پوندئي

---

[٣٧٠] خود شاعر جي زباني قلمبند ڪيل.

٣. مٺا بادشاهہ! ڏس هتان هزارين هليا ڀيا وڃن
٤. مهند ڏاڍي سرڪار اٿئي، جتي امين عدالت ٿا ڪن
٥. هيت جن جي مٿن ۾ منڊي آهي سي آت موڳا ٿيو مصيبت ۾ پون
٦. شاعر قاضي الهورايو ٿو چئي تہ: جيڪي ڪلمي ٻنان مرن ٿا تن جي اکين اڳيان اونده هوندي آهي
٧. اهي جهنم (هاوي) جو ڪاڄ ٿا ٿين جيڪي نبي سڳوري جي هدايت تي نٿا هلن.

## جنس ۽ ساز

[۳۷۱]

قرنايون لاءِ ڪامَ، ٿِي سُرنديُ پنڇي ساٿ جو
چنگين چڙهي چوٽين تي، زيرين ٻچي ٻام
ڍولڪ لڪ لنگهي ويا، هٿي طبل تمام (۱)
سرمنڊل ميدان ۾ موڙي نغاري گام (۲)
سارنگي راتيون رهي، شرنائي ۾ شام (۳)
ڏڪڙ ڪاهڻ ڪيچ ڏي، مُرلي مُنڌ مدام
دفين دل دام، وڏس جانب جت جلال چئي.
(جلال)

هيءَ هنر مسئي جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ وڄت جي سازن (قرناءِ، سرندو، چنگ، زير ۽ ٻام، ڍولڪ، طبلا، سرمنڊل، نغارو، سارنگي، شرناءِ، ڏڪڙ، مُرلي ۽ دف) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ۱. قرنايون=ڪرنايون، هيٺ (پيرا) لهارينديون. ڪام=ڪامڻ (مسئي). سُرندي= (مصدر سُرڻ) رڙهندي، آهستي آهستي هلندي
۲. چنگين=چُنگين تي، چوٽين تي. زيرين=هيٺ. ٻام=مٿي
۳. ڍولڪ=ڍول ڪري. هٿي طبل تمام=وڏي هاڪ هڪل سان
۴. سُرمنڊل=سُر ميدان. نغاري=نا گهاري. گام=قدم

---

[۳۷۱] راوي لعل بخش موچي، ڪڇهري ڪاڪيهوٽا، تاريخ ۱۱-اپريل ۱۹۵۴ع، ۽ حسين ڪوري وينل لڳ استيشن نواب ولي محمد، ڪڇهري ٻالدي استيشن، تاريخ ۱۵-اپريل ۱۹۶۲ع. ٻيون روايتون: ڪمن پٽ پيڙو فقير عالياڻي چارڻ ۽ محمد يعقوب ٻرڙو.

(۱) ٻي پڙهني: طرح تنبوري تام (۲) ر. نغاري مچ ڪؤن گام (۳) اٿس شرنائي ۾ شام

٥. سارلکي=سارڻ. سنگي=اها رڻ ۾ ڏکي. شرلاء= شرّ لہ آئي، کا آفت لہ اچي. شام=رات جو

٦. ڏکڙ= ڏوکڻ= کاهڻ=هاڻ. مترلي=متر رُلي=پل هلي ۽ ووڙي

٧. دفين د فين=دفعي دفعي، پيري پيري، گهڙيءَ گهڙيءَ.]

١. کامٺي (سسئي) کنڌ نمايو، سڏرندي، ساٿ جو ڏس پڇندي ٿي ويئي

٢. آها جبلن جي هيٺ مٿانهين چوٽين تان لهندي چڙهندي هٿي وئي

٣. تنبو هٽي منزل کرڻ ۽ طعام کائڻ کان سواءِ هلندا ڊول لک لنگهي ويا

٤. سَرَ ميدان مان اهڙا تکڙا ويا جو نکي غارن کان ٿي پاسو کيائون نہ کنهن قدم تي ٿي ترسيا

٥. (سسئي) رڻ ۾ رهي ٿي، پر شام (رات) جو نہ ٿي ترسي تہ متان کا آفت (شرُّ) نہ اچي

٦. (کيچ ڏي) ڏوکڻ ۽ کاهڻ لاءِ وس ٿي کيائين، متان مٿندَ رُلي نہ وڃي

٧. شاعر جلال ٿو چئي تہ: انهيءَ کري جو جتَ (پنهون) سندس دل کي دام وجهي ڇڏيا هئا.

[۳۷۲]

ساز گهڙي ٿـي سـهڻـي منجهہ امـالڪ آب
سا ري تار تـريـو وجـي، مثل مُنڌَ حُباب
سارنگي سرڪ چڪايس، مٺـي مـتـي مهتاب
ڍولڪ ٺون وٺي ڍول ڏي، لا تس لـهر رباب
بين سٺي بيهي نہ رهـي، توڙي ڏنس آب عذاب
ميهر جي تہ مُحاب، وٺي مُنڌ تري مهر شاه چوي ۔

(مهر شاه)

سهڻيءَ جي بيان ۾ چيل هن هنر ۾ سازن جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ۱. ساز=سانجهہ

۲. سا=۱سرگم ۲ جو پهريون هيٺيون آواز. ري=سرگم جو ٻيو نمبر آواز. ساري=سنپاري. تار=سُر ۽ تار=تار پاڻي

۳. سارنگي=سا رنگين. رنگين سرڪ=محبت جي مٺي چڪايس.]

۱. سانجهي ٿي تہ سهڻي آمالڪ وچي درياءَ ۾ گهڙي

۲. سا لهرين ۾ پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر هيٺ مٿي ٿيندي ترندي وٺي

۳. جيڪا سُرڪ چکي هئائين ان جي مستيءَ ۾ پئي وٺي

۴. لوڪ ڪان لڪي ميهر ڏي هلي

۵. توڙي پاڻيءَ عذاب ڏنس تہ بہ بيهي نہ رهي

۶. مهر شاه ٿو چوي تہ سهڻي ميهار جي محابي ترندي ويئي.

---

[۳۷۲] مهر شاه، وينل گهاڙ جو- راوي محمد يعقوب پرڙو.

# باب ڏهون

## راند يون

### جنس: چؤپڙ راند

[٣٤٣]

چؤپڙ چِٽ سندوس، رَميِ ڏاري روهه ڏي
پَنڃ نا موڙني پوئتي، وَرَ تي داءُ وريسوس
آئي آس عشق جي چيلهي ساڪ چڪيوس
ڪوجو محب مليوس، جبلين پاس"جلال" چئي.
(جلال)

چؤپڙ راند ۽ ان جي اصطلاحن تي وڏي مشهور سگهڙ شاعر جلال ڪئي ءُ جو سسئي جي سر ۾ هي هنر چيل آهي

[ ١. چؤپڙ=راند جو نالو=چئو+پڙ. چٽ=حوصلو. رمي=راند رهڻ. رمڻ=هلڻ، رمي=هلي. ڏاري=چؤپڙ راند ۾ ڏارو هڻڻ. ڏاري روهه ڏي=رخ ڪري جبلن واري پاسي (جتان سات ويو هو)

٣. آئي="آءُ لي!" راند ۾ هڪ راند يگر جو پئي کي پولائڻ ته آئُ هڻ ڏارو ته ڏئي مقابلو. آئي=آئي (اتر طرف جو محاورو)=آئي. آس=سڪ، اميد. چيلهو=چوپڙ راند واري ڪپڙي ۾ نني ڏڻ چورس گهرڻ مان هڪ گهر. چيلهي=جاءِ، ماڳ=پور محبت ۽ عشق واري مرحلي تي.]

١. سندس (سسئي ءُ جو) حوصلو ڏسو جو رخ ڪري جبلن ڏي ڪاهي پئي

٢. هڪ پير به پوئتي نه موڙني، ۽ ور (پنهون) جي پويان هلي

٣. آس آئي عشق جي سختي ءُ واري منزل تي چڙيس

٤. شاعر جلال ٿو چئي ته: پوءِ جبلن ۾ ڪنهن حيلي سان وچي محب مليس.

---

[٣٤٣] راوي پيڙو فقير ڪنيار، جنهن ميرپور پرڙي تعلقي نُل مان پڏي قلمبند ڪيو.

[٣٧٤]

اوکي هئي تہ ڀتار لئي، جنهن ڏارا ڏئي ڏاريا،
هيءُ چوُپڻ کيائين چت ۾ؤن، جنهن جا پنجئي پٽئون پياس
انهي چيلهي ۾ چانڊيو چوي، وجي جوڙي جڪجڪ ڀڏ ياس
ڀوءِ لهي وهم وياس، ڪوندر سي غلام چوي.
(غلام چانڊيو)

هيءُ هنر 'سسئي' جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ چوُپڻ راند جا الفاظ ۽ اصطلاح (ڏارو، چوُپڻ، پٽڻ، رنگ، بند، چيلهو، جڪجڪ) تجنيس طور آندل آهن.
هنر جو مطلب آسان آهي.

---

[٣٧٤] راوي مرحوم الٰهي بخش خان لُنڊ ڳوٺ ڪمال خان، تعلقو جوهي.

## جنس ۽ پٽن راند

[۳۷۵]

چيٽي آهين چانڊيو چئي، پان سڃاڻج پاڻ
اجايون ايمان هٽين، اوڳا تون اڻڄاڻ
ڪائي چڏ کڏوءَ ڪي تہ ڏاتر ڏيئي ڏاڻ
پرَوش تنهنجي پاڻ، ڪندو ورَ ولڻ چئي.
(ولڻ چانڊيو)

هيءَ هنر انسان کي نصيحت هدايت طور چيل آهي، جنهن ۾
تاس جي چئن رنگن (چيٽي، پان، اينٽ ۽ کڏو) جا نالا
تجنيس طور آندل آهن.

[ ۱. چيٽي (ڦلو)=چڙيءَ مثل هڪي. پان (لال جو رنگ)=پاڻ
۲. ايتان (چونڪڙي)=ائيون، لتئون، اجائي مستي
۳. کڏو (ڪارو)=خودي، وڏائي، ٽانءُ.]

۱. (اي انسان!) تون چڙيءَ مثل هيٺو آهين، ڪجهہ پاڻ کي سمجهہ ۽ سڃاڻ
۲. اي اوڳا اڻڄاڻ، مستيءَ ۾ اجايون لتون ڇو پيو هڻين
۳. هٺ وڏائي کي ڇڏ تہ توکي انعامن سان نوازي
۴. شاعر ولڻ چانڊيو ٿو چوي تہ پاڻ سڃاڻ ۽ سنڀار تہ پاڻ ڏٺي بہ تنهنجي سار سنڀال لهي.

[۳۷۶]

وٺ **ٻڪو** نانءُ الله جو تہ **تاس** نہ لڳئي تَنِ
ڪيِ **ڏُڪي** دل مان، ڏي ٻيائيءَ کي ڀَنِ
**ٽِڪي** ٽڪنديس ڪينڪي، محبت رکجانءِ مَنِ
**چوُنڪي** جن جي ڏئين، تہ سونهين منجهہ سرتَنِ
**پنجي** پنجن تنن جي، طلب رکجانءِ تَنِ
اهي عجيب اڃن، شل ”ولڻ“ ويل وصال جي.
(ولڻ چانڊيو)

هيءَ هنر نصيحت جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ ’تاس‘ جا ٻهريان پنج پتا (تاس، ٻڪو، ڏُڪي، ٽڪ، چوُنڪي ۽ پنجي) تجنيس طور آندل آهن.

[ ۱. ٻڪو (هڪ)=هڪڙو. تاس (ٻاونجاهہ پتا)=اَڃ
۲. ڏُڪي (ٻہ)=دغائي، ٻيائي
۳. ٽِڪي (ٽي)=(مصدر ’ٽڪڻ‘ مان) ترسي، رهي
۴. چوُنڪي (چار)=حاضري، چاڪري
۵. پنجي (پنج)=پنهنجي.]

۱. هڪ الله جو نالو ياد ڪر تہ لهس نہ لڳئي
۲. دل مان دغا ڪيِ ۽ ٻيائي کي ڇڏ
۳. هتي (هن دنيا ۾) سدائين ڪونہ رهندين، اندر ۾ محبت رکي گذار
۴. تون پنجن تنن جي طلب رکجانءِ
۵. تہ شال اهي وصال (مرڻ) واري وقت اچي تومان حامي ٿين.

## باب ٻارهون

## عـلـم

### جنس: قران پڙهڻ

[٣٤٤]

ايـمـي چـڏ مـون سـيـپـارو چـا كندو
ركوع نہ كر تـون، كيو مـون ختمو
سـاهـڙ سان كلمو، پڙهيو مون ميثاق ۾.

هيءَ هنر سهڻي جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ قرآن شريف متعلق (ايمي، سيپارو، ركوع، ختمو، كلمو ۽ پڙهڻ) اصطلاح آيل آهن.

[١. ايمي=اي مائي! سيپارو=سيءُ پارو
٢. ركوع=روڪ. ختمو=خاتمو
٣. كلمو پڙهيو=واعدو كيو.]

سهڻي ٿي نٽان كي چوي تہ:

١. اي مائي! مونكي چڏ، مونكي سيءُ پارو چا كندو
٢. روڪ نہ، جو مون پنهنجي خاتمي جو پڪو پهہ كيو آهي
٣. ساهڙ سان منهنجو ميثاق ۾ ئي كلمو پڙهيل (انگ لڳيل) آهي.

---

[٣٤٤] تعلقي ككڙ مان احمد خان آصف كان مليو.

## جنس : سگهڙپائي

[۴۷۸]

ايءُ ساهه پڇيو آن ڪان، ڏي تون خان خبر
ڇئي: ڪئين ڳجهارتون گذري ويون، چئايي منجهه ڇپر
هنر هوس حڪم جو، ڏرائي ڪئين دَر
قافين مداحي مولودي، جهليم زير زبر
هين بدن سان بهادريون ڪيم، هي بيت رکيو تم ٻَر
ڪڏهن ڳُرَ - چيلي، اڄ ٻروائي منجهه پَڌر
ڏور ڏسان تو ڪونڪو، سينگار تيا ڪنهن پر
منهنجا لوڏيا ڪُل لشڪر، تو ڪري حال حبيب سان.
(موريو ڪئي)

هيءَ هنر حضرت عيسيٰ عليه‌السلام ۽ جمجما سلطان جي بيان ۾ چيل آهي، جنهن ۾ سگهڙپائي جي فن (ڳجهارتون، هنر، ڏرائو، قافيون، مداحون، مولود، بيت، ڳر - چيلو، ٻروائي، ڏور ۽ سينگار) جا نالا ۽ اصطلاح تجنيس طور آندل آهن.

[ ۰۱ اي ساهه=عيسيٰ (لبي)
۰۲ ڳجهارتون=ڳجهيون راتيون
۰۳ هنر=اَتر=بهادر مرد. ڏرائي (ڏرائو)=ڏهلائي، ڏڪائي
۰۴ قافين=قافلن. مداحي=م دانهين=دانهون. مولودي=مون وٽ بون. زير زبر=زور ۽ زار
۰۵ بيت=بُت=بدن
۰۶ ڳر - چيلي=ڳهڙ چتايي ٿي. ٻروائي=ٻنهي رائي
۰۷ ڏور=ڏور=ڏوران. سينگار=سي غار (چٽ، لاس)
۰۸ موريو=مٺو روبو.]

---

[۴۷۸] تعلقي ٽنڊي الهيار مان ولي محمد طاهرزادي کان مليو.

۱. حضرت عيسيٰ عليه‌السلام (جمجما جي سِريءَ کان) پڇيو ته:
خبر ڏي (تہ ڪير آهين ۽ ڪيئن پٽي ٻَر ۾ رُلين)

۲. چئي: ڪئين ڳجهيون راتيون گذري ويون، جو ڇپر ۾
پئي رُليس

۳. نَر (مرد) هئس، منهنجي حڪم ڪئين دَر دَهلايا ٿي

۴. قافلن ۾ سون دانهون وڌيون، ڏاڍ ۽ ظلم ڪي بند
ڪري ڇڏيم

۵. هن جسم سان مون ڏاڍيون ٻهاد ريون ڪيون، اج اهو ٻُت
ٻر بيابان ۾ پيو آهي

۶. ڪڏهن تہ (هيءَ سِري) گهر ۾ ٿي جَلِي، پر اج هن
ٻَر پَٽ ۾ پئي رُلي

۷. (جيڪي منهنجي سات ۾ هئا) تن مان ڪوبہ اوڏو ڪونہ
ٿو ڏسان، الاجي ڪٿي غار ٿي ويا

۸. منهنجا سڀ لشڪر لوڏجي ويا- مثل (سِيسي) اهو حال
روئي حبيب (حضرت عيسيٰ) کي ٻڌايو.

# ضميمو-٢

هن ضميمي هيٺ اهي هنر ڏنا ويا آهن، جيڪي ڪتاب جي ڇپائيءَ کان پوءِ دستياب ٿيا. جيڪڏهن اهي هنر اڳ ۾ ملن ها ته ڪتاب جي هر ڀاڱي ۾ موضوع مطابق مناسب جاين تي شامل ڪجن ها.

# ٻاڳو ڀڙيون

## باب ٻيو: سر سسئي

[۳۷۹]

ميٺهن وٺا منڊ تي، وريا واهوندا
ڪي آيا ڪي ايندا، وريا واهوندا
وريا واهوندا، پير نہ ڏسي پنهل جو.

[۱. واهوندا=واهہ وهيا هولدا
۲. وريا واهولدا=وري ويا هولدا
۳. واهولدا=ڏکڻ-اولهہ جون هوائون.]

۱. منڊ تي ميٺهن وٺا آهن، وري واهہ (واهڙ) وهيا هوندا
۲. (لڏي ويل) ڪي آيا هوندا، ڪي ايندا، ڪي وري ويا هوندا
۳. (ڏکڻ-اولهہ جي هوا) واهوندا وريا آهن، جنهنڪري پنهل جو پيرو نٿو ڏسجي (لٽ ۾ لٽجي ويو آهي).

---

[۳۷۹] ڪراچي مان، صالح محمد سمي کان مليو.

## باب ڏيو: سر مارئي

[۳۸۰]

اکين آب وهائيو، سنڀاريندي سٿکان
اهڙي باس نہ باسي هير بوزدار ڇئي، کي سٿورن جون سٿکان
وڃي ويڙهيچن وٽ ڏينديس سرتين ۽ سٿکان
ساڱيون سهيليون سٿکان، آءٌ کنديس ملڪ ملير ۾.
(د ر محمد بوزدار)

[۱. سٿکان = سٿکڻ
۲. سٿکان = سٿکائون، باسون
۳. سٿکان = مبارڪون
۴. سٿکان کنديس = پنهنجي خدمت سان سٿکيون کنديس.]

۱. اکين آب وهائيو، سٿکن کي سنڀاريندي (ياد ڪندي)
۲. سگهڙ بوزدار ڏو چئي تہ: سٿورن جون سٿکائون باسون جي
باس تہ ڪانہ باسي هير
۳. (نيٺ) ويڙهيچن وٽ (موٽي) وڃي سرتين کي مبارڪون
ڏينديس
۴. (۽) اهي ساڱيون سهيليون آءٌ ملڪ ملير ۾ پنهنجي خدمت
سان سٿکيون کنديس.

---

[۳۸۰] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

[۳۸۱]

جوکِي آيـو ٻنا وٺـي، نہ ڪيائين آبادي
پـيـڻ نجانءِ آئي سـومـرا، عـمـر آبادي
جان ٻوءِ ڪندين سَولڙو، عـمـر آبـادي
موڪل پانـڌي سـومـرا، آڪيم آبادي
توريءَ آبادي، مهل سان لاهن شاهنواز چئي•
(شاهنواز ڪٽوهڙ)

[۱. جوکِي=جڳ. ٻنا=ٻہ. نانءَ. نہ ڪيائين آبادي=نيڪي ۽ بدي
۲. اجانءِ آئي=اِهو جوءِ ٿئي. آبادي=آبي ڏيءَ
۳. جان ٻوءِ ڪندين=جا ٻوڪيندين. سَولڙو=سو لٽيءِ
۴. موڪل=مُٺي ڪَل. پانڌي=پوندئي. آڪيم آبادي=اکين آب ايندئي
۵. توريءَ=توري. آبادي=آپ هادي. مهل سان لهن=عمل صالح آهن.]

۱. (انسان) جڳ ۾ آيو ٻہ نانءَ وٺي: نيڪي ۽ بدي
۲. پڻ نہ جوءِ ٿئي، عمر سومرا! آبي ڏيءَ
۳. جا ٻوڪيندين، سڀ عمر سائي آبادي لڻندين
۴. مُٺي ڪَل پوندئي سومرا، (جڏهن) اکين ۾ آب ايندئي
۵. شاعر شاهنواز تو چئي تہ: توري آپ هادي، جنهن جا عمل صالح آهن.

---

[۳۸۱] سگهڙ مرحوم شاهنواز ڪٽوهڙ (وينل لسگ ڪنڊڙي، خيرپور) جو چيل هنر، ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

## ست - سرو

[ ٣٨٢ ]

صبح سوالي منگتو آيو منجهه تارن
هوءَ بيراڳڻ محان ۾ متي سا تارن
متي تي موهت تي تڏهن تڙي تارن
جاڳڻ ڪيائين ڪونڪو، ڏوهه ڏئي تارن
سهج مليا همس ڪيترا، تہ بہ ڪيائين تارن
ڀهرئين ڀهر مهراڻ ۾ گهڙي منجهه تارن
تاري شهہ تارن، ڪئي ديواني ڪوڙو چوي.
(ڪوڙو)

هي ست سرو هنر آهي
[١. تارن=تارن ۾، اڌ رات جو
٢. تارن=سرلدي جي تندن
٣. تارن=تان+رن
٤. تارن=لڪڻ
٥. تارن=تار (ڇڪ) + ن
٦. تارن=تارن لڪرن مهل
٧. شهہ تارن = پاڻي تي ترلدڙ جيتن تاروڙن.]

١. ڀيجل (راءِ ڏياچ جي محل ۾) اڌ رات جو آيو
٢. سورٺ کي چنگ جي تارن ويراڳ ڏنو (رن-ڀڻ ڏنو)
٣. ليلان کي ڏهاڳ تڏهن آيو جڏهن متي تي موهت تي (چنيسر تي متيائين)

---

[٣٨٢] لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ص ١٢٣.

٤. مسڻي پاڻ سڄاڳ نہ ٿي، پوءِ تارن کي ڏوهہ ڏنائين
(تہ صحيح وقت نہ ڏسيائون)

٥. مارئي کي ڪيترائي سڱ (عمر) آڇيا، پر سندس هڪ
تند بہ قبول (نہ ڪيائين)

٦. سهڻي، رات جي پهرئين پهر ۾ (تارن ايرڻ مهل) دريا ۾
گهڙي هئي

٧. ڄڃڌي تڏهن شهہ تارن (جيتن) ڪيس تاري ڪپ تي آندو.

# ٻاڱو ٻيو

[٣٨٣]

ماڙين ۾ اھا ويھي جا **ڪري** نہ **ڪيري**
ڪاڄ ڪائيندس ڪينڪي **ڀري** نہ **ڀري**
**ٽري** نہ **ٽري**، موڪل ڏي ملير وڃان.

[١. ڪري ۽ ڪيري = ڪري + نڪ + ري = جيڪا ٻي لڪي ھجي
٢. ڀري ۽ ڀري = ڀري + ايپ + ري = ايپ يعني ٽاڻيل وھہ
٣. ٽري نہ ٽري = ٽرين + لٽ + ري = لٽ ڪان سواءِ].

١. عمر! ماڙين ۾ آھا ويھي جيڪا ٻي نڪي ھجي
٢. تنھنجا ڪاڄ ڪين ڪائيندس جو اسين (مارو) ٽاڻيل وٽھہ (وارو ڪاڏو) ڪائيندا آھيون
٣. مون ڪي نٽ (ڀارائي، ڀرٽجڻ) ڪان سواءِ موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

[۳۸۴]

آئــي ويٺي تار، سرتيون ساهڙ ڇام جي
ڪاهي پـئـي ڪـُنن ۾، تار نہ جهلي تار
تن سدائين تار، مون کي محب ميهار جي.
(راضي فقير)

[۱. تار=لوري
۲. تار=سڪ. تار=اولهو پاڻي
۳. تار=چڪَ، محبت.]

۱. سرتيون! مون کي آئي ويٺي ساهڙ جام جي تات آهي
۲. (ساهڙ جي) سڪ ۾ تار پاڻيءَ ڪان نہ ڊڄي، ڪُنن ۾ ڪاهي پئي
۳. منهنجي تن ۾ سدائين محب ميهار سان ملڻ جي سڪ آهي.

---

[۳۸۴] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل
راضي فقير، تعلقي هالا جو ويٺل هو ۽ وڏو سمجهو سگهڙ ۽ شاعر هو.

[٣٨٥]

هي ڀٽ ڪامي ڪام، ڏهه پٽ ڏاڏائي وڃان
عمر اسان جي ڏيهه ڏي، ٻي پٽ ڀرائي ڪانه
آتي پٽ ڀرن، ڀٽ پوَن، هت ڀٽ ڀري ڪانه
پٽين ٻجهائن، هي پٽ هتي گهوريا.

[١. هي ڀٽ = هي ملڪ تنهنجو. ڏهه پٽ = ڏيهه ڀٽ، مارن جو ملڪ
٢. پٽ = ريشم
٣. ڀٽ ڀرڻ = آڻ اوڍڻ. ڀٽ پوڻ = زمين تي سمهڻ. ڀٽ ڀرڻ = مال کاهڻ
٤. ڀٽين = ٻند جي ڀتن مان. هي ڀٽ = هي گهه ڀتو ۽ ڀٽ ريشم.]

١. هيءُ ملڪ، هيءُ ماڳ ڪامي جلي پيو، آءٌ شال پنهنجي ڏيهه واري پٽ ڏي موٽي وڃان
٢. عمر! اسان جي ڏيهه ۾ ڪابه عورت ريشم ڪين اوڍي
٣. اتي اسان وٽ مال ڀرائي ڀٽن تي وڃن، زمين تي سمهن، پر هت ڪابه عورت نڪي مال چاري ۽ نڪي پٽ تي سمهي
٤. ٻند جي ڀتن لهڻ کان پوءِ (آءٌ آزاد ٿي ملير ڏي ويندس) هتي جا هي گهه ڀتا ۽ پٽ ريشم گهوريا.

---

[٣٨٥] ڊاڪٽر بلوچ جي ذخيري تان ورتل، جيڪو ڪمل عالماڻي جي زباني قلمبند ڪيل.

[٣٨٦]

مامن ماريس تنهنجي، مامن مامن سان
مامن سنديون ڳالهڙيون، مامن کنڌي سان
ماما ملن مان، کريان مامن سنديون ڳالهڙيون.

[٣٨٦] خوشيرام فقير "سودائي" جي ١٨٨٠ ۾ لکيل بياض تان ورتل. شاعر جو نالو معلوم ناهي. سهڻو عنر آهي پر فقط متن رکيو ويو آهي.

## ڊاگو ڏيون

### جنس: پکي ۽ جيت

[٣٨٧]

جهرڪي نمڻ نياز آهي ڪم اصيلن
ماڪوڙا ڪيولي ڪڍهن ڪين ٿين
طوطا تنواري گازي گوءِ ڪڍن
مرد اچن ميدان ۾ مڏڙيا سڏون ڪن
درمحمد ڏر ٿين، اشارا عاشقن جا.
(درمحمد بوزدار)

هيءُ هنر نصيحت هدايت جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ پکين ۽ جيتن جا نالا (جهرڪي، ماڪوڙا، ڪيولي، طوطا) تجنيس طور آندل آهن.

[١. جهرڪي=جهُڪي. نمڻ=جهُڪڻ، لوڙڻ
٢. ماڪوڙا=ڪُوڙا. ڪيولي=ڪي وَلي
٣. طوطا=توهين تون جي تنوار
٤. ڏر ٿين=پورا سهڻا مڪمل ٿين.]

١. جهُڪڻ ۽ نمڻ نياز سان اصيلن جو ڪم آهي
٢. ڪُوڙا ڪڍهن به ڪي ولي درويش ڪين ٿين
٣. توهين تون جي تنوار سان ڪي غازي گوءِ ٿا ڪڍن
٤. (عشق جي) ميدان ۾ مرد ايندا آهن، سڏڙيا رڳو سڏون ڪندا آهن
٥. شاعر درمحمد ٿو چئي ته: عاشق اهڙن اشارن (ڳالهين) سان ئي پورا سهڻا ۽ مڪمل ٿين ٿا.

---

[٣٨٧] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

[٣٨٨]

جي ني **ڪونل** وَهين، تون ڳيرو پئي انهن ڪؤن
مَينا ساري مَنج، آهين ڪان مثل **ڪانون**
پَينا ٻڻهُوڙيون ڪري، ته ٻه سورهيه سنگ نه ڪن
آهين ٻاڙيچي پکين، سن ملين، موسن شاهه چئي.
(موسن شاه)

هيءُ هنر مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ پکين جا نالا (ڪوئل، وهيا، ڳيرو، مينا، ڪانو) جا نالا تجنيس طور آندل آهن.

[ ١. جي ايڪوئل = جني ڪول = جني وت. وَهينَ = وِيهن. ڳيرو = اڳي رو
٢. مينا = مئي لي = مئي = وڏائي، آڪڙ، هستي. مثل ڪانون = ڪاون مثل، وڏيندڙ شيشن وانگر
٣. معنيٰ غور طلب آهي
٤. ٻاڙيچي = ويڙهيچا، مارو، اباڻا. پکين = پکن ۾.]

١. جني وَٽ تي وهين، تون انهن **اڳيان** پئي روءُ
٢. چوته ميءَ ۽ هستي وڏيندڙ ڪاوَن مثل آهي
٣. (معنيٰ غور طلب آهي)
٤. سگهڙ موسن شاه ٿو چوي ته: آهين ٻاڙيچي پکن ۾ رهاڪو، من انهن سان موٽي ملين!

---

[٣٨٨] موسن شاهه جو چيل هيءَ هنر محمد بخش پٽ سگهڙ مرحوم مريد خان چانڊ بيڪان ڪچهري ڪوٽ لڏاڻ تعلقي خيرپور ناٿن شاه ۾ مليو.
(ن. ب)

[٣٨٩]

هنجهہ هلي اچن جيڪي سنگهن مان ٻائين،
آڙي ڇڻو انهن کي جيڪي ٻولهاڙيون آهين،
لاڪي ڄاڃي لڪ ڪري وڃي پيٽيون ڀرائين،
ڪانيرا ڏاهين، نيرڳي ٻول نہ تن کي.

هي هنر مارئي جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ آبي پکين جا نالا (هنجهہ، منگهہ، آڙي، ٻولهاڙيون، لاڪي ڄاڃي، پيٽ، ڪانيرا، نيرڳي) تجنيس طور آندل آهن. هي هنر ٻيءَ روايت مان صفحي ٢١٥ تي اچي چڪو آهي پر هيءَ روايت وڌيڪ پوري آهي. معنيٰ غور طلب آهي.

[١. هنجهہ = جهولي، گود. منگهن = منگن = گهري وٺن، چاهين
٢. آڙي = آڙي، زال ڪي سڏڻ جو لفظ. ٻولهاڙيون = ٻول + واريون = ٻول ۾ ٻڌل، اڪاح ٻڌل زالون
٣. لاڪي ڄاڃي = لِڪي ڄاڃي. لڪ = لِڪَ. پيٽيون = پرٽيون
٤. ڪانيرا = ڪانَ، تير. نيرڳي = نير + رلڳي = نير جو ڪارو ٽڪو.]

[٣٨٩] راوي علي بخش خان لوهر، ڪڇهري محمد پور، تاريخ ٢٥-ڊسمبر ١٩٥٩ع. ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيره تان ورتل.

[٣٩٠]

هيـت ڳيرا هيـم گهڻا، پاريهل آئيـن تـون
ڪبوتـر نـہ هئيـو وانـدو سـرڙيـن ڳؤن
هيڙها هڙّيا هليا ويـا، بـاز نہ آئيـن تـون
ڪانئل هنج هئيا ڏون،سي گرڙ پوراڪيئي، گلبهارچوي.

(گلبهار سومرو)

هن ڏهڙي ۾ مارئيءَ جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ پکين جا نالا (ڳيرا، پاريهل، ڪبوتر، سرڙيون، هيڙها، هڙّيا، باز، ڪانئل، هنج، گرڙ) تجنيس طور آندل آهن.

[١. ڳيرا = اڳي راوَ. پاريهل = پر هلي
٢. ڪبوتر = ڪوبہ تيرُ. سرڙين = سُورڙين
٣. هيڙها = هاڙهيا، زبردست هاٿو. هڙّيا = هڙئي، باز = موٽي
٤. ڪانئل = قول. هنج = هو جي، گرڙ = گهرڙي.]

هيت تو ڪان اڳي حاڪم گهڻا هئا پر هلي آئين تون
٢. ڪوبہ تيرُ نہ هيو واندو سُورڙين کون
٣. هاڙهيا ڏڙئي هليا ويا، باز نہ آئين تون
٤. قول هئو جي هئيا مئون، سي گهرڙي پورا ڪيئي گلبهار چوي.

---

[٣٩٠] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

## جنس : جانور (مينهن)

[٣٩١]

مينهن رهي پيئي ڪڻن ۾، ڪاري ۾ ڪاريون
ٻه هيون ڪنڌيون جوڙيون تو ڏي آيس پئي تاريون
ڏلي ٻوري ٻور ٿي، ڳڻڙي تيون ڳهاريون
چونري چال ڪڪڙي ڪئي پنهنجن هيون رسي ماريون
وچ تسي سانهه چڏ، ڏي ڪي دلداريون
هاڻي ٻناريون، هاليون اچن حسين بخش چئي ۔
(حسين بخش جوڻيجو)

هي ٿه هنر سهٽيءَ جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ مينهن جون وصفون ۽ نالا (مينهن، ڪاري، ڪنڌيون، جوڙيون، ڏلي، ٻوري، ٻور، چونري، چال، ڪڪڙي، سانهه، ٻناريون، هاليون) تجنيس طور آندل آهن ۔

[١. مينهن رهي = مينهن هي. ڪاري = ڪري. ۾ ڪاريون = ٻاڪاريون

٢. ٻه هيون = ٻاهون. ڪنڌيون = ڪنڌيون. جوڙيون = چڙهيون. تاريون = ترڙيون

٣. ڏلي = ڏلي. ٻوري = ٻوري. ٻور = ٻور

٤. چونري = چوري. چال ڪڪڙي = چالاڪڙي. رسي = رٻس

٥. وچ = وچ. سانهه = سا ٿه

٦. ٻناريون = ٻڌ ناريون. هاليون = هليو. اچن = اچ ٿه.]

---

[٣٩١] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل. سگهڙ حسين بخش جوڻيجي (ويلل لڳ فيض واه تعلقو خيرپور) جو چيل هنر.

١. سيهرا هي پٽئي ڪنُ ۾ ڪري ڀاڪاريون

٢. ٻانهون ڪليون، چڙهيون (دلي تي)، ترڏي آيس ٻئي ٽڙيون

٣. دلي ٻُري ٻور تي، گهڙي تي گهاريون

٤. چوري چالاڪڙي ڪئي پنهنجن، هيون ريس ماريون

٥. وچ تي سا نہ چڏ، ڏي ڪي دلداريون

٦. هاڻي ٻؤ ٽاريون، هليو اچ نہ حسن بخش چئي.

جنس : ماه (مهينا)

[۳۹۲]

مانگهه مانگهر نه ڏهي، ڪئي سسئي سان سيڻن
چيٽ چيائون ڪونه ڪو، هو آساڙ انهن
ويساک ڪتي ڪيائون، بدو ڪيو ڏيرن
منهنجا پوهه ساوڻ پنهون سان، ڦڳڻ نه ڪيو تن
تڏهن مندان هيون مڻن، جو ڪپت ڪري ويا قائم چئي.
(قائم لاڙڪ)

هيءُ هنر سسئي جي بيان ۾ چيل آهي جنهن ۾ فصلي مهينن جا نالا (مانگهه، چيٽ، آساڙ، ويساک، ڪتي، بدو، پوهه، ساوڻ ۽ ڦڳڻ) تجنيس طور آندل آهن.

[۱. مانگهه = مان گهر. مانگهر = مان گهري. نه ڏهي = نندر ڪئي
۲. چيٽ = چيو. آساڙ = ساڙ
۳. ويساک = وساه. ڪتي = گهاتي = ويساه گهاتي. بدو = بڌو
۴. پوهه = پهه. ساوڻ = سوڻ. ڦڳڻ = پره ڳڻ
۵. مندان هيون = مون ڏاڍهيو.]

۱. مان گهر ۾ گهري نندر ۾ هئي، جو مون (سسئي) سان سيڻن (ڏيرن) ڏاڍي ڪئي
۲. چئو چيائون ڪونڪو، جو انهن کي ساڙ هو
۳. ويساهه گهاتي ڪيائون، جو ڏيرن ڏوهه ڪيو
۴. منهنجا پٿهه سوڻ (شادي جا) پنهون سان، پر تن (ڏيرن) پوءِ ڳڻ نه ڪيو
۵. شاعر قائم چوي ٿو تہ: تڏهن مون مڻن ڏانهيو، جو ڪپت ڪري ويا.

---

[۳۹۲] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.
قائم لاڙڪ، ڳوٺ علي بخش ڪالهر، اندازاً ۱۹۷۳ع ڌاري ۵۷ سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين.

# ڀاڱو چوٿون

## ڊراوا

ظاهر ۾ سورٺ پر موضوع مومل جو

[٣٩٣]

ساز نہ جوڙيئي تار سان، ٻـي جوڙيئي ٻيجل
سُرندي جي تہ سـَهيون ڪيا، پر نـيرتان تنهين مهل
ڀُرندي انهي پار ڏي، اچي ڪوڙيائين ڪـَنجل
هـُون تان هـُون محل، ٻيما ڳڙهہ ني ٻيليو.

سگهڙپائي جي لحاظ سان هن هنر جي سمّاع سٺي آهي، پر معنيٰ مبهم ۽ غور طلب آهي. ڪجهريءَ ۾ ائين چيائون تہ معنيٰ ۾ مومل - راڻو آهي.

---

[٣٩٣] ڊاڪٽر بلوچ جي قلمي ذخيري تان ورتل.

# CONTENTS

## Part - I

PUNNING in same words, in 12 chapters on twelve themes pp. 1–190

- i. Love 3
- ii. Story of Sasuee 11
- iii. Story of Maruvi 28
- iv. Story of Suhni 146
- v. Story of Lilan 163
- vi. Story of Moomal 166
- vii. Story of Nuri 172
- viii. Story of Sorath 175
- ix. Ramkuli 179
- x. Karayal 181
- xi. Hir 182
- xii. Prophets 183


## Part - II

Punning in differing words

Poems in simple form pp. 193–196

Poems in more artistic form pp. 197–208


## Part–III

Punning in names of different species:

- i. Birds, fishes, insects, animals 211
- ii. Directions, seasons, stars, constellations 236
- iii. Plough, Irrigation wheel, crops 242
- iv. Grain, vegetables, flowers 254
- v. Tools, mechanisms, weaponary etc. 268
- vi. Ailments, herbs etc. 272
- vii. Channels, locations, villages, towns 278
- viii. Male and female names, mendicants' names, surnames, vocations, workers. 298


## Part–IV

The Durawa Hunur (compositions with a double meaning). 326

## Part - V

The Cheerwan Hunur Compositions (slit–cum–split word compositions). 359.

# PREFACE

This is the Fourteenth Book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project, approved in 1956 for collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on the project started in January 1956, and first two years were devoted mainly to the collection of oral tradition and written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of field workers, one stationed in each Taluka (a district unit) area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far, more than forty volumes compiled on thrity nine generic varieties of Sindhi folklore have been published. This book pertains to the 40th generic variety, viz. the 'Hunur Composition'.

**HUNUR** is the Sindhized pronunciation of the Persian word **HUNR** which means art. The 'Hunur Compositions' in the Sindhi folk tradition are the 'artful compositions', the hunur therein denoting an artistic employment of the punning technique (San'at tajnis) in a variety of forms known only in the few comparable examples in 'Ilm Badi' wa Ma'ani in Arabic and Persian literary tradition. Many of the poets who composed the 'Hunur poems were illiterate, and yet the continuity and popularity of the tradition enabled them to create meritorious compositions. For this volume, only the more standard Hunur compositions were selected from the very large number of the recorded ones. Besides those of unknown authors, many 'hunur poems' carry the names of their composers. They are not less than eighty–eight, ranging from the early 18th century to the present times.

The contents in brief that follow would indicate the nature and scope of the traditional 'hunur compositions'.

Hyderabad, Sindh.
22.12.91.

N. A. Baloch
Director of Project.

All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board

Ist Edition 1991 Copies 2000

**[Price Rs: 150–00]**

**Can be had from:**
Sindhi Adabi Board's Book Stall,
Tilak Incline, Hyderabad, Sindh.
(G.P.O. Box No. 12)

Printed by Manager Jawed Mirza at Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro Sindh and Published by Mr. Muhammad Bachal Panhwar 'Mehboob Sarwari' Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sindh.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK FOURTEENTH

# Sindhi Hunur Compositions

Investigated & Edited
**By**
**DR. N. A. BALOCH**
M.A., L L.B. (ALIGARH)
M.A., ED D (COLUMBIA, N.Y.)
Director Sindhi Folklore Project

1412 H./1991
**SINDHI ADABI BOARD**
Jamshoro, Sindh
Pakistan.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.